# ميدانِ عشق

(روحانيت ۽ عشق جا سبق)

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**

**انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ پاڪستان**





**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**

ڪتاب جو نالو : ميدانِ عشق

ليکڪ : سيد غلام حيدر شاهہ قلندري

معاون ڪار : الطاف ملڪاڻي.

ڪمپوزنگ ۽ سهيڙ: شيرخان پنهور

ڇاپو پهريون : جولائي 2024

ڇپائيندڙ: انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ پاڪستان انفارميشن شعبو

ٽائيٽل ڊيزائن : مهراڻ سهتو

تعداد : 1000

**قيمت : 600**

**All Rights are Reserved at Publisher**

**MEDAN-E-ISHQ**

1ST EDITION: © JULY 2024

PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH PAKISTAN INFORMATION DEPARTMENT.

COMPOSING : Sher Khan Panhwar

Contact: 0300-3483688, 0313-3738040

Email: sherkhan.itian@gmail.com

# ارپنا

اسان هيءَ ڪتاب پياري شبير ڪوهستاني جي نانءُ ڪيون ٿا. دعا آهي تہ الله سائين ڪيس جلد صحتياب ڪري. آمين.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**



# فهرست


- عشق ۽ وفا جا سبق (الطاف ملڪاڻي) ............ 6
- ٻہ اکر (محمد رفيق هنگورو) ............ 8
- وڻ ٿا ميوو ڪن پاڻ نہ کائين پنهنجو (محمد بچل لاشاري) ............ 10
- ٻہ اکر (خالد پنهور) ............ 12
- ٻہ اکر (غلام سرور ساند) ............ 13
- ٻہ اکر (انور شاهہ) ............ 14
- ٻہ اکر (نويد اختر قريشي) ............ 15
- ٻہ اکر (محمد بخش ناهيون) ............ 16
- ٻہ اکر (روشن دين نونداڻي) ............ 17
- ٻہ اکر (ديدار حسين بروهي) ............ 18
- ٻہ اکر (رياض حسين عالماڻي) ............ 20
- ٻہ اکر (ڊاڪٽر امتياز حسين پنهور) ............ 22
- ٻہ اکر (آدم سولنگي) ............ 24
- ٻہ اکر (نورالدين بلوچ) ............ 25
- ٻہ اکر (ايڊووڪيٽ انجم آرا) ............ 26
- مرادان حق (سيد غلام حيدر شاهہ قلندري) ............ 27
- تاريخ جو عظيم فلسفو ............ 29
- صوفي جي سڃاڻپ ............ 44
- حيا جو پردو ............ 56
- پنهنجيون انائون ختم ڪريو ............ 73
- محبت جا طالب ٻڌجو ............ 86
- نرمل نور جو نظارو ............ 104
- محبت جو منشور ............ 115
- عجب عشق جو انداز آهي ............ 127

- عدم برداشت ختم ڪريو ........ 143
- هڪ سوار هڪ سواري ........ 159
- اسلام جي حقيقت ........ 176
- حيفُ تَنِين کي هوءِ ........ 188
- منافقن کان پاڻ بچايو ........ 202
- روحاني راز جون ڳالهيون ........ 210
- عشرتِ دُرود پاڪ ........ 223
- باادب بانصيب آهي ........ 232
- وفا جو وچن ........ 238
- زندگيءَ جي خوشحاليءَ جو نُسخو ........ 246
- ماديت پرستيءَ کان پاڻ بچايو ........ 260
- جنت جو رستو ........ 277
- برڪت، رحمت ۽ فضل ........ 290
- ڪتابن جي فهرست ........ 304




## عشق ۽ وفا جا سبق

هن ڪائنات تي نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي ته هيءَ ڪائنات عشق جي فلسفي تي ٻڌل آهي، هن ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ئي عشق آهي ۽ اهو عشق جو جذبو ئي آهي جنهن سان وفا ڪرڻ جي ڪري ئي هڪ گناهه گار انسان به ڪائنات جي اعليٰ منصبن کي ڪائنات جي اعليٰ رازن کي ڄاڻي وٺي ٿو.

اسان کي روحانيت جي استادن ٻڌايو آهي ته ڪائنات ۾ عشق جا ٻه قسم آهن، هڪ عشق مجازي، جيڪو ظاهري حُسن، ظاهري چمڪ دمڪ ڪنهن شيءِ جي ظاهري صورت کي ڏسي ٿئي ٿو ۽ ٻيو عشق حقيقي جيڪو ڪنهن صورت جو محتاج ناهي، جيڪو عشق بس هڪ اڻ ڏٺي نور، اڻ ڏٺي حسن، اڻ ڏٺي راز حقيقي سان ٿئي ٿو. اهو حقيقي عشق آهي جيڪو ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمندي به موت کان خوفزده ناهي، ڪو جيئري پنهنجي کل لهرائيندي به وڏا ٽهڪ ٿو ڏئي، اهو عشق ئي آهي جيڪو ڪنهن کان انا الحق جا نعرا ٿو هڻائي ته ڪنهن کان وري ٽانڊن تي به مستو مست قلندري ڌمال ٿو هڻاءِ. بلڪل ائين ئي انجمن غلامانِ قلندر جو به سمورو فڪر ۽ فلسفو عشق تي ٻڌل آهي ۽ اهو عشق هن ڪائنات جي خلقت جي سبب بڻيل هستي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو آهي ۽ محمد پاڪ ﷺ سان چاهت ۽ محبت جي اظهار جو ذريعو ڪثرتِ درود پاڪ آهي ۽ ڪثرت درود پاڪ جي عشق سان سيراب لاءِ بابا سائين احمد علي قريشي رحہ

جيڪو ڀوتو پوڪيو انهيءَ کي پنهنجو رت، ست ڏئي تتي، ٿڌي، ٿر بر، جهنگ جهر ۽ سمونڊ ۽ درياهه جي ڪناري تي پيرين پنڌ هلي سائين محب قلندر محمد علي رحه پالي تاتي وڏو ڪري وڻ جي صورت ڏني ته اڄ انهيءَ وڻ جي ڇانو ۽ ميوي جي حفاظت لاءِ سائين غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري سنڌ کان مديني تائين، مديني کان عراق، ايران ۽ ڪربلا تائين جو سفر ڪري عشقِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جي اذان بلند ڪري نه رڳو عالمي سطح تي پر سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختونستان تائين ڪثرتِ درود پاڪ جو پيغام پهچايو آهي، پاڻ ڪٿي پنهنجي خطاب جا جوهر ڏيکاريا آهن ته ڪٿي وري قلم جي ذريعي ڪاغذ تي محبت جا موتي پوئي ماڻهن ۾ عشقِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کي تبرڪ طور ورهايو آهي.

سو يقيني طور تي اسان سميت اُهي سمورا ماڻهو خوش نصيب آهن جن سائين غلام حيدر شاهه جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي، عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم سان وفا جو وچن ورجايو آهي ۽ جيڪو انجمن غلامانِ قلندر جي قافلي ۾ شامل ٿي هن قحط الرجال جي دؤر ۾ هڪ مردِ ڪامل جي رهنمائي ۾ خدمتِ خلق، انسان دوستيءَ ۽ صوفي ازم جي راهه جا پانڌيئڙا بڻيا آهن.

**الطاف ملڪاڻي**



## ٻه اکر

جڏهن مون هٿ ۾ پين کنئين ته منهنجي اندر ۾ علم ۽ عقل جو جهيڙو ٿي پيو اندر ئي اندر ۾ هزارين لفظ جملا هئا پر لکي نه پيو سگهان پر جڏهن انهي جهيڙي تي عشق اچي هام هنئين تڏهن ڪجهه سٽون بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري جي نانءُ ڪيم.

جڏهن بابا سائين تي لکڻ ويهجي ته هزارين ڪتاب لکجي سگهجن ٿا، خوش نصيب اُهي دوستن آهن جن جي نسبت بابا سائين سان آهي، مطلب جيڪي بابا سائين سان ويجهڙائپ ۾ آهن، قريب تر آهن، سندن صحبت حاصل ڪن ٿا، آئون جڏهن انهن دوستن سان ملندو آهيان انهن کي هميشه چوندو آهيان ته اوهان وڏا خوشنصيب آهيو. آئون هميشه پنهنجي دوستن کي اهيو عرض ڪندو رهندو آهيان ته وقت ۽ دنيا ڪنهن سان به وفا ناهي ڪئي آهي، نه ئي ڪڏهن ڪندي، اوهان هميشه بابا سائين جي صحبت ۽ رابطي ۾ رهو.

بابا سائين اها هستي آهن جنهن هن عظيم محنت ڪثرتِ درود پاڪ کي عام ڪرڻ ۾ ڪڏهن به پنهنجي جان، مال ۽ آرام جي پرواهه ناهي ڪئي ۽ هر ويل اسان جهڙن نااهل ڍنڪيلن کي راهِ سلوڪ جا سبق سيکاريندا رهندا آهن.

ايران عراق جي ٽوئر ۾ مون ڪجهه شيون نوٽ ڪيون، پاڻ رات جو ڏيڍ ڪلاڪ ۽ صبح جو اشراق کانپوءِ صرف ڪلاڪ ڪن آرام ڪندا هئا ۽ ورد وظيفا، درود پاڪ کان پوءِ سڄو ڏينهن محبت پرين ڪچهرين ۾ دوستن سان پنهنجي ناني محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سوانح حيات ۽ سندن اهل بيت جي موضوع تي ڪچهري هلندي رهندي هئي،

جنهن ۾ آئون بہ دوستن سان گڏ شريڪ ٿيندو رهندو هئس. جڏهن انهن ڪچهرين ۾ ويهندا هئاسين دل نہ چوندي هئي جو بابا سائين جي ڪچهري کان ڌار ٿجي، پر ڪجهہ دوست ڪمري کان ٻاهر انهيءَ انتظار ۾ هوندا هئا تہ اسان کي بہ اها صحبت نصيب ٿئي، انهي ڪري مجبورن انهن کي ٽائيم ڏيندا هئاسين پر ڪڏهن انهن ڪچهرين جو ڏيئو ڪونہ ٿيندو هو.

جڏهن قافلو باءِ روڊ عراق کان ايران واپسي ٿيو ۽ ايران جي شهر قم پهتو اتي فجر نماز تي امان معصومہ فاطمہ عليہ السلام جي حاضري ڀري سين ۽ بابا سائين وارن جو جهاز مغرب جي ٽائيم عراق کان ڪراچي پهتو اتي مونکي ڪجهہ دوستن ٻڌايو تہ تنهنجي گهر واري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي، بابا سائين انهيءَ وقت دوستن کي چيو رفيق جي ٽڪيٽ جلد ڪرايو جهاز جي ۽ انهيءَ وقت منهنجي ڪهڙي ڪيفيت هئي آئون ٻڌائي نٿو سگهان، انهيءَ وقت دوستن منهنجو رابطو واٽسيپ ذريعي بابا سائين سان ڪرايو. بابا سائين مونکي ايترو حوصلو ۽ دعائون ڏنيون جيڪڏهن انهن لفظن ۽ دعائن تي ڪتاب لکجي تہ لکي سگهجي ٿو.

بابا سائين هميشہ هر ويل محبت جو درس ڏين ٿا، پاڻ قلندري خوشنصيب آهيون جو بابا سائين جي تربيت ۾ پنهنجو وقت گذاريون پيا، منهنجي هر ويل اها الله پاڪ کان دعا آهي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صدقي الله سائين اسان اهڙن صادق استاد رهبر جي تربيت سان مالامال ڪري، ۽ ساڻن وفا ڪرڻ جي استقامت ڏئي. آمين.

**عاجز قلندري**
**محمد رفيق هنگوروڪپرو**



## وڻ ٿا ميوو ڪن پاڻ نہ کائين پنهنجو

دنيا جو هڪ دستور آهي تہ، محنت ڪش ۽ جدوجهد ڪندڙن کي هميشہ سندن محنت جو صلو يا مزدوري ڏني ويندي آهي ۽ انهيءَ محنت ڪش ۽ جدوجهد ڪندڙ جو مقصد بہ اِهو هوندو آهي تہ ڪيس ڪجهہ حاصل ٿئي تہ جيئن گذر سفر جو ذريعو ٿي سگهي. پر دنيا جي تاريخ ۾ ڪجهہ محنتن، ڪوشش ۽ جدوجهد ڪرڻ جو مقصد معاشري جي اصلاح، انسان ذات کي سڌي واٽ جي طرف متوجہ ڪرائڻ ۽ هڪ اهڙي واٽ جي طرف ڌيان ڏيارڻ آهي جنهن ۾ بقا هجي ۽ انهي واٽ ۽ تعليمات جو رستو انهي ڏيي جي طرف هجي جنهن جي روشني انسان ذات کي سچائي، ايمانداري، وفاداري ۽ محبتِ عشق رسول الله ﷺ جهڙي دولت سان مالا مال ڪري ۽ انهي مزدور جي مزدوري صرف محبوب ڪريم ﷺ جي مرڪ حاصل ڪرڻ هجي، اهڙي مزدور جي مزدوري کي منهنجو سلام آهي، اهڙين شخصيتن جو هن دجالي دور ۾ انسان ذات کي سڌي رستي آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪوشش ۾ مصروف آهي سواءِ ڪنهن مطلب جي انهن کي مون مسڪين جو نوڙت ڀريو سلام آهي.

جيڪڏهن هن دور جي ڳالهہ ڪجي تہ منهنجي نظر ۾ انهن شخصيت مان بابا سائين سيد غلام حيدر شاهہ قلندري کان سواءِ مونکي ڪو ٻيو ڪردار نظر نٿو اچي. بابا سائين جي لفظن ۾ ايڏي تہ خوشبو آهي جو جنهن انهي خوشبو جو واس ورتو انهي انسان کي پنهنجي زندگي صحيح نموني گذارڻ جو رستو ملي ٿو وڃي ۽ اهو انسان انهي عشق جي پيچري تي پير ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ٿو وڃي، جيڪي پير محبوب ڪريم ﷺ سان وفا جي طرف وڃن ٿا ۽ پوءِ انهي انسان جي دل ۾ ديدار محبوب ڪريم ﷺ جو شوق پيدا ٿي پوي ٿو. بابا سائين هميشہ انهي شيءِ جي طرف ڌيان ڏيارڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن تہ پٽ هن عظيم پيغام دورد پاڪ کي عام ڪرڻ جون ڪوششون ڪيو. خاص ڪري نوجوانن کي، اسان جي ايندڙ نسلن تائين پهچايو. جيڪو اسان جو آئيندو ۽ سرمايو آهن ۽ انهن نوجوانن کي رهبر ڪائنات محبوب ڪريم ﷺ جهڙي عظيم هستي جي طرف متوجہ

ڪرايو انهن کي درود شريف پڙهڻ جو شوق ڏياريو جيئن اهي محبوب ڪريم ﷺ کي قريب کان قريب تر ٿين. بابا سائين فرمائين ٿا ته پٽ انهي مشن کي عام ڪرڻ ۾ هميشه سرگرم رهو اوهان جي محنت اوهان جو تعارف ڪرائيندي، پنهنجي ڪردار کي هميشه صاف سٿرو رکو بابا سائين هميشه انهي ڳالهه تي زور ڏيندا آهن پنهنجي ڪم ۾ هميشه ثابت قدم رهو صبر، عاجزي، نوڙت ۽ محبت سان ماڻهن جي دلين کي فتح ڪريو ڏکويل دردمندن کي هن محنت جي طرف متوجه ڪرايو انهن کي دامن رسول جي انهي درود شريف واري زنجير سان ڳنڍيو جنهن سان اوهان جڙيل آهيو.

بابا سائين فرمائين ٿا ته پٽ هي عشق جو پيغام آهي، هي وفا جو پيغام آهي، هي پيغامِ حق ۽ سچ جو پيغام آهي، هن پيغام ۾ وفا ئي وفا آهي، اوهان کي انهي محنت ۾ ڪئين رڪاوٽون اينديون، ڪئين اختلاف اوهان جي سامهون ايندا، ڪئين حاسدي اوهان سان حسد ڪندا پر پٽ اوهان هميشه استقامت، صبر سان پنهنجي ڊيوٽي ڏيندا اچو ڪير اوهان کي ڪجهه به ڪري ڪو نه سگهندو.

بابا سائين فرمائين ٿا ته آئون يقين سان چوان ٿو ته، محبوب ڪريم ﷺ اوهان کي ڪڏهن به اڪيلو ڪون ڇڏيندا، اسين سڀ درود پڙهڻ پڙهائڻ وارا پنهنجي پاڻ کي خوش نصيب سمجهون ٿا ۽ اسين خوش نصيب آهيون جو بابا سيد سائين غلام حيدر شاه قلندري جهڙن عظيم ڪردار جو اسان سان ساٿ آهي، جيڪي حق ۽ سچ جي واٽ جو پيغام عام ڪرڻ ۾ بغير ڪنهن مطلب جي ڏينهن رات محنت جاري رکيو اچن، معاشري جي بهتري جي لاءِ جاکوڙين پيا، بابا سائين وارن جي تعليمات جيڪا تعليماتِ محمدي ﷺ آهي، انهي تعليمات جي روشني مان مون سميت ڪيترن ئي گنهگار، بيڪار انسانن کي درود پاڪ پڙهڻ جو ڏانوَ مليو ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي محبت ۽ عظيم ڪردار جي طرف متوجه ڪرايو.

الله سائين جي درِاها دعا آهي ته، بابا سائين جي شفقت جو هٿ مون مسڪين گنهگار جي مٿان مرڻ گهڙيءَ تائين رهي ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي ڀچڙي جي در جي ميراث نصيب ڪري. آمين.

**قلندري محمد بچل لاشاري، ڪانڙي**



## ٻه اکر

اڄ آئون پنهنجي خوش نصيبي پيو سمجهان جو ان هستيءَ جي لاءِ ٻه اکر پيو لکان جنهن شخصيت جي لاءِ جيترو لکجي گهٽ آهي. ليکڪ، اديب، دانشور، محقق، ان سان گڏوگڏ سماجي، صوفياڻي ۽ روحاني جماعت انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ پاڪستان جا روحاني رهبر سيد حاجي غلام حيدر شاه ڪاظمي قلندري جن کي اسان محبت سان "بابا سائين" چوندا آهيون. سائين جن هميشه پنهنجي زندگي فقيري، محبت، عاجزي واري گذاري آهي.

اڄ جي دجالي دور ۾ جتي پاءُ، پاءُ جو ناهي اتي سائين جن مسلسل رات ڏينهن سفر ڪري عشقِ محمدي ﷺ جو پيغام عام پيا ڪن، ڀٽڪيل انسانن جي اصلاح پيا ڪن جن کي معاشري سوائي رسوائي جي ٻيو ڪجهه به نه ڏنو آهي. سائين جن پنهنجي ڪتابن جي صورت ۾، ڪالمن جي صورت ۾، محفل ڪثرت درود پاڪ ﷺ جي صورت ۾ ماڻهن جي اصلاح ڪري رهيا آهن. الله پاڪ کان دعا آهي ته پياري محبوب ڪريم ﷺ جي صدقي اسان سيني جي مٿان بابا سائين جي شفقت سلامت رکي. آمين.

**خالد پنهور، هوسڙي**

## ٻه اکر

ڪمالات ۽ جمالات جا جوهر، لعل سائين جي روحاني خزانن جا گوهر ۽ پشت در پشت يعني ولي ابن ولي جي ميراث جا مالڪ، هن وقت جا مجدد، ولي، مرده دلين کي زنده ڪرڻ سان گڏ مردن کي زندگيون ونئي ڏيڻ جي روحاني سگهه رکندڙ جيڪڏهن ڪو هن دور ۾ حاضر ولي آهي ته اهو فقط ۽ فقط سائين سيد حاجي غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري ڪنري وارا سائين ئي آهن. جنهن نه صرف بابا سائين احمد علي قريشي رحه ۽ سائين مست محمد علي بادشاهه رحه سان وفا ڪئي پر گڏو گڏ سهڻي لعل جي درود پاڪ جي هن فيض کي اوستائين به پهچايو جتي پتائي سرڪار فرمايو آ ته.

جتي پکي نه پير تت تمڪي باهڙي

مطلب جتي سواري به جواب ڏئي ڇڏي اتي سائين پهچي ڪيترن ئي پتڪيل انسانن کي سهڻي لعل جو فيض ڏئي انهن جي مرده ۽ بي جان دلين کي زندگي ڏئي عشق محمديﷺ جي واٽ ڏانهن گامزن ڪيو ۽ پاڻ ڪڏهن به ماٽ ڪري نه ويٺا آهن لطيف سائين جي ان شعر وانگي ته.

”تتي ٿڌي ڪاهه، ڪونهي ويل ويهڻ جي“ هيڏي محنتن جفا ڪشين ۽ شفقتن کي ڏسي ڪري بس سائين لاءِ هي جملا چئي بس ڪندس ته

”عشق آهي شهباز جنهن جهڪايو هن جهان کي
نينهن ڪري ٿو ناز اهڙي ئي انسان تي“

مون ڪميٽي کي اهو شرف مليو ته مان ڪجهه لفظ سائين جي زندگي ۽ خاص ڪري هن ڪتاب تي لکان اهو منهنجي لاء ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي،

جب تک بکا نہ تھا کوئی پوچھتا نہ تھا
سائیں غلام حیدر شاہ تم نے خرید کر انمول کر دیا

**غلام سرور ساند**
**قاسم آباد حيدرآباد**



## ٻه اکر

جنهن محبوب هستي لاءِ آئون هيءُ لفظ لکي رهيو آهيان ان بابت لکڻ لاءِ نه منهنجي اوقات نه مون وٽ علم نه عقل گهڻو سوچڻ بعد ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو پوءِ دل کان پڇيم جيڪو جواب مليو پيش خدمت آهي. بس دل جو آواز لکڻ چاهيان ٿو.

بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه مهڪندڙ گلن جو سهڻو گلدستو آهن. جنهن گلدستي سينگارڻ وارا شيرِ خُدا علي عليه السلام آهن ۽ شفقت جا هٿ ۽ دعا امان خاتون جنت فاطمه زهرا عليه سلام جي عطا آهي، انهن گلن ۾ صبر ۽ استقامت امام حسين عليه السلام جن جي عطا آهي، انهن گلن ۾ سونهن ۽ مصلحت پسندي امام حسن عليه السلام جي عطا آهي، انهن گلن ۾ فيض، فيضِ قلندر لعل شهباز قلندر رح جو آهي ۽ شوق شمس تبريز رح جو آهي، ان گلدستي ۾ روميءَ جي رهاڻ آهي، لطيف سائين جي لات آهي، ڏاڏا سائين سيد يوسف شاهه جي چمڪندڙ چوڏهين جيان چاهت آهي، ان گلدستي ۾ بابا سائين احمد علي قريشي رح جي پڳ جي رسم ۽ دعائون آهن. امان جيجي مٺي پاڪ رح جي مناس آهي، ان گلدستي ۾ ڏاڏا سائين سيد عبدالرحمان شاهه رح جو عشق آهي، گرهوڙي سائين جي گونج آهي، سمن سائين جي سڪ آهي، سائين حيدر شاهه جي حب آهي، نوراني سائين جو نور آهي، سائين عبد الله شاهه غازيءَ جي گفتار آهي، ان گلدستي ۾ سائين محمد علي بادشاهه رح جي محنت آهي، ان گلدستي ۾ خواجه اجميري جو آواز آهي، ان گلدستي ۾ سيني اولياءَ ڪرامن جا گل آهن ۽ اهو گلدستو محبوب ڪريمﷺ جن جي هٿن مبارڪن ۾ آهي ۽ جنهن کي محبوب ڪريمﷺ جن جا هٿ مبارڪ لڳن اُهي گل ڪڏهن به نه مرجهائبا. انهن جي خوشبوءِ پوري ڪائنات ۾ هوندي ۽ جيڪو به ان گلدستي کي ويجهو ٿيو معطر ٿي ويندو. هيءُ صرف منهنجي دل جو آواز آهي.

**سَگِ دربار حيدر**
**انور شاهه**

## ٻه اکر

اڄ هن عاجز جي لاءِ تمام گهڻي خوشيءَ جو لمحو آهي پنهنجي محبوب رهبر جي حسن ڪردار، عمل ۽ تاريخ، مستقل مزاجيءَ ۽ ڪئين هزارين وفا جي نقطن تي لکڻ جي لاءِ ڪٿان شروعات ڪجي، بس ايترو ئي عرض ڪندس ته سخي بابا سائين احمد علي قريشي رح ۽ محب سائين محمد علي قلندري رح جن سان هن دنيا جي عظيم روحاني جوان هميشه ساٿ ڏنو، هر حڪم کي لبيڪ چيو ۽ خاص ڪري هر گهڙيءَ هنن جي ادب ۽ عاجزيءَ سان دليون فتح ڪيون، جنهن جو صلو راضپو ۽ مسڪراهٽ مرشد شهنشاهه حضرت قلندر لعل شهباز رح، قبلا بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جن کي اسان نظرياتي ڪارڪن ۽ غلام جي حيثيت ۾ رهبريءَ جي صورت کي قيمتي ۽ انمول روحاني خزانو ۽ تحفو سمجهون ٿا، هي صابرين سيد سادات عظيم هستي اسان جهڙن هزارن ڪِنن، ڪچن ۽ ڪمزور ماڻهن کي به پيار ۽ محبت ڏين پيا، اها ئي وڏي ڳالهه آهي سمجهڻ وارن جي لاءِ، اسان نه هونداسين پر هي اصلاحي ڪتاب ڏينهن قيامت تائين پڙهبو رهبو، هڪ سادي اهم ۽ هٿ ٻڌي چيلينج، هن وقت جي سڀني ڪتاب پڙهڻ وارن قرب وارن جي اڳيان به لازم رکندس ته جي اگر ڪو انسان ، ڪنهن ولي عاشق ۽ عشق کي نٿو مڃي، جيڪو سوالن ۽ جوابن ۾ قائل آهي ته اهو دوست فقط هڪڙو ڏينهن يا هڪ ڪلاڪ فقط پلي اڪيلي ۾ به هن محبوب رهبر قبلا بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جن سان ملن ۽ ڪچهري ڪن ڏسجو عشقِ محمديﷺ جي غلاميءَ ۾ ان جي زندگي ۽ تقدير به ضم ٿي ويندي.

**نويد اختر قريشي**



## ٻه اکر

پَلي ڇايون مائروَن صدا صالحن،
محشر جي ميدان ۾ تنيهن ڏاج ملن،
ٻين ويچارنِ، اوجاڳا اجايا ڪيا.

ميدان عشق ماريو آهي، ان عظيم هستيءَ جنهن جو هن صديءَ ۾ مثال نه ٿو ملي، ڇو جو عشق جي ميدان ۾ لهڻ کان پوءِ هن عظيم انسان هر طرح جي محاذ تي بيٺل قوتن جو مقابلو ڪيو آهي، ڇو ته معاشري ۾ سچائي، قرابت، مُحبت، همدردي، ايمانداري، ديانتداري، احساس جو وڏو فقدان آهي، ان وقت سائين سيد غلام حيدر شاهه سچَ جو علمبردار ٿي اُڀريو آهي، جنهن وفا جا مثال قائم ڪيا آهن .هڪ طرف تبليغ درود معاشري جي اصلاح لاءِ ڏينهن رات سفر ڪري، ٻئي طرف قلم ذريعي معاشري جي پڙهيل لکيل پليل انسانن کي راهِ راست تي لڳائڻ لاءِ ڪتابن جو ذخيرو به مهيا ڪري رهيو آهي، ٽئين طرف موبائيل ذريعي به دوستن کي انهن جي مسائلن جا جواب پڻ ڏين ٿا. هي عمل هڪ ڪرشمي کان گهٽ ناهي، ڏٺي در دعا آهي ته الله پاڪ سائين جن کي صحت ۽ وڏي ڄمار عطا ڪري جيئن هي معاشرو سائين جن جي فيض مان مستفيض ٿي سگهي.

**محمد بخش ناهيون**

## ٻه اکر

بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري جن لاءِ اسين ڪهڙا لفظ لکون، سائين بادشاهه سچ جو ساٿي آهي، حق ته بيهڻ وارو آهي، سڄي سنڌ ۾ درود پاڪ جي تبليغ جو جهنڊو جڏهن کان کنيو آهي ان کي خوب نڀايو اٿس، پوءِ ان سفر ۾ڪڏهن سنڌ جا سڀ شهر هجن يا پنجاب جا بزرگ يا بلوچستان جا پٿريلا علائقا هجن. ان کان علاوه ٻاهرين ملڪن پرڏيهه ۾ ڪتابن جي صورت ۾، سوشل ميڊيا جي ذريعي ۽ مختلف ٽوئرن ۾ عراق، ايران، مڪو مديني جي دوستن تائين پيغام پهچايو آهي. هن جديد دور ۾ جتي نوجوان ڪنهن جي ٻه نه ٿا ٻڌن انهن جي هٿ ۾ اگر تسبيح ۽ نماز جي پابندي آهي ته اهو سائين جي تبليغ ۽ ثابت قدمي جو نتيجو آهي. ان سان گڏ هر روز پنهنجن توڙي پراون جا مهڻا طعنا ۽ رڪاوٽون ٻه سٺيون آهن پر سائين ڪڏهن ٻه انهن ڏي نه نهاريو آهي ته اهي ماڻهو ڇا پيا سوچين ۽ چون، بابا سائين احمد علي قريشي رح، سائين محمد علي قلندري رح سان وچن ۽ واعدا وفا ڪيا آهن، هر هڪ قلندري کي شفقت ۽ محبت ڏني آهي، ڏٽي در دعا آهي سائين جو سايئہ شفقت اسان مسڪينن مٿان قائم رهي.

روشن دين نونداڻي



## ٻه اکر

رب سائين جا لکين احسان آهن. اسان مسڪينن تي جنهن رب پاڪ اسان کي روحاني استاد بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جهڙي هستي سان نوازي ڇڏيو آهي. مون ناچيز وٽ اهڙو علم يا عقل ئي ناهي جو بابا سائين جو شان آئون لفظن ۾ بيان ڪري سگهان. سوچيان ٿو ڪٿان شروع ڪيان، بس سادن لفظن ۾ بيان ڪيان ٿو.

هن دجالي دور ۾ جتي محبتن جو قحط هجي، نفرتون عروج تي هجن، برائي عروج تي هجي، ڀاءُ ڀاءُ جي رت جو پياسو هجي، رت جي رشتن ۾ وفا ختم ٿي وئي هجي، پنهنجن ۾ احساس ختم ٿي ويا هجن، جيئن جيئن دنيا ترقي ڪري پئي تئين تيئن هر روز نوان فتنا برپا پيا ٿين، جتي ماڻهو انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي ويا هجن، هر ماڻهو پنهنجي غلطين تي پردو وجهي پنهنجي پاڻ کي مطمئن ڪيو ويٺو هجي ته، آئون صحيح پيا سڀ غلط آهن، جتي ماڻهو ڪوڙ جا ساٿاري هجن ۽ سچ جوتن سان ٽڏجي، حق سچ چوڻ ۽ گهورڻ وارن کي ماريو ۽ هيسايو وڃي، جتي انسانن جو انسان تان اعتبار ختم ٿي ويو هجي، ان دور ۾ الله پاڪ ان جي محبوب ڪريم ﷺ، حضرت لعل شهباز قلندر رح، بابا سائين احمد علي قريشي، باوفا سائين محمد علي رح سان وفا جو ثبوت ڏيندي الله پاڪ بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري کي هر نعمت سان نوازيو آهي. بابا سائين هن دنيا جون سڀ آسائشون آرام ڇڏي، طبيعت ناساز هوندي ٻه سيني ذاتن پاتن کان هٽي ڪري غريب امير کي هڪجهڙي نظر سان ڏسندي عزت ڏيندي محبتون ورهائن پيا، هر انسان کي سيني سان لڳائي پيار ڏئي ڏينهن رات

اسان جهڙي پيٽڪيل انسانن جي اصلاح پيا ڪن. درود پاڪ جو ورد ڏئي راه راست تي پيا آڻين. بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جو هر هڪ ڪتاب جو صفحو پڙهڻ سان انسان جي دل روشن ٿيو وڃي. هر انسان جي سوالن جي جواب مليو وڃن. جڏهن به بابا سائين جا ڪتاب پڙهڻ انسان شروع ڪري ٿو ته روح ۾ راحت اچيو وڃي. الله پاڪ ۽ ان جي محبوب ڪريم ﷺ سان محبت اجاگر ٿيو وڃي. انسان دنگ رهجي ويندو آهي ته اسين ڪٿي وڃي بيٺا آهيون. هيءَ فاني دنيا ويتر ڪوڙي نظر ايندي آهي. اصل جيڪا شيءِ ڪم ايندي اها الله پاڪ ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي اطاعت ايندي. بابا سائين وقت جا قلندر وقت جا رومي آهن. هي بابا سائين جون اڻٿڪ محنتون اوجاڳا پنڌ سفر ان لاءِ آهن جو اسان جو معاشرو نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي آهي. اسان سڀني کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ بابا سائين هر هنڌ اعلانِ عشق ڪندي دورد پاڪ جا هوڪا ڏي چون پيا اچو محبوب ڪريم ﷺ سان پيار ڪيو. محبوب ڪريم ﷺ جي دامن ۾ درود پاڪ جي وسيلي چنبڙي پئو انهي ۾ اسان سڀني جي ڪاميابي ۽ ڪامراني آهي.

الله پاڪ بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري کي وڏي ڄمار ۽ صحت عطا فرمائي. اسان جون هزارين زندگيون بابا سائين تان فدا. رب ڪان دعا آهي ته بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جا هٿ ڏينهن قيامت تائين اسان مسڪينن جي مٿان هجن. آمين.

**ديدار حسين بروهي**
**بخشو لغاري حيدرآباد**



## ٻه اکر

**درودپاڪ پڙهڻ پڙهائڻ جي اهڙي عادت پوي "حيدر"**
**جيڪڏهن زبان خاموش به هجي تڏهن به دل ۾ تسبيح وڄندي رهي.**

محبوب مرشد هستيءَ لاءِ آئون گنگهار لکندي خوش نصيبي سمجهان ٿو هن صديءَ جي عظيم روحاني هستيءَ عالم، اديب، مفڪر، ڪالم نگار ۽ سماجي، صوفياڻي ۽ روحاني جماعت انجمن غلامان قلندر ويلفيئر، جي روحاني سرواڻ بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري سنڌڙي سونهاري جي هڪ خطي ڪنري شهر ۾ جنم ورتو جنهن خاندان ۾ وقت جا قلندر، غوث، قطب ۽ ٻيون ڪيتريون ئي روحاني منزل ماڻيندڙ هستيون پيدا ٿيون. جنهن اسان گنهگارن جي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ کي بيدار ڪيو. جنهن اسان گنهگارن کي عشق مصطفيٰ ﷺ جي تعليم ڏني. مون جهڙن گنگهار ۽ قلندري دوستن کي محبتون ۽ محبوبن کان مليل امانتون پنهنجي روحاني خطابت، ڪتابن، ۽ هر روز ڪالم، پرنٽ ميڊيا اليڪٽرڪ ميڊيا جي ذريعي، پنهنجي اشعارن جي ذريعي، پنهنجي ڪتابن جي صورت ۾، مرڪن جي صورت ۾ ڏئي رهيا آهن. هن سماج ۾ هر حوالي سان تربيت ڪندي ڪثرت درود پاڪ پڙهڻ ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ لاءِ همٿائي رهيا آهن. آئون پنهنجي پاڻ کي خوشنصيب سمجهان ٿو ۽ سمجهڻ گهرجي به. ڇو جو هن فتنن جي دور ۾، هن نفسانفسي جي دور ۾، هن دجالي دور ۾، هڪ اهڙي عظيم روحاني هستيءَ جو سايو خوش قسمت ماڻهن کي ملندو آهي. انجمن غلامانِ قلندر جماعت جي اڳواڻي ۾ لکين پيٽڪيل نوجوانن کي اصلاحي روحاني درس ڏئي صراط المستقيم جي واٽ تي هلڻ سيکاريو آهي. بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري سال جا ٻارنهن مهينا ڏينهن رات محبوب ڪريم ﷺ جي پرچار ۾ زندگيءَ گذارن ٿا. آئون ائين چوندس

جب تک بکا نہ تھا کوئی پوچھتا نہ تھا
سائیں غلام حیدر شاہ تم نے خرید کر انمول کر دیا

اها حقيقت آهي ڪثرتِ درود پاڪ ﷺ پڙهڻ ڪانپوءِ محبوبن مون گنهگار کي پنهنجو ڪيو ۽ مرشد جي نگاه ڪرم سان قلندري قافلي سان گڏ عراق، ايران، روحاني سفر عشق، جنت جي سردار حضرت امام حسين عليہ السلام، جنهن جي لاءِ محبوب ڪريم ﷺ فرمايو "آئون علم جو شهر آهيان، علي ان جو دروازو آهي"، ان در جي حاضري، پيران پير دم دستگير غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رح، ڪربلا، بغداد، نجف ۽ ايران، تهران، نيشاپور، قم، مشهد، حضرت مولا علي رضا عليہ السلام، پاڪ مقدس مقامات، مدينہ شريف، مڪہ شريف ۾ محبوب مرشد سان گڏ عمره نصيب ٿيو ۽ محبوب حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم روضي رسول ﷺ پاڪ مقدس مقامات جون حاضريون نصيب ٿيون ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روحاني ٿوئر الله جي ولين جون حاضريون نصيب ٿيون ۽ سير تفريح تاريخي جڳهن شهرين جو گهمڻ جو موقعو مليو. انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر جي روحاني سرواڻ بابا سائين سيد غلام حيدر شاه قلندري، الله جا ولي، اهلِ علم روحاني وڏيون منزلون ماڻيندڙ هڪ يونيورسٽي آهن، ايڏا منصب هوندي بہ هميشہ صبر، عاجزيءَ سان هر هڪ ماڻهوءَ سان محبتن سان مسڪرائندي ماءُ پيءُ وانگر، پيار محبتن سان ڀاڪر پائي ملندا آهن، مسلسل رات ڏينهن ڪثرتِ درود پاڪ پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سفر عشق محمدي ﷺ جي پيغام ذريعي ڀٽڪيل ماڻهن جي اصلاح ۾ زندگيءَ گذارن ٿا. اسان خوش نصيب آهيون جو اسان قلندري ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيون ۽ بابا سائين جو سايو مون گنهگار ۽ منهنجي پوري خاندان جي مٿان آهي ۽ هوندو ۽ اسان جا نسل بابا سائين جي خاندان سان وفا ۽ نوڪر خادم ٿي ساٿ نڀائيندا.

علي دي امان هوئي
پنجتن دي ڇانوَ هووي
عمر دراز تيڏي الله نگهبان هووي

دعا آهي تہ پياري محبوب ڪريم ﷺ جي صدقي بابا سائين سيد غلام حيدر شاه قلندري کي صحت، شفا، تندرستي ۽ خضري حياتي عطا فرمائي آمين.

**رياض حسين عالماڻي قلندري، مورو.**



## ٻہ اکر

*نِگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی ۔*
*بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی ۔*

اسلامي تاريخ ۾ هر دور ۾ اهڙا مردِ مجاهد ۽ مردِ قلندر پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجي ڪمال نظر سان، محبت جي ڀاڪرن سان، ڀٽڪيل انسانن جون دليون فتح ڪري محبتن جي پرچار ڪري اصلاح معاشره نسبتِ محمدي ﷺ ۽ عشق مصطفيٰ ﷺ جو سبق ڏيندا رهيا آهن. ڪن وري پنهنجي ڪمال نظر سان گڏ پنهنجي علم کي قلم ذريعي نظم، نثر جي سهاري سان پنهنجي فيض کي اڄايل دلين جي اندر ٽرانسفر ڪيو. انهن ۾ اسلام جي وچين دور ۾ تيرهين صدي ۾ مولانا رومي هجي يا 18 صدي ۾ شاه ڀٽائي يا 20 صدي جو علامہ اقبال انهن پوئتي جي طرف ويندڙ معاشري کي هڪ نئون روح ڦوڪيو ۽ روحانيت جو عظيم سبق پنهنجي شهره آفاق شاعري سان اهو ئي سبق ڏنو تہ عشق مصطفيٰ ﷺ ئي ڪاميابي جو نچوڙ آهي.

*کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں*
*یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں*

موجوده دور ۾ ولي ابن ولي، سيد سادات، سلطان تصوف مولا علي، مولائي ڪائنات جو ٻچڙو بابا سائين سيد غلام حيدر شاه قلندري اُها تصوف ۽ صوفي ازم جي قد آور هستي آهن جيڪا فيض قلندر سان فيضياب، وقت قلندر مرشد بابا سائين احمد علي قريشي رح ۽ مردِ قلندر سائين محمد علي بادشاه رح جي ظاهري زير تربيت رهيا. عظيم روحاني

سلسلي جي اڳواڻي، رهبري سان گڏ پنهنجي ڪامل نگاهه سان دلين کي فتح ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي قلم سان اصلاح معاشره ۽ پڪيل انسانن جي اصلاح لاءِ به ڪم ڪري رهيا آهن. سندن 30 کان وڌيڪ ڇپجندڙ ڪتابن، روزانه اخبارن جي ڪالمن، قلندري دوستن ۽ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن لاءِ سندن اهو ئي پيغام آهي ته عشقِ مصطفيٰ ﷺ ئي واحد فارمولو آهي ڪاميابي جو. جيڪو ڪثرتِ درود پاڪ کانسواءِ حاصل نٿو ٿي سگهي.

بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري 21 صدي جي جديد ٽيڪنالاجي کي سوشل ميڊيا ذريعي جتي نوجوان بي راهه روي طرف وڃن پيا ان فورم تي ڪثرت درود پاڪ جو علم کڻي بيٺا آهن.

بابا سائين موجوده صدي جا رومي، ڀٽائي ۽ اقبال آهن. سندن شفقت ۽ نگاهه هميشه اسان قلندري دوستن مٿان رهي، سندن عظمتن ۽ خدمتن لاءِ اسان وٽ لفظ ڪو نه آهن.

**ڊاڪٽر امتياز حسين پنهور**



## ٻه اکر

*ہزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پر روتی ہے*
*بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا۔*

محبوب مرشد بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري جن جي ڪامل هستي جي باري ۾ ڪجهه لفظ لکڻ آئون پنهنجي خوش قسمتي سمجهان ٿو اها به بابا سائين جن جي نگاهه آهي. مان ته چا پر تمام قلندري دوستن جي خوش نصيبي آهي جو اسان جو رهبر بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه اها عظيم ۽ روحاني دنيا جي بلند پايه شخصيت آهن جيڪي هن فتنن، فسادن ۽ نفسانفسي جي دور ۾ پنهنجي ڪامل نگاهه سان قلندري دوستن سان گڏوگڏ پنهنجي قلم جي ذريعي ڪتابن جي صورت ۾ هن معاشري جي به اصلاح ڪري رهيا آهن، چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسو بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه جهڙي هستي جيڪا موجوده دور جي پرنٽ ميڊيا، اليڪٽرانڪ ميڊيا، سوشل ميڊيا هر فورم تي عشق مصطفيٰ ﷺ جي عظيم پيغام سان هرمڪتب فڪر جي اصلاح ڪري رهيا آهن، بابا سائين جي قلم اهو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو صدين تائين اسان جي عظيم سلسلي جو پيغام اسانجي معاشري کي مستفيد ڪندو رهندو.

بابا سائين پنهنجي قلم جي ذريعي ڪافي ڪتاب لکيا ۽ ڪافي ڇپجڻ جي مراحل ۾ آهن، اهو وڏو روحاني خزانو آهي اسان سيني جي لاءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بابا سائين ڪتابي صورت ۾ جيڪو فيض ٽرانسفر ڪن پيا، اهو اسان جي ڊيوٽي ۾ شامل آهي ته پاڻ به پرايون ۽ معاشري جي هر فرد تائين اهو پيغام پهچايون، سنجيدگي سان ان تي عمل ڪرڻ وقت جي تقاضا آهي. بابا سائين پنهنجي ڪتابن ۾ هر دنياوي مسئلي کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ ان جو حل به ڪثرت درود پاڪ جي عظيم فارمولي سان ڏنو آهي ۽ اُن گڏ اعليٰ ڪردار جي تلقين به ڪئي آهي، مطلب ته نبي ڪريم ﷺ جن جي هر سنت تي عمل پيرا ٿي ڪامياب زندگي گذارڻ جو سبق ڏنو آهي الله پاڪ بابا سائين جن کي وڏي عمر عطا ڪري آمين.

**آدم حسين سولنگي**

## ٻه اکر

اسان گنهگارن وٽ اهڙا لفظ ئي ناهن جو اسان بابا سائين غلام حيدر شاهه قلندريءَ جي شان ۾ لکون. پر اسان به عشق جي قطار ۾ بيهي پنهنجو نالو ٿا لکرايون. جيئن يوسف عليه اسلام جي خريدارن ۾ اُن ٻُڍڙي عورت پنهنجي ڪپڙن جي ڳنڍڙي رکي پنهنجو نالو لکرايو هو.

"تني ٿڏي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي"

بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري فرمايو ته، پٽ ڀٽائي صاحب جي هن بيت جيان هلندا رهو سردي هجي، گرمي هجي، برساتون هجن، ٻوڏون هجن، وبائون هجن توهان هلندا رهو محفلون مچائيندا رهو. توهان کي ڪو به لهر لوڏو ڪونهي، ته بلڪل بابا سائينءَ سچ چيو هيڏي وڏي ڪرونا وبا هلي رهي هئي جنهن ۾ اسين مسڪين ماڻهو نوڪري پيشا هئاسين. اسان جو سڄو ڏينهن ۽ رات شهرن ۾ هر نئين ماڻهو سان ملڻ جلڻ هو خاص ڪري ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن سان فيلڊ دوران گڏ هلندا هئاسين پر بابا سائين جو ڏنل ورد ڪري نڪرندا هئاسين ته اسان کي ڪنهن به وبا جو ڪو ڊپ نه هو نه ئي ڪنهن قسم جي تڪليف پهتي، اسان گنهگارن تي هن وقت به بابا سائين جي نظرِ ڪرم آهي ۽ هميشه رهندي.

**نورالدين بلوچ، ٺٽو**



## ٻه اکر

بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري موجوده دور جي اها روحاني قدآور شخصيت آهن جيڪا اسان جي معاشري جي هر مڪتبه فڪر جي اصلاح ڪري رهيا آهن. اها اصلاح محبتن جي درس جي ذريعي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي ذريعي، پنهنجي اعليٰ ڪردار جي ذريعي ڏئي رهيا آهن. فيض قلندر جي پرچار ڪثرت درود پاڪ جو هيڏو وڏو عظيم ڪم بابا سائين جن جي اڻٿڪ محنت جو نتيجو آهي جو هي عظيم ڪم ڏينهون ڏينهن وڌي پيو. پاڻ سيد سادات مختلف گادين جا گادي نشين هوندي به روايتي پيري مريدي جي نظريي کي ترڪ ڪندي عملي طور سڄي سنڌ پاڪستان ۾ تبليغ درود لاءِ مسلسل ڏينهن رات سفر ڪري رهيا آهن. اها سندن ڪماليت آهي جو پاڻ فيض قلندر جو پيغام ۽ اصلاح معاشره پنهنجي قلم جي ذريعي مسلسل ڪن پيا. انهيءَ ڪماليت جو ئي نتيجو آهي جو بابا سائين جا ڪالم ۽ ڪتاب تيزي سان اسان وٽ پهچن پيا ۽ ان ٽيم ورڪ جون به محنتون ۽ ڪاوشون آهن جيڪي بابا سائين جو هيءُ قلمي پورهيو سهيڙن پيا. الله سائين بابا سائين کي خضري حياتي نصيب ڪري ۽ سڀ قلندري سندن نگاهه شفقت ۾ رهون. آمين.

**ايڊووڪيٽ انجم آرا**

## مرادان حق

انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ پاڪستان جي هميشہ روايت رهندي پئي اچي تہ، هو محفل هديہ ڪثرتِ درود پاڪ ﷺ جون محفل منعقد ڪري ۽ ان فورم تي ورد درود بر حبيبِ خدا صلي الله عليہ وسلم سان گڏوگڏ اصلاح معاشره جي بہ ڪوشش ۾ ڪوشان رهي، پوءِ مختلف درگاهن جي عرس جي موقعي تي يا ميلادِ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي موقعي تي، ڪيل تقريرن کي، پٽ شيرخان پنهور، ننيڊڙي اصغر پنهور جي هٿان محفوظ ڪرڻ بعد، انهن کي ڪمپوز ڪري، سائين الطاف ملڪاڻي جي نگرانيءَ ۾ ڪتاب جي صورت ڏياري شايع ڪرايو آهي، جنهن ۾ تبليغ درود سان وابستہ انچارج دوستن جا بہ خيال آهن. اصل ۾ اُهو سڀ نگاهہِ قلندر ۽ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو ڪمال آهي جو موجوده گدلي ماحول مان ڪنول گل جا ٻوٽا تيار پيا ٿين، بس همٿ جي ضرورت آهي،

"تتي ٿڌي ڪاھہ ڪانهي ويل ويهڻ جي"

باقي هدايت رب پاڪ جي هٿن ۾ آهي.

**سيد غلام حيدر شاھہ قلندري**

# تاريخ جو عظيم فلسفو

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ کان پهريائين تعريفون، واکاڻون ۽ ساراهون مالڪ حقيقي جي لاءِ، جنهن جي هٿ ۾ توهان ۽ اسان جي جان آهي، جيڪو اسان جو خالق ۽ مالڪ آهي، جيڪو احد ۽ صمد آهي، جيڪو اول ۽ آخر آهي، جيڪو ظاهر به آهي، ته باطن به آهي، جيڪو رب العالمين آهي، ته رحمت العالمين ﷺ جو خدا به آهي.

ان ڪانپوءِ ڪروڙين اربين درود پاڪ انهي هستيءَ تي جيڪو شفيع المذنبين به آهي، ته خاتم الانبيا به آهي، جيڪو توهان جي اسان جي هنئين جو هار ۽ اکين جو ٺار آهي ۽ توهان جي اسان جي هِن محفل جو ميزبان به آهي ته مهمان به آهي. اڄو ته اڄ اسان ۽ توهان محبوب ڪريم ﷺ جي بابرڪت محفل ۾ جتي اسان کي نعمتون، برڪتون ۽ رحمتون ملن ٿيون، محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاهه ۾ گڏجي درود جو تحفو پيش ڪيون.

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

دوستو! آئون هڪ ناچيز هيڻو نااهل، آئون ايترو لهان ئي ڪو نه ٿو جو توهان جي سامهون مٿي ويهان ۽ توهان هيٺ ويهو ڇو ته توهان معتبر ۽ عظيم آهيو توهان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي عشق سان وابسته آهيو ڇو ته توهان وٽ جيڪا محنت آهي، اها ڪثرتِ درود پاڪ جي محنت آهي، توهان اها محنت ڪريو ٿا ۽ اها محنت ڦهلايو ٿا، مون مسڪين، عاجز ۽ هيڻي جي طرفان، توهان جي خدمت ۾ اسلام عليڪم ۽ حق موجود

دوستو! اڄ هِن محفل ڏانهن ايندي مونکي هڪ شعر ذهن ۾ آيو ۽ اهو شعر هر ماڻهوءَ جي لاءِ آهي،

آئون چوان ڇهرو ڏسي، تون ڪٽي ڪاغذ لکين،
تنهنجو منهنجو ڪيئن هلي ناتو "حيدر"،



آئون ڪريان سلجهائڻ جي،
تون ڪرين الجهائڻ جي،
تنهنجو منهنجو ڪيئن هلي ناتو "حيدر"
آئون چوان ڇهرو ڏسي، تون ڪٽي ڪاغذ لکين.

دوستو! تاريخ جي ورقن ۾ اهو سنه 1953ع جو ٽائيم آهي، اهي بابرڪت، نصيبن واريون، اسان ۽ توهان جي لاءِ فلسفو اربيندڙ قيمتي ۽ ناياب ساعتون، هن آستاني تي انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جو بانيڪار ۽ سرپرست اعليٰ بابا سائين احمد علي قريشي رح پنهنجي مرشد حضرت لعل شهباز قلندر رح جي حڪم سان، هِتي جنهن جڳهه تي توهان ويٺا آهيو هِن درگاهه تي جڏهن اِها درگاهه ڪو نه هئي، مرشد لعل شهباز قلندر رح جي سرٽيفڪيٽ تحت هتي آيا هئا، حاجن سائين (ڏاڏا سائين حاجي محمد يوسف شاهه رح) بابا سائين احمد علي قريشي رح کان پڇيو ته **"اي احمد علي تو وٽ ڪو سرٽيفڪيٽ آهي؟"** بابا سائينءَ جن چيو ته، اسان وٽ سرٽيفڪيٽ آهي، ڏاڏا سائين حاجي محمد يوسف شاهه رح پڇيو ته **"ڪنهن جو سرٽيفڪيٽ آهي؟"**، بابا سائينءَ جن چيو ته، حضرت مرشد لعل شهباز قلندر رح جو سرٽيفڪيٽ آهي، اهي ساعتون نصيبن واريون، جتي اهو وڻ پوکيو ويو، اهو ڇانو وارو وڻ، اهو قيمتي وڻ جنهن جي ڇانو ۾ توهان ۽ اسين اڄ ويٺا آهيون، انهيءَ ڇانو واري وڻ جنهن جي تاريخ سنه 1953ع ۾ هتان کان شروع ٿي ٿئي، اُن جو هتان کان افتتاح ٿو ٿئي، اڄ توهان انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جي عظيم پليٽ فارم تان انهيءَ ڪامل هستيءَ جو عرس مبارڪ ملهائڻ جي لاءِ هتي آيا آهيو.

دوستو! توهان جي محنت تي اسان کي ناز آهي، اسان کي ڇا، اولياءِ اڪرامن کي ناز آهي، توهان کي وري به مبارڪون آهن جو توهان وفا جو ازم، وفا جو پرچم بلند ڪيو هن سيءَ واري موسم ۾ به توهان هر هنڌان هِن محفل ۾ پهتا آهيو توهان کي مبارڪون.

دوستو! هِنن ڪاملن جو عظيم ۽ انمول فلسفو، منشور ۽ دستور جيڪو اڄ اسان وٽ رائج آهي، اسان وٽ هلندو پيو اچي ۽ اسان جي پوين نسلن تائين منتقل ٿيندو ويندو، اهو آهي "عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو"، اهو آهي صوفي ازم جو فلسفو صوفي ڇا آهي؟ صوفي اهو آهي، جنهن وٽ وفا هجي، صوفيءَ جو درس امن پسنديءَ وارو آهي، صوفيءَ جو درس واٽون ۽ رستا صاف ڪرڻ آهي، صوفيءَ جو رستو ڇا آهي؟ ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف اچي ته انسانيت جي ناتي ان جا ڪنڊا ڪڍي، هُن جو رستو صاف ڪري، ڪنڊي دار جيڪي واٽون آهن اتان ڪنڊا هٽائيندو وڃي ۽ ماڻهن جي لاءِ آسانيون پيدا ڪندو وڃي، اهو صوفي ازم آهي، صوفي ازم جو ڪم ئي ڀائيچارو ۽ محبتون ڦهلائڻ آهي، ان سان گڏوگڏ صوفين جو اِهو به ڪم آهي، صوفين جو اِهو به منشور آهي، جيڪڏهن توهان جي روح ۾، توهان جي نفس ۾ فتني جو ڪو ڏنگ به پيل آهي، ته انهيءَ ڏنگ کي به توهان مان ڪڍي، جيئن توهان کي راحت اچي، صوفي جو ڪم تقسيم ۽ تفريق ڪرڻ نہ آهي، جيئن اڄ هتي اسان جا پڙهيا لکيا اهلِ علم وارا، دانشور، فلاسافر اهي ڪٽي ڪهڙي به روپ ۾ هجن، اهي اڄ هن معاشري ۾ اسان کي تفريق ۽ تقسيم جو درس ڏين ٿا، پر صوفي انهن ڳالهين کان آجو آهي، صوفين وٽ نہ ونڊ آهي، نہ ضرب آهي، نہ هنن وٽ مائنس آهي، هُنن وٽ ڳنڍڻ جو رشتو آهي ۽ پاڻ ۾ ملائڻ جو رشتو آهي، پاڻ ۾ جوڙڻ جو رشتو آهي، پاڻ ۾ هڪ ڪرڻ جو رشتو آهي، هنن جي اجتماعي سوچ آهي، هنن جي انفرادي سوچ ڪونهي، صوفي جمع ڪرڻ وارو آهي، صوفي ونڊ، تقسيم، تفريق ڪرڻ وارو ڪونهي، اڄ به توهان ثابت ڪيو آهي ته اسان تفريق وارا نہ آهيون، اسان تقسيم ڪو نہ ٿا چاهيون، اسان محبت ۽ ڀائيچارو ٿا چاهيون، اسان پاڻ ۾ هڪ ٿي محبت جي وادي ناهڻ چاهيون ٿا، اهڙي محبت جي وادي، اهڙي پاڪ دامن وادي جيڪا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حسن اخلاق سان تعمير ٿئي، جيڪا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانح حيات سان تعمير ٿئي، اها اولياء اڪرامن جي فلسفي سان تعمير ٿئي، جنهن ۾ ڪو به



انتشار نہ هجي، جنهن ۾ ڪو به حسد نہ هجي، جنهن ۾ ڪو به نفرت جو ٻج نہ هجي، اسان ان کي اهڙي امن امان، ڀائيچاري ۽ اهڙي دستور سان وٺي وڃون، جيڪو پائيدار هجي، جيڪو محبتن وارو هجي ۽ محبتن کي ڦهلائيندو رهي

دوستو! تاريخ جا ورق شاهد آهن، تاريخ جا ڪتب، اهي دانشور جن تاريخون لکيون آهن، اهي شاهد آهن ته اسان جي برصغير ۾ اسلام کي جيڪڏهن ڦهلايو يا ان ۾ واڌارو ڪيو ته اهو صوفياءِ اڪرامن ڪيو، اسان جي صوفياءِ اڪرامن جو نہ ڪنهن سان ضد آهي، نہ ڪنهن قانون جي ڪا خلاف ورزي آهي، اهو مذهبي قانون هجي، ديني قانون هجي، ڪهڙي به قسم جو قانون هجي پر صوفياءِ اڪرام ڪنهن به قانون جي پيچڪڙي ڪو نہ ٿا ڪن، جڏهن نفرتون اچن ٿيون ته صوفياءِ اڪرام محبتن سان ئي انهن جو مقابلو ڪن ٿا، پر صوفياءِ اڪرام چون ٿا جيڪڏهن لا (Law) وارن جي هٿ ۾ زندگي اچي وڃي ته سودو سنو ڪو نہ رهندو، هڪ مال ونڊ ماڻهو اهو مال ونڊ به آهي، اهو مال کي پالي به ٿو ان جي پرورش به ڪري ٿو پر اهو مال ونڊ وري ڪاسائي سان رابطو به ڪري ٿو، اهو جنهن مال کي پالي ٿو ان کي ڪاسائي تائين به پهچائي ٿو، ائين مال ونڊ ماڻهو ٻنهي پاسي هلي ٿو، اسان کي به ٻنهي پاسن کي جانچڻو پوندو، اسان کي ان جي به چڪاس ڪرڻي پوندي، ته اسان ڪنهن ڪاسائيءَ جي هٿ ۾ ته ڪو نہ ٿا وڃون، مال ونڊ ته اسان جو ڌنار به ٿئي، اسان جو پهريدار به ٿئي، اسان جو چوڪيدار به ٿئي، جيڪڏهن اهو ڌنار ڪنهن ڪاسائي جي صورت ۾ آهي ته اسان اُن کي برداشت ڪيئن ڪنداسون، هنن وٽ نفرتون جمع ٿي ويون، اسان کي ونڊ ورڇ اچي ڪو نہ ٿي، اسان کي مائنس اچي ڪو نہ ٿي، اسان ته جمع ڪرڻ وارا آهيون، اسان ته محبتون ڦهلائڻ وارا آهيون. دوستو، اهو ئي ته اسان جو صوفي ازم آهي، اهو ئي ته صوفي ازم جو نچوڙ آهي، جيڪو اڄ توهان جي سامهون آهي، هن محفل ۾ جيڪو به وينو آهي ڪيترو ادب ۽ احترام سان وينو آهي، هرڪو پاڻ ۾ ڀائيچاري سان وينو آهي، ٻين هنڌن تي اسان جي

ذات جي ڪري سڃاڻپ آهي، ڪنهن روپ جي ڪري سڃاڻپ آهي، ڪنهن حد جي ڪري سڃاڻپ آهي، پر اڄ اسان هتي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ گڏ ٿي هڪ ثبوت پيا ڏيون ته اسان ۾ برابري آهي، اسان ۾ ڪا به اونچ نيچ نه آهي، باقي هڪڙي کي ضرور پيش امام ٿيڻو پوي ٿو هڪڙي ڪنهن کي اڳتي اچڻو پوي ٿو اِهو قدرت جو قانون آهي. اِهو فطري عمل آهي، اهو ٿيڻو آهي، انهيءَ سان ائين ڪونهي ته اهو توهان کان ڪو معتبر ٿي ويو آهي، اهو توهان کان ڪو چڱو مڙس ٿي ويو آهي، معتبر جي آهي ته توهان جو فلسفو آهي، عظيم جي آهي ته توهان جو دستور آهي، جيڪو فلسفو محب سائين محمد علي رح جي طرفان توهان جي سينن ۾ سونپيو ويو آهي، بابا سائين احمد علي قريشي رح ته ظاهري سرپرست اعليٰ آهن، اسان جي انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جا ۽ تا قيامت هوندا، اسان انهن سيني دوستن کي واضح ڪيون ٿا ته اسان مان ڪو به انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جو سرپرست ڪونهي، نه ڪو سرواڻ آهي، نه ڪو اڳواڻ آهي، اسان ته ڪلهه به ٻانهي جا ٻار اڄ به ٻانهي جا ٻار اسان جو ڪم نوڪريءَ جو آهي، اسان جو ڪم ڪنهن کي تابع ڪرڻ نه آهي پر پنهنجو پاڻ کي محبوبن جي اڳيان تابع ڪرڻو آهي، اسان ڪنهن کي خريد ڪرڻ ڪو نه آيا آهيون، پر اسين پاڻ خريد ٿي چڪا آهيون، اسان پاڻ اڳ ۾ خريدجي ويا آهيون، جيڪو ماڻهو خريدجي ويندو آهي ان جو ڪو به ناٽو نه هوندو آهي، ان جو ڪو به ملهه ڪو نه هوندو آهي، چو ته اهو ماڻهو وڪامجي چڪو آهي. دوستو، جيڪي به توهان دوست آيا آهيو جنهن ڏينهن کان توهان اسمِ محمد شروع ڪيو جنهن ڏينهن کان توهان جي چپن تي

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

جو ورد جاري ٿيو ته دوستو توهان هوشيار خبردار ٿيو توهان پنهنجو پاڻ کي وڪڻي ڇڏيو انهيءَ عظيم هستيءَ جي اڳيان، پوري ڪائنات جي انهيءَ عظيم استاد جي اڳيان توهان پنهنجو پاڻ کي پيش



ڪيو آهي، توهان بيعت ڪئي آهي انهيءَ هستيءَ جي جنهن جي اڳيان الله سائين پوري ڪائنات اڳي ئي پيش ڪري ڇڏي آهي، توهان به انهيءَ رحمت، برڪت ۽ نعمت جو حصو ٿي ويا آهيو هاڻي توهان کي پنهنجي حصي وار انهيءَ مان نعمتون ڪٽڻيون آهن، اهو توهان تي آهي ته توهان ان مان ڪيتريون رحمتون ڪٺو ٿا، هُن جي رحمت ۾ ڪا به گهٽتائي ڪونهي، هُن جي رحمتن ۽ نعمتن ۾ ڪا کوٽ ڪونهي، جيڪڏهن کوٽ آهي ته تنهنجي ۽ منهنجي ايمان ۾ کوٽ آهي، تون اڄ پنهنجو ايمان چيڪ ڪر ته اڄ تنهنجو هتي پهچڻ سان ئي تنهنجي سيني سوالن جو جواب به هيءَ محفل آهي، جيڪي تو سوال نه به پڇيا انهن جو به جواب هيءَ محفل آهي، جيڪو توسان مستقبل ۾ ٿيندو انهيءَ جو به جواب هيءَ محفل اٿئي، جيڪي شيون تو نه به ڏٺيون آهن انهن جو جواب به هيءَ محفل اٿئي. ڇو ته دوستو هن محفل جي چوطرف هڪڙي رحمت جي ديوار آهي، جنهن کي تنهنجيون منهنجيون هيءَ ظاهري اکيون جيڪي اجان باطن کان ناواقف آهن، اهي اکيون انهيءَ نعمت، رحمت ۽ برڪت تائين اجان پهچي نه سگهيون آهن، پر اها محفل تنهنجي ڪفيل آهي، اها تنهنجي ڪفالت ٿي ڪري، اها هڪ وڪيل ٿي ڪري تنهنجو ڪيس ٿي وڙهي محبوبن جي بارگاهه ۾، نفرتن جي بارگاهه ۾، انهي حاسدين جي بارگاهه ۾، هيءَ تنهنجي محفل، تنهنجيون محبتون، تنهنجو ڪثرتِ درود پاڪ جو عظيم ڪم تنهنجي ڪفالت ٿو ڪري، توکي يقين هئڻ کپي، توکي پنهنجي قسمت تي ناز هئڻ کپي جو هِن معاشري ۾ تون عظيم تر عظيم فلسفي سان واڳيل آهين، جنهن ۾ نه ڪو فرقو حاوي آهي، نڪو ڪو پِير حاوي آهي، نه ڪو معتبر توکي هن عظيم فلسفي کان ڌار ڪري سگهي ٿو هن فلسفي کي قائم ڪرڻ واريون، هلائڻ واريون ۽ پاياءِ تڪميل تائين پهچائڻ واريون اُهي ظاهري ۽ باطني هستيون آهن جيڪي وقت جي غوث ۽ قطبن سان واڳايل آهن.

جهان جي ڪنهن قطب کان ان جي پيروڪار پڇيو سائين مونکي فقيريءَ جو شوق آهي، آئون فقير ٿيڻ چاهيان ٿو انهي تي قطب محبوب

ڪريم ﷺ جي حديث جو مفهوم ڪري ٻڌايو ته، جيڪڏهن تون فقير ٿيڻ چاهين ٿو ته بي زر ٿي وڃ.

الْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُونَ مِنْ لِسَانِهِ وَيَدِهِ (صحيح بخاری 10)

ترجمو: مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن (ڪنهن کي تڪليف نه رسي).

تنهنجي ڪنهن به عضوي کان ڪنهن کي به ايذاءُ نه ٿئي، پوءِ تون فقير ٿيندي، خالي پٽڪا، ٽوپيون اوڍائڻ سان تون فقير ڪو نه ٿيندي، فقير جي ٿئي ته تنهنجو اندر ٿئي، تنهنجي دل ٿئي، تون پنهنجي ظاهري چهري کي ڪٽي ڪيترو به سجائين، هُن کي ڪيڏي به تون صورت بخشي، پر تنهنجي اندر جي جيڪڏهن ڪيفيت تبديل نه ٿي، ته تنهنجي اندر ۾ فقيري ڪو نه ايندي، فقيري ته اندر جي ڪيفيت کي تبديل ٿي ڪري، هڪڙي ظالم، هڪڙي گنهگار، هڪڙي زاني، هڪڙي فحائش جي جيڪڏهن هن محفل ۾ ڪيفيت تبديل ٿي ٿئي ته توهان سمجهو ته توهان ڪنهن فقيرن جي محفل ۾ آيا آهيو پلي ڪٽي پنج منٽ ٿئي، ڪٽي ڏه منٽ ٿئي پر توهان کي هن محفل ۾ ضرور خبر پوندي ته توهان ڪنهن اهڙي محفل ۾ آيا آهيو هن محفل تي براه راست انهن جو هٿ آهي، جيڪي هن محفل جا ميزبان به آهن ته مهمان به آهن، توهان کي محسوس ٿيندو ته اسان اڄ اجنبي نه آهيون، اسان اڄ انهيءَ محفل ۾ آيا آهيون جيڪا محفل اسان ڪڏهن نه ڪڏهن ڏٺي هوندي، جيڪڏهن توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ جهاتي پائيندا ته توهان کي خبر پوندي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪهڙي ٽائيم تي هيءَ محفل توهان خوابن ۾ ڏٺي هوندي، هيءَ پروگرام، هيءَ فلسفو ڪٿي نه ڪٿي توهان سان منسلڪ ٿيو هوندو، توهان جا ڀاڳ آهن، توهان منتخب ٿي پوءِ اچي هن محنت سان واڳايا آهيو.

دوستو! هيءَ آفاقي پيغام آهي، جيڪو الهامي پيغام آهي، آفاقي پيغام انهيءَ ڪري آهي جو هيءَ پيغام الله وارن سان واڳيل آهي، جنهن جو واسطو پنهنجي ربي اعليٰ ۽ ربي العظيم سان قائم آهي، هن جو واسطو جهان



جي ڪنهن به فتنن سان قائم ناهي، ان جو واسطو آفاقي ۽ الهامي انهيءَ ڪري ٿيو جو هو صاحبِ روحانيت سان منسلڪ آهن، جنهن کي ظاهر جو ڪشف القلوب به آهي، ڪشف الصدور به آهي ۽ ڪشف الوجود به آهي، اهي سڀ شيون الله وارن جي درن تي فيض ٿي ونڊجن ٿيون، هاڻي هر ڪنهن جو ڀاڳ آهي، ڪو ٿو چوي الله سائين اسان تي راضي ٿئي، چو ته ڏيڻ واري الله سائين جي ذات آهي، ڪو هنن بزرگن جي وسيلي الله سائين کان اولاد جي نعمت ٿو وٺي، ڪو دين ۽ دولت ٿو وٺي، پر پهرين وٺي ٿو دولت پوءِ وٺي ٿو دين، پر جيڪڏهن ڪو معرفت، طريقت، حقيقت وٺندو ته ان کي اها به انهيءَ صورت ۾ ملندي جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي پيش ڪندو، پنهنجو پاڻ کي خريد ٿيل محسوس ڪندو، انهيءَ رستي تي ايندو، تڏهن ان کي معرفت ۽ طريقت جو رستو هٿ ايندو، هُن کي طريقت جي تار پوندي جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي پيش ڪندو، جيسين هن جي ڪنڌ ۾ لوهي سريا پيل هوندا ڪجهه به نه ملندس، انا ته الله سائينءَ کي به پسند ڪونهي، جيسين هن ۾ انا هوندي، جيسين هن جي دل انا سان، خودي سان، مان ۽ تان سان پري پئي آهي، چو ته الله وارن وٽ مان ۽ تان جو فلسفو هلي ئي ڪو نه ٿو، الله وارا پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪن ٿا، چو ته هوءَ پڪل آهن، هوءَ پيڙهجي پيڙهجي اهڙا ٿي ويا آهن.

دوستو! توهان ڏٺو هوندو سون معدنيات آهي، توهان ۽ اسين انسان به زميني معدنيات مان پيدا ٿيا آهيون، اسان کي سون پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري ٿو، اسان کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري ٿو، پر اهو معدنيات جي مخصوص ٽڪرن ڇا پر نازڪ حصن ۾ آهي، پر جڏهن اهو سونارو انهيءَ سون کي ناهي ٿو، باهه ۾ تپائي ٿو، ان کي هٿوڙا هڻي ٿو، هن کي ماري ٿو، هن کي سختيون ٿو ڏئي، هن کي پچائي ٿو تڏهن اهو سون سينگارجي قابل ٿئي ٿو، توهان ۽ اسان پنهنجا پيسا به ڏئي اهو سون وٺي پنهنجي عورتن کي به پارايون ٿا، اهو تڏهن ٿا پارايون جڏهن اهو سون سوناري وٽان گذري ٿو.

دوستو ائين الله وارو بہ تڏهن ٿيندو جڏهن الله واري وٿان پاس ٿيندو. الله واري وٿان انهن مرحلن منجهان گذرندو جيئن سونارو انهيءَ سون کي ٿو گذاري، ان مان هن کي تپڻو پوندو، هٿوڙا بہ کائڻا پوندا. پر اهو الله وارو ظاهر پنهنجي وات سان نہ ٻڌائيندو، پنهنجي ظاهري طرح انهيءَ ڪردار سان نہ ٻڌائيندو، پر هو باطني طريقي سان. انهن سان ملامتي طريقي سان. انهن سان هن دنيا ۾ ائين ڪٺي چئجي تہ ملامت، طعنا، تنڪا، حسد، ڪينو بغض ڪڏهن تنگي ڪڏهن ڪيئن. انهن سڀني مرحلن مان توهان کي پار ڪري پوءِ توهان کي سرٽيفيڪيٽ جاري ڪندو. پر جن اجان بہ اڳتي وڃي عشق کي حاصل ڪيو انهن معرفتن، طريقتن ۽ حقيقتن کان بہ اجان اڳتي وڃي، انهن پنهنجو پاڻ کي عشق جي حوالي ڪيو تہ هن کي حسيني راهہ وٺڻي پوندي، هن کي اهو بہ رستو وٺڻو پوندو. جيڪو بابا سائين احمد علي قريشي رح ورتو. توهان ڏٺو تہ بابا سائين احمد علي قريشي رح جون ڪيترييون آپريشنون ٿيون. توهان سائين محمد علي بادشاهہ رح کي ڏٺو تہ هُن سان ڇا ٿيو. اها عشق جي انتها آهي. اهي انهيءَ عشق جي انتها تي پهتا آهن. پاڻ دنيا وارا تہ انهن کي چئون ٿا تہ هيئن ٿيو پر جن اها راهہ ورتي اهي ڪامياب ٿيا. انهن کي سڪون بہ مليو انهن کي راحت بہ ملي. هيءَ جهان تمام ٿورڙي آهي، تمام مختصر آهي. ائين ئي ڪٺي چئجي تہ اڄ توهان ۽ اسان هِن محفل ۾ آيا آهيون تہ اسان هن محفل جا مالڪ ٿيڻ ڪو نہ آيا آهيون پر اسان کي ٿوري دير ڪانپوءِ هيءَ پنڊال خالي ڪرڻو پوندو. پنهنجي ماڳن ڏانهن اسان کي موٽڻو پوندو. ائين هيءَ جهان بہ آرام جو ڪونهي. ائين هيءَ جيڪو گهر آهي. جنهن کي اسان پنهنجو گهر سمجهي، پنهنجي آرائش ڪريون ٿا. ان کي آرامداه ٿا ڪريون. اسان اهي سڀ حدون پار ٿا ڪريون. پر اهو گهر اسان جي آرام لاءِ ڪونهي. اهو گهر پنجاهہ سال، سٺ سال تمام ٿوري عرصي جي لاءِ آهي. ان جي لاءِ جيڪڏهن اسان ان کي آرامده ڪنداسون. ان کي آسائش وارو ڪنداسون. تہ اهو آسائش ۽ آرام اسان جا پويان ڪندا. اسان کي ايتري مهلت نہ ملندي. ڇو تہ اسان جو ٽائيم گذرندو رهندو پهرين



چونداسون پڙهائيءَ ۾ سيٽ ٿيون. پوءِ چونداسون نوڪريءَ ۾ سيٽ ٿيون. پوءِ نوڪري ملي تہ چونداسون ڇوڪري ملي. ڇوڪري ملندي تہ چونداسون تہ هاڻي گهر سيٽ ڪيون. پوءِ اولاد ٿيندو تہ چونداسون ان کي سيٽ ڪيون. پوءِ اهي سيٽنگون ڪندا ڪندا وڃي پنهنجو پاڻ کي قبر ۾ سيٽ ڪنداسون. اهو اٿو جهان جو سچو نچوڙ جنهن جي لاءِ اسان پنهنجي قيمتي زندگيءَ کي اجاڙي ڇڏيو آهي. اسان جو معاشرو ايتري قدر پڪڙجي ويو آهي. ايتري قدر آپي کان ٻاهر اچي ويو آهي. جو جيڪي جانورن جو حرڪتون آهن. انهن کان بہ ابتڙ ٿي اهي پنهنجن سان حرڪتون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. جيئن مون توهان کي چيو تہ ڪو مال وند ماڻهو هڪڙي ٽائيم تي هو مال وند آهي تہ ٻئي وقت هو ڪاسائي جو دوست بہ اٿو. دوستو اسان کي ۽ توهان کي انهيءَ فلسفي کان بچڻو پوندو.

دوستو! آئون توهان جو ايترو وڌيڪ ٽائيم ڪو نہ ٿو وٺان. هيءَ جيڪي بہ بہ پوائنٽ آهن. جيڪي بہ اکر بہ آهن تہ اهي توهان ۽ اسان جي لاءِ قيمتي آهن. جي پاڻ هڪ اکر کي بہ اپنايو ان تي عمل ڪيو تہ پنهنجيون زندگيون تہ سنواربيون پر پنهنجو جيڪو آئنده نسل آهي اهو بہ سڌرندو. اڄ سچل سائين رح پاڻ وٽ ڪونهي پر فلسفو پاڻ وٽ آهي. پٺائي سائين رح ڪونهي پر پٺائي سائينءَ جو شعر گونجي ٿو. ائين سائين بلي شاهہ رح جو فلسفو هلي ٿو. توهان جي فلسفي سان. توهان جي نظرئي سان ئي توهان کي باطني نظرين سان مقابلو ڪرڻو پوندو. هن محبت جي نظرئي سان ئي توهان کي نفرت کي مٽائڻو پوندو. نفرت کي نفرت سان توهان کي مٽائڻو ڪونهي. اهو اسان جو درس ئي ڪونهي. اهو اسان جو پيغام ئي ڪونهي

دوستو! توهان کي وري بہ مبارڪون. خاص ڪري اسان جا هتي جا دوست، جن رات ڏينهن هڪ ڪري، هِن پنڊال کي سجايو ۽ هنن انهيءَ تاريخ کي ورجايو. انهن اهو پيغام ڏنو تہ اجان بہ وفائون آهن. اجان بہ انهن عهد ۽ پيمانن کي پڄايو وڃي ٿو. اُهي وفائون اجان بہ اسان جي سڃاڻپ آهن. خاص ڪري اسان قلندرين جي تہ آهي ئي وفا. اسان وٽ تہ ظاهري ڪو بہ

ايڊ ڪونهي، نہ ڪو فنڊ آهي، نہ اسان وٽ اهڙو بہ ڪو نظام آهي جو اسان ڪنهن دوست تي ڀاڙيون. اسان جو سلسلو ئي مسڪينن جو آهي، ڇو تہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي پسند ئي مسڪين آهن ۽ اسان جو فلسفو ئي انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي هن دنيا ۾ ڌڪاريل آهن، مسڪين آهن، جيڪي هن جهان جي تڪيلفن ۾ ڦاٿل آهن. هيءَ جيڪو اسان جو نوجوان طبقو آهي، جيڪو شاگرد آهي، جيڪو تعليم جي انهن مرحلن منجهان پيو گذري، يا انهن ۾ اڃي پيو يا انهن مان پاس آئوٽ پيو ڪري، هيءَ انهن جي لاءِ آهي، هيءَ انهن کي خبردار ڪري ٿو، هن کي هوشيار ڪري ٿو اي دوستو، توهان جي پٺيان اچڻ وارو نسل توهان جو منتظر آهي، توهان جا وڏا بہ توهان جا منتظر آهن ۽ توهان جو همڪلاسي بہ توهان جو منتظر آهي. دوستو، اهو پيغام توکي ان تائين پهچائڻو آهي ۽ توکي پنهنجو پاڻ کي هيٺ بہ ڪرڻو آهي، توکي پنهنجو پاڻ کي عاجز بہ ڪرڻو آهي، توکي انهيءَ آفيسري، وڏ ماڻپي ۽ ڏن ۽ دولت وارا سريا پنهنجي ڪنڌ مان ڪڍڻا پوندا. جيڪڏهن تون هڪڙو قلندري آهين، جيڪڏهن تون هن ڪثرتِ درود پاڪ سان واڳيل آهين تہ تنهنجا سڀ منصب پوئتي آهن. پهرين تنهنجو منصب آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو. پهرين تنهنجو منصب آهي ڪثرتِ درود پاڪ کي قائم ڪرڻ ۽ ڪثرتِ درود پاڪ کي ڦهلائڻ. تون انهيءَ ۾ وڏو ڪو نہ ٿيندي تون اڪيلو پنهنجي خاندان کي وٺي اچين. تنهنجو فرض آهي تو انهيءَ مان فائدو ورتو آهي تہ تون ٻين دوستن کي بہ آماده ڪر.

هڪڙي هوندي آهي قرباني ٻي هوندي آهي خودڪشي. قرباني وارو بہ مرندو آهي تہ خودڪشي وارو بہ مرندو آهي. قرباني وارو جيڪڏهن مرندو آهي تہ تاريخون ان جو نالو ياد ڪنديون آهن. پر خودڪشي واري کي حرام موت ملندو آهي. دوستو، هِن معاشري ۾ بہ ٻہ پهلو آهن. توهان جيڪڏهن پنهنجي زندگيءَ سان، پنهنجي نسل سان جيڪڏهن خودڪشي ڪئي، خودڪشي جو مطلب جي توهان اهي واٽون ورتيون، نفرت واريون، پنهنجي پيٽ پالڻ واريون، پنهنجي پيٽ کي توهان معتبر ڪيو، پيٽ اڪين



تي پر حرام وارو نہ کپي حلال وارو کپي، اسان جا ٻچا ٻار بہ اسان کي عزيز پر اسان کي حق حلال وارو کپي، جنهن جي لاءِ اسان جو آقا استادِ عظيم، سڄي ڪائنات جو استاد، منهنجو محبوب ﷺ، منهنجو مالڪ حڪم ڪري ويو آهي، جيڪو توهان اسان کي فلسفو اربي ويو آهي انهيءَ تي عمل ڪرڻو پوندو، توهان کي اهو پيغام پهچائڻو پوندو، تہ اسان کي خودڪشي وارو نہ پر اسان کي قرباني وارو ٿيڻو پوندو، اسان کي پنهنجي نفس جي، حسد جي ۽ انا جي قرباني ڏيڻي پوندي، تڏهن اسين هنن ڪاملن جي رستي تي سرخرو ٿينداسون، تڏهن اسان کي روحاني انعامات ملندا.

سائين محمد علي بادشاهہ رح پنهنجي قرباني ڏني، پنهنجي انا جي، پنهنجي خوشي جي، پنهنجي برادريءَ جي، پنهنجي مٽي مائٽي جي، توهان جي معاشري جي لاءِ هن قرباني ڏني، محبوب ڪريم ﷺ جي محبت لاءِ قرباني ڏني، اڄ هزارين توهان ان فيض مان فيضياب آهيو. دوستو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڇا پر سنڌ کان ٻاهر بہ انهيءَ عظيم ماڻهوءَ جو فلسفو پهتو آهي، هو مسڪين پيرين پيادو هو، توهان کي اڄ الله سائين هُن جي دعائن سان سواريون ڏنيون آهن، توهان وٽ نوڪريون بہ آيون آهن، توهان هينئر پنهنجي پيرن تي آهيو ۽ ٻين کي بہ الله سائين انشاءالله تعاليٰ پنهنجي پيرن تي پهچائيندو. دوستو، توهان جا فائيل انهن جي هٿن ۾ آهن، توهان جا فائيل گم ڪو نہ ٿيندا، توهان جا فائيل انهيءَ ٽوڪريءَ ۾ ڪو نہ ويندا جيڪا ٽوڪري فائيلن کي ڪاٽي وجي ٿي، توهان جا فائيل انهيءَ قيمتي هٿن ۾ آهن، پر خبردار جي توهان هنن ڪثرتِ درود پاڪ وارن جي فائيلن کي ڇڏيو تہ توهان جو فائيل تہ وچ ۾ بيهندو، توهان جيڪڏهن هن محنت سان آهيو تہ توهان جون خواهشون بہ پوريون ٿينديون، پر خواهشن جو دائرو بہ توهان جي لاءِ بهتري ۾ هجي ۽ توهان جا منصب جيڪي توهان کي الله سائين جي طرفان نعمتن جي صورت ۾ مليا آهن، اهي توهان کي ملندا. توهان هنن محفلن منجهان، هن محنت منجهان خالي نہ ويندا. خالي ٿيڻو ڪونهي، خالي تہ ماڻهو هڪڙي ڪنهن جاگيردار وٽ، ڪنهن ملڪيت واري وٽ،

ڪنهن آفيسر وٽ، ڪنهن منصب واري وٽ ڪجهه ڏئي ٻنو ڪري پنهنجو ڪم ٿو ڪيڊائي، هتي ته توهان پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي اربين درودن جا تحفا ڏيو ۽ توهان جا فائيل ائين ٿوڪرين ۾ وڃن اهو ته ٿي ڪو نه ٿو سگهي، سو توهان مايوس نه ٿيو. مايوسي اسان صوفين جي فلسفي ۾ ڪونهي، اسان کي وري به انهيءَ ڀٽائي صاحب جي شعر تي عمل ڪرڻو آهي ”تتي ٿڌي ڪاه ڪانهي ويل ويهڻ جي“ ويهڻ ڪم، سستي ڪرڻ، ٻئي تي ياڙڻ، ٻئي تي اعتبار ڪرڻ، ٻئي جي آسري رهڻ ڪاهلن جو ڪم آهي، نوجوانن جو ڪم سستي ڪرڻ ڪونهي، ڪاهل ٿيڻ ڪونهي، ويهي رهڻ ڪونهي، ساهيون پٽڻ ڪونهي، هاڻي آرس ٽا ڀڄون، اها آرس به صوفي جي فلسفي ۾ ڪونهي ته ڪٿي آرس ويهي ڀڃجي، هيءَ ڪم ته هلڻ جو آهي، هلندي هلندي وڃي پنڌ ڪٽندو.

دوستو! انهيءَ تي عمل ڪريو. پنهنجيون ظاهري ته هڪٻئي کان دوريون ٿي سگهن ٿيون، پر جتي پنهنجي روحانيت پاڻ ۾ وڃي ٿي ڳنڍجي اتي پنهنجيون دوريون ڪونهن. پاڻ روحاني طرح سان هڪٻئي سان جڙيل آهيون، پاڻ هڪٻئي سان اهڙا قابو قيد ۽ بند ٿيل آهيون، جيڪڏهن توهان انهيءَ قيد بند کي ٽوڙائيندا تڏهن به اهو قيد بند ٽٽي ڪو نه سگهندو. ها جيڪڏهن اهو قيد بند به ٽٽي ٿو ته فقط ابوجهل جي اولاد جو ٿو ٽٽي، اهو جيڪڏهن قيد بند ٽٽي ٿو ته انهيءَ نافرمان اولاد جو ٿو ٽٽي، اهي قيد بند واريون هٿڪڙيون هن کان ڏار ٿين ٿيون ته هن جي بي وفائي جي ڪري ٿين ٿيون. وفادار ته انهيءَ قيد ۾ بند آهي، اهو قيد تڏهن ٿيندو جڏهن هن کي انعامات جا پرچم ملندا، هن کي گلن جا هار ملندا، هنن کي تحفا ملندا، جيئن اڄ توهان نوجوانن کي اهي تحفا اهي انعامات مليا، ائين توهان ظاهري طرح هن محفل ۾ سرخرو ٿيو ٿا پر توهان جون ڳالهيون عرش عظيم تي گونجن ٿيون. توهان جون ڳالهيون آسماني محفلن ۾ ٿيون گونجن. توهان جا نالا انهن محفلن ۾ ورتا وڃن ٿا، ڇو ته منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي ته.



”إن الله وكل بقبري ملكا أعطاه أسماع الخلائق، فلا يصلي عَلَيَّ أحد إلى يوم القيامة، إلا بلغني باسمه واسم أبيه هذا فلان بن فلان قد صلى عليك“ (بزار، المسند،4:255، رقم:1425)

مفهوم: ”مون وٽ درود پهچايو وڃي ٿو ته فلاڻي، پٽ فلاڻي جي توهان جي لاءِ درود موڪليو آهي“. دوستو. توهان جا نالا انهن محفلن ۾ هلن ٿا، توهان جو چار پنج ارب درود وقت جي غوث جي بارگاهه ۾ پهچي ٿو ته، اتي به توهان جو نالو ۽ توهان جي پيءُ جو نالو پهچي ٿو. سائين محمد علي بادشاهه رح وٽ به پهچي ٿو اهو به شاباش ڏئي ٿو ته. منهنجا پٽ! مون توکي انهيءَ فلسفي جي لاءِ تيار ڪيو هو. مون تنهنجي لاءِ دعا انهيءَ لاءِ ڪئي هئي ته الله سائين توکي هن ظاهري جهان ۾ پنهنجي پيرن تي بيهاري، مون توکي انهيءَ جي لاءِ دعا ڪو نه ڪئي هئي ته تون بلدنگون ٺاهيندو وت. هڪ ماڙ به ماڙ تي ماڙ تون پنهنجي اولاد کي متارو ڪر ۽ تون منهنجي قلندري ٻچڙن کي پنيرو ڪر، اي دنيا جي حرس وارا، حوس وارا، اهي تنهنجيون حوسون، حرسون هليون ويندیون، تنهنجيون ڪامياب ڪو نه ٿينديون، ڇو ته تو پنهنجي محسن سان بي وفائي ڪئي، توکي وفا ڪرڻ کپي، هيءَ توکي ٽائيم هو ته تون وفا سان گڏ بيهه، هنن عظيم دوستن سان گڏ بيهه. جيڪي اڄ ڇورا ڇنا ٿيا انهيءَ جي ڪري جڏهن هنن سان عظيم ٿيهن چاليهن سالن جا واسطو ظاهري طرح هنن کان ڇنيو ته توکي هنن جي مٿي تي هٿ رکڻو هو. هنن سان گڏ بيهڻو هو. هيءَ ڇورا ڇنا ته ڪو نه ٿيندا، ڇو ته هنن جا ته مالڪ آهن، پر تو ته هنن سان ظاهري طرح بيائي ڪئي، تو هنن سان نه ڪئي پر پنهنجي پاڻ سان ڪئي، الله سائين تنهنجو به خير ڪري، هنن سيني دوستن جو به خير ڪري، پر اڄ به هن ثبوت ڏنو ته روز بروز هنن قلندرين جو ڳاڻيٽو وڌندو وڃي پيو. انگ به وڌندو وڃي پيو. اڄ جي محفل پر سال جي محفل کان اهو توهان پاڻ ٻڌائيندا ته ڪيتري آهي، سوشل ميڊيا جو دور آهي توهان ڏسو ٿا توهان جون محفلون وڌنديون پيون وڃن، هيءَ دوست هنن کي ڪير به فنڊ ڪو نه ٿو ڏئي، ڪير به هنن کي پيسو ڪو نه ٿو ڏئي هيءَ پڪڙندا وڃن پيا، هيءَ واپار وڌندو وڃي پيو. هڪ مان چار ٿيندا پيا وڃن، چارمان ڏهه ٿيندا پيا وڃن.

توهان جون مهربانيون، توهان جا ٿورا، خاص ڪري هنن قلندري دوستن جا، سائينءَ محمد علي بادشاهہ رح جي سپوت ٻچڙن جا، بابا سائينءَ جي انهيءَ اولاد جا جن مون مسڪين کي هيءَ پٽڪا، هيءَ ٽوپيون، هيءَ احترام، هيءَ محبتون ارپيون، جيتوڻيڪ منهنجو ڪو بہ مقام ڪونهي، نہ منهنجو ڪو بہ منصب آهي، نہ آئون انهيءَ جي اهل آهيان، پر توهان دوستن وفا جو دامن جهلي مونکي توهان ايتريون مرحبائون، عزتون ۽ محبتون مونکي ڏنيون آهن تہ منهنجي بہ توهان کي دعا آهي تہ، الله سائين توهان کي بہ وڏائي، توهان کي بہ الله سائين ٻنهي جهانن ۾ عزت وارو معتبر ڪري.

آئون پنهنجي تقرير جو اختتام هن شعر سان ڪندس جيڪو قرآن شريف جي معنيٰ بہ آهي، شاهہ صاحب جي شعر جي بہ معنيٰ آهي، سچل سائينءَ جي شعر جي بہ معنيٰ آهي، "ہر کہے ہر کیسا ہے" چوي ٿو هرڪو چوي ٿو تون کهڙو آهين، تون ڪيئن آهين، "ہر کہے ہر کیسا ہے۔ کیا ہاتھ پے ہاتھ درھ دوں ایسا ہے" چوي ٿو مونکي هرڪو چوي ٿو تون ڪيئن آهين، ڇا آهين، پر ڇا آئون توهان کي هٿ تي اهو ڇهرو اها منزل، اهو منصب توهان کي ٻڌايان تہ هيءَ آهي

”ہر کہے ہر کیسا ہے۔
کیا ہاتھ پے ہاتھ درھ دون ایسا ہے۔
اسے کہے کبیر سن بھائی سادو۔
میں ہر جیسے کو ویسا ہوں“

چوي ٿو جهڙو سوال آهي آئون ان جو جواب آهيان، جتي ڪو جواب آهي تہ آئون ان جي لاءِ سوال آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان، آئون اهوئي آهيان، آئون اهوئي آهيان، آئون اهوئي آهيان.

**ساليانی چوڏهين محفل ڪثرت درود پاڪ**
**ڏاڏا سائين سيد حاجي محمد يوسف شاهہ رح.**
**تاريخ : 20 جنوري 2019، بمطابق 13 جماد الاول بروز آچر.**



# صوفي جي سڃاڻپ

اَعُوذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَللّٰہُ اَکْبَرُ کَبِیْرًا وَّالْحَمْدُ لِلّٰہِ کَثِیْرًا وَّسُبْحَانَ اللّٰہِ بُکْرَۃً وَّاَصِیْلاً

دوستو! اڄ اچو توهان ۽ اسان پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي عظيم محفل ۾ جيڪا شايد تاريخ ۾ اڳم نہ ٿي هجي، جنهن ۾ توهان دوستن 2 ڪرب 90 ارب درود پاڪ جو تحفو پڙهي پيش ڪيو آهي، مونسان گڏ محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاهہ ۾ گڏجي درود پڙهو.

”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ“

منهنجا انتهائي پيارا پائرو! منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جا عاشقو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پاڪ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارا منهنجا عظيم دوستو! توهان کي هِن عظيم محفل جون منهنجي طرفان، منهنجي محبوبن جي طرفان، سائين محمد علي بادشاهہ رح جي طرفان، بابا سائين احمد علي قريشي رح جي طرفان لکين ڪروڙين مبارڪون هجن ۽ توهان جي محنتن ۽ محبتن کي سلام، اسلام عليڪم.

دوستو! توهان ڪٿيو، توهان ڪٿيو هارايو وڃي هوڙن ”ڪم ڪمندن ڪٿيو هارايو هوڙن“. دوستو، توهان ڪمي ڪمي جيڪا محنت ڪئي، توهان ۾ عاجزي آئي، توهان پنهنجي محبت سان سڄي دنيا کي ٻڌايو تہ اسان قلندرين کي الله سائين اها عظيم نعمت عطا ڪئي آهي ۽ اسان تي يقينن محبوب ڪريم ﷺ جي توجہ آهي، اسان تي يقينن سڀني اولياء اڪرامن جي توجہ آهي تڏهن اسان هن آخري دور ۾ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي ايتري وڏي تعداد ۾ درود پڙهي هڪڙي نئين تاريخ رقم ڪئي.

دوستو! اڄ آئون اڇان ٿو انهي عظيم هستيءَ تي جنهن جو هيءُ عرس آهي، دوستو، جڏهن انهي عظيم هستيءَ جو نالو وٺون ٿا يا اُن جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ لفظ ڪٿيو وڃن ٿا، اسان جي عشق جا جذبات وڏيو وڃن ٿا.

دوستو اهو عظيم ماڻهو اها عظيم شخصيت، جنهن هڪڙي عظيم سوچ پيدا ڪئي، دوستو اها سوچ هُن کي پنهنجي محبوب مرشد بابا سائين احمد علي قريشي رح کان ورثي ۾ ملي، اها سوچ جيڪا اسان جي درسگاهن ۾ جتي هزارين پي ايچ ڊي (PHD) هولڊر آهن، جتي اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ تقريبن 1200 يونيورسٽين کان مٿي يونيورسٽيون قائم آهن، جتي ڪاليج آهن، جتي درسگاهون آهن، انهن درسگاهن اسان کي علم ته بلڪل عطا ڪيو آهي پر اسان جي سوچ ۾ تبديلي نه آئي، اسان ۾ اهو ادب ۽ احترام نه آيو جيڪو اسان کي هن معاشري ۾ کپي، جيڪو اسان کي هڪڙي پُٽ جي حيثيت ۾ هڪڙي پيءُ لاءِ کپي، جيڪو پيءُ جي حيثيت ۾ هڪڙي پُٽ جي لاءِ کپي، جيڪو هڪڙي نياڻي جي حيثيت ۾ پنهنجي ماءُ جي لاءِ کپي، جيڪو ماءُ جي حيثيت ۾ پنهنجي نياڻي جي لاءِ کپي، اهي اخلاقي قدر اسان وڃائي ويٺاسون، پر انهي عظيم هستيءَ پنهنجي محبوب مرشد بابا سائين احمد علي قريشي رح کان مليل فلسفو سوچ، فيض قلندري جو درياهه نوجوانن جي سينن منجهه وهايو.

دوستو! اسان علم حاصل ڪري اعليٰ مقامن تي پهچي سگهون ٿا پر اسان جو سوچون تبديل ڪو نه ٿين ٿيون، سوچ کي تبديل ڪرڻ ئي وڏو ڪمال آهي. دوستو انهي عظيم هستيءَ نوجوانن جي سوچ کي تبديل ڪيو، هنن جي سوچ ۾ هڪڙي عظيم فلسفو جنم ورتو اڄ ان جي روپ ۾ توهان هزارين دوست هتي موجود آهيو.

دوستو! اسان جي تنظيم جو ظاهري ڪو به فنڊ نه آهي، اسان جي تنظيم سيني فنڊنگ کان پاڪ آهي، اسان جي تنظيم دقيانوسي پيري مريدي کان به پاڪ آهي، اسان جي تنظيم ڏيڻ واري آهي پر ڪنهن کان ڪجهه وٺڻ واري ڪونهي، اسان جي تنظيم ۾، اسان جي فلسفي ۾ ڪو اڳواڻ ڪونهي، اسين سڀ هڪ جهڙا پائر آهيون، جيڪڏهن ڪو آهي وڏيڪ ته ان جي محنت عظيم آهي.

دوستو! وري ايندا سون انهي عظيم هستيءَ تي، دوستو انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جو فلسفو عشقِ مصطفيٰ ﷺ، محبت



محمدي ﷺ، ڪثرت درود پاڪ، صحبت اوليا ۽ اولياء الله جي خدمت جو فلسفو ائين نه جيئن جهان وارا ٿا ڪن، پر انوکي محبت ۽ خلوص واري انداز سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پيرين پيادو وڃي اهو عشق جو فلسفو ماڻهن تائين پهچايو، جنهن جي عيوض ڪنهن کان ڪجهه به نه ورتائين، اُهي هوندا آهن عظيم انسان.

دوستو! توهان تاريخ پڙهو توهان تاريخ جي ورقن کي اڳتي پوئتي اٿلايو توهان کي سائين محمد علي بادشاهه رح جهڙو ڪو به عظيم انسان ڪو نه ملندو جنهن اڪيلو تن تنها ماڻهن تائين عشق جو پيغام پهچايو آهي، اهو پيادو هجي، اهو موٽر سائيڪل تي هجي، سواري هجي نه هجي پر هُن جي دوستن هُن سان بي وفائي ڪئي، هُن جي پير ڀائين به هُن سان بي وفائي ڪئي، هُن جي عزيزن اقارب به هُن سان بي وفائي ڪئي، پر آخر ۾ ان جي بدن جي عضون به هُن سان بي وفائي ڪئي، پر انهيءَ شخص پنهنجي فلسفي سان بي وفائي نه ڪئي، اهو فلسفو هن دل جو باءِ پاس ٿيڻ کان اڳ ۾ ۽ باءِ پاس ٿيڻ کانپوءِ انهي ڪيفيت منجهه به جاري رکيو اُنهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو ثبوت ڏنو، اڄ اهو ثبوت توهان جي روپ ۾ توهان جي سامهون آهي، اڄ قلندري دوستن انهي محنت کي انهي عظمت کي پاڻي پياري 2 کرب 90 ارب اجتماعي طرح درود پاڪ پڙهي هِن سرزمين تي گڏ ٿيا آهن، هِن سنڌ جي سرزمين کي مبارڪون هجن جنهن هنڌ تي اجتماعي طرح اڄ هيترو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهجي گڏ ٿيو آهي، اوهين انهي عظيم محفل ۾ شامل ٿيا آهيو اوهان جي نصيبن تي اسان کي ناز آهي، اوهان کي مبارڪون هجن، اڄ اوهان اُن جو حصو پتي آهيو.

دوستو! اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جو اصول ڇا آهي؟ اسان جو منشور ڇا آهي؟ اسان جو فلسفو ڇا آهي؟ اسان جو فلسفو آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ. اسان جي وات ۾ هڪڙي ئي ڳالهه آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ ۽ محبوب تي درود پڙهو ۽ پڙهايو، اهو اسان جي نسن ۾ پئجي چڪو آهي، اهو شرابِ عشق اسان جي وجود جو حصو ٿي چڪو آهي، اسان جي ساهه جو

حصو تي ڇڪو آهي، اهو اسان کان ڪو ڇني ڌار ڪري ڪو نہ ٿو سگهي، توهان هِن جهان وارا ڪيترين بہ انيڪ ڪوششون ڪريو پر اسان جي اندر مان عشقِ مصطفيٰ ﷺ، محبتِ مصطفيٰ ﷺ، فيضِ قلندري، محبتِ بابا سائين احمد علي قريشي رح ۽ سائين محمد علي بادشاهہ رح جي عظمت توهان اسان کان ڪسي ڪون ٿا سگهو. آئون توهان کي انهي جي شاهدي شاهہ صاحب جي انهي شعر ۾ ٿو ڏيان. شاهہ صاحب سسئي پنهون کي صرف هٿيار ڪري پيش ڪيو آهي، شاهہ صاحب توهان کي انهي ۾ صوفيت ٿو ٻڌائي تہ هِن جهان ۾ توهان جا ڪهڙا ڪهڙا ويري ٿيندا. هن فلسفي ۾ توهان کي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون سامهون ايندييون. پر توهان کي اٽموت ٿيڻو آهي، توهان کي پوئتي پاڇ نہ ڦيرڻي آهي، اهو صوفين جي دستور ۾ آهي ئي ڪو نہ شاهہ صاحب ٿو چوي،

"اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿيئڙم ڏير"

چئي ٿو اُٺُ هن جهان جو نفس ظالم جيڪو اسان جي اندر ۾ ويٺو آهي اهو اُٺُ تہ اسان جو ويري آهي، پر انهي اُٺَ جا دوست سنگت هُن جا ڏير بہ ويري آهي، اُهي ڏير ڪير؟ اُهي نفس جا ساٿاري، اهو نفس شيطان هِن اندر ۾ بہ آهي، اهو نفس شيطان هِن ٻاهرين روپ ۾ بہ آهي، اهو توهان جي دوست جو روپ هجي، اهو توهان جو سجڻ تي ڪون ٿو سگهي، جيڪو هِن عظيم منزل کان توهان کي هٽائي، هن عظيم منزل کان توهان کي ڪنهن فتني سان روڪي

"اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿيئڙم ڏير"

پلي ڏير بہ ويري تي وڃن اُٺَ بہ ويري تي وڃن انهي اُٺَ تي جيڪو سوار آهي نفس تي جيڪو سوار آهي اهو اسان جي جان هجي اهو بہ پلي ويري ٿي وڃي،

"چوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لَٽيا پُنهون جا پير"

اهو ويري واءُ، اهو هِن جهان جو واءُ، هِن ماديت پرستي جو واءُ، هن دنيا جي چمڪ وانگر هي ظاهري روپ هي ظاهري خوشبو انهي اسان جي پرين جي پيرن کي اڏايو جن تان اسان جو پرين پير کٽي ويو، پير پائي ويو انهن پيرن کي هُن انهي نفساني واءُ سان وايو،



"اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿيئڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لَٽيا پُنهون جا پير،
پنجون ويري سج ٿيو جنهن اُلهي ڪئي اوير"

اُهو منهنجي تمنا جو سج، اُهو منهنجي خواهش جو سج، انهيءَ اونداهي ڪئي، اهو اولهي ويو، اهو پنهنجي ٽائيم تان ٽڙي ويو پر مونکي پنهنجي پُنهون جي پيرن تائين پڄڻ ۾ مونکي روڪي ڪون ٿو سگهي،

"ڇهون ويري ڇپر ٿيو جنهن سنوان ڪيا نہ سيرَ"

ڇانوَ بہ مونکان وئي هلي اُنهي ڇپر بہ ڪئي شيون ڪيون،

"ستون ويري، چنڊ ٿيو ڪڙيو نہ وڏيءَ ڪيڙ"

اُهو جيڪو چنڊ اِنهي بہ سهائون ڪون ڪيو اهو بہ مونکان ڪاوڙجي ويو پر

"واهيري جِي وير . ڇُلُون ڪريان ڇَپَرين!"

سڀ ويري ٿي وڃن، دنيا ويري ٿي وڃي، عضوا منهنجا ويري ٿي وڃن، منهنجا پنهنجا جن کي مون ڪٺي وڏو ڪيو، جن کي مون پاليو جن کي پنهنجو ڪيو جن کي هِن ڏينهن لاءِ، جن کي هِن منزل جي لاءِ هِن نوبت جي لاءِ مون پاليو اُنهن بہ مونسان پنهنجو وير ڪيو پر مونکي پنهنجي پُنهون جي پيرن تائين پهچڻو آهي، اهو سجو ڇپر ٿي وڃي.

دوستو! اُهو اسان جو منشور آهي، اُهو اسان جو مقصد آهي، اسان کي پنهنجي مقصد تان هٽڻو ڪونهي، اسان جي انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ جا پنهنجا پنهنجا اصول آهن.

اسان جي انجمن غلامان قلندر جي منشور جا پنج پوائنٽ آهن.

1. دوست کي درود پاڪ ڏيڻ، ان دوست وٽ وڃي ان کي آماده ڪرڻ، هن کي شوق ڏيارڻ تہ منهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهہ، هن کي چوڻ تہ، تون هِن نفسا نفسيءَ جي جهان ۾ پريشان آهين، توکي سڪون ڪونهي، توکي آرام ڪونهي، توکي بي چيني آهي، توکي پنهنجن ۽ پراون بہ ڪڍيو توکي جهان وارن بہ ڪڍيو، توکي عزيزن اقاربن بہ ڪڍيو توکي

دنيا بہ ڏٺيو تنهنجيون خواهشون بہ پوريون ڪون ٿيون. اچ انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر جي فلسفي تي عمل ڪر.

2. ٻيو آهي محبوب ﷺ تي درود پڙهڻ ۽ پڙهائڻ. جڏهن هن درود پڙهڻ شروع ڪيو تہ هُن کي شوق ٿيندو، هُن کي مزو ايندو، هن کي راحت ايندي، پوءِ هُن سان ڇا ٿيندو تہ هو پاڻ درود پڙهندو ۽ ڪوشش ڪندو تہ اهو آرام سڪون آئون ٻئي تائين پهچايان.

3. ٽيون اسان جو پوائنٽ آهي تہ اهو دوست هميشہ انهي درود پڙهڻ جو عادي ٿي وڃي، اهو ڪيئن ٿيندو ان کي توهان پنهنجي صحبت ۾ هلائيندا. جڏهن توهان هن کي پنهنجي صحبت ۾ رکندا تہ هو عادي ٿيندو پوءِ هن کي درود پاڪ ڪانسواءِ مزو ئي ڪون ايندو، پوءِ هو درود پاڪ پڙهڻ جو عادي ٿي ويندو.

4. چوٿون اُهو آهي جيڪو اصل اسان جو مقصد آهي تہ ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي محبوب ڪريم ﷺ جي حوالي ڪرڻ، ڪثرتِ درود پاڪ جي حوالي ڪرڻ، هاڻ ٿيو قلندري پڪو معنيٰ هن جي ذهني سوچ تبديل ٿي وئي، جيئن مون توهان کي چيو تہ سائين محمد علي بادشاهہ رح ماڻهن جون سوچون تبديل ڪيون. هاڻي اتي اچي ٿو چوٿون پوائنٽ جتي سائين محمد علي هُن کي پنهنجي صحبت ۾ هلائي، هُن جي سوچ تبديل ڪري ٿو هاڻي هُن پنهنجو پاڻ کي جسماني طرح، روحاني طرح، ذهني طرح، دلي طرح حوالي ڪري ڇڏيو جيسين آئون جيئندس منهنجا محبوب ڪريم ﷺ تنهنجي آسري، تنهنجي راهہ ۾، تنهنجي پنيان، منهنجو ڪم آهي درود پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي تيار ڪرڻ.

5. پنجون آهي پنهنجو وجود، پنهنجيون خوشيون، پنهنجيون غميون، پنهنجيون مٽيون مائٽيون، عزيز اقارب، انهي فلسفي تان قربان ڪرڻ، اُنهي منزل تي سائين محمد علي بادشاهہ رح وڃي پهتو ٻيا هي عظيم دوست انچارج، جن پنهنجيون خوشيون، غميون، سنگتون هن عظيم فلسفي تي قربان ڪري ڇڏيون، اچ اهڙا اهڙا دوست هتي پهتا آهن جن جا عزيز



اقارب اچ فوت ٿيا آهن، صفا ويجها عزيز اقارب فوت ٿيا آهن، انهن کي مٽي حوالي ڪري اهي دوست هتي پهتا آهن، اُهو ڇا آهي؟ اُهو آهي آخري نقطو عشق جي انتها، هُن جي گهر ۾ تڏو وڇايو پيو آهي، مٽ مائٽ هُن سان تعزيت ڪرڻ پيا اچن ۽ اهي دوست آذانِ عشق جو سڏ ٻڌي، هن عشق جي پنڊال ۾ گڏ ٿي، محبوب ڪريم ﷺ جي آمد جو انتظار ڪري رهيا آهن، جنهن تي سڄي عمر اسان درود پڙهيو، اچ انهي محبوب ڪريم ﷺ جي آمد آهي، اچ انهن هزارين بزرگن جي آمد آهي، جن کي اسان سڄي سال درود جا تحفا ڏنا آهن. دوستو، اها آهي عشق جي انتها، اها منزل آهي جيڪا خوش قسمتن وارن کي ملندي آهي.

دوستو! اسان روحاني ماڻهو آهيون، اسان جو روحانيت تي يقين آهي، اسان جو اعتبار آهي تہ روحانيت ڪا شيءِ آهي، چون ٿا تہ ايڪويهين صدي روحانيت جي صدي آهي، اچ توهان يوٽيوب تي وڃو فيسبڪ تي وڃو توهان کي هرهنڌ روحانيت جو خبرون ملنديون، روحانيت ڪانسواءِ ماڻهو کوکلو آهي، روحانيت ڪانسواءِ ماڻهو خالي آهي، اچ هتي توهان کي وٺي اچڻ واري روحاني ڪا طاقت آهي، توهان کي هن ميدان ۾ پهچڻ لاءِ ڪنهن دوست ڀاڙو ڪون ڏنو هوندو، توهان کي ڪنهن دوست ڪنهن شيءِ جي آفر ڪون ڏني هوندي، سياسي پارٽيون پيسا ڏئي پوءِ ماڻهن کي پهچائين ٿيون. اي منهنجا نوجوان دوستو! توهان تي اسان کي ناز آهي، توهان جي محنت کي سلام، توهان جي عظمت کي بہ سلام، توهان کي هڪڙي آذانِ عشق ملي، جيڪا عشق جي آذان توهان جي ڪنن ۾ سينن تائين پهتي، اها آذان آهي،

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو! اِنهي درود زندگيون تبديل ڪري ڇڏيون آهن.

هڪڙي دفعي آئون سائين محمد علي بادشاهہ رح وٽ ٿورو دير سان پهتس تہ، سائين مونکي چيو

”بابا توهان دير ڪئي“

تہ مون چيو سائين ننڍڙو ڏاڏا سائين سيد عبدالرحمان شاھہ آھي،
هئو بہ چار پنج سال جو انهي کي ريل گاڏي ڏاڍي پسند آھي، جتي ٿو ريل
گاڏي ڏسي مونکي چوي ٿو بيهي رھہ. تہ سائين بادشاھہ کلي چيو تہ،

”بابا ريل گاڏي تہ مونکي بہ ڏاڍي پسند آھي“

مون چيو سائين اُھو ڀلا ڪيئن؟ تہ سائين ڏاڍو کليو ۽ مونکي چيائين تہ،

”ڪيئن ڀلا مونکي ريل گاڏي پسند آھي“؟

مون چيو تہ، سائين مونکي تہ خبر ڪونهي، تہ ڪيئن توهان کي ريل گاڏي
پسند آھي، مون چيو تہ ڏاڏا تہ ٻار آھي، هن کي ڪٺي ريل گاڏي پسند آھي، تہ
سائين چيو تہ،

”بابا هوءَ ڀلي ڪٺي ٻار آھي پر هن کي ريل گاڏي جيڪا پسند آھي،
انهي جي پٺيان بہ وڏو فلسفو آھي“

مون چيو سائين ڇا جي لاءِ اوهان کي ريل گاڏي پسند آھي؟ سائين چيو

”بابا مونکي ريل بہ پسند آھي تہ هن جي انجڻ بہ پسند آھي“

مون چيو سائين هوندو بلڪل،

”سائين چيو مونکي انجڻ ان ڪري پسند آھي تہ، اھو انجڻ سڄي
ريل کي منزل تي پهچائي ٿو ۽ انهي انجڻ جي پٺيان جيڪي ڏٻن بوگين جي
قطار آھي، ان ۾ ڪي ڏٻا بوگيون، اپرا بہ آھن، ڪي سٺا بہ آھن، ڪي ڪيئن
آھن، پر اھُو انهي انجڻ جو ڪم آھي انهن سڀني ڏٻن کي ڪٺي منزل تي
پهچائي، اُھو انهي انجڻ جو فرض آھي ۽ باھ جيڪو ڪوئلو سڙي ٿو اھو بہ
اُنهي انجڻ تي ئي سڙي ٿو، اھا باھہ اھا ويچاري انجڻ پاڻ تي ڪٺي ٿي ۽ اپرن
سيرن کي وٺي منزل تي پهچائي ٿي، پڄائي ڪيئن ٿي هلي بہ سڌي ٿي،
پوئتي بہ اک ڪون ٿي ڪري تہ، پٺيان ڇا ٿيو؟ ڪو سامهون ماڻهو آيو، ڪو
مال آيو، ڪو جانور آيو، پر هو پٽڙيءَ تي پنهنجي مقصد تي سڌو ٿو وڃي
جتي هن جي مالڪ هن کي پابند ڪيو آھي، اتي ئي وڃي انجڻ کي پهچڻو
آھي ۽ سڄي ريل جا ڏٻا بوگيون جيڪي پٺيان هن سان وابستہ آھن انهن کي
سڌو ڪٺي اتي پهچائڻو آھي، باھہ بہ پنهنجو پاڻ تي ٿو ٻاري، انهي ڪري بابا
توهان بہ انجڻ ٿيو“



مون چيو سائين انجڻ توهان ٿيو، اسان ۾ انجڻ ٿيڻ جي طاقت ڪونهي،

”چيائين بابا اُھو ٿيڻو پوندو، اپرن سيرن کي ڪٺي گڏ هلڻو پوندو، ان
۾ ويهڻ وارا ڪي ڪهڙا هوندا، ڪي ڪهڙا هوندا، ان ۾ ڪيئن قسمن جا
ماڻهو هوندا، ريل گاڏي پڇندي ڪون تہ هن ۾ ڪهڙي قسن جا ماڻهو ويٺل
آھن“.

مون توهان کي ٻڌايو پي تہ علم ڏيڻ سولو آھي، پر ذهن تبديل
ڪرڻ، سوچ کي تبديل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو اٿو اُھو عظيم فلسفو آھي جيڪو
ماڻهن جي سوچ کي تبديل ڪري، اسين حج بہ پڙهون، اسين خيراتون بہ
ڪريون، پر اسان جو ذهن تبديل ڪون ٿو ٿئي، اسان جي سوچ تبديل ڪون
ٿي ٿئي، ڇو تہ اسان جي سوچ تبديل ڪرڻ وارا تمام گهٽ آھن، اسان جي
علم کي ماڻهن ماني مڇي سمجهيو، اسان جي دين ايمان کي ماڻهن ماني
مڇي سمجهيو، اسان جي ممبرن کي ماڻهن ماني مڇي سمجهيو ڪي اهڙا بہ
اصحابِ اڪرام هئا جن پنهنجيون ڏاڙهيون جهلي ممبر تي اوڇنگارون
ڏنيون، اي اسان جا محبوب ﷺ اي اسان جا آقا، اي خاتم الانبيا، اي سيد
المرسلين، اي شفيع المذنبين، جي توهان اسان سان نہ ملو هان تہ اسان جا
ذهن تبديل ڪون ٿين ها، اي منهنجا محبوب، توهان اسان جي سوچ کي
تبديل ڪيو، توهان اسان کي حقوق الله ۽ حقوق العباد جي واٽ ڏسي، توهان
اسان کي هلڻ سيکاريو، توهان اسان کي کائڻ سيکاريو، توهان اسان کي چيو
تہ، پنهنجي ملڪيتن جا ذخيرا نہ ڪريو، توهان اسان کي خيرات ڪرڻ
سيکاريو، توهان اسان کي ائين نہ چيو تہ توهان منهنجي دين کي مڇي ماني
جي لاءِ استعمال ڪريو، پر توهان چيو آئون رحمت العالمين آهيان ۽
منهنجو دين رحمت آھي انهي کي توهان رحمت ڪري سمجهو انهي رحمت
۾ حصي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ توهان اسان اڄ اڇي هتي گڏ ٿيا آهيون.

دوستو! سائين محمد علي بادشاھہ رح جي سڃاڻپ صوفي واري
هئي، صوفي اھو آھي جنهن پنهنجي اندر کي صاف ڪيو، جنهن پنهنجي
اندر مان نفرت جي بغاوت کي ختم ڪيو جنهن پنهنجي پاڻ مان خودي کي
ختم ڪيو. دوستو، نوجوان آهيو توهان کي نوجوانيءَ جي مستي آھي، پر

توهان انهي مستي ۾ عشقِ مصطفيٰ ۾ جهمريون پايو ٿا. هي ڇا آهي؟ هي سچو محبت جو مانداڻ آهي، هي محبت ڇا آهي؟ هي صوفي ازم جو فلسفو اٿو توهان وچو وچي ماڻهن جي جلسن ۾ شرڪت ڪريو ماڻهن جي محفلن ۾ شرڪت ڪريو پر قلندرين جهڙي محبت توهان کي ڪٿي ڪو نہ ملندي، ڇو تہ هن محبت جي نسبت انهن عظيم هستين سان آهي جن محبتون ونڊيون، جن عاجزي اختيار ڪئي، جن جي مٿان ڪن مٿي هاري تڏهن بہ محبوبن ان تي صبر ڪيو مسڪرايو جيڪڏهن منهنجي محبوب کي ڪنهن پٿر بہ هنيا. منهنجي محبوب جي بدن مان جيڪڏهن خون بہ وهيو تہ بہ، محبوب انهن جي لاءِ دعائون ڪيون، آخري دم تائين محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي امت جي لاءِ دعائون ڪندو رهيو. انهي فلسفي جا توهين پوئيوار آهيو. انهي فلسفي جا توهان حصي پتي وار آهيو.

دوستو! آئون توهان جو وڏيڪ ٽائيم ڪون وٺندس ڇو تہ توهان پري پري کان آيا آهيو. توهان ڪمبو شهيد، ٺر، ٺٽي ۽ سنڌ جي مختلف علائقن کان آيا آهيون. توهان سان اسان جون روز ملاقاتون آهن ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان، اڄ سوشل ميڊيا جو دور آهي توهان وٽ اسان جون تقريرون پهچن ٿيون. توهان وٽ اسان جو پيغام پهچي ٿو. توهان وٽ سائين محمد علي بادشاهہ رح جا بہ پيغام پهچن ٿا. توهان وٽ بابا سائين احمد علي قريشي رح جو پيغام پهچي ٿو.

دوستو! اسان جو منشور هڪ نقاطي ايجنڊا تي آهي، اسان کي الله سائين معاشري جي اصلاح جي لاءِ موڪليو آهي. دوستو هيءَ صوفين جي هڪڙي ننڍڙي جماعت آهي، اسان جو حال اويسي قلندري آهي، اسان تي محبتون ۽ عشق حاوي آهي، اهو عشق اسان جي نسن ۾ ڪثرت درود پاڪ جي صورت ۾ حاوي آهي، اهو اسان جي سينن، اکين ۽ هٿن ۾ حاوي آهي، پوءِ جڏهن اسان ملون ٿا ۽ ڀاڪر پايون ٿا تہ اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ اُهي ڪثرتِ درود پاڪ جون خوشبو آهي، جيڪو توهان درود پاڪ پڙهو ٿا اهو توهان جي سيني، چهري ۽ پيشاني تي نور بڻجي چمڪي ٿو. اسان ڪوشش



ڪيون ٿا اسان انهي نور کي چمي ڏيون تہ اهو توهان جي پيشاني جو نور اسان کي بہ حاصل ٿئي. دوستو اُهي توهان جون محنتون ۽ محبتون آهن.

دوستو! هي فلسفو هي صوفي ازم، پوئتي هٽڻ جو سبق ڪو نہ ٿو ڏئي، هي ويهڻ جو بہ سبق ڪون ٿو ڏئي، هي ڪنهن فتني جي آڏ ۾ اچڻ جو سبق ڪون ٿو ڏئي، هي ائين بہ سبق ڪون ٿو ڏئي تہ تون ڪنهن جو فرد آهين، هي اجتماعي فلسفو اٿو هي اجتماعي ڪم اٿو هي هڪڙي فرد جو ڪم ڪونهي، اڄ ڏسو ڀلا توهان اجتماعي طور گڏ ٿيا آهيو ۽ توهان اجتماعي طور منهنجي محبوب تي درود پڙهي آيا آهيو.

دوستو! آئون توهان کي شاهہ صاحب جي شعر ۾ توهان کي هڪڙو پيغام ڏيندس، فتنا ۽ فساد ايندا. شيطان جي روپ ۾، معاشري جي روپ ۾، اسان جي پنهنجي صفن جا ايندا. توهان کي روڪيندا. توهان کي منع ڪندا. پر توهان کي شاهہ صاحب جي شعر مطابق منزل ڏانهن هلڻو آهي،

هَلندي هُوت پُنهوءَ ڏي آئون پيرين پنڌ ڳنڌياس،

جي پيرن پنڌ ڇڏيو تہ گوڏن پر گِسڪندياس،
جي گوڏن گِسڪڻ ڇڏيو تہ آئون هٿن پر هلندياس،
جي هٿن هلڻ ڇڏيو تہ نُونيئن پر نِڙڪندياس،
جي نُونيئن نِڙڪڻ ڇڏيو تہ چيلهہ پر چُرندياس،
جي چيلهہ چُرڻ ڇڏيو تہ آئون سيني پر سُرندياس
جي سيني سُرڻ ڇڏيو تہ آئون اکيئن پر ايندياس
پوءِ جي مِليا تہ مِلندياس نہ تہ گُهوري جان جَتن تان!!

دوستو! هيڙيون هزارين جانيون منهنجي محبوب جي مسڪراهٽ تي صدقي، منهنجي محبوب جي نالي تان صدقي، انهي محنت تان صدقي جيڪا محنت توهان پيا ڪريو انهي محنت لاءِ ٽيهن چاليهن سالن کان بابا سائين ۽ هنن بزرگن اسان کي تيار ڪيو. توهان کي بہ تيار ڪيو. توهان جو ساٿ ڪو نہ ڇڏبو. توهان سان گڏ هلبو. توهان جي ڏکن سکن ۾ هلبو. اڄ توهان کي هن پروگرام ۾ پهچڻ ۾ ڪا مشڪل پيش آئي آهي، مونسان ملڻ

۾ مونکي هٿ ڏيڻ ۾، جيڪڏهن توهان کي اسان جي انتظاميا جي دوستن کان ڪا ڪمي پيشي آئي آهي، ته عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي محابي اسان جون معافيون آهن، اسان جون معذرتون آهن، اسان کي پنهنجي دل ۾ جان سان معاف ڪجو.

دوستو! خاص ڪري ٽنڊي ڄام، ٽنڊي الهيار جي انهن عظيم دوستن جي ساراهه ۾ تعريف جن ڏينهن رات هڪ ڪري هن عظيم پروگرام کي ڪاميابي تائين پهچايو. انهي ڪانپوءِ شهباز گروپ جي دوستن جي به تعريف جيڪي شهباز وانگر آهن، جيڪي شهباز جي پاڙي ۾ آهن.

مون ڪنهن الله واري کان پڇيو ته سائين ماڻهو چون ٿا ته فلاڻو شهنشاهه آهي، انهي بزرگ مسڪرائي مون ڏانهن ڏسي چيو بابا شهنشاهه ۽ بادشاهه انهي کي چئبو آهي جنهن جي ڪنڌ ۾ محبوب ڪريم ﷺ جي غلاميءَ جو پٽو هجي، هن جهان جي غلاميءَ جو پٽو نه، هن جهان جي حوس جو پٽو نه، هن جهان جي اميرن، وڏيرن جي غلاميءَ جو پٽو نه، پر عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو پٽو، انهي هستيءَ جي پٽو جنهن کي ڪافرن به مڃيون ته ان جهڙو ڪامل انسان ڪوئي ڪونهي.

پٽ، دل ٿي چوي توهان سان ڳالهيون ڪندا رهون، رات کان صبح ٿي وڃي، ڏينهن مان رات ٿي وڃي، توهان جي لاءِ منهنجيون دعائون، تمام گهڻيون دعائون، مونکي يقين ڪامل آهي انهي عظيم هستيءَ تي، جيڪو شفيع المذنبين آهي، جيڪو رحمت العالمين آهي، توهان منهنجي محبوب ﷺ جي پنڊال مان خالي ڪون ويندا، هتان توهان جون جهوليون ڀريون، جيڪڏهن ڪنهن کي اولاد ناهي ته الله سائين منهنجي محبوب ﷺ جي ڪوٺا مان ان کي عنايت ڪندو، توهان جا غم، توهان جا درد، توهان جا سور به الله سائين دور ڪندو. الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو حافظ.

**عرس مبارڪ محب سائين محمد علي بادشاهه رح.**

**تاريخ:**-09-10-2018



# حيا جو پردو

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

منهنجا انتهائي پيارا دوستو! منهنجي انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جا ڪارڪنو، اُن جا اڳواڻو ۽ اسان جا اهي معتبر دوست، جيڪي اسان جي دوستن جي دعوت تي، امان بيبي مني رحه جي آستاني تي ڪهي آيا، انهن سڀني معتبرن کي، اسان جي عزيزن کي، اسان جي ڀائرن کي، مون مسڪين جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! هيءَ محفل ميلاد، هيءَ عشقِ آذان جا هوڪا، هيءَ اهو پيغام جيڪو اول کان آخر تائين هلندو رهندو، هيءَ اهو محبتن جو پيغام، هيءَ اهي محبتن جا انبار، جيڪي توهان جي اسان جي روپ ۾، پنهنجي محبوب ﷺ جي انهيءَ پيار محبت جو ثبوت ٿا فراهم ڪن. دوستو، هيءُ پيغام انهيءَ حيا دار جو پيغام آهي، اهو حيا جيڪو اسان جي اکين ۾ هئڻ کپي، اهو حيا جيڪو اسان جي اندر ۾ هئڻ کپي، اهو محبتن وارو حيا، اهو ادب وارو حيا، اهو احترام وارو حيا، انهيءَ حيا کي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ حيا جي پردن کي قائم رکڻ لاءِ، هُن کي پنهنجي اندر ۾ سانڍڻ جي لاءِ، توهان ۽ اسان اڄ هِن خانقاهه قلندري تي ڪهي آيا آهيون. دوستو، اسان انهيءَ جي قابل ناهيون، ته اسان توهان کان مٿي ٿي ويهون ۽ توهان اسان کان هيٺ ٿي ويهو، دوستو اوهان ڏاڍا معتبر آهيو، اوهان جو ڏاڍو مان آهي، ڇو ته توهان جو لاڳاپو، توهان جو واسطو، توهان جي عظمت محبوب ڪريم ﷺ جي انهيءَ ڪم سان آهي، اهو ڪم جنهن ۾ خالق پنهنجي مخلوق سان گڏ شامل ٿئي ٿو ۽ اسان ۽ توهان کي چوي ٿو، ته بيشڪ آئون پنهنجي ملائڪن، فرشتن سان پنهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهان ٿو اي ايمان وارو توهان به منهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهو. دوستو، توهان کي به پيغام ملي ٿو، اچو انهيءَ عمل ۾ شامل ٿيو. دوستو، اسان ته بلند با آواز چئون ٿا، ته اسين صوفي

آهيون، اسان قلندري آهيون، اسان اويسي آهيون، اسان جا انداز ٿورا مختلف آهن، اسان جي اندازن کي، توهان کي ٿورو هضم ڪرڻو پوندو، توهان کي پنهنجي معدي جو هاضمو ٿورو وڏو ڪرڻو پوندو، ٿورو وسيع ڪرڻو پوندو، ڇو ته هڪڙو اهڙو طبقو جنهن کي توهان نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي، توهان انهن کي پاڻ کان پري ڌڪي ڇڏيو آهي، انهن کي هِن رحمت ۾ پنهنجو حق ونڻ ته ڏيو منهنجو محبوب ڪريمﷺ رحمت العالمين آهي، سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهي، رحمت المسلمين نه پر رحمت العالمين آهي، انهيءَ رحمت ۾ هر هڪ جو حصو آهي، پوءِ هن جا عيب ڪٽي کهڙا به هجن، هن جا ويس ڪٽي کهڙا به هجن، پر اُن محبوب جي چائنٽ تي اچڻ کان هُن کي ڪير به روڪي ڪو نه ٿو سگهي، محبوبﷺ جي ميلاد کان هُن کي ڪير به روڪي ڪون ٿو سگهي، محبوبﷺ جي ساراهه کان هُن کي ڪير به روڪي ڪون ٿو سگهي، ڇو ته هُن جي اندر جا قلب محبوبﷺ جي عشق ۾ تمتار ٿيا پيا آهن، محبوبﷺ جي عشق سان ڀريا پيا آهن، ڇو ته هيءَ اويسي آهن، حضرت اويس رضہ کي ڪنهن ڏٺو نه، حضرت اويس رضہ جي عظمت کي، فيض کي ڪنهن به نه جانچيو جانچيو ته جانچڻ وارن ئي جانچيو جنهن سان هُن کي عشق هو انهي ئي جانچيو انهي ئي اُن ڏانهن تحفو موڪليو ڪنهن جي هٿان تحفو موڪليو پنهنجي انهن وڏن اصحابِ اڪرامن حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي سائين عليہ السلام جي هٿان، جيڪو علم جي شهر جو دروازو آهي، اسان توهان جو مرشد آهي، معرفت جو مالڪ آهي، سڄي حقيقت جي ڄاڻ رکندڙ آهي، انهن ٻنهي هستين کي محبوب ڪريمﷺ پنهنجو جبو ڏئي حضرت اويس قرني رضہ ڏانهن موڪليو ۽ حڪم ڪيائون ته، توهان حضرت اويس قرني رضہ کي چئجو ته منهنجي امت لاءِ دعا گهرن. منهنجي محبوب جي سڀني اصحابين جا مان مٿي آهن، پر اسان توهان کي ٻڌايو ويو آهي، ته هيءَ اويسي به منهنجا عاشق هوندا، منهنجي انهن عاشقن جو سلسلو هلندو ئي رهندو، منهنجي انهن عاشقن جو



سلسلو ڏينهن قيامت تائين هلندو هيءَ سلسلو ڏاڏي آدم عليہ السلام کان به اڳ ۾ شروع ٿيو آهي، پر هر ڪنهن جا انداز پنهنجا پنهنجا آهن، انهن اندازن کي هضم ڪرڻ جي توهان ۾ طاقت هجي، ڇو ته عاشقن کي توهان ڪنهن به دائري ۾ بند ڪري ڪون ٿا سگهو عاشقن کي توهان ڪنهن به هڪ جڳهه تي قيد ڪري ڪون ٿا سگهو عاشقن جي عشق جا انداز نرالا آهن، هنن جي منشور کي ٿوري سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو اڄڪلهه سوشل ميڊيا جو دور آهي، اڄڪلهه ميڊيا جو دور آهي، انهيءَ ميڊيا ۾ ڇا ڇا پيو ٿئي" انهيءَ ميڊيا اسان کان حيا شرم ڦري ورتو آهي، اهو ميڊيا جو ڏوهه ناهي، انهيءَ ۾ ڪجهه پازيٽو پهلو آهن، ڪجهه نيگيٽو پهلو به آهن، پر اسان جي معاشري تي حاوي آهي، اسان جي ماڻهن تي حاوي آهي، اسان جي نوجوانن تي به پنهنجيون سوچون پيو مڙهي، ڪجهه هنن اويسين کي موڪل ڏيو ڪجهه هنن اويسي قلندرين کي مهلت ڏيو ته انهن نوجوانن تائين پهچن ۽ انهن کي پنهنجو فلسفو ٻڌائين ۽ چون ته اهي فحاشي وارا فلسفا ڪوڙا آهن، جيڪڏهن ڪو فلسفو سچو آهي ته، اهو عشقِ مصطفيٰﷺ جو فلسفو آهي، توهان کي اسين چئون ٿا ته توهان به عشقِ مصطفيٰﷺ ۾ اچو، توهان ڪهڙي طرح به اچو پر توهان هِن عشقِ مصطفيٰﷺ ۾ انٽري ته ڪريو انهيءَ جي لاءِ ڪجهه انداز پيش ڪرڻا پون ٿا، جيڪي اسان کي صوفياء اڪرامن کان مليا، سچل سائين رح کان مليا، اسان کي ڀٽائيءَ سائين رح کان مليا، اسان کي قلندر سائين رح کان مليا، اسان کي ٻين بزرگن کان مليا، اسان کي انهن جي پيروي ڪرڻي پوندي، اسان کي اهو منشور، اهو فلسفو جنهن کي اسان جي ڌرتي وساري ويٺي آهي، اسان کي وري انهيءَ شينهن کي اٿارڻو پوي ٿو انهيءَ شينهن کي اسان کي وري سڄاڳ ڪرڻو پوي ٿو انهيءَ شينهن کي اسان کي چوڻو پوي ٿو تون پنهنجي گجگوڙ ڪر، اها سچل واري، اها ڀٽائيءَ واري، تون ڪهڙن روپن ۾ به ڪٽي ڪر، پر اهو روپ جيڪو اسان کي مليو اهو بابا سائين جي روپ ۾ مليو اهو اسان کي هِن جهان جي انهيءَ مرد مجاهد، مست ملنگ سائين محمد علي جي روپ ۾ مليو

دوستو! اسان جي هِن معاشري جا پنهنجا انداز آهن. هِن معاشري جي ماپ طور جا بہ پنهنجا پنهنجا انداز آهن. پر ڪو انهيءَ عشق جي انداز ۾ ماپي، ڪو انهيءَ محبت ۾ ماپي، تہ هُن کي ماپڻ جي بہ خبر پوي. دوستو جڏهن بيبي حوا عليہ السلام کي،

وَ قُلْنَا يٰاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا۪-وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ(35)فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ۪-وَ قُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّۚ-وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ(36)سوره البقره

جڏهن ڏاڏي آدم عليہ السلام کي شيطان اچي ڦڙڪايو. تہ انهيءَ شيطان اُن کي شجر جو ميوو کارايو جنهن کي پاڻ ڪٽڪ ٽا چئون. انهيءَ وقت علم نہ هو. انهيءَ وقت هو ڪنهن بہ علمي درسگاهہ ۾ پڙهيا نہ هئا. پر جڏهن هُنن انهن اهو ميوو کاڌو تہ هُنن پنهنجي اها حيثيت ڏٺي. تہ هڪدم هُنن کي حيا اچي ويو ۽ هُنن پَنَ کڻي پنهنجي جسم جي خاص عضون کي ڍڪيو اهو حيا جو عنصر هو اڄ ڇا آهي؟ اڄ جو معاشرو ترقي پسند آهي. اسين پڙهيل لکيل آهيون. اسان ۾ وڏا وڏا ڊاڪٽر آهن. اسان ۾ وڏا وڏا انجنيئر آهن. پر دوستو توهان ڏٺو هوندو تہ اڄ اسان جو معاشرو ڪٿي پهتو آهي. اسان جا غير ملڪي دوست اسان کي ٻڌائين ٿا. تہ سائين جڏهن اسان پڪنڪ جي لاءِ ڪنهن سمنڊ جي ڪناري تي وڃون ٿا. تہ اسان کي ڪنهن مرد ۽ عورت جي جسم تي ڪپڙو محسوس ئي ڪون ٿو ٿئي. اهو اسان جو معاشرو آهي. اسان جي نوجوانن تائين پهچي چڪو آهي. انهيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن اسان وٽ ڪو هٿيار بچيو آهي. تہ اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو هٿيار بچيو آهي. اسان پنهنجا سڀ هٿيار آزمائي چڪاسون. اهي اسان جا سڀ هٿيار ناڪام ويا. هاڻي جيڪڏهن اسان وٽ هٿيار بچيو آهي تہ اهو صوفياء اڪرامن جو صوفي ازم بچيو آهي. ڇو تہ اُن ۾ ڏي وٺ ڪونهي. اُن ۾ اهو پراڻو پيري مريدي وارو عنصر ڪونهي. اُن ۾ ڪا بہ پوڄا پاٺ ڪونهي. اُن ۾ فقط عاجزي جا سبق آهن. اُن ۾ ڪا فيس بہ



ڪونهي. قلندري سلسلي ۾ اهي سڀ شيون منع آهن. ممنون آهن. هِن ۾ جيڪڏهن فيس آهي، تہ محبوب ﷺ جي در جي فيس آهي. هنن جي جيڪڏهن فيس آهي، تہ انهن اکين جي فيس آهي، جيڪي محبوب ﷺ جي درشن لاءِ آتيون آهن. اهي اکيون چاهين ٿيون تہ ظاهري، باطني، خوابي، خيالي طرح محبوب ﷺ جو درشن ٿئي. دل چاهي ٿي تہ مونکي اها آرام ۽ سڪون واري ڪيفيت ملي. جيڪي ڪيفيتون هِن جهان ۾ ختم ٿي ويون آهن. اهي ڪيفيتون ڪيئن ختم ٿيون آهن؟ انهن ڪيفيتن کي ختم ڪرڻ وارا بہ اسان ۽ اسان جو معاشرو آهي. اسان جو آرام، اسان جي مٽن مائٽن جو آرام، اسان جي پاڙي وارن جو آرام بہ انهيءَ ڪري ختم ٿيو آهي جو اسان جا عمل ئي اهڙا آهن. اسان جا ڪردار ئي اهڙا آهن. هاڻي اسان کي اهو عظيم ڪردار هٿ ڪرڻو پوندو. جيڪو ڪنهن بہ هستيءَ کان مٿانهون هجي. ماپڻ کان مٿانهون هجي. اهو ڪردار اسان جي رحمت العالمين جو آهي. جيڪو رحمت آهي. اسان کي محبوب ﷺ جي سوانحيات تي هلڻو پوندو. اسان کي محبوب ﷺ جي حديثن تي هلڻو پوندو. اسان کي محبوب ﷺ جي حسنِ اخلاق تي هلڻو پوندو.

عن عائشة، ان ابا بکر دخل عليها وعندها جاريتان فى ايام منى تغنيان وتضربان، ورسول الله صلى الله عليه وسلم مسجى بثوبه، فانتهرهما ابو بکر، فکشف رسول الله عنه، وقال: ”دعهما يا ابا بکر فإنها ايام عيد “ (صحيح مسلم 2063، 2061، صحيح بخاري 3931، 952، 2906، سنن ابن ماجہ 1898)

هڪڙي دفعا عيد جو ڏينهن هو بيبي عائشہ رضہ ٻاهر هئي، منهنجا محبوب ڪريم ﷺ چادر اوڍيو آرامي هئا، اُن وقت انصار جو ڪي عورتون آيون، امان عائشہ وٽ اچي دڦ وڄائي، ان تي نچي رهيون هيون تہ اتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ مٿان پهچي ويو منع ڪيائين. چيائين تہ توهان هيءَ ڇا پيا ڪريو محبوب ڪريم ﷺ آرامي آهن. توهان هيءَ ڪهڙو فعل پيا ڪريو تہ محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي چادر لاهي ۽ فرمايائون تہ توهان هِنن کي پلي پنهنجيون ادائون پوريون ڪرڻ ڏيو هِنن

كي توهان منع نہ ڪريو. هاڻي توهان اندازو ڪريو تہ محبوب ﷺ جا اصحاب هنن جي فعل کان بہ اسان کي منع ناهي، هاڻي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جنهن کي دڦ کان ۽ نچڻ کان منع ڪئي، اهو سلسلو ٿي ويو نقشبنديا، محبوب ڪريم ﷺ چادر ۾ ويهي ڀڏو ۽ نہ ها ڪئي ۽ نہ وري نہ ڪئي اهو سلسلو ٿي ويو قادريا ۽ سهروورديا، پر محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي چادر لاهي جيڪو فرمايو تہ توهان پلي پنهنجي انداز سان ڪريو اهو سلسلو آهي چشتيا ۽ قلندريا. جيڪو توهان ۽ اسان وٽ رائج آهي، هاڻي اها منهنجي محبوب ﷺ جي حديث آهي، معنيٰ محبوب ﷺ کي ماٺ وارو انداز بہ پسند، ۽ هيءَ انداز بہ پسند آهي، اسان کي ڪنهن بہ انداز سان منع ڪونهي پر اهي ٽئي انداز هلندا پيا اچن، اڄ آئون توهان کان ٿو پڇان، تہ هن برصغير ۾ جنهن ۾ صوفياء اڪرامن جي ڪري دين اسلام ڦهليو انهيءَ مان توهان خواجہ معين الدين چشتي رح، بختيار ڪاڪي رح، محبوب نظام الدين رح، بابا فريد گنج شڪر رح جو بہ نالو ڪٽيو توهان مهر علي شاهہ رح جنهن قاديانين کي ڪافر قرار ڏنو توهان اُن جو بہ نالو ڪٽيو هُن جي پوئلڳن جا بہ نالا ڪڍو توهان سچل سائين رح جو بہ نالو ڪڍو توهان ملتان واري سائين غوث بهاول الدين حق رح جو بہ نالو ڪڍو، توهان ائين سيني بزرگن جا نالا ڪڍو اُنهن جي ڪردار جي ڪري جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا، انهن جا بہ نالا ڪڍو باقي توهان وٽ اسلام آهي ڪٿي، آئون توهان کان ٿو پڇان ٿو تہ جيڪڏهن توهان انهن جا نالا ٽا ڪڍو تہ باقي توهان وٽ مذهب اسلام آهي ڇا؟.

دوستو! اسان جي برِصغير ۾ انهن ئي صوفياء اڪرامن اسلام ڦهلايو، انهن صوفياء اڪرامن جي معرفت جي ڪري ئي اسان کي اسلام مليو جيڪو اسلام اڄ توهان ڏسو پيا، توهان کي وک وک تي انهن الله واري بزرگن جو درگاهون ملنديون، جيڪي آرام گاهہ آهن سڪون جو جتي اسان ۽ توهان بغير ڪنهن فرقي جي وڃي حاضريون پيا ڀريون، پر غير مسلم بہ انهن الله وارن جون حاضريون ڀرين ٿا، اهو ڇا آهي؟ اهو پائيچارو آهي، اُنهن



صوفياء اڪرامن اسان کي انسانيت جو درس ڏنو اسان کي پائيچارو ڏنو اڄ اسان پاڻ ۾ جانچيو ٿا تہ انسانيت آهي ڪٿي، ڪهڙي روپ ۾ آهي، ڪهڙي انداز ۾ آهي، توهان ڏسو اڄ اسان جي انسانيت مال کي ميڙڻ ۾ آهي، اڄ جي انسانيت اسان کي ٻڌائي ٿي تہ جيڪڏهن وجهہ ملي تہ ڪنهن کي بہ ڇڏڻو ناهي، ڇا منهنجي محبوب ﷺ جو اهو ڪردار آهي؟ ڇا منهنجي محبوب ﷺ جي سوانحيات مان توهان کي اهو ڏس ٿو ملي، تہ حرام جا مالا ڪاڏا وڃن ۽ اعتڪاف تي اعتڪاف ڪيا وڃن. ڇا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو اهو فرمان آهي؟ دوستو اسان کي صوفياء اڪرامن وارو پيغام ڦهلائڻو آهي، اسان تي الله سائين جون وڏيون مهربانيون آهن، جو لعل شهباز قلندر رح جهڙي هستي اسان کي سنڌ ۾ ملي آهي، اسان تي الله سائين جا وڏا احسان آهن، جو هتان هِن ڌرتيءَ تان ڪربين درود پاڪ انهيءَ هستيءَ کي ٿا ملن، اسان جو جهان اُن کي ڪٽي ڪيئن بہ سمجهي، پر اها هستي بہ اسان منجهان آهي، جنهن هستيءَ جي ڪري هِن ڌرتيءَ تان ڪربين درود پاڪ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي ٿا ملن، انهيءَ هستيءَ جو نالو آهي سائين محمد علي بلوچ رح، پلي ڪٽي ڪنهن کي نالو هضم بہ نہ ٿئي، پلي ڪٽي اُن کي ڪير بہ ڪهڙي انداز سان ڏسي، پر آهي ڪو اهڙو ماڻهو جيڪو بغير ڪنهن فيس جي، بغير ڪنهن سواريءَ جي، بغير ڪنهن خرچ جي، پنهنجي جوانيءَ کي تباهہ ڪري، پنهنجيون خوشيون سڀ تباهہ ڪري ۽ توهان هڪ هڪ وٽ وڃي، اڄ هتي ڪمون شهيد کان بہ دوست آيل آهن، اڄ هتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان دوست آيل آهن، آئون اُنهن کان پڇان ٿو تہ توهان ڪڏهن سائين محمد علي رح کي ڪو پاڻو خرچ ڏنو هو؟ اهو توهان وٽ ڪيئن پهتو؟ انهيءَ کي توهان وٽ پچائڻ وارو عشقِ مصطفيٰ ﷺ هو هُن جي اندر ۾ جيڪو عشقِ مصطفيٰ ﷺ اچي ويهي رهيو انهيءَ هُن جي اندر کي صاف ڪري اهڙو تہ پاڪيزه ٿاهيو جنهن جي ڪري هُن جي اندر مان نفرتون ختم ٿي ويون، هُن وٽ رُڳو پيار ئي پيار باقي رهيو هُن وٽ پائيچارو آيو هُن ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي پڌايو نہ، هُن جي

اندر مان انا وارو عنصر هليو ويو. هُن وٽ عاجزي آئي، جنهن جي ڪري هزارين ماڻهو هُن جا عاشق بڻيا. اڄڪلهه ٿورو ئي ڪنهن کي پروٽوڪول ملي ٿو. ٿورو ئي مان مرتبو ملي ٿو. تہ اهو ٿو سمجهي تہ وڏو پِير آئون آهيان، اهو ٿو چاهي تہ آئون پنهنجا ڪي پارٽنر ٺاهيا. جيڪي اڌ مال پاڻ کڻن ۽ اڌ مال مون تائين پهچائين. جيڪڏهن اڄڪلهه ڪو نعت خوان آهي تہ اهو بہ پهرين پنهنجي فيس طئہ ٿو ڪري، جيئن دوا جو پرچو انهيءَ ميڊيڪل اسٽور ڏانهن ٿا موڪلين جتي انهن جي ڪميشن آهي، هو الٽرا سائونڊ لاءِ انهي ليبارٽري ڏانهن پرچو ٿا موڪلين جتي انهن جي ڪميشن آهي، هو رت جي ٽيسٽ لاءِ بہ انهن ڏانهن ٿا موڪلين جتي هُنن جي ڪميشن آهي. ائين وري اسان جهڙا پِير. نعت خوان پاڻ سان گڏ اهي ٿا کڻن جِن ۾ هُنن جو اڌ حصو پتي آهي ۽ پاڻ سان گڏ واعظين بہ اهي ٿا کڻن. جن ۾ هُنن جو اڌ حصو پتي آهي. اسان تہ بابا فقراء آهيون، اسان نہ واعظين آهيون، نہ مقرر آهيون، اسين محبوبن جي چائنٺ جا چمندڙ آهيون، اسان جو محبوبن جي چائنٺ سان واسطو آهي، اسين محبوب ﷺ جي انهي چائنٺ جا طالب آهيون، اسان سيني ۾ ڪو بہ معتبر ڪونهي، معتبر اهو آهي جيڪو عاشقِ رسول ﷺ آهي، معتبر اهو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي اندر سان وڙهي، پنهنجي هِن ظالم نفس سان ويڙهہ ڪري، هِن کي سڌو سنئون ڪري، هن کي ماري ميجائي، هِن تي قبضو ڪري، هِن تي سواري ڪري، اسان بہ انهيءَ جا طالب آهيون، چو تہ پهرين ويڙهہ تہ پنهنجي پاڻ سان آهي، پوءِ آهي جهان سان ويڙهہ. جيڪو پنهنجو پاڻ سان ويڙهہ ۾ هارجي وڃي، اهو جهان تي ڪيئن فتحياب ٿيندو. فتحيابي جهانن تي اُهي ڪن ٿا جن وٽ دليون قبضي ۾ آهن، پهرين پنهنجي دل کڻي پنهنجي محبوب ﷺ جي پيرن تي ٿا رکن، پوءِ محبوب ﷺ اها دل پنهنجي هٿن ۾ رکي، اها دل منظور ٿو ڪري، پوءِ جڏهن اها دل محبوب ﷺ واپس ٿو موٽائي، تہ اُن دل مان اهڙا تہ شعاع ٿا نڪرن، هزارين ماڻهو انهن شعائن جا طالب ٿا بڻجيو وڃن. ائين ئي توهان ۽ اسان جو سلسلو آهي، اسان جو ۽ توهان جو سلسلو سيني ناپاڪين کان



پاڪ آهي، ها اسان ميجون ٿا تہ اسان گنهگار آهيون، اسان عيبدار آهيون، جيڪڏهن اسان ائين نہ هجون ها تہ خالق حقيقي ائين نہ چئي ها تہ، آئون ڪو بخشڻهار آهيان، خالق حقيقي کي ائين نہ چيو وڃي ها تہ تون رحيم آهين، اهو انهيءَ ڪري ٿو چيو وڃي تہ اسان گنهگار آهيون، تڏهن اسان انهيءَ رحمت ۾ حصو پتي وٺڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون. اڄڪلهه هر ڪنهن جو اولاد چوي ٿو تہ آئون پنهنجي پيءُ جي مسند تي ويهان، هرڪو ٿو چوي تہ آئون اُن جو مالڪ آهيان، ڊاڪٽر جو پُٽ اڃا پيدا ئي ڪون ٿو ٿئي، تنهن کان اڳ ۾ ئي ڊاڪٽري ڪرڻ شروع ٿو ڪري، جيڪڏهن هُن جو ڪو پٽ ناهي تہ پاڙي وارو چوي ٿو. تنهنجو اولاد ناهي تہ ڇا آهي، آئون وينو آهيان، آئون تنهنجي مسند تي حاوي ٿو ٿيان.

ائين هڪڙو الله وارو بزرگ. انهيءَ وقت جو پهتل بزرگ، اُن جو پُٽ ڪبوترن جو شوقين هو. هُن جو والد فوت ٿي ويو. اُن جي والد مان هزارين ماڻهو فيض ياب ٿيا. هڪڙي دفعا اهو ڇوڪرو مٿي ماڙيءَ تي وينو هو تہ. اُن جي نظر هيٺ هڪڙي مڱڻهار (ميراسي) تي پئي، اُن کي خوبصورت پِيرن وارا ڪي جبا پاتل هئا. (دوستو هيءَ جبا مون مسڪين ڪون پاتا آهن، اهي توهان جي محبتن ۽ پيار پارايا آهن، مون کي انهن جبن جي ڪا بہ پرواهہ ڪونهي، مونکي جبا اڳ ۾ ئي محبوبن پارايا آهن، مونکي هِنن جبن جي ڪا ڪپت ڪونهي، اسان کي انهيءَ واٽ تي آندو اٿن جتي سون ۽ مٽيءَ ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي، اسان جي اندر مان محبوبن اهي سڀ شيون ڪپي، ڪوري ڪڍي، ڪوڪلو ڪري، پوءِ اڃي توهان جي سامهون پيش ڪيو اٿن) سو ڇوڙ جو اهو مقصد تہ انهي ڇوڪري چيو تہ. ڪڏهن ميراثي بہ بزرگ ٿيا. تہ هُن ميراثي دانهن ڪري چيو. تہ جيڪڏهن توهان فيض وارن جو اولاد ڪبوتر بازي ڪندو. توهان سيدن جو اولاد جيڪڏهن ٻيا ڪم ڪندو. تہ هِن وقت ۾ ميراثي فقير نہ ٿيندا تہ ٻيو ڪير ٿيندا؟ معنيٰ هُن کي طعنو هنيو. انهيءَ طعني هُن ڇوڪريءَ کي ايترو اثر ڪيو جو. هُن اڃي پنهنجي ماءُ جا پير چمي چيائين تہ. مونکي منهنجي بابي جي، منهنجي مائٽن جي ملڪيت

جي باري ۾ ٻڌاءِ جيڪا آئون پنهنجي بابي کان حاصل ڪري نہ سگهيس، اڄ مونکي اها ياد آئي آهي، مونکي ٻڌاءِ اها آئون ڪٿان حاصل ڪريان. اُن جي ماءُ چيو بابا ٻي تہ مونکي ڪا خبر ڪونهي، پر تنهنجي پيءُ جا ٻہ ٽي خليفا آهن، پر هينئر انهن مان هڪڙو وڏو خليفو زنده آهي، اهو فلاڻي هنڌ آهي، تون اتي وڃ. جڏهن هُن خليفي ڏانهن پيغام ويو تہ تنهنجي مرشد جو پُٽ پيو اچي، تہ هو پنهنجا پيروڪار وٺي وڏي شان شوڪت سان هُن جو استقبال ڪرڻ ويو جڏهن هُن ڇوڪري سان مليو تہ، چيائين تون ڪيئن آيو آهين، ڇوڪري چيو تہ آئون بابا جي ورهاست وٺڻ آيو آهيان، تہ هڪدم هُن ڇوڪري کان پروٽوڪول ڦريا ويا ۽ پنهنجي پيروڪارن کي چيائين تہ هِن کي اتي وڃي رکو جتي منهنجو پالتو مال آهي ۽ پنهنجي پيروڪارن کي چيائين تہ هِن کي اها ماني ڏجو جيڪا مال چارڻ وارن جي لاءِ هوندي آهي، هِن منجهان خودي جيڪا آئون فلاڻي جو پُٽ آهيان، اها هِن منجهان ختم ٿئي، هُن ڇوڪري کي سال ٽي ويو سال ڪانپوءِ هُن پنهنجي خادمن کي چيو، تون چيٽن جو پريل ٿاليون ڪٽي وڃي هُن جي اڳيان اڇل ۽ ڏسي تہ هو ڇا ٿو چوي، اهو بہ اچي مونکي ٻڌاءِ، خادم اچي خليفي کي ٻڌايو تہ مون جڏهن هُن جي اڳيان چيٽن جون پريل ٿاليون اڇليون تہ مونکي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين تہ، ڇا هيءَ ٿاليون توکي هتي ئي اڇلڻيون هيون، خليفي چيو اڃا توکي ائين چيائين، پوءِ پلي اڃا بہ هڪڙي سال ائين هلي، پوءِ جڏهن اهو سال پورو ٿيو تہ وري بہ اُن خادم کي خليفي حڪم ڪيو تہ، وڃ وري بہ چيٽن جو پريل ٿاليون ان جي اڳيان وڃي اڇل ۽ جيڪو هو چئي اهو مونکي اچي ٻڌاءِ، خادم پنهنجي خليفي کي چيو هِن پيري هُن پنهنجو صرف ڪنڌ هيٺ ڪيو پر ڪجهيو ڪون، خليفي چيو اڃا بہ هُن کي هڪڙو سال ائين هلڻ ڏيو جڏهن ٽيون سال بہ پورو ٿيو تہ، وري بہ خليفي پنهنجي خادم کي حڪم ڪيو تہ تون چيٽن جو پريل ٿاليون ڪٽي وڃي هُن جي اڳيان اڇل ۽ هِن دفعي هو ڇا ٿو چوي اهو بہ اچي مونکي ٻڌاءِ، جڏهن هوءَ چيٽن جو ٿاليون ڪٽي اتي پهتو تہ اُن ڇوڪري چيو اهي چيڙا ڪٽي مونکي ڏي تہ، آئون پنهنجي مٿي تي



رکان، هُن خادم اچي پنهنجي خليفي کي ٻڌايو خليفي چيو اڄ هو انهيءَ امتحان مان پاس ٿيو هن ۾ جيڪا انا ۽ خودي واري باهہ هئي اڄ اها ختم ٿي وئي، اڄ اڄ تہ آئون توکي پنهنجي سيني سان لاهيان، اڄ تون انهيءَ جي قابل آهين تہ توکي تنهنجي پيءُ جو ڪم، تنهنجي پيءُ جو ڦل، تنهنجي پيءُ جي محنت توڏانهن منتقل ڪريان.

دوستو! صوفي ائين آهن، هٽ نوڪيا صوفي ڪون ٿا ٿين، مٽڪا پائڻ سان صوفي ڪون ٿا ٿين، پيالا، ڦڪا، پٽڪا پائڻ سان صوفي ڪون ٿا ٿين، بہ ٽي ڪلاڪ واعظ ڪرڻ سان صوفي ڪون ٿا ٿين، انهن جا استاد انهن مان هيءَ جوس ٿا ڪڍن. جيئن دوستو توهان ڏهہ ڏهہ پندرهہ پندرهہ سال پڙهڻ ڪانپوءِ ٿي ٿا وڃي سرٽيفڪيٽ ماڻيو پوءِ توهان ڊاڪٽر ٿيو ٿا، پوءِ توهان انجنيئر ٿيو ٿا، ائين الله سائين پنهنجا منصب ائين ڪون ٿو ڏئي، ائين سڀ تمنائون، سڀ شيون هُن مان ڪپي ختم ڪري، هڪڙي هڪڙي شيءِ تي نوڪ نوڪا ٿئي ٿي، اڃا هِن ۾ ڪچو آهي، اڃا هِن ۾ ڪچو آهي، وري بہ سال هل، صفا هڪڙي انچ جي بہ جيڪڏهن هُن ۾ حرامپائي آهي تہ اُن کي هِن منصب کان پري ٿا ڪن، جڏهن هو سيني شين تي پورو لهي ٿو تہ پوءِ هُن کي ڪن ٿا پنهنجو رازدان، پوءِ هُن جي اڳيان ڪن ٿا پنهنجا راز ظاهر، هميشہ راز انهن جي اڳيان کوليا ويندا آهن، جن جا هاضما بہ ايڏا وڏا هجن، جيڪي ماڻهن جا ڏک سک سهي سگهن، انهن جي برداشت جو مادو بہ ايڏو هجي، جيڪو پراون کي بہ پنهنجو ڪري، پنهنجن کي تہ پنهنجو ڪري پر پراون کي بہ پنهنجو ڪري، جن پيٽڪيل کي اسان هٿ ڏيڻ لاءِ بہ تيار ناهيون، جن لاءِ اسين چئون ٿا تہ هيءَ زاني، شرابي، چور، بدمعاش آهي، اسان وري واسطا انهن سان رکون ٿا جن جا چهرا سڌريل آهن، انهن کي اسان چئون ٿا هيءَ معتبر آهن، اسان وٽ پيمائش ڪهڙي آهي؟ اسان وٽ پيمائش فقط ظاهري آهي، اسان جو معاشرو فقط ظاهريت تي آهي، جيڪڏهن ظاهري ڪو پروٽوڪول پلو آهي، ڪا سواري پلي آهي تہ اهو ٿي ويو معتبر. منهنجو محبوب ڪريم ﷺ چاليهہ سال وحي اچڻ ڪانپوءِ بہ پهاڙين ۾ ويندا، اهو چو

وينا؟ ڇا جي لاءِ وينا؟ اڄ اهائي تہ سوانحيات آهي، جنهن تي هِنن فقيرن کي ئي عمل ڪرڻو آهي، جهان وارا عمل ڪون ڪندا. توهان نوجوانون انهيءَ فلسفي جا مالڪ آهيو، توهان کي هيءَ فلسفو اهڙو تہ سنواريندو جو توهان ظاهر ۾ بہ ڪامياب هوندا. پر توهان جنهن بہ فيلڊ ۾ ويندا توهان ڪامياب تر ٿيندا، ڇو تہ توهان جي هٿن ۽ پيرن کان ڪنهن کي ايذاءُ ڪون پهچندو، منهنجو محبوب ڪريمﷺ چوي ٿو، مسلمان اهو ناهي جيڪو حج ڪري، اعتڪاف ڪري، پنج وقت نماز پڙهي، پوءِ وڃي وياج، جيڪو ٻئي ٽئي مهيني اعتڪاف ڪري ۽ واپسي اچي پوءِ ڇا ڪري؟ بي ايماني ڪري، اهو ماپ طور ۾ گهٽتائي ڪري، ڪلو ڪير ۾ اڌ ڪلو پاڻي نہ تہ برف جو ڳنڍو تہ هڻي ئي هڻي، ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پيسا تہ وڌيڪ ملن، پر انهن سيني شين کان محبوب ڪريمﷺ منع ڪئي آهي، اسان انهيءَ سوانحيات تان هٽي ويا آهيون، اسان رُڳو ظاهر کي ٿا ڏسون، اسان ظاهر کي ڏسي پوءِ جهومون ٿا. پوءِ پنهنجا خرچ سڀ انهن تي ٿا هڻون، پوءِ پلي ڪٽي انهن جي پيٽ ۾ وڏيون وڏيون ڇريون هجن، پر صوفي ازم، اويسي قلندري طريقو، توهان کي اِنهن شين کان منع ڪندو، هيءَ اويسي قلندري سلسلو توهان کي پهرين انسان ٿيڻ جي تاڪيد ڪندو، پهرين توهان کي چوندو تہ توهان انسانن واريون خوبيون پنهنجو پاڻ ۾ آڻيو، توهان انسان ٿيو، اهو ڪم جانورن جو آهي، اڄ انسانن جي روپ ۾ جانور آهن، جيڪي انسانن کي پيا پٽين، اهي انسان ڪونهن، انسانن جو اهو ڪم ناهي، جيڪو جانورن جو ڪم آهي، اهو اڄ جي دور ۾ انسانن شروع ڪيو آهي. هيءَ فلسفو، هيءَ سلسلو توهان کي انهن شين کان پاڪيزه ڪندو، توهان کي اها تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو جنهن ۾ مائٽ جو بہ احترام، پنهنجن جو بہ احترام، پر اکين تي بہ پابندي، هٿن پيرن تي بہ پابندي، توهان جي وک وک تي پابندي، هر طرح سان پابندي، اها پابندي تڏهن ٿيندي جڏهن توهان جو واسطو عظيم رهبر سان ٿيندو، جيڪو سڄي ڪائنات جو رهبر آهي، جيڪو انسانيت جو رهبر آهي، پر عالم اسلام کان هٽي ڪري، هر شيءِ جو رهبر



آهي، ان سان توهان جو واسطو ڪيئن قائم ٿيندو؟ ان سان توهان جو واسطو درود پاڪ جي ڪري قائم ٿيندو جيڪو توهان جي هٿن ۾ آيو آهي، جڏهن توهان چوويهہ ڪلاڪ ڪثرتِ درود پاڪ ۾ قائم هوندا تہ توهان کان ڪيئن غلط ٿيندو جنهن هنڌ تي ويهي، جنهن مقام تي ويهي، جنهن منصب تي ويهي منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود پڙهيو وڃي، آئون توهان کان پڇان ٿو تہ. توهان پنهنجي ساراهہ ڪرڻ واري دوست کي اٿي پادر هڻندا؟ نہ. توهان چاهيندا تہ توهان جي دوست جي ڪير توهان جي اڳيان ساراهہ ڪري ۽ توهان اُن کي باهہ ۾ هڻو نہ. تہ الله سائين نہ چاهيندو تہ محبوب ڪريمﷺ تي درود پڙهڻ وارو ماڻهو ڪو جهنم ۾ وڃي، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي ساراهہ ڪرڻ وارو، منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي پنهنجيون خوشيون، پنهنجيون جوانيون، پنهنجو ٽائيم وقف ڪرڻ وارو، ڇا الله سائين چاهيندو تہ منهنجي محبوبﷺ تي وقت ڏيڻ واري کي آئون جهنم ڏانهن موڪليا؟ قطعي نہ. جيڪو نبي ڪريمﷺ جو چاهيندڙ آهي، جيڪو منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي ڪثرت سان درود پڙهي ٿو ان لاءِ جهنم آهي ئي ڪون، جهنم تہ انهن لاءِ آهي جن هِن جهان ۾ انسانيت جو قتل ڪيو، جن مسلمانيت جا روپ ۽ ويس ڏاري مسلمانيت کي بہ قتل ڪيو، جن ڪلمي گو ٿي ڪري انسان کي بہ فريب ۽ دوکا ڏنا. اها جهنم انهن منافقن لاءِ آهي، انهن عاشقن لاءِ ڪونهي.

دوستو! جنهن هنڌ تي، جنهن مقام تي، اڄ توهان اسان وينا آهيون، جهڙي بہ حال ۾ آهيون، پر هيڏي وڏي انداز ۾ آهيون، پاڻ ڇا پيا ڪريون؟ محبوب ڪريمﷺ جو نالو پيا وٺون، ڇا جي محفل آهي؟ ڪثرت درود پاڪ جي محفل آهي، جنهن مقام تي ويهي منهنجي محبوب ڪريمﷺ کي ياد ڪيو وڃي، جنهن مقام تي ويهي منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي ساراهہ ڪئي وڃي، ڀلا اها ڪنهن جنت کان گهٽ آهي، جتي منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي واکاڻ ڪئي وڃي، اڄ جنت الرياض کي بہ انهيءَ ڪري جنت الرياض ڪيو ويو آهي، جو منهنجي محبوبﷺ جو همسايو

آهي، جنت الرياض کي الله سائين ايڏو وڏو مقام انهيءَ لاءِ ڏنو آهي جو اُن کي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو بدن پيو لڳي، توهان تي اسان تي ڇانوَ ڪنهن جي آهي؟ انهيءَ محبوب ڪريم ﷺ جي ڇانوَ آهي، محبوب ڪريم ﷺ جي حديث،

**1. عن الحسن بن على رضى الله عنه أن رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم قال: حيثما كنتم فصلوا عَلَيّ فإن صلاتكم تبلغنى.** (طبرانى، المعجم الاوسط، 1 : 117، رقم : 365، هيثمى، مجمع الزوائد، 10 : 162، منذرى، الترغيب والترهيب، 2 : 362، رقم : 2571، مناوى، فيض القدير، 3 : 400)

”حضرت حسن بن علي رضہ الله عنہ کان روايت آهي تہ، حضور صلي الله عليہ وسلم ارشاد فرمايو تہ، توهان جتي بہ هجو مون تي درود موڪليندا ڪريو، بيشڪ توهان جو درود مون وٽ پهچي وڃي ٿو“

**2. قال رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم: من صلى عَلَيَّ بلغتنى صلاته وصليت عليه وكتبت له سوى ذلك عشر حسنات.** (طبرانى، المعجم الاوسط، 2 : 178، رقم : 1462، هيثمى، مجمع الزوائد، 10 : 162، منذرى، الترغيب والترهيب، 2 : 326، رقم : 2572)

توهان جو درود مون وٽ پڄايو ٿو وڃي، يا آئون پاڻ ٿو ٻڌان، جنهن جو درود منهنجو محبوب ڪريم ﷺ پاڻ ٻڌي، جنهن ڏانهن منهنجو محبوب ڪريم ﷺ توجہ ڪري، ڇا انهن جا بدن ڪي گهٽ آهن، منهنجو محبوب ﷺ ابوجهل جهڙي تي بہ هٿ ٿو ڦيري تہ الله سائين اُن جو بدن بہ باھ ڏانهن ڪون ٿو موڪلي، انهيءَ ۾ اصحابِ ڪهف جي ڪتي جو روح ٿو وڏو وڃي.

دوستو! توهان کي انهيءَ راز جي خبر پئجي وڃي، جيڪو محبوب ﷺ جي عشق جو راز آهي، جيڪو محبوب ﷺ جي تعريف جو راز آهي، تہ توهان عاشق تي نڪرو، ائين ڪريو جيئن سائين محمد علي بادشاھ رح ڪيو، ائين ڪريو جيئن اسان جا دوست ڪن ٿا. دوستو، توهان جا پاڳ، آئون چوان ٿو توهان جي ست نسلن جا پاڳ، ست توهان جو نسلون اڳ ۾، ست توهان جون نسلون بعد ۾، جيڪڏهن توهان جي پاڳن تي ويهي ناز ڪن تڏهن بہ توهان جو پاڳ اونچو. اڄڪلھ جو دور، اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻچن کي تعليم ڏيون ٿا تہ، اسين ڏاڍا خوش ٿيون ٿا تہ اسان جا



ٻچڙا هيءَ ٿي ويا، پر سالن ۾، مهينن ۾، اهي شيون وسري وڃن ٿيون، اسان ڏاڍا خوش ٿا ٿيون تہ اسان جو اولاد پڪو ٿي ويو آهي، پر دوستو پڪا تہ اوهين ٿي ويا آهيو جن جي قلبن تان سالن کانپوءِ بہ منهنجي محبوب ﷺ جو نالو مٽيو ناهي، توهان کي طعنا مليا، توهان کي تنڪا مليا، توهان تي فتوائون آيون، توهان جي پنهنجن بہ ويهي توهان جي واٽن تي ڪنڊا اڇليا، پر توهان محبوب ﷺ جي نالي کان هٽيا ڪون، اڄ بہ توهان پنهنجي محبوب ﷺ جي عيد شايان شان سان ملهائي آهي، نچي ۾ ڪڏي ملهائي آهي. دوستو عيدون ۾ خوشيون نچي ئي ملهائبيون آهن، روئڻ وارا روئيندا آهن ۾ خوشين وارا خوشيون ڪندا آهن، جن کي محبوب ﷺ ملندو، اهي خوش ٿيندا ،نچندا.

دوستو اسان ڪا بہ حد پار ڪون ڪئي آهي، آئون توهان کي قرآن شريف منجهان هڪ آيت ٻڌائيندس، تہ اسان جا دوست جيڪي سماع ٿا ڪن، قوالي ٿا ٻڌن، قوالي اردو وارن جي پنهنجي آهي، پاڻ سنڌين جو وري صوفي راڳ آهي، پر آهي اها ئي شيءِ، قرآن شريف ۾ آهي تہ،

الَّذِينَ يَسْتَمِعُونَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُونَ أَحْسَنَهُ.(الزمر 18)

”اُهي ماڻهو جيڪي قول کي ٻڌن ٿا ۽ اُن ۾ جيڪو ڪجھ سنو آهي اُن تي عمل ڪن ٿا“. هاڻي قرآن شريف جي تفسير ڪٽي ڪير بہ ڪري، پر اهو قول منجهان قواليءَ جو الفاظ آهي، اهو قول آهي صوفياء اڪرامن جا قول، انهن جو اهي شاعريون، اهي بيت جيڪي وڃي انسان کي انسان ڪن ٿا، محبوب ﷺ جي محبت ٿا ڏين، اُهو قوالي جو روپ، اُهو صوفي ازم جو روپ، اهو ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾، ها اُن ۾ اجايا ڪي فنڪار اچي وڃن، اها شاعري بيڪار اچي وڃي، جيڪا توهان کي فحاشي جي طرف وٺي وڃي، اها ناجائز آهي، جيڪا شيءِ توهان کي حقيقي خالق ڏانهن وٺي وڃي، اُن جي وحدانيت ڏانهن، اُن جي احديت ڏانهن، انهيءَ محبوب ﷺ ڏانهن جيڪڏهن توهان کي وٺي وڃي تہ اها سراسر سچ آهي، حق آهي، اها تفسير مون نہ ڪئي آهي، پر وڏن وڏن عالمن ڪئي آهي، اهي جيڪي انهيءَ

سلسلي سان وابستا آهن. وڏا وڏا محدثين، انهن هن جي معنيٰ ڪئي آهي، انهيءَ قول منجهان قوالي کي ٽوڪيو ويجي.

دوستو! هيءَ عشق جا انداز آهن. توهان جي عشق ۾ توهان جي مرضي آهي، توهان اُن کي ڪهڙي به انداز ۾ ڪريو ڇو ته توهان پنهنجي محبوب ﷺ جي اڳيان ٿا ڪريو. توهان اسان ڪنهن به اڳواڻ جي اڳيان نچون ڪون ٿا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح جي قول مطابق ته، سيوهڻ جو سائين ڌمال پيو هڻي، محبوب ڪريم ﷺ ڪرسيءَ تي جلوه افروز آهن. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح ڪو عام انسان ڪونهي، باشريعت بزرگ آهي، سو اسان به جيڪڏهن ڌمالون هڻون ٿا ته عشق جون هڻون ٿا. اسان جيڪڏهن سماع ٿا ڪريون ته، اسان ڪنهن جهان وارن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪون ٿا ڪريون. پر اسان محبوب ﷺ جي خوشي ٿا ملهايو، اُن جو ميلاد ٿا ملهايو، جنهن جي رحمت ۾ اسان پنهنجا گناهه لڪايا آهن. اسان جا ايڏا ته گناهه وڏي ويا آهن، جو ڪير به اسان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي، ڪنهن به اسان کي پنهنجون ڪون ڪيو اسان کي سڀني چيو ته توهان ڀٽڪيل آهيو. توهان ۾ عيب آهن توهان ڇوڪرا آهيو توهان کي پينٽون شرٽون پاتل آهن. توهان کي مڇون ڪونهن. توهان جا وار وڏا آهن. پر اسان کي محبوب ﷺ جي رحمت ۾ ڪنهن آندو حضرت لعل شهباز قلندر رح آندو، اسان کي ڪنهن آندو، بابا سائين احمد علي قريشي رح آندو اسان کي پاڪرن ۾ وجهي سائين محمد علي بادشاهه رح چيو ته، توهان جهڙا آهيو پر توهان درود پاڪ جو ڪم ڪيو توهان پاڻهي اگهجي ويندا، ڪنهن ٽائيم ڪانپوءِ توهان جا چهرا به تبديل ٿي ويندا.

سو دوستو اسان انهيءَ تي عمل پيرا آهيون، اسان علم ۽ عقل واريون ٻيڙيون سيئي ساڙي ڇڏيون آهي، هاڻي اسان عشق جي ٻيڙي مٿان وينا آهيون، هاڻي عشق جي ٻيڙي ڪٿي بيهي ئي ڪون ٿي، اُن جي هڪڙي ئي واٽ آهي،



''اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ''

اها ٻيڙي ڪٽي اسان کي محبوب ﷺ جي چائنٽ تي ويندي. پوءِ جهڙا آهيون محبوب ﷺ جي مرضي، پوءِ به اسان کي اميد آهي ڇو ته اسان جو محبوب ﷺ رحمت العالمين آهي، اسان کي پنهنجي رحمت ۾ لڪائيندو، اسان جا گهڻا عيب آهن. دوستو انهيءَ جي باوجود به جيڪي اسان جا دوست هتي آيا آهن، اسان جي هيءَ محفل ٻڌن پيا. جيڪي نوان آهن، انهن کي به عرض آهي ته هِن مٺاس جو مزو چکو هِن چاشنيءَ مان ٿوروئي چکو هيءَ عشق جي چاشني آهي، ڪائي وٺو ڪهڙي به روپ ۾ آهيو، ڪهڙي به حال ۾ آهيو اسان وٽ ائين ناهي ته اسان توهان جا عيب ڪڍو، ڇو ته انهن جو ڍڪ الله سائين وٽ آهي، پاڪرن ۾ وجهڻ وارو توهان جو محبوب ﷺ آهي، جيڪا واٽ اسان کي ملي آهي، اها اسين پٽيوالي جي صورت ۾ توهان کي ڏيڻ جي ڪوشش پيا ڪريون. ته توهان اها واٽ وٺو. ٽائيم تمام ٿورو آهي، قحط جو دور آهي، انسانيت جي قحط، ڀائيچاري جي قحط، مٺين مائيٽين جي قحط، دوستن جي قحط، وفاداري جي قحط. هِن قحط جي دور ۾ اهڙي مستي جيڪڏهن توهان کي ملي ٿي، هي محبتن جو پيار ٿو ملي ته توهان اکيون بند ڪري اهوئي سودو توهان قبول ڪري ڇڏيو اهو سودو توهان جي لاءِ فائديمند آهي، جنهن جي لاءِ ڀٽائي صاحب چيو آهي،

"وکر سو وِهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي"

اهو وکر اهو اٿو. آخر ۾ مون مسڪين جو هڪڙو شعر،

اويسين ۾ ويهي ته ڏس،
هِن قلندرين ۾ ويهي ته ڏس،
هيءَ معرفت جا رستا آهن اهلِ دل لاءِ "حيدر"،
هِن عشق جي موالين ۾ ويهي ته ڏس.

**ميلادِ مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ**
**امان نورجهان المعروف ڏاڏي ٻيبي مني رح. (ڪنري).**
**تاريخ: 05-12-2018 بمطابق 26 ربيع الاول 1440هه**

# پنهنجيون اَنائون ختم ڪريو

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! توهان جي هن محنت جي تعريف لاءِ مون وٽ الفاظ ناهن، توهان جو محبتون، منهنجي مرشد لعل سائين جو فيض، منهنجي بابا سائين جي اها شفقت، جنهن جي ڪري اسان جو هيءُ سلسلو هرهنڌ جهرجهنگ، برپٽ ۾ وڏي وڏو وڻ ٿي ويو آهي، جنهن جي هيٺان سوين مرجهايل، پٽڪيل انسان ويهي ساهيون ٿا پٽين. اڄ هتي ويٺل منهنجي انهن عظيم دوستن کي، اسان جي ڪارڪن کي، اسان جي پيارن کي مون مسڪين جي طرفان اسلام عليڪم، حق موجود.

دوستو! توهان جو ۽ اسان جو اڄ هتي اچڻ محبوب ڪريم ﷺ جي پيدائش جو ڏينهن 12 ربيع الاول ملهائڻ آهي، انهيءَ ڏينهن جو پنهنجو هڪڙو مان ۽ شان آهي، پر اڄ هن ۾ محفل ۾ هڪ الله واري جي آستاني تي ويهي، انجمن غلامان قلندر سان گڏ ويهي يادگيرين ۽ ڏينهڙن کي ورجايون ٿا جڏهن هنن شهرن ۾ انجمن غلامان قلندر جو بنياد پيو. هتان کان ئي انجمن غلامانِ قلندر وڌي ويجهي سڄي جهان ۾ پکڙي آهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اسان جا قلندري دوست درود پڙهن ۽ پڙهائين پيا. دوستو، توهان کي انهيءَ جون بہ مبارڪون، توهان جي محنت کي منهنجو سلام ۽ توهان جي عظمت کي مبارڪون.

دوستو! اسان صوفي آهيون، هن وقت جيڪڏهن ڪنهن کي صحيح معنيٰ ۾ صوفي چيو وڃي تہ اها اسان جي انجمن غلامانِ قلندر آهي، بابا سائين مونکي چوندا هئا تہ بابا توهان هِن جهان ۾ ائين هلو جيئن توهان جي زندگيءَ جا مسئلا مسائل، دنيا داري، توهان جا منصب، توهان جو پيٽ، توهان جو ڪاروبار، توهان جون سڀئي مصروفياتون روحانيت تي حاوي نہ



ٿين ۽ هيءَ روحانيت توهان جي انهن ڪمن تي حاوي نہ ٿئي، ٻنهي کي توهان گڏوگڏ وٺي هلو. دوستو، هن وقت اسان جي دين اسلام منجهہ ڪئين فرقا آهن، هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا انداز آهن، پر واحد انجمن غلامانِ قلندر جو پليٽفارم آهي جيڪو دين اسلام کي، صوفي ازم کي برابريءَ جي بنياد تي اسان جي انجمن غلامانِ قلندر گڏ ڪٽيو ٿي هلي، نہ ڪنهن فرقي جي ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪنهن سان بحث مباحثو، نہ ڪنهن سان ويڙهہ، نہ ڪنهن سان ڦڏو، اسان جو مقصد فقط اندر کي اجاگر ڪرڻ آهي، جنهن ماڻهو پنهنجي اندر کي اجاگر ڪيو، جنهن ماڻهوءَ پنهنجي اندر کي صاف ڪيو، جنهن پنهنجي اندر مان ڪينو بغض، يا ٻيا جيڪي بہ ويائي مرض آهن، اهي جيڪڏهن هُن پنهنجي اندر مان ڪڍي صاف ڪيا تہ اهو انسان ڪامل ٿي ويندو.

دوستو! هِن انجمن غلامان قلندر جي نالي بابا سائين چوندا هئا تہ، هيءَ اولياء الله جي فيڪٽري آهي، هتي اولياء الله ٺهندا آهن، جيئن ٻين فيڪٽرين ۾ دنيا جهان جون شيون ٺهن ٿيون، ائين اسان جا طالب علم درسگاهن منجهان سرٽيفڪيٽ وٺيو ٿا وڃن، ائين انجمن غلامانِ قلندر ۾ هلڻ وارا، مسلسل جدوجهد ڪرڻ وارا اهي اولياء الله جا سرٽيفڪيٽ وٺندا شهنشاهن جي در تان، انهن يونيورسٽي منجهان، انهيءَ مڪتب مان اهو مڪتب عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو اٿو انهيءَ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي مڪتب جي انٽري اٿو ڪثرتِ درود پاڪ، جيڪو توهان اسان وٽ آهي، جيڪو توهان اسان جو فلسفو آهي، جنهن جي لاءِ اسان پنهنجيون زندگيون رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيون آهن، توهان، هنن سڀني دوستن، توهان جي پائرن هن ميدان ۾ اچي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو ٻوليون ماڻهن کي ٻڌايو تہ اچو اچو توهان کي پيار جي ٻولي ٻڌايون، توهان کي پيار جي ٻوليءَ ۾ محبوب جو سبق ٻڌايون، اچو اچو توهان پٽڪيل آهيو، توهان کي هِن جهان وڏا اهنج ڏنا آهن، درد ڏنا آهن، سور ڏنا آهن، اچو توهان کي انهن اهنجن تي، انهن ڦٽن تي مرهم پٽي رکون، اها مرهم پٽي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي ڪري رکو، عشقِ

مصطفيٰ ﷺ اهو واحد فلسفو آهي، جيڪو اول کان وٺي آخر تائين هلندو، جيڪو ڪامياب آهي، جيڪو انهيءَ ڪاميابي واري سان گڏ هلندو اهو به ڪامياب تر ٿيندو ويندو.

دوستو! اسان جا ڪجھ نقط، ڪجھ اسان جون نصيحتون، جيڪي اسان کي پنهنجي بزرگن کان مليون، خوابن ۾ مليون، خيالن ۾ مليو يا ائين روح رهاڻين ۾ مليون، دوستو اهي تمام قيمتي اٿو انهن تي توهان کي اسان کي هلڻو آهي، جڏهن اسان ۽ توهان انهن تي هلياسون ته اسان هِن جهان جا ڪامياب ترين انسان هونداسون، جڏهن اسان هِن جهان ۾ ڪامياب رهياسون، جيڪڏهن اسان جو ضمير مطمئن آهي ته يقينن اسان الله سائين وٽ به سرخرو ٿينداسون عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان گڏ. دوستو اسان جو هيءُ فلسفو، اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جو منشور تمام ساڌو سوڌو آهي، هيءُ تمام سادگي وارو ڪم اٿو هيءُ ڪم بابا سائين احمد علي قريشي رح کي مليو بابا سائينءَ کي لعل شهباز قلندر رح کان مليو، لعل شهباز قلندر رح بابا سائين کي مختلف هنڌن تي موڪليو اهو ميوو پچندي پچندي ايڏو ته مناس وارو ميوو ٿيو جو اهو مناس توهان تائين به پهتو، توهان اهو ميوو چکيو اڄ انهيءَ ميووي جي ايڏي ته مناس آهي، جو انهيءَ مناس واري محبت توهان ۾ چيڪ ڪري سگھجي ٿي، جهان وارا پلي انهيءَ مناس واري خوشبو توهان مان سونگھين، اڄ ڏسن هيءُ اسان جا نوجوان، هيءُ اسان جا ٻارڙا، هيءُ اسان جا وڏا، هِنن ۾ چا آهي، هِنن ۾ ڪهڙو ڪرنٽ آهي، هِنن ۾ ڪهڙو پاور آهي، هيءَ سڀ ڪرنٽ ۽ پاور اسان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي طفيلي مليا آهن، اسان ناچيز آهيون، اسان جي ڪا به اوقات ڪونهي، اسان جو پنهنجو ڪو به منصب نه آهي، ڪو به سرٽيفڪيٽ نه آهي، سرٽيفڪيٽ آهي ته عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو اهو دامن اٿو جنهن دامن کي جهلي اسين وڏا وڻ ٿينداسون.

دوستو اهي خاص نقط آهن، دوستن کي محبوب ڪريم ﷺ جو درود ڏيو، انهن کي انهيءَ محنت ڏانهن آڻيو، هنن کي ٻڌايو ته هيءَ درود



جيڪو اسان تائين پهتو بابا سائين جي طفيلي، سائين محمد علي جي طفيلي، هنن عظيم دوستن جي طفيلي، اُن ۾ ڪا به ايڊيٽنگ نه ٿيندي، ڪنهن کي طاقت ئي ڪونهي جو ان ۾ ڪا به ايڊيٽنگ ڪري، ڪو به الفاظ اُن ۾ اڳتي پوئتي ڪري، ڪو اسان جو نالو استعمال ڪري، يا ڪنهن ٻئي جو نالو استعمال ڪري ڪو ڪارڊ ڇپائي. اسان جو نظريو تمام صاف اٿو اسان جون تقريرون، سائين محمد علي بادشاه رح جون تقريرون، بابا سائينءَ جا ڪتاب سڀ عام آهن، سڀ نيٽ تي پيا آهن، فيسبڪ تي پيا آهن، هر شيءِ پڌي آهي، ڪنهن کي بار بار انهن شين کي نه پڇڻ کپي، شيءِ تمام واضع آهي، اهو ئي درود جيڪو اسان کي بابا سائينءَ کان مليو جيڪو اسين پڙهون پيا، اهو آهي،

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

دوستو ڪنهن دوست جو اگر خواب خيال آهي، ڪنهن، ڪنهن جو نالو استعمال ڪري هِن ۾ ڪا ايڊيٽنگ ڪئي آهي ته اهو اُن جو ڏوهه آهي، انجمن غلامانِ قلندر جو ڪو ڏوهه ڪونهي، انجمن غلامانِ قلندر جو اهوئي پليٽفارم آهي جيڪو توهان سائين محمد علي بادشاه رح جي روپ ۾ ڏٺو جيڪو توهان بابا سائينءَ جي روپ ۾ ڏٺو جيڪو توهان وٽ هنن دوستن جي روپ ۾ معجزن آهي، هِن ۾ ڪا به نواڻ نه ايندي، اها نواڻ ايندي جيڪا مالڪن جي مرضي سان هوندي، هيءَ لعل شهباز قلندر رح جو سلسلو آهي، هن کي هينئر اوور به اُهي شهنشاهه پيا ڪن، هِن جو رابطو هِن جي پهچ، محبوب ڪريم ﷺ جي چانئٺ تائين آهي، جنهن جي اسان ۽ توهان تي توجه آهي، سچي سلسلي تي توجه آهي، تڏهن اسان جو سلسلو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويجهندو پيو وڃي، توهان اندازو ڪريو ته اسان جي محفلن ۾، اسان جي دوستن ۾ واڌارو پيو اچي.

دوستو هيءَ جهان آهي، هِن ۾ پريشانيون اينديون رهنديون، ڏک ۽ سک اهي ٻئي زندگيءَ ۾ مؤجزن آهن، انهن ٻنهي جو اچڻ ائين آهي جيئن ڏينهن جي پنيان رات اچي ٿي، رات جي پنيان ڏينهن اچي ٿو اهي اچڻا آهن،

اهي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي آيا، اُن جي اهلبيت تي آيا، اُن جي عاشقن تي آيا، توهان کي ۽ اسان کي هڪڙي پيريڊ مان، هڪڙي پروسيس مان گذرڻو آهي.

دوستو! آئون توهان کي ٿورو ٻڌائيندو هلان ته، اسان کان اڳي جيڪي ماڻهو هوندا هئا اهي ڏها ڪيندا هئا، چاليها ڪيندا هئا ۽ پنهنجي نفس کي مارڻ جي لاءِ وڏيون ٻکون ۽ اجون ڪاٽيندا هئا، ائين ڪٽي چئجي ته نفس سان وڏي ويڙهه ڪندا هئا. اسان جي لاءِ آسانيون ٿي ويو آهن، اسان جو هيءَ دور ماڊرن دور آهي، جديد دور آهي، سوشل ميڊيا جو دور آهي، هِن ۾ نيٽورڪ تمام تيز آهي، پر انهن سڀني جي موجودگي ۾ اسان جو چلو ڇا آهي؟ اسان پنهنجي نفس سان ڪيئن وڙهون؟ دوستو هِن دور ۾ جيڪڏهن توهان نوجوان آهيو اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽين ۾ تعليم يافته آهيو يا توهان ڪنهن به محڪمي جي آفيسن ۾ آهيو توهان جو اهو ئي نفس کي مارڻ جو سلسلو آهي، توهان پنهنجي آفيس ۾ ويهي، ڪنهن جي جيڪڏهن حق رسائي ڪئي، توهان جيڪڏهن حرام کان پرهيز ڪئي، توهان جي آفيس مان، توهان جي قلم کان ڪنهن مسڪين انسان ذات جي لاءِ ڪا سنائي ٿي، ته توهان سمجهو ته توهان چلو ڪٽيو توهان نفس سان ويڙهه ڪئي، توهان کي جيڪا ظاهر آمدن ٿئي پي اُن کان توهان کي ڪنهن روڪيو اُن کان توهان کي اسمِ محمد ﷺ روڪيو توهان کي فيض قلندريءَ روڪيو توهان کي سائين محمد علي بادشاهه رح جي صحبت روڪيو توهان کي بابا سائين احمد علي قريشي رح جي فيض روڪيو توهان کي انجمن غلامانِ قلندر جي سلسلي جي محبتن روڪيو ته حرام نه کاءُ، هيءَ مسڪين آهي هِن سان حق ڪر، هن جو ويس کهڙو به آهي، هيءَ سڀاجهڙو آهي، هيءَ انڌو منڊو آهي کهڙو به آهي پر جيڪڏهن توهان هُن سان انصاف ڪيو توهان اُن کي محبت ڏني، هُن جو توهان ظاهري دنيا وارو ڪم ڪيو ڪم ڪندي ڪندي توهان هُن کي محبت ڏني، محبت ڏيندي ڏيندي توهان هُن کي چيو ته دوست توهان جو ڪم ته ٿي ويو آهي پر توهان



هيءَ اسان جو ڪارڊ وٺو هيءَ فيض قلندري وٺو هيءَ توهان پڙهو پنج ڏينهن پڙهو ڏهه ڏينهن پڙهو پنجاهه دفعا پڙهو ويهه دفعا پڙهو سئون دفعا پڙهو اها محنت توهان تي پاڻهي اثر انداز ٿيندي ۽ توهان کي پڙهائيندي ويندي، ڇا ٿيندو اهو توهان جو جڻ چلو ٿيو توهان پنهنجي انهيءَ ظالم نفس سان ويڙهه ڪئي.

انهيءَ ڪانپوءِ توهان نوجوان آهيو توهان بازار ۾ ٽا وڃو توهان شهرن ۾ وڃو ٽا، توهان فيسبڪ تي ويٺا آهيو توهان ٽي وي تي ويٺا آهيو توهان جي اڳيان ڪو اهڙو فوٽو اچي ويو ڪو اهڙو سين اچي ويو توهان کي انهيءَ وقت ڪير ٿو ڏسي؟ توهان کي الله سائين ٿو ڏسي، ٻيا اهي جن جو توهان وٽ فيض آهي، انهن جا روح به توهان سان ڳنڍيل آهن، انهن جو نظرون به الله سائين جي واسطي سان توهان سان منسلڪ آهن، توهان جو انهيءَ قلندري ڪيميرا ۾ اعتماد هجي، توهان جو يقين هجي ته اها ڪيميرا منهنجا پوز ڪڍي پئي، منهنجي مووي ٺاهي پئي، پوءِ ڇا ٿيندو عين ٽائيم تي توهان جو اکيون شرم کان هيٺ ٿينديون، توهان جي اڳيان اهو فحاشي وارو پوز مٽي ويندو توهان جي اڳيان عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو پوز ايندو توهان جي اڳيان خيالِ يار ايندو جنهن جو خيال الله سائينءَ کي آهي، جنهن جو خيال سوا لک انبيائن کي آهي، جنهن جو خيال الله جي زنده ۽ هن جهان مان برقعو مٽائيندڙ سڀني هستين جو آهي، اهو خيال توهان جي اکين اڳيان ايندو اهو ٿيندو توهان جو چلو اها توهان انهيءَ ظالم نفس سان ويڙهه ڪئي.

ان ڪانپوءِ توهان فيلڊ ۾ ويا، توهان ڪرڪيٽ ميچ ۾ ويا، انهيءَ ميچ ۾ وڃي توهان هڪ ٻن دوستن سان ملو انهن سان واسطو ڪيو دوستو اصل ۾ پائيچارو اٿو اصل ۾ اسٽيٽس اٿو اها جهان واري سنگت نه جيڪا پاڻ کي هڙپ ڪري وڃي، پاڻ کي کائي وڃي، پاڻ مان پنهنجا مطلب وٺي پاڻ کي اڪيلو ڪري وڃي، اها سنگت نه، انهيءَ سنگت کي وڌايو پائيچارو ڪيو ماڻهن جي ڏکن سکن ۾ وڃو انهن ۾ شامل ٿي هنن کي بي انتها محبت ڏيو هنن کي پنهنجو ڪردار ڏسيو ته اسان خالي نعرن وارا ناهيون، اسان

خالي جهمريون پائڻ وارا ناهيون، اسان خالي ظاهر پرست نہ آهيون، اسان ظاهر سان گڏ باطن پرست بہ آهيون، اسان کي جيڪو موقعو مليو آهي، اسان کي الله سائينءَ جيڪا طاقت ڏني آهي، جيڪو الله سائينءَ اسان تي فضل ربي ڪيو آهي، اهو اسان کي عشق محمد ﷺ جي ڪري ڪيو آهي تہ توهان وڃو وڃي منهنجي امت جي اصلاح ڪيو.

دوستو! پنهنجو سبق آهي انسان ذات جي اصلاح ڪرڻ، اها ڪهڙي اصلاح آهي؟ اها اصلاح آهي اندر مان انا کي ختم ڪرڻ، اندر مان خوديءَ کي ختم ڪرڻ، پاڻ کي اهو سوچڻو ڪونهي تہ فلاڻي کي مٿي ۾ ٽوپي پئجي وئي، ڪنهن کي ٽوال پئجي ويو، ڪنهن کي هار پئجي ويو. دوستو، توهان اسان جا ڪردار، توهان اسان جا ڪم ڪار، توهان اسان جو فيلڊ ۾ وڃڻ، فيلڊ ۾ وڃي جهاتيون پائڻ، جيئن اسان توهان ڏانهن ايندي گاڏيءَ ۾ شعر ٻڌو تہ،

"ذر ذر نہ پائي جهاتيون ظاهر نہ ٿي پوان"

چوي ٿو مون ۾ ذر ذر جهاتيون نہ پاءِ، ڪٿي آئون ظاهر نہ ٿي پوان، مونکي جهان ڏسي وڃي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ کي جانچي وٺي، اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ جيڪو منهنجي اندر ۾ آهي، جنهن کي ٻاهران عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي چادر چڙهيل آهي، اها ظاهر اک مونکي نہ ڏسي سگهي، منهنجا رب اهو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾، تنهنجي ۽ تنهنجي محبوب جي وچ ۾ اهو پردو آهي، منهنجا رب اهو پردو فاش نہ ڪر، متان ڪٿي ائين نہ ٿي پوي جو هيءَ سر اڪرڙجي پوي، محبت جي انتها آهي، اهو ڇا آهي؟ اهو آهي فنا في الله رسول، اها منزل آهي، جيڪا پاڻ کي محبوبن جي مهابي، پاڻ کي هستين جي مهابي، پاڻ کي ڪُٺي ڇاٽي پاڻ کي انهي فنا في الله جي واٽ تي آندو اٿن، انهيءَ فنا في الله جي چاڻٺ تي آندو اٿن.

دوستو! وڏي عظيم منزل آهي، وڏو عظيم منصب آهي، هيءَ ائين نہ ملندو آهي، هيءَ اِنهن توجهہ سان ملندو آهي .

دوستو! جڏهن ڪنهن فيڪٽري جي شيءِ بازار ۾ گهٽي هلندي آهي، ان جي بازار ۾ گهٽي گهرج ٿيندي آهي، تہ توهان ڏٺو هوندو تہ جلد ئي



ان جي مارڪيٽ ۾ نقل اچي ويندي آهي، دوستو ائين انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر جي مارڪيٽ اٿو وڃي سڃي جهان ڀُولهيو هيءَ فيض قلندر آهي، هيءَ فيض قلندر لڪٺو ڪونهي، هيءَ فيض قلندر افواهن منجهہ نہ ايندو هِن کي توهان جون افواهون ڪجهہ ڪون ٿيون ڪري سگهن، هن قافلي کي هلائڻ وارا ڪي چار، اٺ، ڏهہ ماڻهو ڪونهن، پر هِن قافلي کي هلائڻ واري بہ ڪا هستي آهي، اها هستي توهان کي هنن دوستن کي هتي آڻي ٿي، سڀ هليا وڃن پر اها هستي جيڪڏهن قائم آهي تہ انجمن غلامان قلندر قائم آهي، اهو فيض آهي، اهو منهنجو مرشد لعل آهي جنهن کان چاهي ڊيوٽي وٺي، جنهن کي چاهي انجمن غلامان قلندر جي صفن مان ناڪاره ڪري ڪيڍي، وري بہ چاهي اُن کان توبهہ طائب ڪرائي، اُن کي پراسيس ۾ آڻي ان مان پاس ڪرائي، پوءِ اُن کي هِن ميدان ۾ آڻي. دوستو اهو انهن مالڪن جو ڪم آهي، اهو تنهنجو ۽ منهنجو ڪم ناهي، تنهنجيون ۽ منهنجيون مٿيون مائٽيون عزيز آهن، تنهنجيون ۽ منهنجيون دوستيون عزيز آهن، پر اهي سڀ انجمن غلامان قلندر جي پليٽفارم کان پوئتي آهن، هيءَ عظيم ڪم اٿو، هيءَ عظيم محنت اٿو جنهن جو واسطو منهنجي لعل سائينءَ جي در سان آهي، جنهن جو واسطو منهنجي بابا سائينءَ جي در سان آهي، جنهن جو واسطو انهيءَ مرد مجاهد جي اڻٿڪ محنت سان آهي، اها ڪنهن هڪڙي فرد جي پنيان ڪون ويندي، اها ڪنهن خاندان جي پنيان ڪون ويندي، خاندان تہ ڏاڍا پيارا آهن، بابا سائين بہ پنجن ڇهن الله جي اولياء الله وٽ ويو، ان ۾ پروفيسر باغ حسين ڪمال بہ هڪ آهي، اهي ڪتاب شاهد آهن، اها تاريخ بہ شاهد آهي، انهن جا بہ پٽ وينا آهن، اسان جي لاءِ اهي قابلِ احترام آهن، ائين بلوچستان ۾ پير عبدالحئي جان بہ آهي، انهي وٽان بہ بابا سائين ڪجهہ حاصل ڪيو اهو بہ اسان جي لاءِ قابلِ احترام آهي، ائين بابا حاجن سائين بہ آهي، پر اسان جو سلسلو ڇا آهي؟ اسان جي محنت ڇا آهي؟ اسان جو فلسفو ڇا آهي؟ اسان جو منشور ڇا آهي؟ اسان جو منشور اهو آهي جو توهان سان گڏ آهي، توهان سان گڏ ٻينو آهي، توهان جن کي ڏٺو توهان جن

کي پرکيو اهوئي اسان جو منشور آهي، انهيءَ ۾ ايڊيٽنگ ڪون ٿيندي، انهيءَ ۾ نہ پيري مريدي هلندي، نہ هِن ۾ ڪو آزمائشي فلسفو هلندو، نہ ئي هن اسٽيج تي چڙهيون هڻڻ سان، پير هڻڻ سان ڪو الله جو ولي الله ٿيندو. الله جو ولي الله منهنجي مرشد جي انهيءَ اک سان ٿيندو، جنهن اک ۾ اک پاتي انهيءَ منجهان ٿي اک، اهڙا بازاري ڪردار توهان کي گهٽين روڊن ۾ ملندا، ڪڏهن ڪهڙا روپ ناهيندا ڪڏهن ڪهڙا، ڊرامي جي هڪڙي هڪڙي سين تي ڪيترا روپ ڪرٽا پون ٿا. جيڪڏهن ڪنهن کي مائي جو روپ ڪرڻو هجي ٿو تہ ان کي اهڙا ميڪ اپ ڪري موڪلين ٿا جو هُن جو روپ بدلي ٿيو وڃي، ڪڏهن ڏاڙهل جو روپ ٿئي ٿو ڪڏهن ڪهڙو پر اهي سڀ روپ نقلي ميڪ اپ وارا ٿين ٿا، پر هتي ميڪ اپ هلندو عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو، هتي ميڪ اپ هلندو منهنجي لعل سائينءَ جو، هتي ميڪ اپ هلندو سائين محمد علي بادشاه رح جي انهي پلستر جو جيڪو سائين محمد علي بادشاه رح توهان جي دلين تي پلستر ڪيو آهي، جيڪا توهان تي سائين محمد علي بادشاه رح جي محنت آهي، اڄ اهي ڪٿي آهن اسباب جن چيو پي تہ اسان سوا سير آهيون، اڄ اهي ماسو بہ ڪونهن، اهي ڪيڏانهن ويا، جن کي سائين محمد علي بادشاه رح اڪيلي سر بيهاريو، اُهي اڄ مٽن منجهہ آهن، اهو چا آهي، اها صرف پنهنجي فلسفي سان سچائي آهي، اهو پيار آهي. دوستو اهو پيار اهو فلسفو توهان جي دلين ۾ بہ قائم هجي، فرد ايندا ويندا، اسان جهڙا ڪيئن ايندا ويندا، اسين مرشد لعل ۽ بابا سائين جي پانهيءَ جا پار آهيون، اسان جي ڪا حيثيت ڪونهي، مالڪن هتي توهان جي اڳيان بيهاريو آهي، هتي توهان جي اڳيان ڪو پٽڪو پائي، ڪو جبو پائي اسين کي معتبر ڪون ٿي ويا آهيون، توهان کان اسين ڪي مٿي ڪون آهيون، اسان جو ڪم آهي نوڪري ڪرڻ، اسان جو ڪم مالڪي ڪرڻ ناهي، پر اسان جو ڪم آهي چوڪيداري ڪرڻ، اسان جو ڪم پير ٿي ويهڻ ناهي، پر اسان جو ڪم آهي پهريداري ڪرڻ، توهان جي حاضري ڀرڻ، توهان کي اهي سڀ شيون ٻڌائڻ جيڪي



اسان کي مالڪن کان مليون، خبر پيون، اهي توهان تائين پهچائڻ اسان جو فرض آهي، اسان جي ڊيوٽي آهي.

دوستو! اسان جي دوستن کي بہ سمجهڻ کپي، هيءَ قلندري سلسلو هِن جا انچارج، هِن جا دوست نيڪ آهي هو توهان سان ايتري عاجزي ڪن ٿا پر توهان کي بہ هُن تي ڪجهہ رحم اچڻ گهرجي. دوستو هينئر هن مهيني ۾ 300 کان بہ وڌيڪ محفلون هيون، توهان اندازو ڪريو تہ اهي 300 محفلون هِن ٽيهن ڏينهن ۾ ڪيئن ٿيون ٿي سگهن، پوءِ اسان ۽ اسان جي دوستن اهو ويهي خيال ڪيو تہ هر مهيني ۾ هر هنڌ اسان جون هڪ بہ محفلون ٿين، جيئن اسان جو هيءَ شهباز گروپ، هڪ بہ، ٽي ۽ چار آهي انهيءَ ۾ هر مهيني هڪڙي عاليشان محفل ٿئي، جنهن ۾ توهان ۽ اسان حال پائي ٿيون، ائين ٻين علائقن ۾ محفل ٿئي، ائين ٿيندي ٿيندي توهان جا پندرهن ويهہ ڏينهن تہ هليا ويندا، تنهن ڪانپوءِ توهان جا ٻچا ٻار آهن، توهان جو ڪاروبار آهي، توهان جو ڌنڌو آهي ۽ توهان جون ٻيون ماهوار محفلون آهن، چوڏهين، اٺاويهين اهي بہ آهن، اهي بہ توهان کي ڪرڻيون آهن، توهان ائين ٿي وڃو جو توهان جي هر مهيني ۾ محفل هجي، جيئن اسان جو نوجوان سست نہ ٿي وڃي، چو تہ اسان انهن ماڻهن وانگر ناهيون جو هڪڙو ميلاد جو مهينو ملهايو نعرا هڻون چار پنج ڪلاڪ لاءِ پوءِ وڃي گهر ويهي رهون، پر اسان کي مسلسل جدوجهد ۾ رهڻو آهي، اسان کي چوويهہ ڪلاڪ انهيءَ معاشري سان مهاڏو اٽڪائڻو آهي، اسان کي ويهڻو ناهي، اسان کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هلڻو آهي. دوستو توهان کي اسان کي پانهہ ٻيلي ٿيڻو آهي ۽ اسان کي پنهنجي هن عظيم ڪم جي چوڪيداري ۽ پاسداري بہ ڪرڻي آهي، ائين آئون پنهنجي هنن عظيم دوستن کي چوندس، پنهنجا جيڪي ڪارڪن آهن، جيڪي ڪم ڪن پيا ويهن پنجويهن سالن کان اُهي تہ آهن پر توهان انهيءَ نرسريءَ تي بہ توجہ ڏيو نرسريءَ کي بہ اڳتي آڻيو جڏهن پاڻ هِن جهان ۾ نہ بہ هونداسون تہ اها پنهنجي نرسري هوندي، اهي نوجوان پٽ، اهي مرشد لعل سائين جا ٻچا، اهي بابا سائين جا ٻچا، اهي هِن ميدان ۾ برسر ڪردار هوندا، اهي ڪم هوندا، اهي هن فلسفي کي وٺي

هلائيندا, ائين ٽيمون تيار ڪيون, ائين هر دوست هڪڙي ٽيم اٿو ائين هر دوست هڪڙو فلسفو اٿو جيڪڏهن ڪير اسان جي باري ۾ يا هِن انجمن جي باري ۾ توهان کان سوال پڇي ٿو تہ اُن جا جواب اسان کي ڏيڻا نہ پون, اُنهن جي سوالن جا جواب توهان پاڻ ڏيو چو تہ توهان کي سوالن جا جواب اسان ڏئي ڇڏيا آهن, ڪتاب ”آذانِ عشق“ ۾ سيني سوالن جا جواب اٿو ان کانپوءِ ٻيو ڪتاب ”اعلانِ عشق“, پوءِ اچي پيو ”ميدانِ عشق“, انهن ڪتابن ۾ توهان جي سيني سوالن جا جواب آهن, پلي ڪٽي ڪو پڙهيل لکيل هجي, ڪو پي ايڇ ڊي هولڊر هجي, ڪو عالم هجي, ڪو صحافي هجي, پنهنجو منشور پڌرو آهي, پنهنجو منشور نمايان آهي, پنهنجي ميرٽ آهي, ميرٽ جو فيصلو ڪير ڪندا؟ ميرٽ جو فيصلو مالڪ ڪندا, توهان کي اسان کي ڪرڻو ڪونهي, توهان ڪنهن بہ صورت ۾ هتي جيڪڏهن اسان سان نٿا ملي سگهو تڏهن بہ مالڪن جي اک ۾ آهيو مالڪ توهان جي محنت ضايع نہ ڪندا.

دوستو! محنت ڪريو, پنهنجو پاڻ کي سنواريو, پنهنجي پاڻ اصلاح ڪريو نفس جي بہ اصلاح ڪريو معاشري جي بہ اصلاح ڪريو پر ڪامياب توهان تڏهن ٿيندا جڏهن توهان پنهنجي پاڻ اصلاح ڪندا .

هاڻي توهان کي آئون اها ڳالهہ ٻڌائيندو هلان, چو تہ ٽائيم بہ ڪافي ٿي ويو آهي, اسان کي اجان اڳتي وڃڻو آهي اڳيان ٻي بہ محفل آهي, اتان ڪانپوءِ مونکي واپس بہ وڃڻو آهي. دوستو مون ڏٺو هڪڙو خواب, ميدان آهي, ڏاڍيون بلڊنگون ۽ بنگلا بہ آهن, ان ۾ هڪڙو ڏاند آهي, ڏاڍيون ويڙهون پيو ڪري, ان ۾ اسان بہ آهيون ٻيا دوست بہ آهن, اهو ڏاند ڪنهن کي پست پيو هٽي, ڪنهن کي سڱ پيو هٽي, آئون بہ پاسو وٺي وڃي وينو آهيان, هن ڏاند ڪيترن ئي دوستن کي ڪيرائي ڇڏيو آهي, هڪڙو دوست جيڪو پيرسني جي حالت ۾ آهي پر پورو پنو آهي, اهو پٽ تي وينو آهي, اهو پڇي ڪون ٿو پر وينو آهي, تيسين هڪڙي هستي ٿي اچي, هن جي هڪڙي هٿ ۾ نٽ آهي, اسان سوچون پيا تہ هيءَ ڏاند هيڏو خطرناڪ آهي, هوءَ جيڪا هستي اچي پئي اها اپري آهي, تمام پيرسني واري حالت آهي, ان کي تہ هي ڏاند ڪيرائي وجهندو پر هُن نٽ ۾ ايڏي تہ ڪا طاقت هئي, ايڏو تہ ڪو



پاور هو جو مون ڏٺو تہ هيڏيون مستيون ڪندڙ ڏاند هُن بزرگ هستيءَ جي اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو آهي, اها هستي انهيءَ ڏاند کي ناسن منجهان نٽ هٽي ٿي, ان مان خون نڪري ٿو, هوءَ پنهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ڪري, جيسين مونکي هڪل ٿو ڪري ۽ اها واجهہ مونکي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو اها هاڻي توهان جي هٿ ۾ آهي. دوستو اهو بہ شيون ٿي سگهن ٿيون, هڪڙو تہ توهان ۽ اسان کي الله پناهہ ڏئي قحط جي صورت ۾ هڪڙو خراب ٽائيم پيو اچي, پاڻ کي ان لاءِ تياري ڪرڻي آهي, پر نيٺ اها نٽ پنهنجي هٿ ۾ ايندي, ٻيو اسان جو نفس آهي جنهن کي اڪيلا توهان ۽ اسان نٽ هٽي نٿا سگهون, پر ان کي نٽ هڻڻ واريون اهي بزرگ هستيون اٿو اهي ڪهڙيون هستيون؟ اهو لعل سائين جو در, بابا سائين جو در, هنن الله وارن جا در, هنن جو صحبتون نہ ڇڏيو روز هتي حاضري پريو نہ تہ هفتي ۾, مهيني ۾ حاضري پريو لعل سائين جي جيڪا هفتيوار محفل آهي, انهيءَ ۾ خاص ڪري پنهنجا جيڪي مين ماڻهو آهن, انهن کي اتي پهچڻ کپي, پنهنجي ڊيوٽي ڏين, اهو ناهي تہ اها محفل فقط هڪ ماڻهو جي آهي, سيڪو وس آهر, ٽائيم آهر اتي وڃي, ڊيوٽي ڏئي. دوستو انهيءَ جي توهان پابندي ڪريو.

الله سائين توهان کي آباد ڪري توهان جون بيماريون, توهان جا قرض, مرض, درد سڀ دور فرمائي, توهان جون جيڪي ظاهري خواهشون آهن, منهنجي محبوب جي مهابي, منهنجي سائين جي مهابي, الله سائين توهان جون اهي بہ پوريون فرمائي, الله سائين توهان کي اسان کي استقامت عطا ڪري, قوت عطا ڪري, الله سائين اسان کي توهان کي ثابت قدم رکي.

دوستو! سست ٿي ويهڻ ٻي شيءِ آهي, منهن موڙي ويهڻ ٻي شيءِ آهي, پر جيڪو ماڻهو منافق هجي نہ, ان کان پنهنجو پاڻ کي بچايو, منافق ماڻهوءَ وٽ ڪيڏي بہ وڏي تسبيح هجي, منافقن جو قرآن شريف ۾ بہ ذڪر آهي, وقتن بہ وقتن انبيائن بہ انهن جو ذڪر ڪيو آهي, منافق ڪيڏي بہ چاپلوسي ڪري, پر اندر تہ هن جو منافق هوندو, ان منافقي ٽولن کان, ان منافقي صورتن کان, انهن صورتن ۾ ڪهڙيون بہ صورتون هجن انهن کان بچو آئون توهان جو ٿورو وري وڌيڪ ٽائيم وٺي توهان کي وڌيڪ ڪجهہ

شيون واضح ڪندس، اڄي اسان جي پوليس چور کان يا سچي ڪرائڻ لاءِ ان کي سچ پترو هٽندي هئي، ڦوهارو ڏيندي هئي، پر هاڻي ٻاهر ڪجھ اهڙيون شيون ٿي ويو آهن جن سان ماڻهن جا مهانڊا چيڪ ڪن ٿا، انهن جي اکين جا اشارا چيڪ ڪن ٿا، انهن جو ذهن چيڪ ڪن ٿا، انهن جي منهن جا سَرَ چيڪ ڪن ٿا، انهن جو پرون چيڪ ڪن ٿا، تہ هيءَ چور آهي يا نہ. دوستو اها تہ ٿي ظاهري دنيا، پر الله وارا، الله وارن جا طالب، اهي ظاهري اکين جا اشارا تہ سمجهن ٿا، اهي چهري کي تہ سمجهن ٿا، پر الله جي طاقت سان، منهنجي رب جي انهيءَ فضل ڪرم سان، منهنجي محبوب ﷺ جي انهيءَ توجہ سان، منهنجي مرشد جي انهيءَ صحبت سان، اهي انهن منافقن جي اندر جا راز بہ سمجهن ٿا، انهن جي دلين ۾ جيڪي وٽ وڪڙ آهن، انهن جي دلين ۾ جيڪي اشارا ٿين ٿا، اهي بہ انهن الله وارن کان ڳجها نہ هوندا آهن.

دوستو! هن انجمن غلامانِ قلندر جي منصب سان، سلسلي سان توهان جي منافقي هلي ڪون سگھندي، پلي ڪٽي ظاهر ۾ اسان ۾ اسان جا دوست فقير هجون، ڪجھ بہ هجي، پر هيءَ علم ايڏو تہ وسيع آهي، ايڏو تہ وڏو آهي، جيئن ٻاهر هن جهان ۾ درياهہ آهن، سمنڊ آهن، خوبصورتيون آهن، ايڏيون سڀ توهان جي باطن ۾ بہ اٿو توهان جي باطن ۾ بہ هڪڙو درياهہ اٿو توهان جي باطن ۾ بہ بهشت اٿو توهان جي باطن ۾ بہ اهي سڀ خوبيون اٿو اهي سڀ ڊاڪٽريون اٿو فزڪس، ڪيمسٽري، نيٽورڪ، سڀ پيڪيج توهان جي اندر ۾ آهن، منهنجو محبوب ﷺ جنهن کي چاهي ٿو انهيءَ کي سڀ علم عطا ٿو ڪري. دوستو اسان سان ڪير بہ دوکو ڪري ڪون سگھندو، دوکو هلي ڪون سگھندو، قلندر جي پچڙن سان، قلندر جي ٻانهيءَ جي ٻارن سان دوکو هلندو ئي ڪون. دوستو الله سائين توهان کي خوش رکي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ زنده آباد.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ،**
**سائين سيد نانگو شاهہ رح (دادو).**
**تاريخ :21-11-2018 بمطابق 12 ربيع الاول 1440 ھ**



# محبت جا طالب بڻجو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَبَارِكۡ وَسَلِّمۡ"

منهنجا عظيم دوستو! قلندري ڪارڪنو ۽ اسان جي انجمن غلامان قلندر جا يونٽ انچارج، اسان جي انجمن غلامان قلندر جا انچارج، اسان جا معززين جيڪي مونساڻ مٿي ويٺل آهن، جيڪي پنڊال ۾ منهنجي اکين جي سامهون ويٺا آهن ۽ ٻيا اهي جيڪي هتي اسان جي دعوت تي کهي آيا آهن، انهن سڀني معتبر دوستن کي مون مسڪين جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! توهان مبارڪن جا مستحق آهيو خاص ڪري اهي اسان جا دوست جن هزارين ماڻهن جي دعوت ڪري هيءَ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل سجائي آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ اجا بہ ڪي عاشق آهن، اجا بہ ڪي محبوب ﷺ جي محبت جا طالب آهن، جيڪي چاهين ٿا تہ توهان جي اسان جي دلين ۾ اها محبتِ محمدي ﷺ گامزن هجي ۽ توهان جي لاءِ اسان جي لاءِ اها واٽ هجي، جيڪا واٽ اصحابِ اڪرامن جي واٽ آهي، جيڪا تابعين ۽ تبع تابعين جي واٽ آهي، جيڪڏهن اجا بہ ان کان اڳتي وڃجي تہ اها اهلِ بيت اڪرامن جي واٽ آهي، اها شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جي واٽ آهي، تہ محبوب ﷺ سان عشق ڪجي، محبوب ﷺ سان پيچ پائجي، اهڙو تہ پيچ پائجي جو هِن جهان جي ڪا بہ طاقت اسان کي اُن کان پري ڪري نہ سگھي.

شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح منهنجي محبوب ﷺ جي ساراهہ ۾ هڪڙو بيت ٿو چوي، ۽ پنهنجو سڄو فلسفو ٿو اربي، شهيد عبدالرحيم گرهوڙي هڪڙو عالم بہ هو هڪڙو جهاد ڪرڻ وارو بہ هو تہ زاهد بہ هو تہ عارف بہ هو تہ مولوي صفت بہ هو هن پنهنجي واعظن سان، پنهنجي علم سان، پنهنجي عارفيت سان، پنهنجي زاهديت سان دين اسلام کي تقويت

ڏني، دين اسلام کي ڦهلايو پر اهو هڪڙو فلسفو ٿا ڏين، ڇا ٿا چون؟ توهان کي ۽ اسان کي انهن ٻن ٽن اکرن تي غور ڪرڻو آهي، اُن محبت جي انداز سان چون ٿا، ٿي سگهي ٿو اهي الفاظ ڪنهن کي هضم نہ بہ ٿين، پر اهي الفاظ توهان جا اسان جا ڪونهن، اهي الفاظ شهيد عبدالرحيم بادشاه رح جا آهن، شهيد عبدالرحيم چوي ٿو تہ،

"پدر پاڇولو"

چوي ٿو هِن جهان ۾ اي منهنجا پرين، اي منهنجا محبوب ﷺ توهان جو پدر پاڇو هو توهان جو هتي اچڻ اهو پاڇولو هو، اهو پدر جو پاڇو هو توهان پاڻ ڪون هو جيڪڏهن توهان پاڻ ظاهري هجو ها، تہ شايد هتي ڪو ڪفر جو نالو ئي نہ رهي، اهوئي تہ پدر پاڇو هو ڇو تہ تاريخ شاهد آهي، حديث شاهد آهي،

عَنْ ذَكْوَانَ رضى الله عنه أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم لَمْ يَكُنْ يُرَى لَهُ ظِلٌّ فِي شَمْسٍ وَلَا قَمَرٍ. رَوَاهُ الْحَكِيْمُ التِّرْمِذِيُّ كَمَا قَالَ السَّيُوْطِيُّ وَقَالَ: قَالَ ابْنُ سَبُعٍ: مِنْ خَصَاءِصِهِ صلى الله عليه وآله وسلم أَنَّ ظِلَّهُ كَانَ لَا يَقَعُ عَلَى الْأَرْضِ وَأَنَّهُ كَانَ نُوْرًا فَكَانَ إِذَا مَشَى فِي الشَّمْسِ أَوِ الْقَمَرِ لَا يُنْظَرُ لَهُ ظِلٌّ. وفى رواية: أَنَّهُ صلى الله عليه وآله وسلم كَانَ لَا ظِلَّ لِشَخْصِهِ فِي شَمْسٍ وَلَا قَمَرٍ لِأَنَّهُ صلى الله عليه وآله وسلم كَانَ نُوْرًا. رَوَاهُ الْقَاضِي عِيَاضٌ. (أخرجه القاضى عياض فى الشفا، فصل فى الآيات التى ظهرت عند مولده صلى الله عليه و آله وسلم، 1/ 462، وابن الجوزى فى الوفاء، الباب التاسع والعشرون فى ذكر حسنه صلى الله عليه وآله وسلم، 2/ 47، والسيوطى فى الخصائص الكبرى، باب: الآية فى أنه صلى الله عليه وآله وسلم لم يكن يرى له ظل، 1/ 116)

تہ منهنجي محبوب ﷺ جو ڪو ظاهري پاڇولو ڪون هو، ڪا ڇانوَ ڪون هئي، جيڪا توهان، اسان ۽ هر شيءِ جي ٿئي ٿي، اها منهنجي محبوب ﷺ جي ڇانوَ ڪون هئي، انهيءَ محبوب لاءِ شهيد عبدالرحيم چوي ٿو تہ اهو "پدر پاڇولو هو"، اهو پاڇولو ڇا جو هو؟ اهو پاڇولو الله جي قربت جو پاڇولو هو، اهو انهيءَ تعلق جو پاڇولو هو، اهو عشق جو پاڇولو هو، اهو رحمت جو پاڇولو هو جيڪا رحمت توهان ۽ اسان لاءِ الله سائين هِن ڪائنات تي نازل ڪئي ۽ الله سائين سڄي ڪائنات کي چيو تہ انهيءَ رحمت ۾ حصو



وٺو انهيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو انهيءَ رحمت جا بہ ڪيترائي طريقا هئا، منهنجي محبوب ﷺ جي رحمت جا انداز هئا، هڪڙي منهنجي محبوب تي رحمت، جيڪو الله سائين جو پاڪ ڪتاب المبين، جيڪو منهنجي محبوب جي واتان ظاهر ٿيو جيڪو توهان ۽ اسان وٽ پهتو اهو تہ رب العالمين ۽ رحمت العالمين جو پاڻ ۾ تعلق هو قربت هئي، الله سائين پنهنجي مخلوق سان براه راست رابطو ڪون پيا ڪن، اهو رابطو بہ پنهنجي محبوب ﷺ جي واتان پيو ٿئي، ۽ محبوب ﷺ تي اهو وحي پيو اچي، محبوب ﷺ اهو وحي توهان کي ۽ اسان کي ٿو ٻڌائي، اها وحي محبوب ﷺ ڪيئن ٿو ٻڌائي، محبوب فرمائي ٿو

"قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ اللّٰهُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ"

الله سائين واحد آهي، احد آهي، صمد آهي، نہ هُن جو پيءُ آهي، اهو فلسفو اسان کي ڪير ٿو ٻڌائي، آهي تہ خالق جو آهي تہ مالڪ جو پر ٻڌائي تہ منهنجو محبوب ﷺ پيو اهو وحي سنڌو سنئون توهان کي اسان کي ڪون ٿو ٻڌائي، پر اهو ٻڌائي پيو محبوب ﷺ جي وات مان، محبوبن جي الفاظن ۾ اهي الفاظ، اهو ڪلام تہ الله سائين جو آهي. دوستو اهو تہ تعلق آهي الله جو منهنجي محبوب سان، تہ توهان ۽ اسان ڇو نہ انهيءَ رحمت العالمين سان پنهنجا ناتا جوڙيون، توهان ۽ اسان پنهنجا تعلقات انهيءَ هستيءَ سان جوڙيو ڇو اڄ اسين انهيءَ انتها تائين پهتا آهيون، جو اسان مان انسانيت، اسان مان محبت، اسان مان مسلمانيت جون خوبيون، جيڪي اسان ۾ هئڻ کپن، اهي اسان پيلجي ويا آهيون ۽ اسان اڄ اُن ڪان پري پنڌ هتي ويا آهيون، تڏهن اڄ هِن دور ۾ ننڍي، وڏي هر طبقي جو ماڻهو پريشان آهي، اهي پريشانيون اسان پاڻ پنهنجي لاءِ آنديون آهن، جڏهن اسان انهيءَ پنهنجي آئيڊيل هستيءَ ڪان، جنهن هستيءَ کي ڪافرن، يهودين، اسرائيلن انهن بہ پنهنجو آئيڊيل ٺاهيو هُنن ايمان تہ ڪون آندو پر اُن هستيءَ جي حسنِ اخلاق کي استعمال ڪيائون، اُن هستيءَ جو بادشاهي ڪرڻ وارو جيڪو انداز هو اهو هُنن اپنايو ماڻهن سان ملڻ جو جيڪو منهنجي محبوب

ڪريم ﷺ جو انداز هو، انهيءَ ڪي بہ هُنن استعمال ڪيو، هُنن ٻين جي دلين کي ڪيچ ڪرڻ وارو فن بہ انهيءَ هستيءَ کان سکيو پر اسين مسلمان انهيءَ هستيءَ جون اهي سڀ خوبيون وڃائي، اسين کوکلا ٿي وياسون، اسين رڳو نالي جا مسلمان ٿا سڏجو، ائين اسان کي فرقن ۾ ورهايو ويو، اسان کي ذهني طرح ايترو تہ ٽارچر ڪيو ويو، جو اسان منهنجي محبوب ﷺ مان عيب ڪڍڻ جي پٺيان ڪاهي پياسون، ٿورين ٿورين شين تي اسان جا ذهن منتشر ٿي ويا، تہ محبوب ﷺ نور آهي، يا بشر آهي، اهو اسان جو ذهني فطور هو، محبوب ﷺ بيشڪ منهنجي الله سائين جو نور هو، ڇو تہ اهو نور ڏاڏي آدم عليہ السلام کان بہ اڳ ۾ هو، اهي بہ صحيح آهن جيڪي منهنجي محبوب ﷺ کي نور سمجهن ٿا ۽ اهي بہ صحيح آهن جيڪي منهنجي محبوب ﷺ کي بشر ڪري ڪوٺين ٿا، ڇو تہ منهنجو محبوب ﷺ ظاهري تہ اسان جي ويس ۾ آيو، ظاهري ويس ۾ منهنجي محبوب ﷺ کي الله سائين انهيءَ ڪري موڪليو جو هيءَ اشرف المخلوقات آهي، منهنجا محبوب ﷺ مون هيءَ اشرف المخلوقات انهيءَ ڪري ٺاهي آهي جو مون توکي انهيءَ ويس ۾ موڪليو آهي، پر پوءِ بہ انهيءَ هستيءَ کي ڪو ائين نہ سمجهي تہ پاڻ ﷺ توهان جهڙو ڪو بشر آهي، پر پاڻ ﷺ بي مثال بشر آهي، هُن محبوب کي ڪئين روپن ۾ لڪايو ويو آهي، جيڪڏهن هُن محبوب جو هڪڙو روپ بہ ظاهر ٿئي، هڪڙو پردو بہ منهنجي محبوب ﷺ تان ظاهر ٿئي، تہ بيبي عائشہ ٿي چوي هڪڙي ڏينهن محبوب ڪريم ﷺ جو هڪڙو پردو هٽيو تہ مصر ۽ شام جون جيڪي اٿيون پي چريون، اهي بہ مون ڏٺيون، جيڪڏهن محبوب ﷺ توهان ۽ اسان جهڙو روپ ڌاري آيو تہ اُن جو مطلب اهو ناهي تہ محبوب ﷺ توهان ۽ اسان جهڙو ٿيو، توهان ۽ اسان تي مکيون ويهن، توهان ۽ اسان کي ڪافي اهڙيون شيون ٿين ٿيون، انهن کان منهنجو محبوب ﷺ پاڪ آهي، توهان ۽ اسان جيڪڏهن مسجد ۾ وڃو تہ اسان کي مولوي ڦري ايندو، چوندو تہ پهرين پنهنجا جوتا لاهي پوءِ اچو مسجد ۾، پر منهنجو محبوب ﷺ جڏهن عرش عظيم تي ٿو وڃي، جنهن عرش عظيم تي ملڪ جبرائيل جا پَرَ ٿا سڙن، اها عرش عظيم منهنجي محبوب ﷺ جي



نعلين کي چمڻ لاءِ آتي آهي، توهان اسان جهڙو ڪو بوٽ يا چپل پائي مسجد ۾ ويندو تہ مٿو ڦاڙائي پوءِ واپس ايندو، مسجد ۾ ڇا پر جيڪڏهن ڪو شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جي اڱڻ تي بہ چپل پائڻ منع آهي، ڇو تہ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جو تعلق بہ انهيءَ هستيءَ سان آهي، شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جو بہ تعلق انهيءَ رحمت العالمين جي دامن سان آهي، انهيءَ چانئٺ سان آهي، جنهن بہ تعلق انهي چانئٺ سان جوڙيو، انهيءَ کي هِن جهان ۾ بہ عزتن ۽ مان سان نوازيو ويو، انهن کي عزت ۽ احترام اڳي ملنديون، هِن ظاهري جهان ۾ ماڻهو عزت ۽ احترام پيسن ۽ ملڪيتن سان ٿا وٺن، پر اهو عزت ۽ احترام ٿوري ٽائيم کانپوءِ ختم ٿي وڃي ٿو، هيءَ عزتون ۽ احترام جيڪي توهان ۽ اسان کي انهيءَ چانئٺ تان ٿا ملن، اهي اسان جي روحن منجهہ شامل آهن، اهي اسان ۽ توهان کان هن جهان جا کهڙا بہ اقتدار کٽي کهڙيون بہ هستيون هجن، اهي ادب احترام توهان جي اسان جي روح مان ڪون ٿا ڪڍي سگهن، ڇو تہ اهو تعلق ئي اهڙو آهي، اهو واسطو ئي اهڙو آهي، اها نسبت ئي اهڙي آهي، جنهن توهان کي هِن پنڊال ۾ آڻي عاشقِ مصطفيٰ ﷺ بڻايو، جنهن هِنن نوجوانن کي جيڪي توهان جي اڳيان پيي آيا، ڪن جا چهرا کهڙا هئا، ڪن جون قومون کهڙيون هيون، ڪن جا نالا کهڙا هئا، پر نسبت وٺي انهن کي محبوب ﷺ جي در تي وئي. دوستو، انهيءَ نسبت جا اسين شيدائي آهيون، اِن جا اسين طالب آهيون، تہ اسين هِن معاشري ۾ پنهنجيون اُهي نسبتون واپس موٽائي کڻون، اهوئي هِن انجمن غلامان قلندر جو منشور آهي، تہ انهيءَ آئيڊيل هستي، جيڪا سڄي جهان لاءِ آئيڊيل هستي آهي، انهيءَ کي اسان پنهنجون آئيڊيل ٺاهي اڳتي هلون، اسان ٻئي پاسي نهاريون ئي نہ، اسان جي ٻئي پاسي اک ئي نہ کڄي، تہ اسان ڇو وهمن ۾ پئڪون، تہ ڇو وڏا وڏا بحث ڪريون، اسان ٿوري ٿوري بحث تي اٽڪي، پاڻ ۾ وڙهي، پنهنجيون پنهنجيون هنڊيون ۽ ماندڀليون ڌار ڌار ڪريو ٿا ڇڏيون ۽ هرڪو اسان کي چوي تہ هِن هوٽل کان هُن هوٽل جي ماني ڀلي آهي، توهان اچو هِن هوٽل تي، اسان جيڪڏهن هُن ماندڀلي کان هِن ماندڀلي تي ٿا اچون تہ اسان کي ڇيو وڃي ٿو تہ توهان هِن

ماندلي جا خريدار ناهيو، توهان پلجي آيا آهيو، توهان جي ماندلي هوءَ آهي، پر اسان چو نہ انهيءَ چانئٺ جا خريدار ٿيون، جنهن چانئٺ تان ڪير بہ منع ڪون ٿو ڪري سگهي، انهيءَ نسبت جو ڪير بہ انڪاري ڪون ٿو ٿي سگهي، جنهن کي قائم ڪرڻ جي لاءِ خود الله فرمائي ٿو

"إِنَّ اللَّهَ وَمَلَٰئِكَتَهُۥ يُصَلُّونَ عَلَى ٱلنَّبِيِّ ۚ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ صَلُّوا۟ عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا۟ تَسْلِيمًا"

سورت الاحزاب 33، آيت نمبر 56.

سڀ فرقا، سڀ مڪتبِ گاه فقر جا، انهيءَ شيءِ جا حامي آهن، منهنجي محبوب ﷺ جي درود جي ڪم کان ڪو بہ انڪاري ٿي ڪون ٿو سگهي، تہ پوءِ اسان چو نہ انهيءَ محنت کي چنبڙي پئون، اسان اِنهن پڻڪيلن کان ٿورو هٽي پئو، دوستو! منهنجي محبوب ﷺ جي کهڙي تہ ڳالھ ڪجي، منهنجي محبوب جي کهڙي تہ ساراھ ڪجي، توهان تاريخ کي پڙهو ڏاڏي آدم عليہ السلام کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين منهنجي محبوب ﷺ جي سوانحيات تي جيڪي جامِ ڪتاب، هر مڪتب فقر شايع ڪيا آهن، جنهن ۾ منهنجي محبوب ﷺ جو حسن اخلاق، معاشرتي، ماحولي ۽ ٻيا سيئي پهلو واضح طور بيان ٿيل آهن، ايترو ڪجھ ڪڏهن بہ ڪنهن انسان لاءِ بيان ناهي ٿيو، جيترو ڪجھ منهنجي محبوب ﷺ جي لاءِ بيان ٿيو آهي، توهان ۽ اسان ڪي پليل ناهيون، توهان ۽ اسان جو آئيڊيل ڪو عام ماڻهو ناهي، توهان ۽ اسان جو فلسفو ڪو عام فلسفو ناهي، ها ٺيڪ آهي تہ اسان جي انجمن غلامانِ قلندر ۾ نوجوان آهن، پر اڄ جا نوجوان سياڻي جا چڱا ٿيندا، پهرين جڏهن ٻار پيدا ٿيندو هو تہ سنڌ ڌرتي جي ماءُ اُن کي ماکي ۽ مکڻ جي سُتي ڏيندي هئي، اڄ جڏهن اسان جو ٻار پيدا ٿئي ٿو تہ اسين ڇا ٿا ڪريون؟ اسين اٿندي ئي اُن جي منهن ۾ انگريزي ميڊيسن ٿا هڻون، پوءِ جيڪو ڪير ٿا پياريو اهو بہ الاهي ڪٿان ڪو حرام جو ٿو اچي، پوءِ اهو ٻار وڏو ٿي پهرين وجهي ٿو پنهنجي ماءُ کي هٿ، پوءِ پيءُ کي، پوءِ اچي ٿو انهيءَ معاشري ۾، ائين اهي بي ادب ٿين ٿا ۽ انهن جي هٿن پيرن کان بي ادبيون ٿيون ٿين، پر جيڪڏهن اُن کي ستي ۾ اسم محمد ﷺ ملي وڃي، جيڪڏهن هُن کي پيدائش ۾ ئي منهنجي محبوب ﷺ جي محبت اربي



وڃي، تہ پوءِ مجال آهي جو اهو پنهنجي ماءُ پيءُ جو بي ادب ٿئي، اهو معاشري جو بي ادب ٿئي، اُن جون اکيون ڪنهن ٻئي ڏانهن اٿن، جنهن جي اکين سان ڪي فتنا برپا ٿين، اهو نوجوان کهڙي بہ منصب تي هوندو، کهڙي بہ آفيس ۾ هوندو، جيڪڏهن اُن جو تعلق انهيءَ هستيءَ سان هوندو تہ اُن جي هٿن پيرن کان ڪنهن کي ايذاءُ ڪون ايندو، چو تہ منهنجو محبوب ڪريم ﷺ فرمائي ٿو تہ، منهنجو مسلمان مومن، خالي مسلمان نہ، جيڪي اسين رڳو خالي مسلمان آهيون، اسين پريا پيا آهيون، اسان جا ميلادن تي ميلاد، اسان جون فيسن تي فيسون، اسان تي وڏا خرچ، اسان جون پيون ڪئين محفلون، جيڪڏهن اسان ڪنهن مسجد ۾ آذان ٿا ڏيون، تہ چئون ٿا تہ پهرين اسان جي فيس مقرر ڪئي وڃي، پوءِ اسين آذان ٿا ڏيون، جيڪڏهن اسان ڪنهن پاڪ مهيني ۾ حافظ ٿي ڪري مسجد ۾ فرض ٿا پڙهايون، تڏهن بہ اسان چوندا انهيءَ مسجد جي ٿا ڪريون جتي اسان کي وڌيڪ پيسو ملي، ڇا اهو ڪو منهنجي محبوب ﷺ جو فلسفو آهي، اسان کي سوچڻو پوندو تہ منهنجي محبوب ﷺ جي اصحابِ اڪرام، منهنجي محبوب ﷺ جي تابعين، تبع تابعين، عاشقن، ڇا امام حسين عليہ السلام جي ڪا فيس هئي؟ جنهن پنهنجي ناني جي دين کي بچائڻ لاءِ ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي اولاد سان گڏوگڏ پنهنجي جان بہ قربان ڪئي، بيبين پاڪن کي جن جو ڪڏهن ڪنهن نر پکي بہ منهن نہ ڏٺو هو، انهن جو بي پردگيون ڪيو ويون، پنهنجي ناني جي دين جي خاطر، ايڏين وڏين قربانين جي عيوض، ڇا امام حسين عليہ السلام اهو چيو تہ مونکي امتِ محمدي ﷺ کان ڪا فيس ملندي، ها امام حسين عليہ السلام اهو چيو تہ اهو منهنجو فرض آهي، جنهن جو نانو مصطفيٰ ﷺ هجي،

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ شَدَّادٍ، عَنْ أَبِيهِ، قَالَ: خَرَجَ عَلَيْنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي إِحْدَى صَلَاتَيِ الْعَشِيِّ: الظُّهْرِ أَوِ الْعَصْرِ، وَهُوَ حَامِلٌ الْحَسَنَ أَوِ الْحُسَيْنَ، فَتَقَدَّمَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَوَضَعَهُ، ثُمَّ كَبَّرَ لِلصَّلَاةِ فَصَلَّى، فَسَجَدَ بَيْنَ ظَهْرَانَيْ صَلَاتِهِ سَجْدَةً أَطَالَهَا، فَقَالَ: إِنِّي رَفَعْتُ رَأْسِي، فَإِذَا الصَّبِيُّ عَلَى ظَهْرِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ سَاجِدٌ، فَرَجَعْتُ فِي سُجُودِي، فَلَمَّا قَضَى رَسُولُ

اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الصَّلَاةَ، قَالَ النَّاسُ: يَا رَسُولَ اللَّهِ، إِنَّكَ سَجَدْتَ بَيْنَ ظَهْرَانَيْ صَلَاتِكَ هَذِهِ سَجْدَةً قَدْ أَطَلْتَهَا، فَظَنَنَّا أَنَّهُ قَدْ حَدَثَ أَمْرٌ، أَوْ أَنَّهُ قَدْ يُوحَى إِلَيْكَ , قَالَ:" فَكُلُّ ذَلِكَ لَمْ يَكُنْ، وَلَكِنَّ ابْنِي ارْتَحَلَنِي، فَكَرِهْتُ أَنْ أُعَجِّلَهُ حَتَّى يَقْضِيَ حَاجَتَهُ." (مسند احمد 16033، سنن نسائی 1142)

ترجمو: ”سيدنا شداد بن هاد کان روايت آهي تہ هڪ مرتبہ نبي ڪريم ﷺ ظهر يا عصر مان ڪنهن هڪ نماز لاءِ ٻاهر تشريف کڻي آيا تہ سيدنا امام حسن عليہ السلام يا سيدنا امام حسين عليہ السلام کي کڻيو بيٺا هئا ۽ اڳتي وڌي ان کي هڪ پاسي تي ويهارياڻون ۽ نماز لاءِ تکبير چئي نماز شروع ڪري ڇڏي، سجدي ۾ ويا تہ ان کي تمام ڊگهو ڪياڻون. مون وچ ۾ ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ ننڍڙو نبي ڪريم ﷺ جي پٺيءَ تي سوار هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ سجدي ۾ هئا. آئون اهو ڏسي واپس سجدي ۾ هليو ويس. جڏهن رسول الله ﷺ نماز کان فارغ ٿيا تہ ماڻهن عرض ڪيو: اي الله جا رسول! اڄ توهان تہ هن نماز ۾ تمام وڏو سجدو ڪيو. اسان سمجهيو تہ شايد ڪو حادثو پيش اچي ويو آهي يا توهان تي وحي نازل ٿي رهي آهي. نبي ﷺ فرمايو انهن مان ڪجهہ بہ ناهي ٿيو پر منهنجو پُٽ حسين عليہ السلام منهنجي پٺيءَ تي سوار هو. مون هن کي سندس خواهش جي تڪميل کان پهرين جلدي ۾ سجدو ختم ڪرڻ سٺو نہ سمجهيو.“

جنهن جي ڪنڌ تي امام حسين عليہ السلام ويهي، وحي اچي چوي تہ اي محبوب ﷺ، تنهنجي ڪنڌ تي حسين سوار آهي. منهنجا محبوب تون پنهنجو ڪنڌ مٿي نہ ڪر. اها بہ بي ادبي ۾ شمار آهي. اتي اسان جي شريعت بہ ماني ٿي وڃي ٿي. آهي ڪو انهيءَ کي چوڻ وارو. هو تہ صاحب شريعت هئا. پر انهن کي بہ حڪم هو تہ اي محبوب ﷺ توهان تي اهو سوار آهي. جيڪو توهان جي دين کي بچائيندو. اڄ هيءَ معاشرو انهيءَ قاتلِ حسين عليہ السلام کي بہ حضرت ڪري پڪاري ٿو اهو تہ اسان جي ذهنن ۾ فطور آهن.

جنهن ٽن سالن جي بادشاهي ۾ مڪي تي بہ حملو ڪيو انهي مديني منوره جي پاڪ سرزمين تي بہ حملو ڪيو انهيءَ محبوب ﷺ جي مسجد تي، اها مسجد جنهن جي ممبر تي ويهي محبوب ﷺ عالمِ اسلام کي



واعظ ڪندو هو اتي هاٿين ۽ گهوڙن کي ٻڌو جتي انهن هاٿين ۽ گهوڙن پيشاب بہ ڪيو تي ڏينهن منهنجي محبوب ﷺ جي مسجد ۾ آذان ڪون آئي- (صحيح مسلم 3245، صحيح بخاري 2604، 2959، 402،4906، صحيح مسلم 3339،3319، 3323 کان 3333)، (تاريخ الخلفاء، علامہ جلال الدين سيوطي، ص 302)

اتي اسان جا هيءَ ذهن ڇا ٿا چون؟ اڄ آهي ڪو هِن معاشري ۾ اهڙو ماڻهو جيڪو اتي اهو چوي تہ هيءَ ڇا آهي؟ اڄ اسان انهيءَ کي چئو ٿا تہ اهو بہ اصحابي هو. دوستو اصحابي تہ ظاهر هئا، اصحابي تہ اهلِ بيت جا حبدار هئا، اصحابِ اڪرام تہ اهي هئا جيڪي منهنجي محبوب ﷺ جو جيڪو وضو جو پاڻي پٽ تي ڪرندو هو اهو منهن تي مليندا هئا، پاڻي جو هڪڙو قطرو بہ زمين تي ڪرڻ نہ ڏيندا هئا، اهي تہ منهنجي محبوب ﷺ جا اصحابي هئا، منهنجي محبوب ﷺ جو اصحابي تہ بلاول حبشي رضہ بہ هو.

اهڙو هڪڙو اصحابي جيڪو اسان جي هندستان جو انهيءَ وقت سڄي هنڌ هئي، پٽڪا نالي هڪڙو شهر هو ان جو اهو ماڻهو هو انهيءَ وقت اهو واپار سانگي هلندو هو جيئن هينئر جهازن، بسن ۽ ٻين سوارين جي ذريعي واپار ٿو ڪيو وڃي، ائين اڳي اٺن جي ذريعي واپار ڪيو ويندو هو ۽ هنڌ جا واپاري ماڻهو انهيءَ عرب جي پٽي ڏانهن بہ واپار ڪرڻ ويندا هئا، ائين اهو ماڻهو بہ انهيءَ قافلي ۾ ويو وڃي مڪي جي آسن پاسن پهتو تہ اتي ايڏي تہ برسات پئي، جو انهيءَ سرزمين تي نديون وهڻ لڳيون، اتي هڪڙي سهڻي خوبصورت، تمام حسين ٻارڙي انهيءَ برسات جي موسم ۾ مال (ٻڪريون) پيي چاريو اهي ٻڪريون تہ اها ندي پار ڪري ويون، پر اهو ڇوڪرو رهجي ويو، اهو اصحابي ٿو چوي تہ انهيءَ ڇوڪري اسان کي عربي ۾ چيو اسان کي عربي ڪون ٿي آئي، تہ اسان هُن ڇوڪري جي ٻولي ڪون سمجهي، پر اسان محسوس ڪيو تہ اهو خوبصورت حسين ٻارڙو جنهن جي عمر انهيءَ وقت ست اٺ سال هئي، اهو شايد ائين چئي پيو تہ مونکي اها ندي پار ڪرايو پوءِ اسان اُن کان پڇيو چيائين تہ ها مونکي اها ندي پار ڪرايو. اهو محبوب ﷺ جو اصحابي چوي ٿو تہ مون انهيءَ ٻارڙي کي کڻي اها ندي پار ڪرائي، تہ هُن مونکي ست مرتبہ دعا ڪئي تہ تنهنجي عمر وڏي ٿئي، هُن

ست دفعا اهي لفظ اچاريا تہ تنهنجي عمر وڏي ٿئي, هو پنهنجو ڪم ڪري اچي واپس پهتو انهيءَ کي ستن سالن جو ٽائيم ٿي ويو اهو اصحابي ٿو چوي هڪ دفعا چوڏهين جو ٽائيم هو چوڏهين تاريخ هئي, چنڊ آسمان تي پنهنجي خوبصورت انداز ۾ چمڪيو پيو, تہ هڪدم ڏٺوسون تہ انهيءَ چنڊ جا ٻہ ٽڪر ٿي ويا, تہ اسان کي انهيءَ وقت حيرت ورتي, نہ انهيءَ وقت ڪو فون هو نہ سوشل ميڊيا هئي, نہ ٽي وي ڪجھ بہ نہ هو پر جيڪي ماڻهو ٻاهران ڪاروبار ڪري ايندا هئا, انهن کان اسين پڇندا هئاسين, تہ اهو ڇا هو پر اسان کي ڪير نہ پيو ٻڌائي, نيٺ عرب کان ڪي ماڻهو آيا, انهن کان اسان پڇيو تہ اهو ڇا هو انهن چيو تہ عرب ۾ هڪڙو ماڻهو پيدا ٿيو آهي, اهو پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو تہ آئون خاتم الانبياءَ آهيان, اتي جا ڪافر ان تي ايمان نٿا آڻين, تنهن ڪري هو انهن ڪافرن کي اهڙيون اهڙيون شيون ڏيکاري ٿو جن سان ڪافر انهيءَ جي طرف اچن ٿا, توهان بلڪل حق تي آهيو اهو چنڊ اسان بلڪل بہ اڌ ٿيندي ڏٺوسون, هُن اصحابي کي اچي شوق جاڳيو تہ آئون بہ انهيءَ پاسي وڃان ۽ اهڙي هستيءَ کي وڃي هٿ ڪيان, بهرحال جڏهن هو پنڌ ڪندو ڪندو اتي پهتو تہ اُن کي خبر پئي, تہ اها هستي ڪافرن جي ظلم جي ڪري هتان کان هجرت ڪري وئي آهي, پڇائون ڪندا ڪندا جڏهن اهي انهيءَ جڳھ تي پهتا, تہ خبر پئي تہ اها هستي انهيءَ خوبصورت انداز ۾ ويني آهي, توهان وڃي اُن سان ملو جڏهن اهو ماڻهو حال احوال ڪري ٿو تہ اهو ماڻهو چوي ٿو سائين اسان هيڏو پنڌ ڪري آيا آهيون, اهو ڪو بہ پنڌ هوندو توهان جيئن ٻين ماڻهن کي عجيب عجيب شيون ٿا ٻڌايو اسان کي بہ اهڙي ڪا ڪرامت ٻڌايو جو اسان جو بہ ايمان پڪو ٿئي, تہ منهنجو محبوب ﷺ انهيءَ ماڻهو جي چهري ڏانهن نهاري, انهيءَ خوبصورت انداز ۾ ٿو چوي, تہ, رتن هندي توکي اهو ياد ڪون هوندو, جڏهن تو مونکي اها ندي پار ڪرائي هئي ۽ مون توکي پني تي ست پيرا هٿ هنيو هو توکي اهو ڪونهي ياد؟ اجان بہ تون مونکان ٿو پڇين, پوءِ اهو اصحابي سائين جي پيرن ۾ پيو ۽ چيائين,

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ



تاريخ شاهد آهي تہ انهيءَ اصحابي جي عمر ست سئو سال ٿي. (عسقلاني, الاصحابت في تفسير الصحابت, ج: 2 ص: 530, 531, رقم 2648)

وَآدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ(سلسله احاديث صحيح **3182**)

منهنجو محبوب ﷺ ڪريم حضرت آدم عليہ السلام جي پيدائش کان پهرين بہ موجود هئا, پر منهنجي محبوب ﷺ کي انسانن جي روپ ۾ ظاهري طرح آڻي انسانن کي اشرف المخلوقات ٺاهيو ويو. پر افسوس, اڄ اسان انسان پنهنجي انسانيت کي وساري ويٺا آهيون, جانور جيڪو بي سمجھ آهي, اهو بہ پنهنجي ماءُ, پنهنجي پيٽ جي ڦر سان بہ محبت ٿو ڪري, پر انسان, توهان کي ڇا ٻڌائي اسين روز ٿا ٻڌون تہ فلاڻي ٻار کي ڪتن پئي کاڌو, فلاڻو ٻار ڪنهن پاڻيءَ ۾ اڇلي پيو هو اهو ڇا آهي؟ اهو بہ ڪرڻ وارا اسين ۽ توهان آهيون, اڄ اسين روز ٻڌون ٿا تہ ڪنهن معصوم پنجن ڇهن سالن جي ڇوڪريءَ جي ڪنن مان واليون ڇنيون ويون آهن, پر آئون ڪهڙا ڪهڙا الفاظ چوان اهي ڪم بہ انسان ٿو ڪري, مال کي, جانور کي پوءِ بہ ادب آهي, پر اسان انسان, ادب ۽ احترام وساري ويٺا آهيون.

دوستو! هيءَ پليٽفارم ئي انهيءَ جي لاءِ آهي, توهان کي ادب ۽ احترام سيکاري, توهان کي, اهي فلسفا سيکاري جيڪي اسان جي محبوب ﷺ اسان کي ٻڌايا, اها واٽ جيڪا محبوب ﷺ اسان کي پنهنجي سوانحيات ۾ ٻڌائي, اها منهنجي محبوب ﷺ جي سوانحيات توهان ۽ اسان جي لاءِ هئي, محبوب ﷺ تہ ظاهر بہ هئا, محبوب ﷺ تہ باطن بہ هئا, محبوب ﷺ تہ آدم عليہ السلام کان بہ اڳ ۾ هئا پر ظاهر اچڻ سان اسان جي محبوب ﷺ اسان کي اهي ڳالهيون سمجهايون هيون, تہ توهان ۽ اسان اهي ڳالهيون پنهنجي هنئين سان هنڊايون, پر افسوس اڄ توهان ۽ اسان اهي واٽون پلجي وياسون, تڏهن اسان اڄ پشيمان آهيون, اڄ اسان جو سڪون اسان کان هليو ويو آهي, اسان جي بي چيني وڌي وئي آهي, اسان وٽ هر شيءِ هوندي بہ, اسان کي ٽينشن آهي, اهو ٽينشن اسان جي نوجوانن کي وٺيو ڪڏهن فحاشي ڏانهن پيو وڃي, ڪڏهن منشيات ڏانهن پيو وڃي, ڪڏهن اهو ٽينشن اسان کي هِن جهان ۾ ٽڪائي ٿو.

دوستو! اڄ اسان وٽ سنو ڪپڙو، سنو مرتبو، گاڏي، ڏنڊي جو زور آهي، اُهي شيون اسان جي سڃاڻ بڻجي ويو آهن، پرهيزگاري جيڪو اسان جو حدف هو اهو اسان پلجي ويا آهيون، تہ اڄ اسان دربدر آهيون، اسان پنهنجي اولاد منجهان بہ مطمئن ڪون آهيون، اسان پنهنجي پاءُ منجهان مطمئن ڪون آهيون ۽ اولاد وري پنهنجي مائٽن مان مطمئن ڪونهي، پيءُ وڃي ٿو پنهنجي چوڪري کي ڪنهن چڱي اسڪول جي فيس ڏئي، اُن کي ان ۾ داخل ٿو ڪرائي ڇڏي، پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ ٿورو ڏسي، اهو نٿي ڏسي تہ پنجن ڇهن مهينن ۾ انهيءَ ڇا ڪيو، هو ڪهڙي ماحول ۾ هو اُن پيءُ کي ان سان مطلب ڪونهي، هُن کي کپي تہ ٿو بس هن جهان جو سرٽيفڪيٽ، ان پيءُ کي اهو ڪون ٿو کپي تہ هُن جي پٽ جو اخلاق ڇا ٿيو، پيءَ کي اهو ٿو کپي تہ منهنجو پٽ پيسي ٺاهڻ جي مشين ٿئي، جيئن مون حرام جو پيسو ٺاهيو آهي، ائين منهنجو پٽ بہ حرام جو پيسو ٺاهي، اسان جي پِيرن، سياستدانن، استادن، ڊاڪٽرن ۾ بہ اها ڳالهہ اچي وئي آهي، ڊاڪٽر چاهيندو تہ منهنجا پُٽَ بہ ڊاڪٽر ٿين، پُير چاهيندو تہ منهنجا پُٽَ بہ پُيرَ ٿين، پوءِ ڇا ٿو ٿئي انميچورٽي، ڊاڪٽر وارو پُٽُ چوي ٿو منهنجو پيءُ مال پيو ميڙي، پاڻيءَ واريون سيون هٽي مال پيو ميڙي، تہ پُٽُ بہ اهو ڪم ٿو ڪري، ائين اسان جو واعظين بہ ائين ٿو ڪري، پُٽُ سوچي ٿو تہ منهنجي پيءُ ماڻهن کي ڪهاڻيون ٻڌائي ٻڌائي فيسون ورتيون تہ هو بہ ائين پنهنجي پيءُ وارو ڪم ڪرڻ شروع ٿو ڪري، ائين نعت خوان، ائين مولود، ائين اسان جو انجنيئر، فلاسافر سڀ پنهنجو سرمايو انهيءَ پيسي تي ٽا ڏين.

پر دوستو، اسان کي وري بہ انهيءَ چانئٽ تي وڃڻو پوندو، اسان کي فلسفو وري بہ انهن کان وٺڻو پوندو، منهنجي محبوب ﷺ وٽ جيڪي ڪافر قيدي ٿي آيا انهن کي منهنجو محبوب ﷺ فرمائي ٿو

عن ابن عباس، قال: كان ناس من الاسرى يوم بدر لم يكن لهم فداء" فجعل رسول الله صلى الله عليه وسلم فداءهم ان يعلموا اولاد الانصار الكتابة (مسند احمد 2216)، (المواهب اللدنية والزرقانی، غزوه بدر الکبری ج2 ص 322،320)



آئون توهان کي تڏهن آزاد ڪندس جڏهن توهان منهنجي ڏهن مسلمانن کي تعليم ڏيو، منهنجي مسلمانن کي توهان پنهنجي ملڪ جي ٻولي سيکاريو، پوءِ جڏهن اهي ٻولي سکندا تہ انهن مسلمانن کي محبوب ڪريم ﷺ انهن ملڪن ڏانهن موڪليندو هو. توهان ڏسو اهي منهنجي محبوب ﷺ جا اصحاب جن خون جا پيسا پريا، اهي منهنجي محبوب ﷺ جا اصحاب جن پنهنجي سڄي ملڪيت پيسو آڻي اچي منهنجي محبوب ﷺ تي فدا ڪيو اڄ ڇا آهي، اڄ اسين چاهيو ٿا تہ اسين اهو سڀ پيسو پاڻ گڏ ڪريون، جيڪڏهن اسان کي محمد ﷺ جي شريعت موڪل ڏئي، تہ اسين چئون تہ اسان جي ڪفن ۾ بہ وڏا وڏا کيسا ٺاهيو، تہ اهو پيسو اسين کڻي وڃون، متان اهو پيسو اسان جي اولاد کي نہ ڪم اچي وڃي، اهو بہ اسان پاڻ سان گڏ کڻون، اهو اسان جو حوس ۽ حرس آهي، اهو حوس ۽ حرس ختم ٿيڻو ڪونهي، انهيءَ حوس ۽ حرس کي ٻنجو ايندو تہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان ايندو، عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان کي سنواريندو، توهان جي اندر ۾ نفس جيڪا نفساني ڪاهہ ڪئي آهي، جيڪو توهان تي حاوي ٿي ويو آهي، حرس ۽ حوس جي صورت ۾، ماديت پرستيءَ جي خوبصورتي جي صورت ۾، انهيءَ کي ٿورو پري ڪرڻ لاءِ وري بہ توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ تي اچڻو پوندو، اهو توهان جي لاءِ آخري هٿيار اٿو اها توهان جي لاءِ ميڊيسن جيڪا توهان کي ڇاڻي صاف ڪري توهان جي ڪنڌن ۾ جيڪي خودي جا، لوهہ جا جيڪي وڏا وڏا سريا پيا آهن، عشقِ مصطفيٰ ﷺ اهي ڪيڍي توهان کي عاجزي جي راهہ تي وٺي ويندو ۽ جڏهن توهان ۾ عاجزي ايندي تہ توهان کي خبر پوندي تہ سامهون بہ ڪو انسان آهي، ان جو بہ ڪو ادب آهي، هو ڪٿي مسڪين بہ آهي، هو ڪٿي پورهيت بہ آهي، هو توهان جي آفيس ۾، توهان جي بينڪ ۾، توهان جي جاءِ تي، ڪو سوال بہ ڪٿي آيو آهي تہ تڏهن بہ انسان آهي، ڪنهن پيدا ڪيو آهي، خالق پيدا ڪيو آهي، انهيءَ انداز سان پيدا ڪيو آهي، جنهن انداز سان تون معتبر ٿيو ماڻهن تي حڪم پيو هلائين، تون بہ انهيءَ انداز سان پيدا ٿيو آهين، هيءَ پنيءَ اگهاڙو، پيرن اگهاڙو بہ انهيءَ انداز سان پيدا ٿيو آهي، اهو ادب ۽ احترام

تو ۾ تڏهن ايندو جڏهن تنهنجي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ ايندو، عشقِ مصطفيٰ ﷺ اسان کي ٻڌائيندو اڄ اسين ڇا ٿا ڪريون، جيڪڏهن اسين ظاهر کي قابو ٿا ڪريون تہ انهيءَ کي مٿي تي کنيو پيا ڦيرايون، هيءَ ڪون ٿيو! هونئن ڪون ٿيو، جيڪڏهن اسين ٿا هلون باطن تي، تہ اسان جي صوفين ڪم ئي لاهي ڇڏيو آهي، انهن صوفين اهو سمجهيو آهي تہ وڏا مٽڪا، وڏا نعرا، وڏا وڏا ويس جبا پائڻ سان صوفي ٿينداسون، توهان بہ پليل آهيو، توهان ظاهر پرست توهان بہ پليل آهيو، منهنجي الله جو نالو ظاهر بہ آهي، تہ باطن بہ آهي، منهنجي مذهب اسلام ۾ جڏهن توهان ظاهر ۽ باطن ٻنهي شين کي گڏ کڻي هلندا تڏهن توهان ٿيندا مسلمان، توهان وٽ ايندو اسلام، صوفي بہ ڀٽڪي ويا آهن، اهي انتها تائين پهچي ويا آهن، اسان جا ظاهر پرست اهي ٻاهران تہ اسان ڏاڍا پابند آهن پر جيڪڏهن توهان انهن کي اڪيلائي ۾ چيڪ ڪندا تہ انهن کان فجر بہ ويندي هلي، ظهر بہ ويندي هلي، جيڪڏهن توهان انهن کي پنهنجي انهيءَ اندر ۾ چيڪ ڪندا تہ توهان کي انهن ۾ وڏيون وڏيون خاميون ملنديون، ائين جيڪي وڏا وڏا نعرا هڻڻ وارا، ائين پنهنجو پاڻ کي صوفي سڏائڻ وارن کي توهان چيڪ ڪندا تہ سواءِ نعري جي، سواءِ صوفي نالي جي همراه پٺيان صفا کوکلو.

دوستو! هيءَ اٽپڙهيلن جو سلسلو ناهي، هيءَ پڙهيل ۽ فاضلن جو سلسلو آهي، هيءَ انهن جو سلسلو آهي، جيڪي بنيءَ ۾ پچي پچي پوءِ ٿيا آهن، هيءَ ڪو عام ٻارن جو سلسلو ناهي، هيءَ قلندري اويسي طريقو آهي.

دوستو! آئون توهان جو ايترو ٽائيم ڪون ٿو وٺان، آئون تہ روزاني انهيءَ انداز ۾ وڃي ماڻهن کي هوڪا ٿو ڏيان، آئون اڄ بہ پنج لڳي ڏهن منٽن تي واپس گهر پهتو آهيان، پر منهنجي اندر ۾ جيڪا باھ آهي، اها آئون توهان تائين منتقل ڪرڻ چاهيان ٿو، اها باھ حوس جي ناهي، اها باھ حرس جي ناهي، اها باھ ماڻهن کان پري هٽڻ جي ناهي، پر اها عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي باھ آهي، جيڪا آئون توهان جي دلين ۾ منتقل ڪرڻ ٿو چاهيان، جڏهن اها توهان جي اندر ۾ منتقل ٿي ويندي، تہ توهان نہ چوندا، تہ آئون ڪو مهر آهيان، ڪو مڱريو آهيان، منهنجي قوم اهڙي آهي، پر توهان چوندا



تہ آئون انسان آهيان، آئون مسلمان آهيان پر آئون اهو مومن مسلمان آهيان، جنهن جي لاءِ منهنجو محبوب ڪريم ﷺ چئي ويو آهي تہ

’’لَيۡسَ مِنَّامَنۡ غَشَّ مُسۡلِماًأَوۡضَرَّهُأَوۡمَاكَرَه‘‘ (ڪنوزالحقائق جلد 2)

مسلمان مومن اهو آهي، جيڪو نہ ڪنهن سان دوکو ڪندو، نہ ئي وري ڪنهن جو دوکو کائيندو، اڄ توهان مونسان عهد ڪريو تہ توهان بہ انهيءَ ظاهريت پرستي جي روپ ۾ ويهي توهان بہ دوکو نہ کائيندا، توهان انهن جعلي پِيرن وٽ وڃي دوکو نہ کائيندا، انهن جا مٺاس وارا ٻول ٻڌي توهان دوکو نہ کائيندا، انهيءَ بگهڙ وانگر جيڪو درياھ تي وڃي شينهن وارو ويس ڪري آيو آهي، پر اُن جي اندر ۾ تہ بگهڙ آهي، اهو شينهن ڪون ٿو ٿي سگهي، بگهڙ جو ڪم آهي پٽڻ، خونخوار، پر شينهن پوءِ بہ شينهن هوندو آهي، شينهن جو ويس جيڪڏهن ڪو بگهڙ ٿو ڪري اچي، تہ اهو شينهن ڪون ٿيندو، شينهن ٿيڻ لاءِ وري بہ توهان کي شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جو فلسفو استعمال ڪرڻو پوندو، شهيد ڇا ٿو چوي؟ شهيد چوي ٿو

”جنهن ڳنَ ٽوپيا ڪوڙ منجهان“

ڳنَ هيءَ جيڪي پنهنجا ڳنَ آهن، جيڪي اڪثر ڪري صوفي ٽوپيندا آهن، اڄڪلهہ جا فيشني ڪاليجن جا ڇوڪرا ڪنهن عاشقي مزاج ۾ اچي پنهنجا ڳنَ ٽوپيندا آهن، پر شهيد چوي ٿو اهي ڳنَ ٽوپيا نہ، پر اهي ميخون جيڪي اسان جي محبوبن اسان جي اندر ۾ هڻي اسان جا ڳنَ ٽوپيا، چوي ٿو

”جنهن ڳنَ ٽوپيا ڪوڙ منجهان“

محبت مان، محبت جي انداز مان، جن محبوبن منهنجا هيءَ ڳنَ ٽوپيا،

”نينهن کي ڪچاڙو“

اهو الفاظ آهي اسان جي ٿر جو، چوي ٿو تہ نينهن تہ بادشاهہ آهي، اُن کي ڇا آهي، انهيءَ تہ پاڻ منهنجا ڳنَ ٽوپي ڇڏيا، مونکي پنهنجو اهڙو تہ ڪيائين، جو آئون اُن جو ٿي ويس، اُن جي هر ڳالهہ تي مون ها ڪيو، جيئن اسان جي نعت خوانن چيو تہ، سر يار جي قدمن ۾ فدا ٿيو تہ بجا ٿيو، جڏهن تون محبوب ﷺ جي تابعداري نہ ڪندي، جڏهن تون محبوب ﷺ جي

سوانحيات تي عمل نہ ڪندي، پنهنجو روح محبوب ﷺ جي چائنٺ تي نہ آڻيندي، تہ تون تابعدار ڪون ٿيندي، تنهنجيون رڳو وڏيون وڏيون حسرتون هونديون، تنهنجيون وڏيون وڏيون رڳون هوڪون هونديون، جڏهن پنهنجو سر محبوبن تان فدا نہ ڪندي، جنهن جي لاءِ شاهہ صاحب چيو آهي

"نرتون منجهان نينهن تان مڃ محمد ڪارڻي"

ائين نہ مڃ جيئن عام سڀ ڪو مڃي ٿو، مڃون تہ پاڻ سڀ ٿا چئون ٿا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

وري پاڻ چئون ٿا،

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

پر پوءِ پاڻ ڇا ٿا ڪريون؟ پاڻ حاجي بہ آهيون، پاڻ پرهيزگار بہ آهيون، پاڻ وٽ سڀ ڪجهہ آهي، پر پوءِ انهن ماڻهن کان جيڪي هِن انسانيت کي نقصان ٿا پهچن، انهن جو ازالو ڪير ڪندو؟ انهن جو ازالو توهان عاشقن کي ڪرڻو آهي، انهن جي اندر جو رڳون جيڪي هِن معاشري ٽوڙي ڇڏيو آهن، انهن کي جوڙڻ وارا وري بہ توهان عاشق آهيو. توهان منجهان ئي عاشق ٿيندا، ڪي الله سائين جا فرشتا اچي عاشق ڪون ٿيندا، هِن معاشري کي سنوارڻ وارا وري بہ توهان منجهان ٿيندا، توهان ئي انهن هستين جا فلسفا وٺي، توهان ئي هِن معاشري کي سنواريندا، آئون وري بہ توهان کي شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح جي فلسفي مان توهان کي ٻڌايا ٿو.

جنهن ڳنَ ٽوپيا ڪوڏ منجهان تنهن نينهن کي ڪوڄاڙو

ماڻس ستاڻڻو پڙس نالو ڪي نہ ڪي

اهو نينهن جيڪو آهي نہ، ان جي نہ ماءُ آهي، نہ پيءُ آهي، اُن کي ڇا آهي، اُن تہ منهنجا ڳنَ ٽوپي ڇڏيا، منهنجا ڳنَ اهڙا تہ ٽوپي ڇڏيا آهن، جو هاڻي منهنجا ٻئي هٿ ڳنن تي آهن، هاڻي منهنجو سر انهيءَ جي لاءِ تابعدار آهي، جڏهن توهان جو روح تابعدار ٿيندو، تہ توهان ظاهر ۾ باطن ٻنهي ۾ تابعدار ٿيندا، نہ تہ توهان وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا، پر عمل ڪون ڪندا، اصل ڪم تہ آهي ئي عمل جو. هيءَ جيڪو صوفي ازم آهي، اسان



اهي صوفي ناهيون جو اسين ڪي ڦڪا، پيلا پٽڪا پائي اچي ويهو هاڻي تہ اهي جيڪي هڪڙي رنگ جا پٽڪا پائيندا هئا انهن بہ صوفين وانگر پنهنجا پٽڪا مٿائي ڇڏيا آهن، انهن بہ ڪئين پٽڪا لاهيا آهن، شايد انهن کي بہ ڪنهن قسم جي ايڊ آهي، اسان کي ايڊ تہ لعل شهباز قلندر رح جي آهي، اسين انهن سڀني الله جي اولياء اڪرامن جي پيرن جي خاڪ آهيون جيڪي عشق جي بني ۾ پڪا آهن، اڄ اسين هتي، هيءَ پٽڪا پائي، توهان کان ڪو معتبر ٿيڻ ڪون آيا آهيون، اڄ اسين توهان جا خادم ٿيڻ آيا آهيون، اڄ اسين محبوب ﷺ جي نوڪري ڏيڻ لاءِ توهان وٽ آيا آهيون، اڄ اسين ۽ اسان جا دوست توهان کان فيسون وٺڻ ڪون آيا آهيون، اڄ اسين ۽ اسان جا دوست توهان کي مٺيون مٺيون خبرون ٻڌائڻ ڪون آيا آهيون، اڄ توهان کي حقيقت، ڪجهہ ڪاريون، ڪجهہ مٺيون بہ خبرون ٻڌائڻ آيا آهيون، اهي ڪاريون ۽ مٺيون خبرون بہ توهان کي هضم ڪرڻيون پونديون، جڏهن اسان جا هيءَ نوجوان، جيڪي پڙهيل نوجوان هئا، اهي جڏهن اسان جو فلسفو کڻي توهان جي چائنٺ تي پهچن ٿا، توهان جي درن تي پهچن ٿا، تہ توهان هنن کان سوال ٿا ڪريو تہ توهان مٿي اگهاڙا آهيون، توهان جا ويس هيءَ آهن، ڇا توهان کان منڪر ۽ نڪير اهو سوال پڇندا؟ پر اهي توهان کان پهريون سوال ئي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو پڇندا، توهان کان پڇندا تہ هيءَ سامهون ڇهرو ڪنهن جو آهي، هاڻي وقت هليو ويو آهي، هاڻي پاڻ ۾ جيڪڏهن ايترا سوال پڇنداسون، تہ پاڻ، پاڻ ۾ رهنداسون پنج ڏهہ هيءَ معاشرو پٽڪيو پيو آهي، توهان صبر سان ويهو، توهان برداشت رکو، توهان بردباري رکو، هيءَ نوجوان توهان جي معاشري کي تبديل ڪندا، هيءَ جوان توهان مان اهي فتنا ختم ڪندا، توهان مان اها فرقي بازي ختم ڪندا، جنهن اسان ۽ توهان کي اهڙو ڪري ڇڏيو آهي، جو توهان ۽ اسان هڪ ٻئي جي مسجدن ۾ بہ اچڻ پسند ڪون ٿا ڪريون، هو چوي ٿو تہ هيءَ فلاڻي جي مسجد آهي، هو چوي ٿو تہ هيءَ فلاڻي جي مسجد آهي، ڪڏهن بہ ڪنهن ائين چيو تہ هيءَ مسجد خالق جي آهي، ڪڏهن بہ ڪنهن ائين چيو تہ هيءَ مسجد انهيءَ جي آهي جيڪو چوي ٿو.

پر هيءَ چوي ٿو تہ هيءَ مسجد فلاڻي جي ايڊ جي ٺهيل آهي، هوءَ مسجد فلاڻي جي ايڊ جي ٺهيل آهي، پر دوستو، هيءَ جيڪو ڪم ٿيل آهي اهو محمد مصطفيٰ ﷺ جي ايڊ آهي، هنن دوستن کان توهان ائين سوال نہ پڇو، هنن کي توهان ٽائيم ڏيو، هوءَ توهان وٽ اچن ۽ توهان کي پنهنجو فلسفو ٻڌائين، هنن جو فلسفو ڪو نئون ڪونهي، پر اصحابِ اڪرامن وارو فلسفو آهي، هنن جو فلسفو بلاول حبشي رضہ وارو آهي، جنهن جي ٻت تي پٿر هڻا تڏهن بہ هُن جي آزمائش هئي، هيءَ فلسفو عامر بن شعيب رضہ جو فلسفو آهي، هيءَ فلسفو اولياء اڪرامن جو فلسفو آهي، هيءَ ڪا ايڊٽنگ ڪونهي، هيءَ هِنن جون رڱون عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان واڳيل آهن، هيءَ اسان جي نوجوانن کي ڪنهن محبت، ڪنهن انداز سان رڱو عادي ڪن، رڱو هنن جي نسبت قائم ٿئي، چهرا هنن جا پاڻهي تبديل ٿي ويندا، ٽائيم تي هِنن جا چهرا بہ تبديل ٿيندا، هِنن جا ويس بہ تبديل ٿيندا، پهرين هِنن جون عادتون تہ نيڪ ٿين، پهرين هِنن جي اندر جون عادتون تہ نيڪ ٿين، ٻاهر پاڻ ڪيترا ويس ڪٽي چينج ڪنداسون، پر اندر ۾ نفس تہ هيڏو ڦڻ ڪڍيو ويٺو آهي، پهرين اُن کي ماري، مچائي، اُن کي ساڙو ڪجي، اُن کي ماٺو ڪجي پوءِ هيءَ تبديليون ٿينديون وينديون، منهنجيون شيون توهان ٿوريون هضم ڪجو. الله سائين توهان کي آباد ڪري، توهان کي ويرا وير وڌائي، توهان جون پريشانيون، توهان جا سور، توهان جا اهنج هِن شهيد جي آستاني تي، منهنجي محبوب ﷺ جي هِن محفل ۾، هِن پنڊال ۾ سڀ ختم ڪري، الله سائين توهان جو سڀ خواهشون بہ پوريون ڪري، خاص ڪري انهن جا جن هيءَ محبوب ﷺ جو هيڏو مانداڻ مچايو الله سائين هُنن کي مالا مال ڪري، الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو حافظ، عشقِ مصطفيٰ ﷺ زنده آباد.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ سائين عبدالرحيم گرهوڙي رح.**
**تاريخ :29-11-2018 بمطابق 20 ربيع الاول 1440 هجري، ڏينهن خميس.**



# نرمل نور جو نظارو

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُ اَكْبَرُ كَبِيْرًا وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ كَثِيْرًا وَّسُبْحَانَ اللّٰهِ بُكْرَةً وَّاَصِيْلاً

دوستو! مون مسڪين عاجز جي طرفان توهان سڀني کي اسلام عليڪم.

دوستو! توهان ۽ اسان اڄ ٻهاول زئونر ۾ پيران پير رح جي خاندان جي هڪڙي هستيءَ جي آستاني تي ويهي عشق جا هوڪا ڏيڻ آيا آهيون، اڄ اسان هتي آذانِ عشق جو ڳالهيون ڪرڻ آيا آهيون، اڄ اسان ۽ توهان هتي انهيءَ محبت ۽ پيار جون ڳالهيون ڪرڻ آيا آهيون جيڪي معاشري کان وسري ويون آهن، جنهن کي هن جهان پنهنجي ڪرتوتن جي پٺيان وساري ڇڏيو، هيءَ جهان اڳتي وڌي ويو پر هن جهان مان اخلاق، محبتون، هن جهان جو ڪردار پوئتي هٽندو ويو، ٻيو شيون تہ وڌنديون ويون، هيءَ جهان ترقي ڪندي وڃي آسمان تي پهتو، پر شايد هُن کي پنهنجي پير ۾ بکايل انسان جي ڪا خبر ڪونهي، جهان وارا تہ ويٺي ويٺي آسمان، سج ۽ چنڊ جون ڳالهيون ٿا ڪن پر هنن جي پير ۾ ويٺل انسان جي هنن کي خبر نہ آهي، اڄ اسان ۽ توهان هِن جهان وارن کي ٻڌائڻ آيا آهيون تہ اڄا بہ ڪي محبوب ڪريم ﷺ جا عاشق آهن جن محبوب ڪريم ﷺ کي پنهنجو آئيڊيل ٺاهيو آهي، جن محبوب ڪريم ﷺ کي پنهنجو محبوب ٺاهيو آهي، اسان نہ پر خود خدا محبوب ٺاهيو آهي.

دوستو! الله سائين خالق آهي، هن ڪائنات جو مالڪ آهي، هيءَ سڄي ڪائنات منهنجي مالڪ جي هٿ ۾ آهي پر باعثِ تخليق ڪائنات منهنجو محبوب ڪريم ﷺ آهي. دوستو! سڄي جهان جا فلاسافر، محقق، دانشور پلي اهي غير مسلم هجن انهن سڀني جو آئيڊيل هڪڙي هستي آهي اها آهي منهنجو محبوب ڪريم ﷺ آهي، تہ اسان اڄ هِن معاشري ۾ هِن

دور ۾ ڇو نہ انهيءَ هستيءَ کي پنهنجون آئيڊيل ٺاهيون. هُن جي سوانح حيات کي اسان پنهنجو آئين ٺاهي، پنهنجو منشور ٺاهي اڳتي وڌون. اسان انجمن غلامان قلندر وارن جو مقصد ئي اهيو آهي تہ غلط سوچون تبديل ڪيون، انسانن جي اصلاح ٿئي، اسان جو مذهب، اسان جو دين ايمان، اسان جو فرقو بس ماني مڇي ٿي ويو آهي، پر انجمن غلامان قلندر وارن جو اهو منشور نہ آهي، انجمن غلامان قلندر وارن جو اهو فلسفو نہ آهي، هي ابدالن جي دعا آهي،

”الهم مصلي امت محمد الهم ارحم امت محمد“

”الهم مصلي امت محمد“ منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي امت جي اصلاح، ڪرڻ واري ذات الله جي آهي، پر اسان کي هُنن کي يادگيري ڪرائڻي آهي، توهان يادگيري ڪريو توهان محافظ آهيو. توهان جي قوم توهان مسلمان توهان محافظ آهيو. توهان وٽ هڪڙي آئيڊيل هستي آهي، جيڪو رحمت العالمين آهي، رحمت المسلمين نہ پر رحمت العالمين آهي جنهن کي الله سائينءَ هن سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت ٺاهيو آهي، ان ۾ هر ڪنهن جو حصو پتي آهي، امير هجي، مسڪين هجي، شاهوڪار هجي، هر ڪنهن جو حصو آهي، جڏهن ڪنهن جي شيءِ ڪٽي ٿي تہ اچي ٿو محبوبﷺ جي چائنٽ تي، جڏهن ڪو پنهنجي روحاني ڪوٽ محسوس ٿو ڪري، جڏهن هُن جو سوچون بيهي ٿيون رهن. تہ وري بہ هو انهي سوچ تي ٿو اچي، اها ڪهڙي هستي آهي، اهو منهنجو محبوب ڪريمﷺ آهي.

دوستو! اسان انجمن غلامانِ قلندر. وٽ وڏو ڪو فلسفو نہ آهي، اسان جو وڏو ڪو منشور نہ آهي، اسان جو وڏو ڪو آئين نہ آهي، اسان جو فقرائي آئين آهي، اسين فقير آهيون پر فقير اهو نہ جيڪو نالي سان سڏجي، پر اسين عمل ڪرڻ وارا فقير آهيون. پنهنجو ڪردار ڏيکاري ٻين کي راغب ڪرڻ وارا، ڪوڙ ٻٽاڪ وڏيون دعوائون ڪرڻ وارا نہ. دوستو جهان جو هميشہ اصول رهيو آهي، جهان ۾ بہ طبقا ٿا رهن هڪڙو صاحبِ اقتدار ٻيو صاحبِ اولياء الله. جنهن جون دليون الله جي اولياء الله جي منشور سان



چمڪن ٿيون ۽ هميشہ اهي ٻئي ڌريون هن معاشري ۾ هلن ٿيون. توهان ڏٺو هوندو، تاريخ کي پڙهيو هوندو، تاريخ شاهد آهي جڏهن لاهور ۾ داتا سائين رح ٿو اچي تہ ان جي هڪڙي پير ۾ چيپل آهي ۽ ٻئي پير ۾ پائڻ لاءِ چيپل ڪونهي، پر تاريخ شاهد آهي اُن ڪانپوءِ بہ حڪمران آيا ڪئين حاڪميت ڪرڻ وارا آيا، جن وڏا وڏا محل ۽ بنگلا ٺاهيا، اڄ اسان کي ٻڌايو تہ انهن جي مزارن جي حالت ڇا آهي؟ ۽ داتا سائين جي بارگاهہ جي حالت ڇا آهي؟ هُنن محل وارن ۾ هِن جهان جي ملڪيت چمڪي ۽ هُن (داتا سائين) جي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰﷺ چمڪيو اڄ ڪنهن کي مجال آهي جو داتا سائين رح جي مزار جي ڪو بي حرمتي ڪري، اڄ توهان ويندا ڏسندا تہ انهن محل وارن جون مزارون خالي ملنديون اتي توهان کي ڪو حاضري جي لاءِ نہ ملندو، پر جيڪڏهن توهان کي داتا سائين رح جي حاضري ڀرڻي آهي تہ توهان کي اڌ ڪلاڪ لائين ۾ بيهڻو پوندو پوءِ وڃي توهان کي سائين جا پير چمڻ جو موقعو ملندو، اهو ڇا آهي؟ اهو فلسفو عشقِ مصطفيٰﷺ جو فلسفو اٿو، اها هستي جڏهن لاهور ٿي پهچي تہ سائين اتي ٻڌن ٿا تہ اتي جي هڪ مهراج کي سڄي شهر جو آسي پاسي جون سڀ عورتون صبح جو سويري کير جو بالٽيون پري ان کي وڃي پهچائينديون هيون، هن وٽ اهڙو ڪو پاور هو هُن وٽ اهڙي ڪا طلسماتي طاقت هئي.

هڪ دفعي سائين بہ اچي انهن عورتن جي واٽ تي ويٺا، هڪڙي عورت کي چيائون تہ آئون فقير آهيان ۽ اڃايل آهيان، منهنجي پيٽ ۾ بک آهي، توهان مونکي اهو کير ڏيو عورتن چيو فقير اسين توهان کي اهو کير ڪيئن ڏيون، اهو کير جيڪڏهن اسان هُن (مهراج) کي نہ ڏنو تہ اسان جون مينهون کير بند ڪري ڇڏينديون ۽ اسان کي سزائون ملنديون. سائين چيو توهان مونکي هڪڙي دفعي اهو کير ڏيو اهو طلسمي ڄاڻي آئون ڄاڻان، مائيءَ پنهنجي دل کي ڏڍ ڏئي، دل تي پٿر رکي سائين کي وڃي کير ڏنو، سائينءَ اها کير جي سڄي بالٽي درياهہ ۾ هاري ڇڏي، مائي واپس وڃي ڏسي تہ سندس مينهون ڀهرين کان ڏهوٽو کير ڏيڻ شروع ٿي ويون آهن. ائين سائين ڏانهن ماڻهو اچڻ شروع ٿي ويا، سائين کير ڪٽندو ويو ۽ درياهہ منجهہ

بالٽيون اونڌيون ڪندو ويو نيٺ هُن مهراج جو هَٽُ، هُن جي بازار هُن جو ڪاروبار اهو پوئتي هٽندو ويو نيٺ هُن کي ڪٽڪو ٿيو هو پاڻ انهن ماڻهن وٽ ويو جيڪي ماڻهو هُن وٽ ڪير کٽي ايندا هئا هنن کي چيائين ته توهان ڪهڙي قانون تحت مونکي ڪير ڏيڻ بند ڪيو آهي، هنن ماڻهن چيو ته اسان ڪير ڏيڻ بند ڪو نه ڪيو آهي پر هڪڙو الله جو مست بزرگ فقير انهيءَ کي جيڪڏهن اسين ڪير ٿا ڏيون ته اسان جي ڪير ۾ اضافو ٿئي ٿو اسان جون مينهون اُن کان وڌيڪ ڪير ٿيون ڏين، مهراج چيو هلو اسان کي انهيءَ مست سان ملايو اهو مهراج جڏهن آيو ته اچين سائين کي چيائون ته آئون هيءَ آهيان هوءُ آهيان، پنهنجا پاور سائين تي استعمال ڪيائين، سائين کي چيائين آئون آسمان تي ٿو اڏامان، سائين چيو ڀلي پيو اُڏ تنهنجي مرضي اسين ته فقير آهيون اسين آسمان تي اُڏڻ کون ڄاڻو اسين سمنڊ ۾ درياهه تي مصلو وڇائي ان تي الله جا فرض پڙهڻ کون ڄاڻو اسان وٽ اسان جو ڪردار آهي، اسان وٽ عشقِ مصطفيٰ ﷺ آهي، اسين ٻي شيءِ کي ڄاڻو ئي ڪون، هو مهراج هوا ۾ اڏاميون ته سائين پنهنجي هڪڙي چپل جيڪا پائي آيو هو اُن کي اشارو ڪيو ته انهيءَ چپل ان مهراج کي پڄائي پڄائي اچي پٽ تي اڇلايو اڄ ڏينهن تائين وري ان مهراج جو ڪو پتو ڪونهي، پر اڄ به داتا سائين جو نالو قائم آهي، اڄ به داتا سائين جي نگري قائم آهي.

دوستو اهو ڇا آهي؟ اهو پاور آهي جنهن پاور کي وڏيون وڏيون قوتون به ختم ڪري ڪو نه سگهيون. ائين سيوهڻ جو سائين هڪ آواز هڪ فلسفو هڪ منشور کٽي سيوهڻ ۾ اچي ٿو مست ملنگ. سيوهڻ ۾ ڪنهن جي بادشاهت رائج آهي، سائين اچي ويهن ٿا ڪنهن کي به منع ڪون ٿا ڪن. ته هتي ڪو فحاش عورتن جو اڏو آهي، پر الله وارن کي الله سائين موڪليندو ئي انهيءَ لاءِ آهي ته اهي فحاشي جا اڏا ختم ڪريو پر هن جي هٿ ۾ ڪو اقتدار نه هوندو آهي، هُن ۾ روحاني اقتدار هوندو آهي، هُن ۾ اهڙو ته پاور هوندو آهي، اهڙي ته طاقت هوندي آهي، هوءَ اهڙا ته پارس هوندا آهن جو ڦٽل لوهه کي به اهو پارس ٿو لڳي ته اهو لوهه سون ٿي وڃي ٿو. اڄ اهي سون ٿيندڙ هن ڌرتيءَ تي هزارين هستيون آهن، اهو عشقِ



مصطفيٰ ﷺ جو پارس جنهن جنهن کي لڳي ٿو اهو سون ٿي وڃي ٿو اهو سون وارو سائين توهان جي سامهون اٿو جنهن جي درگاهه تعمير ٿئي پئي، ڇو ته ناهڻ وارا به اهڙا ئي هجن. سائين پيران پير جو ٻچڙو آهي، اولاد آهي، هُن جي حاضريءَ لاءِ به اهڙا پاڪ دامن روح کپن. پاڪيزه ماڻهو کپن جيڪي عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان مالا مال هجن. جنهن جون دليون هن جهان جي حوس ۽ حرس کان باغي هجن. هن جهان جي انهن سڀني برائين سان مهاڏو اٽڪائين جيڪي هن معاشري لاءِ ناسور ٿي ويون آهن پر اهي نوجوان هجن. الله سائين انجمن غلامان قلندر کي اُها توفيق عطا ڪئي. اهو سائين جو ڪم سونپيو اڄ هي محبتن جو محل ٺهيو آهي جتي اڄ توهان هزارن جي صورت ۾ ويٺا آهيو هتي توهان ڇو آيا آهيو؟ هتي توهان عشق جي آذان ڏيڻ آيا آهيو توهان هتي محبت جي محفل مچائڻ آيا آهيو توهان جو ڪم رُڳو نچڻ ڪڏڻ نه آهي، توهان جو ڪم آهي هن معاشري جي اصلاح ڪرڻ. جيڪو معاشرو ڀٽڪي ويو آهي. جيڪو معاشرو چوي ٿو جيڪي نوجوان چون ٿا. اسان جا برگر خاندان چون ٿا ته سڀ ڪجهه هيءُ جهان آهي. ڏاڏي کي به سوچ آهي ته پوٽي لاءِ ڪجهه ٺاهي وڃان پر هُن کي اها خبر ڪونهي ته ڪاري قبر توکي پڪاري پئي. هوءَ اونداهي آهي اتي تنهنجو اسٽيٽس، تنهنجو اقتدار تنهنجون منصب نه هلندو اتي توکي پاڻ کي هلڻو پوندو جيڪو ڪيڙي سو کائي. جيڪو تون ڪيڙيندي اهو توکي انهيءَ برپٽ ۾ ڪاٽڻو پوندو

دوستو هيءَ جهان ٻي بقا اٿو هن جهان ڪڏهن به ڪنهن سان وفا ناهي ڪئي، نه ئي توهان اسان سان وفا ڪندو پر عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان جو پيڇو ڪون ڇڏيندو عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان سان گڏ قبر ۾ به هلندو ته محشر ۾ به هلندو هن جهان ۾ جڏهن هن جهان جون بيماريون توهان تي ڪاهي پونديون تڏهن به عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان کي سهارو ڏيندو جڏهن توهان جو پنهنجو اولاد به توهان کي بيماري جي حالت ۾ ڇڏي ويندو تڏهن به عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان کي ڏِڍ اچي ڏيندو ته مايوس نه ٿي تنهنجو

محبوب ﷺ توسان گڏ آهي، اهو محبوب اهو حسين ۽ خوبصورت چهرو جنهن تي تو درود پڙهيو آهي اهو توکي نہ ڇڏيندو.

دوستو! درود نور آهي، اسان جو ايمان آهي ان تي، جنهن بہ محبوب مصطفيٰ ﷺ تي درود پڙهيو اهو پاڻ بہ نور ٿي ويو. انهيءَ نور سان جيڪو بہ مليو اهو بہ نور ٿي ويو. هيءَ سڄي ڪائنات، هيءَ سج چنڊ تارا، هيءَ الله جون بزرگ هستيون هيءَ سڀ منهنجي محبوب ﷺ جي نور منجهان آهن، الله سائينءَ جيڪو بہ عرش ۽ فرش تي ٺاهيو آهي اهو منهنجي محبوب ﷺ جي نور منجهان ٺاهيو آهي. دوستو اچو انهيءَ نور کي پاڻ ڪيش ڪرايون، انهيءَ نور کي پاڻ پنهنجي اندر ۾ سانديهيون، هيءَ بجليون هيءَ ٻاهريون ڪيل ختم ٿي ويندو پر عشقِ مصطفيٰ ﷺ جون نور توهان جي سينن منجهان ختم نہ ٿيندو پر اهيو نور جيڪڏهن توهان جي مزار منجهہ بہ ويو تہ اتي بہ چمڪندو جيئن سائين شاهہ قاسم جيلاني رح جو روزو پيو چمڪي، قبرون تہ بابا جام بيٺيون آهن، وڏن وڏن منصب وارن جون، وڏن وڏن وزرائن جون، پر شايد انهن کي ڪير سلامي بہ ڪون ٿو ٺئي، هيءَ نوجوان جيڪي ويٺا آهن هنن کي ڪو فنڊ ڪون مليو آهي، هنن کي ڪنهن پيسو ڪونهي ڏنو هنن کي ڪنهن پاڙا ڏئي هتي ناهي گهرايو. نہ ڪو هنن تي وڏو ڪو پريشر آهي، پوءِ هيءَ هتي ڇو آيا آهن؟ ڇو جو هنن جي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ مؤجزن آهي، هنن جي نسن ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ حاوي ٿي ويو آهي، هاڻي اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ هنن نوجوانن جي سيني ۾ اچي هنن کي سنواري پيو، پر هنن جي پاڙي وارن کي بہ سنواري پيو، هنن جي خاندانن کي بہ سنواري پيو، پر سڄي ملڪ پاڪستان کي سنواري پيو ۽ پاڪستان کان ٻاهر بہ سنواري پيو، ڇو تہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ ٿو چوي، منهنجي محبوب جي حديث ٿي چوي، جيڪو اسان جو آئين ۽ منشور آهي، تہ،

"لَيْسَ مِنَّا مَنْ غَشَّ مُسْلِماً أَوْ ضَرَّهُ أَوْ مَا كَرَه" (کنوزالحقائق جلد 2)

"مسلمان مومن اهو آهي جيڪو نہ ڪنهن سان دوکو ڪندو، نہ ڪنهن جو دوکو کائيندو"، اهو تہ اسان جو منشور آهي، منهنجي محبوب جو



منشور چوي ٿو تہ ڪوڙ نہ ڳالهايو، ڪوڙ ڳالهائبو تہ ايمان جي ڪتر آهي، اڄ ڏسو معاشري ۾ اسين نيڪ بہ آهيون، اسين حج بہ ڪيون ٿا، اسين خيراتون بہ ڪيون ٿا، پر اسان جي خيراتن ۾، حجن ۾ شيطان ڇپيل آهي، اهو شيطان اسان کي چوي ٿو تہ تون خيراتون ڪر تہ معاشري وارا ماڻهو تنهنجي واهہ واهہ ڪندا، تنهنجي واڪاڻ ڪندا. دوستو هيءَ واڪاڻ ٻن منٽن جو کيل آهي، اهڙيون واڪاڻون ڪرڻ وارا بہ ويا هليا ۽ جن جون واڪاڻون ٿيون اهي بہ گم آهن، اهي اسان کي ملن ئي ڪون ٿا. دوستو اهو ڇا آهي؟ اهو ڪهڙو کيل آهي جيڪو جهان وارا اسان سان پيا ڪن، پر دوستو پاڻ قلندري بہ هن جهان وارن سان کيل ڪنداسون، پاڻ وٽ کيل عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو کيل آهي، اهو سراسر سچ جو کيل آهي، اهو کيل پاڻ هنن ماڻهن سان ڪنداسون، اهو کيل پاڻ ادب، احترام، ڪردار، صحبت ۽ پنهنجي محبت سان ڪنداسون، هنن کي آماده ڪنداسون، هنن کي چونداسون ٿورو اچون اها چاشني تہ چکيو الله سائين توهان جا درجات بلند ڪندو، ڪير ٿو چوي منهنجو محبوب ڪريم ﷺ چوي ٿو

"من صلى على صلاة واحدة صلى الله عليه عشر صلوات وحطت عنه عشر خطيئات ورفعت له عشر درجات" (سنن نسائي 1298)

"جنهن مون محمد مصطفيٰ ﷺ تي هڪ دفعو درود پڙهيو تہ ڏهہ هُن جا گناهہ معاف ٿا ڪيا وڃن، ڏهہ هن کي نيڪيون ٿيون ملن، ڏهہ هن جا درجات بلند ڪيا ٿا وڃن"، اها منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي، ان تي ڪهڙو بہ فرقو انڪار نٿو ڪري سگهي. دوستو اهي درجات ڇا آهن؟ توهان هن جهان جي ڪنهن بہ منزل تي آهيو، توهان دنياوي ڪنهن بہ منصب تي آهيو، توهان سمجهو تہ درود پڙهڻ سان توهان جا منصب وڏندا، گهٽ ڪو نہ ٿيندا، توهان جي مسڪين آهيو تہ توهان جي مسڪيني ختم ٿيندي، جيڪڏهن توهان تنگ دست آهيو تہ توهان جي تنگدستي ختم ٿيندي، توهان ۾ جيڪڏهن بيماريون ۽ پريشانيون آهن، تہ دور ٿينديون توهان نوجوانن جا ذهن بہ جيڪڏهن منتشر آهن، جيڪڏهن توهان جي

ذهنن تي ماديت پرستي حاوي آهي، تہ انهن کي بہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ پري اچلائي ڇڏيندو، توهان درود پڙهي تہ ڏسو، توهان محبوب جي توجہ تہ وٺي ڏسو، توهان محبوب جي اک تہ وٺي ڏسو جن جن تي منهنجي محبوب جي اک پهتي اهي قطب، غوث ٿي ويا ۽ اولياءُ الله ٿي ويا.

هڪڙي ماڻهوءَ پيران پير جي ڪنهن مريد سان بحث ڪيو تہ اوهان چئو ٿا تہ، توهان جو محبوب ڪريم ﷺ معراج تي ارڙنهن سال رهيو ۽ هتي ڪنهن کي خبر ئي ڪون پئي! اک ڇنڀ ۾ اچي ويو، اهو ڇا آهي؟ جنهن غير مسلم سوال ڪيو انهيءَ جو ڪم هوندو هو روزاني نيل ندي جيڪا بغداد جي پر ۾ آهي، انهيءَ تي هو روزاني وهجندو هو، روزاني جي طرح جڏهن هو ان ندي ۾ پنهنجي جسم جا ڪپڙا لاهي وهنجڻ ويو، جڏهن وهنجي اچي ڏسي ٿو تہ هن جا ڪپڙا ساڳيا ناهن، اهي ڪپڙا پائي وڃي ڏسي ٿو تہ، هي بغداد جو شهر تہ ڪونهي، هي تہ ڪو ٻيو شهر اچي ويو آهي، هيءَ نيل ندي تي ڪونهي هيءَ تہ دجلا اچي وئي، هوءُ بازار ۾ وڃي ٿو، ائين ٿيندي ٿيندي هو ڪنهن دڪان تي ڪم ڪرڻ لاءِ ويهي ٿو، ائين ڪو مالدار ماڻهو هُن کي ڪاروبار وسيلي پنهنجي ڇوڪري ڏئي ٿو، ائين هُن جا چار پنج ٻار ٿي وڃن ٿا، وري هو دجلا ندي تي اچي ٿو جڏهن وهنجڻ لاءِ ٽٻي ڏئي ٿو تہ اصلي پراڻا هُن جا ڪپڙا پيا آهن، اهي ڪپڙا پائي جڏهن ٻاهر ٿو اچي ڏسي ٿو تہ اهي ساڳيا ماڻهو ويٺا آهن، هو پڇي ٿو مون دير تہ ڪو نہ ڪئي آهي، ماڻهو هن کي چون ٿا تہ تون هينئر ويو آهين ۽ واپس آيو آهين، پر هو ماڻهن کي چوي ٿو توهان کي اها تہ خبر ناهي تہ مونکي هيترا سال ٿيا، منهنجا چار ٻار ٿيا، مونکي هيترو عرصو ٿي ويو، ماڻهو هُن کي چون ٿا تون تہ چريو ٿي ويو آهين، تون هينئر ويو آهين ۽ واپس آيو آهين، اهو ڇا آهي؟ اهي آهن روحاني راز، انهن رازن جا رازدار ڪير هوندا آهن؟ جيئن ڪنهن آفيس جو رازدار بہ آفيس وارو هوندو آهي،چيئرمين جي سيڪريٽري کي بہ ڪا طاقت ڪونهي، چيئرمينن، ناظمن ۽ آفيسرن کان حلف ٿو ورتو وڃي تہ



توهان پنهنجي آفيسن جي خبر ڪنهن کي نہ ٻڌائيندا، تہ الله جي رازن جا رازدار بہ الله وارا آهن، انهن جي رازن جي خبر بہ انهن الله وارن کي آهي ٻين کي نہ. دوستو اهو ڇا آهي؟ اهو سڀ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو قانون اٿو.

دوستو! اسان جو هڪڙو فلسفو آهي ۽ اسين توهان کي دعوت ٿا ڏيون، ظاهر بہ نالو الله جو آهي، تہ باطن بہ نالو الله جو آهي، ظاهر بہ الله آهي، تہ باطن بہ الله آهي، الله پنهنجي محبوب تي بہ ظاهر ۽ باطن جو نالو رکيو آهي، اهو ڇا آهي؟ جهڙي ظاهري دنيا اٿو اهڙي باطني دنيا بہ اٿو، جهڙي ظاهري دنيا خوبصورت اٿو، انهيءَ کان اربين کربين وڌيڪ خوبصورت باطني دنيا اٿو، باطن ۾ روح ٿو رهي ۽ ٻاهر اسان جو بدن ٿو رهي، بدن کي هِن جهان جا کاڌا خوراڪ ٿا کپن، هن جهان جون خوبصورتيون ٿيون کپن ۽ اندر جي روح کي پاڪيزه شيون ٿيون کپن، تڏهن روح ۾ راحت اچي ٿي، روح ۾ سڪون ٿو اچي، اسان وڏيون ملڪيتون مال ناهيون ٿا پر اسان جي دل کي چين ڪونهي، چين فقط الله وارن کي آهي، چين صرف انهن کي آهي جن الله وارن سان نسبت رکي، نہ تہ ميڊيسنون سَون جي تعداد ۾ کائو پر آرام نہ ملندو.

دوستو! اسان صوفي آهيون، صوفي چون ٿا، تصوف وارا جيڪي محبوب ڪريم ﷺ جي وقت ۾ هڪڙا صاحبِ صُفا هوندا هئا، جن جو ڪم هوندو هو محبوب ﷺ جي چهري ۾ اکيون وجهي نهارڻ، ٿلها ڪپڙا پائڻ، نڪو جهان جي پرواهہ، نہ ڪنهن ٻي شيءِ جي پرواهہ، هو محبوب ﷺ جي چهري جا عاشق هوندا هئا، هنن جون اکيون هر وقت محبوب جي چهري ۾ هونديون هيون، انهن کي چون ٿا صاحبِ صُفا، انهن مان صوفي نڪتو، صوفي اکر انهي کي چيو وڃي ٿو جنهن جي لاءِ پٺائيءَ چيو "صوفيءَ صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو"، صوفي جو ڪم ناهي هن جهان جي ڪوڙن نعرن تي نچڻ، صوفي جو ڪم آهي نينهن جي نعري تي نچڻ، عشق جي اندر جي آواز تي ڪڏڻ، انهيءَ مان ان کي راحت اچي ٿي، هُن کي قلبي سڪون ٿو اچي، هُن کي اهو مزو ٿو اچي جيڪو هِن جهان وارن چکيو ئي ڪونهي، جن چکيو اهي لعل شهباز قلندر رح ٿي ويا، جن چکيو اهي بابا سائين احمد علي

رح ٿي ويا، جن چڪيو اهو سائين محمد علي بادشاهہ رح ٿي ويو جنهن کي ڪڏهن پيرن ۾ چپل هوندي هئي، ڪڏهن ڪون هوندي هئي، توهان هن کي شهرن ۽ بازارن ۾ ڀٽڪندي ڏٺو هوندو، بسن جي مٿي بيٺل، پيري پيادل، اهو ڇا هو؟ هُن کي ڪنهن پي ڀٽڪايو، ان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ پي نچايو، اڄ بہ انجمن غلامان قلندر جا دوست هزارن جي تعداد ۾ هن جهان ۾ پکڙجي ويا آهن، هيءُ محبوب ڪريم ﷺ جي امت کي سڏين پيا عشقِ مصطفيٰ ﷺ ڏانهن، آذان پيا ڏين عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي، هوڪا پيا ڏين، جهوليون ڀريون عشقِ مصطفيٰ ﷺ جون، ٻڌائين پيا اچو چکيو، هن جهان جا نوجوانو توهان کي هيءَ فحاشي ختم ڪري ڇڏيندي، توهان جي منهن جو نور ڦٽائي ڇڏيندي، توهان جا چهرا هيءَ مسمار ڪري ڇڏيندي، هن جهان جي حوس توهان کي تباهہ ڪري ڇڏيندي، توهان جا خاندان جا خاندان، توهان جا وڏڙا، توهان جو نسلون هن حوس هن حرس ختم ڪري ڇڏيون، توهان کي برائين ۽ فحاشين ختم ڪري ڇڏيو آهي، اچو نوجوانون هاڻي توهان سڄي عمر جو ٺيڪو ڪون ڪنيو آهي، نوجوانون توهان اچو توهان تي ئي سڄو جهان آهي، توهان اچو انجمن غلامان قلندر جي پليٽفارم تي، توهان عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو جام پيئو، توهان وٽان ڪو منصب هوندو، توهان ڪنهن آفيس ۾ هوندا تہ حيا شرم توهان کي موڪل ڪون ڏيندو، توهان کي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات اجازت ڪون ڏيندي جو توهان جي هٿن پيرن ڪان ڪو اهڙو ڪم ٿئي، ڏينهن قيامت جي محبوب ڪريم ﷺ جي اڳيان توهان جو ڪنڌ هيٺ ٿئي، ڇو توهان جو ڪو قلم اجايو نہ هلي وڃي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات توهان کي اهيا موڪل ئي ڪون ڏيندي تہ توهان ڪنهن سان ناجائزي ڪريو، ان جي بدلي ۾ توهان جهان جي ڪا شيءِ وٺو.

دوستو! اسان جو ڪنهن سان ڪو بحث جهڳڙو ڪونهي، اسان جي ڪنهن سان ويڙهہ ڪونهي، اسان صوفين جو ڪو فرقو ئي ڪونهي، اسان جو فرقو آهي تہ اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ آهي، اسان جو فرقو آهي



توڪل، توڪل آهي محبوب جو تصور، محبوب جو خيال، اهو اسان جو توڪل آهي، اهو اسان جو خيال آهي تہ، اسان جي مٿي تي انهيءَ شهنشاهہ جا هٿ آهن جتي هن جهان جا شهنشاهہ پيرن پيادا وڃون جهڪن ٿا، اسان کي هن جهان جي ڪنهن شهنشاهہ جي ڪا پرواهہ ئي ڪونهي، جنهن جي مٿي تي شهنشاهہ جا هٿ هوندا اُهي پاڻ شهنشاهہ هوندا.

دوستو! فقير ڪهڙو بہ هجي، مسڪين هجي، هن جي پيٽ ۾ ماني بہ نہ هجي، اهو بکيو هجي پر حرام کائڻ وارن کان افضل آهي، سيوهڻ واري سائين کي بہ پيٽ تي پٿر ٻڌل هئا، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي پيٽ تي پٿر ٻڌل هئا، پر پوءِ بہ پاڻ شهنشاهہ هئا، اڄ بہ منهنجو محبوب ڪريم ﷺ شهنشاهہ آهي، اڄ بہ سيوهڻ وارو سائين شهنشاهہ آهي، اڄ بہ پيران پير شهنشاهہ آهي، اڄ بہ سائين قاسم شاهہ شهنشاهہ آهي، جن هيترن ماڻهن جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو، آهي ڪو هن جهان جو ماڻهو جيڪو في سبيل الله بغير ڪنهن مقصد جي خيرات ڪري، ماڻهن کي ماني کارائي، اهي الله وارا بزرگ آهن جيڪي ڪو اسباب ٿا ناهين، ڪڏهن ڪنهن جي روپ ۾، ڪڏهن ڪنهن جي روپ ۾، هن محفل جو ميزبان بہ منهنجو آقا تہ مهمان بہ منهنجو آقا.

دوستو! توهان جا نصيب ڀلا آهن، توهان کي واڌايون، توهان انهيءَ محفل ۾ آيا آهيو جيڪا محفل عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي آهي، توهان جو مهمان بہ محبوبِ مصطفيٰ ﷺ، توهان جو ميزبان بہ محبوبِ مصطفيٰ ﷺ آهي، توهان ڪٿيو، توهان ڪٿيو، توهان جي پاڳن تي منهنجا سلام. الله سائين توهان کي آباد ڪري، توهان کي ويرا وير وڏائي. الله سائين توهان کي خوش رکي.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ، محفل ڪثرت درود پاڪ**

**سائين سيد شاهہ قاسم جيلاني رح (لڳ بهاول زئونر).**

**تاريخ : 11-11-2018 بمطابق 2 ربيع الاول 1440 هجري، ڏينهن آچر.**

## محبت جو منشور

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ آيل دوستن کي مون مسڪين عاجز جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! هِن محفل جو عنوان آهي محفل ڪثرت درود پاڪ ۽ وري عاشق هن محفل کي چون ٿا، محفل آذانِ عشق، ڇو ته عشق جي شروعات ٿي محبوب ڪريم ﷺ کان ٿي آهي، انهي عشق جي شروعات سان ٿي هيءَ سڄي ڪائنات ٺهي آهي، سو دوستو توهان کي هن محفل جون مبارڪون.

دوستو! هيءَ محفل محبوب ڪريم ﷺ جي محبت جو سڏ آهي، هي محفلون ادب ۽ احترام واريون آهن، جنهن محفل ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراهه ۽ واکاڻ ٿئي ٿي، جنهن محفل ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهيو ۽ پڙهايو وڃي ٿو، جنهن محفل ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي پيار ۽ محبت جي انداز سان هڪجهڙا ٿي، گڏجي عاجزيءَ سان، احترام سان، انهي محفل کي سجايو وڃي ٿو ته.

ان جي چوطرف ملائڪن جي قطار فرش کان وٺي عرش تائين بيهي ٿي، انهيءَ جو ڪم آهي انهي محفل جي چوڪيداري ڪرڻ، جيڪو به اُن محفل مان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهيو وڃي ٿو اهو درود هڪدم ڪٽي منهنجي محبوب جي بارگاهه ۾ پهچايو ٿو وڃي. (جذب القلوب).

دوستو! هي عظيم محنت آهي، هي عظيم ڪم آهي، هي محفلون عام محفلون ناهن ۽ نه ئي اُهي دوست عام آهن جيڪي مسلسل پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪم درود پڙهڻ ۽ پڙهائڻ کي وقت ڏين ٿا، ان ڪم جي لاءِ هنن پنهنجيون زندگيون انهي طرف آنديون آهن. جيڪي وڃن ٿا برن ۾، شهرن ۾، پٽن ۾ ۽ ماڻهن کي سجاڳي جو سڏ ٿا ڏين. سجاڳيون تي چار



آهن، هڪڙي سجاڳي علم جي آهي جيڪا اسان کي درسگاهن ۾ ملي ٿي، ٻي سجاڳي اها آهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن سرگرمي جي ذريعي اسان کي ملي ٿي، پر اهي سڀ جيڪي سجاڳيون آهن اهي ظاهري آهن، عشق ۽ محبت جي سجاڳي اُن جو دارومدار توهان جي روح سان آهي، توهان جي دل سان آهي، جيسين توهان جي دل فعال نه ٿئي، جيسين توهان جي دل سجاڳ نه ٿئي، تيستائين توهان جي ظاهري سجاڳي ڪنهن به ڪم جي نه آهي، توهان مايوس ۽ پريشان هوندا، توهان علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ به پريشان هوندا، توهان پنهنجا ظاهري منصب ماڻڻ کانپوءِ به پريشان هوندا، توهان جي پريشاني واري ڪيفيت هوندي، توهان پنهنجي اولاد، مال، زندگيءَ جي ڪمن ڪارن جي ڪري پريشان هوندا، پر انهن پريشانين جو حل، انهن مشڪلاتن جو حل عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو آهي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو ڇو؟ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو اسان کي اصحابِ اڪرامن عمل ڪري ٻڌايو.

حضرت بلال رضہ جيڪو حبشي هو، مسڪين هو انهي جڏهن محبوب ڪريم ﷺ جي عشق ۾ چيو "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" ته ڪافرن هُن کي اذيتون ڏنيون، هُن کي عرب جي تتل واريءَ تي سمهاريو ويو، اُن جي ڇاتيءَ تي جبل جا تمام وڏا وڏا پٿر رکيا ويا، تتل واري ان جي مٿي ۽ چيلهه تي رکي وئي، وري هُن کان ڪافرن پڇيو ڇا؟ ته حضرت بلال حبشي رضہ وري چيو "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" وري ڪافر پڇن ٿا، ته حضرت بلال رضہ چيو "اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ" (طبقات ابن سعد قسم اول جزوثالث: 165، اسد الغابہ جلد 4 پيج 306).

اهو ڇا هو؟ اها عشق جي سجاڳي هئي، انهيءَ وقت هُن وٽ علم ڪو نه هو، هو ڪو پڙهيل ڪو نه هو، هو ڪو پي ايڇ ڊي هولڊر ڪو نه هو، نه ئي هو ڪو ڊاڪٽر هو، هن کي عشق جي واٽ ملي، عشق جي واٽ ڪيئن ملي، محبوب ﷺ جي چهري تي هُن جي اک پئي هو عاشق ٿي ويو مستانو

ٿي ويو ائين ئي حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عثمان غني رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ کي اها ڇڻنگ لڳي.

«لو رايتني موثقي عمر على الإسلام انا واخته وما اسلم ولو ان احدا انقض لما صنعتم بعثمان لكان محقوقا ان ينقض». (صحيح بخاري 3867)

ترجمو: هڪڙو وقت هو تہ حضرت عمر رضہ تعاليٰ عنہ جڏهن اسلام ۾ داخل نہ ٿيو هو تہ مونکي ۽ منهنجي ڀيڻ کي انهي ڪري ئي ٻڌي ڇڏيو هئائين تہ اسان اسلام قبول ڇو ڪيو ۽ اڄ جيڪو ڪجهہ توهان حضرت عثمان رضہ تعاليٰ عنہ سان ورتاءُ ڪيو آهي، جيڪڏهن ان تي احد جبل بہ پنهنجي جڳهہ تان سرڪي وڃي تہ ان کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي.

تشريح: هڪڙي ڏينهن حضرت عمر فاروق رضہ ويو پئي تہ هن ٻڌو تہ هُن جي ڀيڻ محبوب ڪريم ﷺ تي ايمان آندو آهي، اهو حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي ڀيڻ کي مارڻ جي لاءِ وڃي ٿو پر پنهنجي ڀيڻ جي وات مان قرآن شريف ٻڌي ٿو اهي اکر جيڪي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراهہ ۾،

يا ايهل مدثر يا ايهل مزمل

۽ اهي جنهن جي معنيٰ هئي اي منهنجا محبوب جيڪو تون وٽ اچي توکي اڳتي ڪري اچي ٿو آئون ان جون سڀ خطائون معاف ٿو ڪري ڇڏيان، اهو عمر هڪدم تلوار ڪٽي محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاهہ ۾ پڇي ٿو. (سيرة النبي ج 1 : 209و210 بحواله اسد الغابہ وابن عساکر وکامل ابن اثير)

اهو ڇا آهي؟ اها آهي عشق جي سجاڳي، اها آهي عشق جي واٽ، ائين عشق هلندو آيو ائين عشق پنهنجا روپ ڪندو آيو ائين عشق خالد بن وليد جي روپ ۾ آيو جيڪو محبوب ڪريم ﷺ جي انهن دشمنن منجهان هو جن بدر ۽ ٻين ميدانن ۾ نبي ڪريم ﷺ سان ويڙهہ ڪئي، پر جڏهن هُن جي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ آيو ان ۾ هُن کي سجاڳي ملي، هُن جي طبيعت بہ تبديل ٿي وئي.



دوستو! اهو ئي فلسفو تہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ اٿو هيءَ عام ڳالهہ ناهي، جڏهن اندر منجهہ محبت جو پڙلاءُ پوي ٿو دل ۾ جڏهن محبت داخل ٿئي ٿي تہ پٿر دل، ميڻ ٿي پئي ٿي. دل پٿر ڇو ٿي؟ هن جهان ۾ جيڪا ماديت پرستي، ظاهر پرستي، حوس ۽ حرص آهي، اها دل کي پٿر بڻائي ڇڏي ٿي. مونکان ماڻهو پڇن ٿا تہ سائين توهان هر وقت حوس ۽ حرص جي باري ۾ چئو ٿا، اهو ڇا آهي؟ بابا حوس معنيٰ ڍؤ نہ ٿئي ڪنهن بہ شيءِ مان ڍؤ ٿيٽو ڪونهي.

ڪو ماڻهو بس ۾ سفر ڪري رهيو هو، هُن جي ڪپڙن منجهان بدبو پئي آئي، پر ۾ ويٺل ماڻهو چيو تہ هي ماڻهو اسان جي شهر جو وڏي ۾ وڏو سيٺ آهي، ان دوست وڏي انداز مان ماڻهو کي چيو تہ صاحب توهان گهٽ ۾ گهٽ ڪپڙا تہ صاف پايو ان تي سيٺ چيو تہ مون وٽ ڪپڙن پائڻ جو ٽائيم ئي ڪونهي، منهنجا نوانوي ارب رپيا بينڪ ۾ جمع ٿي ويا آهن، بس مونکي هڪڙي ارب جي ڪوٽ آهي اهو ٿي وڃي تہ پوءِ آئون سڀ ڪجهہ ڪندس. اها آهي حوس جيڪا ختم ٿيڻي ناهي، اها حوس تڏهن ختم ٿيندي جڏهن ماڻهوءَ کي قبر ۾ دفنايو ويندو، سيني مال، ملڪيت ۽ اعليٰ منصب جي باوجود، صرف بہ ڪپڙن ۾، جيڪي ڪپڙا هر مسڪين ۽ امير کي ملن ٿا، پوءِ مٽي جڏهن بدن ۽ منهن تي ايندي، جيڪو پيٽ ماديت پرستي سان ڀريل آهي انهي پيٽ تي جڏهن مٽي ايندي تہ اهو پيٽ هلڪو ٿيندو، ان جي حوس پوري ٿيندي، اها آهي حوس جيڪا ڪڏهن بہ ختم ٿيڻي ناهي، اها حوس ماڙيون، بنگلا، هڪڙو بنگلو آهي تہ ٻيو ٿئي، ٽيون ٿئي، مڙس جي عمر پنجاهہ سال، سٺ سال پر اميدون هزار سالن ڪان بہ مٿي آهن.

دوستو! ٻيو حرص، حرص کي حسد بہ چيو وڃي ٿو ڪنهن کي ڪپڙو جيڪڏهن چڱو پاتل آهي تہ اسان کي حرص ٿي ويو تہ هِن ڪپڙو چڱو ڇو پاتو جيڪڏهن ڪنهن جو نالو ٿي ويو تڏهن بہ هُن تي حرص ٿي ويو پاڙي ۾ پنهنجي ڪنهن پاءُ سواري ڪا چڱي ورتي تہ ان تي بہ حرص ٿيو ڪڏهن ڪنهن اوطاق چڱي ٺهرائي تہ ان تي حرص، مطلب هرطرح

سان حرص، حسد کان حضور ڪريم ﷺ بہ الله کان پناهہ ورتي آهي، اهو حسد بہ اڄ اسان جي معاشري ۾ هر هنڌ ڦهلجي ويو آهي، اسان جي دين ۾، مذهب ۾، ايمان ۾ پر هر طرح ڦهلجي ويو آهي، انهي کي ٽارڻ جي لاءِ جيڪڏهن فلسفو آهي تہ اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو آهي، اهو عشقِ مصطفيٰ جو فلسفو ڪيئن؟ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو آهي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات، محبوب ڪريم ﷺ جو چهرو، محبوب ڪريم ﷺ جي پوري زندگي کي پرکڻ ۽ پروڙڻ، محبوب ڪريم ﷺ کي اسان پنهنجو آئيڊيل ٺاهيو، محبوب ڪريم ﷺ جي اسان جي سوانحيات پڙهي سون، محبوب ڪريم ﷺ کي جڏهن اسان پنهنجو رهبر ٺاهي ورتوسون، تہ اسان ڏسنداسين تہ محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي دشمنن سان ڪيئن هليا، جن ايمان نہ آندو انهن سان ڪيئن هليا، پنهنجي پاڙي وارن سان ڪيئن هليا، ڪاروبار ڪيئن ڪيائون، واپار ڪيئن ڪيائون، بادشاهي ڪيئن ڪيائون، جنگ ڪيئن ڪيائون، الله سائين جي بندگي ڪيئن ڪيائون، حرم پاڪن سان ڪيئن هليا، تہ انهي مان اسان کي ايترو علم ملي ويندو جو اسان هِن دنيا جون جيڪي معاشرتي برائيون آهن، جيڪي اڄڪلهہ جو ناسور ٿي ويا آهن ان تي اسان حاوي ٿي وينداسون.

دوستو! هڪڙو آهي محبوب ڪريم ﷺ جي پيروي ڪرڻ، سوانحيات تي عمل ڪرڻ، ٻيون آهي محبوب ڪريم ﷺ سان عشق ڪرڻ. اسان جڏهن ڪلمو پڙهيوسون تہ اسان محبوب ڪريم ﷺ تي ايمان آندوسون، اسان تعبيدار ٿياسون، شريعت ۾ جيڪا محبوب ڪريم ﷺ اسان جي لاءِ حدود مقرر ڪيون، اسان انهي حدود ۾ اچي وياسون، انهيءَ ۾ اسين پابند ٿي وياسون، پر عشق تہ اڃا بہ اڳتي آهي، هاڻ اسان انهي ۾ اچي ويا آهيون تہ هاڻي اسان انهيءَ پوائنٽ تي وڃو جتان اسان جي محبوب ڪريم ﷺ سان نسبت قائم ٿئي، محبوب ڪريم ﷺ سان اسان جو عشق قائم ٿئي، هاڻي انهي محبوب سان عشق ڪيئن ڪجي؟ عشق جي واٽ اٿو ڪثرت درود پاڪ.



دوستو! درود پاڪ جي محنت جڏهن توهان تي حاوي ٿيندي، انهي محنت ڪرڻ جي توهان کي عادت پئجي ويندي، انهي محنت کي جڏهن توهان پنهنجي عادت ٺاهي وٺندا جو توهان جا چوويهہ ڪلاڪ انهي عادت منجهہ گذرن. جيڪڏهن توهان شاگرد آهيو، آفيسر آهيو توهان ڪنهن بہ شعبي سان واسطو رکو ٿا، ان منجهان جيڪو بہ توهان جو ٽائيم بچي ٿو اهو ٽائيم توهان درود پاڪ جي محنت کي ڏيو، محبوب ڪريم ﷺ جي محبت جي جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ عادت وجهندا تہ اهو ٽائيم توهان جي لاءِ قيمتي سرمايو آهي.

هڪڙو ماڻهو بدوي ويو هڪڙي پهاڙ تي، جيئن اسان جا ويچارا مسڪين ماڻهو ويندا آهن ڪي ديوي جون ڪاٺيون وڍڻ، ڪو ڪهڙي ڪم لاءِ ڪو ڪهڙي لاءِ، ائين هو ويو پهاڙ تي، گڏهہ بہ هن جو پنهنجو هو، هن سوچيو تہ پنهنجي اولاد جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري اچان تہ ڪجهہ هنن جو پيٽ پالجي وڃي، تہ هو پهاڙ تي ويو، جڏهن هو پهاڙ تي چڙهيو تہ، هن جو پنهنجو جيڪو ڪم هو اهو تہ هن ڪيو پر هن هتي خوبصورت چمڪندڙ پٿر ڏٺا تہ هن چيو هيٺرن کي آئون چا ڪندس، هڪڙو پٿر هُن هتان کان کنيو، اهو هن پنهنجي سواري جيڪا هن جي گڏهہ هئي تڏهن هن کي مٽڪا ٻڌل هئا انهن ۾ هن کي ٻڌي ڇڏيو، هن پنهنجو ڪم جيڪو پاڪر، اڌ پاڪر جيڪو ان وقت جو ڪاٺ هو، اهو وڍي هن تي ڪٽي آيو، پر جڏهن اهو ڪٽي بازار ۾ آيو تہ بازار واري سيٺ پنهنجي دڪان تان اٿي اچي هن جي سواري کي هٿ پيو ڦيري، پر مٽڪن منجهہ جيڪو پٿر آهي انهي کي ٺاهي پيو ڏسي ۽ پڇي پيو هيءُ توکي ڪيئن مليو؟ هيءُ تو ڪٿان آندو؟ اهو تون مون کي ڏي، هي جيڪو منهنجو ڪاروبار آهي دڪان آهن اهو سڀ تون ڪڻ پر اهو پٿر جيڪو آهي اهو مونکي ڏي، تڏهن هن ويهي سوچيو تہ مون صرف هڪڙو پٿر کنيو آهي انهي عيوض مونکي هي سڄو ڪم ٿو ملي، جيڪڏهن آئون ڪاٺين جا پاڪر ڇڏي آئون اهئي پٿر کڻان هئا تہ الله ڄاڻي مونکي ڇا ملي ها؟ دوستو، اهو اٿو قيمتي پٿر، اهو ڪهڙو پٿر اٿو اهو پٿر اٿو پارس پٿر، اهو

ڪيئن ٿو ملي؟ اهو محبوب ڪريم ﷺ سان عشق ڪرڻ سان ملي ٿو. ائين قيمتي شيون ڇا آهن؟ اهي قيمتي شيون آهن توهان جي زندگيءَ جو ٽائيم، جيڪو توهان پنج منٽ ڏهه منٽ هتي وڃا آهيو يا توهان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي تنوار ۾ اهو ٽائيم توهان جو اُن پٿر ڪان قيمتي اٿو. اهو توهان کي اندازو ڪڏهن ٿيندو؟ اهو اندازو توهان کي تڏهن ٿيندو جڏهن ملڪ الموت توهان جي مٿان اچي بيهندو. اهو اندازو توهان کي تڏهن ٿيندو جڏهن توهان جا مٽ مائٽ سڀ ڇڏي توهان کي انهي قبر ۾ وڃهندا. پوءِ توهان کي اندازو ٿيندو تہ ڪاش آئون ڪاٿيون جيڪو هن جهان جو سودو، جيڪو هن جهان جو وڻج واپار ڇڏي، آئون جيڪڏهن محبوب ڪريم ﷺ جي عشق جا پارس پٿر ڪٺان ها تہ اڄ مونکي الاهي ڪيتريون مارڪيٽون ملن ها، ڪيترا منهنجا هنج پرجن ها، ڪيتريون منهنجيون جهوليون آباد ٿين ها.

دوستو! هيءَ جيڪي دوست مونسان گڏ مٿي ويٺا آهن، ائين پارس جا پٿر ائين چمڪندڙ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جا پٿر ڪٺي توهان وٽ پيش ٿا ڪن، انهي جي قيمت جيڪڏهن توهان کي معلوم هجي تہ توهان جهان جون سڀ قيمتون ڇڏي توهان انهي جي پنيان ڪاهي وڃو پر اهو منهنجي الله سائين جو راز اٿو جيڪڏهن اهڙي هلڪي ڦلڪي شيءِ هجي ها تہ الله سائين بہ نہ فرمائي ها.

”اِنَّ اللهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا“

**سورت الاحزاب33، آيت نمبر56**

اهو الله سائين ڇا جي ڪري فرمايو آهي؟ اهو عاشق ۽ محبوب جي وچ ۾ راز آهي، اهو الله وارن کي خبر آهي. دوستو اها قيمتي شي اٿو انهي کي توهان سنڀاليو. اها توهان کي هِن جهان ۾ بہ ڪم ايندي، هِن جهان جي سورن ۾ بہ ڪم ايندي، جيئن اسان جي دوست جيڪو آجياڻي ۾ چيو اُهي شيون اسان کي ظاهر ڪرڻيون ڪونهن. دنيا انڌي آهي، دنيا کي پرک نہ آهي، اسان کي پنهنجي محبوب ﷺ جا راز ظاهر ڪرڻا ڪونهن. اسان کي محبوب ﷺ جون ڳالهيون راز اسان کي ظاهر ڪرڻا ڪونهن. اسان کي فقط



ماڻهن کي شوق ڏيارڻو آهي، ماڻهن کي توجہ ڏيارڻي آهي تہ محبوب ﷺ جي توهان توجہ وٺو پر دل ڪيئن ٿي ڦري، دل ڪيئن ٿي ڦڙڪي، دل ڪيئن ٿي ڌڙڪي اهي شيون اسان کي ظاهر ڪرڻيون ناهن. اهي اسان کي لڪائڻيون آهن. جيترو بہ اسين لڪائيندا اسون. الله سائين جا بندا عارف الله ٿي ويندا آهن. جڏهن اها معرفت حاصل ٿي ويندي آهي، تہ اهي بندا ماٺ ٿي ويندا آهن. توهان ڏٺو هوندو تہ الله جا پيارا بندا ڪي چريا، ڪي مست، ڪي مجذوب، ڪن جا ڪپڙا ڦاٽل، ڪي ننگا. ائين محبوب ڪريم ﷺ وٽ هڪڙو ماڻهو آيو جنهن جي بدن منجهان بدبو پئي آئي، هن کي اُڄ وارا ڪپڙا پاٽل هئا. اصحاب ڪرامن کي بدبو آئي، پر محبوب ڪريم ﷺ فرمايو. منهنجي امت ۾ هڪڙا اهڙا بہ ماڻهو ايندا جن جي بدن منجهان بدبو بہ ايندي، اُنهن جي مٿي تي مٽي هوندي، هنن جا وار پڪڙيل هوندا. پر جيڪڏهن اهي الله ڪان ڪا دعا گهرندا بارش جي لاءِ يا ڪنهن جي لاءِ تہ الله سائين هنن جي دعا خالي ڪو بہ موٽائيندو. ڇو تہ هنن جو ڪنيڪشن هارٽ لائين آهي، جيئن هتي پرائيم منسٽر، صدر انهن جي ڪال هوندي آهي هارٽ لائين، ائين هارٽ لائين ڪال آهي، معنيٰ وچ ۾ ٻيو ڪير ڪونهي، هنن جي ڪال سڌي جيڪا اٽينڊ ٿئي ٿي، ائين هِن جو ڪالون آهن. اُهي ڪالون ڪٽي هيءَ جيڪا دل جي تار انهي جو ڪنيڪشن ڪٽجي ئي ڪو نہ ٿو. اهو ڪنيڪشن چوويهہ ڪلاڪ قائم رهي ٿو.

دوستو! اهي ڪنيڪشن اسان کي بحال ڪرڻيون آهن. اهي ڪنيڪشن اسان کي محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاهہ سان ڳنڍڙيون آهن ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي توصل سان اسان کي اهي ڪنيڪشن الله سائين ڳنڍڙيون آهن. پوءِ اسان جو هيءَ بدن پلي فوت ٿي وڃي، اسان جو بدن پلي اونهي کڏ ۾ پئجي وڃي، اسان جي بدن تي کهڙيون بہ پريشانيون اچي وڃن، پر ڪو بہ فرق نہ پوندو.

ائين دوستو! ڪنهن الله واري بزرگ جي ٽنگ تي ڪو اهڙو مرض ٿي پيو هو جڏهن بہ ايندو هو تہ انهيءَ ٽنگ تي ڪو ٽوال وغيره وجهي پوءِ

ايندو هو. هن جي يار دوستن هُن کي چيو تہ سائين توهان اسان کي ٽائيم ڏيو تہ اسين توهان کي ڊاڪٽر وٽ وٺي هلون، هن الله واري جي نہ چاهيندي بہ هن جا دوست هن کي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا. ڊاڪٽر چيو توهان جي مرض جو حل آهي آپريشن، هيءَ ٽنگ توهان جي ڪم ڪار جي ڪونهي، اسين هن کي وڍينداسون، انهي تي الله واري چيو تہ پلي توهان پنهنجون ڪم ڪيو. ڊاڪٽرن چيو سائين اسين توهان کي بيهوش ڪنداسون، الله واري پڇيو تہ توهان ڇا جي لاءِ ٿا مونکي بيهوش ڪريو. اُن تي ڊاڪٽرن چيو سائين اسين توهان کي انهي لاءِ ٿا بيهوش ڪريو تہ توهان جو هوش ختم ٿي وڃي، جيئن توهان کي سور نہ ٿئي، توهان کي تڪليف نہ ٿئي، الله واري چيو اُهي سور، تڪليفون منهنجو روح اڳي ڪايون ويٺو آهي، توهان بس جيڏي مهل آپريشن شروع ڪيو تہ مونکي ٻڌائجو. جيڏي مهل ڊاڪٽرن آپريشن شروع ڪئي تہ هن صرف اچو ڪپڙو مٿي تي اوڍي ڇيو. هاڻي جيڪو توهان کي ڪم ڪرڻو آهي اهو ڪيو. ڊاڪٽر جڏهن آپريشن ڪري ٽانڪا هڻي سڀ ڪجهہ ڪري چيو تہ سائين اسان هاڻي پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو آهي تہ هن اٿي چيو.

"لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ"

''اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ''

ڊاڪٽرن پڇيو تہ سائين هيءَ ڇا؟ ان تي سائين چيو تہ بابا اسان خيال ۾ يار سان گڏ هئاسون، اسان کي ڪهڙي خبر تہ توهان اسان کي ڇا پئي ڪيو. ڊاڪٽرن چيو پوءِ سائين هيءَ توهان جو بدن، سائين چيو بدن کي بہ اسين پاڻ سان گڏ ڪٺي وياسون، اسان کي توهان جي سور جي ڪا خبر ڪو نہ پئي، انهيءَ خيال ۾ وڏي طاقت اٿو اهو خيال جڏهن خيال سان ٿو ملي تڏهن خيال مان خيال ٿو ٿئي.

دوستو! اهي خيال سڀ انهيءَ واٽ منجهان اٿو جيڪا واٽ توهان کي ملي آهي، ڪهڙا بہ ويس، رنگ ۽ روپ هجن، مٿي تي وار هجن نہ هجن، مٿي تہ پڳ هجي نہ هجي، مٿي تي ٽوپي هجي نہ هجي پر اندر جو بت خانو



صاف هجي، اندر جو آئينو صاف هجي، اندر جي آئيني کي اهڙو تہ صاف ڪجي اهڙو تہ پالش ڪجي، جيئن ڪنهن وٽ ڪو مهمان اچي ٿو تہ ان جي لاءِ ٻهاريون ڪڍو ٿا. سينٽون هڻو ٿا. ڪاڏا تيار ڪيو ٿا. تہ پوءِ هيڏي وڏي هستي جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ اچي تہ توهان کي پنهنجي اندر کي صاف ڪرڻ کپي.

دوستو! درود پاڪ جي محنت توهان کي هِن جهان جي ڪرتوتن کان پري ڪندي، خاص ڪري اسان جا نوجوان جيڪي اسان جو مستقبل آهن. جنهن کي هِن جهان جون خوبصورتيون خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون ايجاد ٿي ويو آهن جيڪي اسان جي نوجوانن کي ڀٽڪائين ٿيون، انهن کي روڪڻ لاءِ هي نسخو ڪارآمد اٿو ڀٽڪيلن نوجوانن کي اها واٽ ڏيو ۽ چئو تہ اچو اچو انهي واٽ ۾ شامل ٿيو پاڻ کي بہ ٺاهيو پنهنجن خاندانن کي بہ ٺاهيو ۽ پنهنجي مستقبل کي ٺاهيو ائين بدفعلين کان پنهنجو پاڻ کي بچايو.

دوستو! بدفعلين، برائين، منشيات اسان جو ۽ اسان جي معاشري جو بُرو حال ڪيو آهي، انهن سڀني جو هڪڙو ئي حل اٿوَ اهو آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ، عشقِ مصطفيٰ ﷺ اسان کي تڏهن ملندو جڏهن اسان ڪثرت درود پاڪ قائم ڪنداسون، اهو فلسفو جيڪڏهن توهان وٽ اچي ويو تہ توهان کي الله سائين جي سڀني فرضن جي بہ ڄاڻ ٿيندي، سنتن جي بہ ڄاڻ ٿيندي، سڀني احڪاماتن جي توهان کي پرک پئجي ويندي.

دوستو! محنت ڪريو. توهان ڏٺو هيڏي وڏي اناويهين واري محفل اهو ڇا هو؟ "اهو روحاني انقلاب هو". دوستو ٿي سؤ ارب منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهي آندو ويو. اهو ڇا هو؟ اهو "روحاني انقلاب هو". ڪٿان ڪٿان ڪان پيا دوست آيا. توهان جهڙا نوجوان شاگرد. پڙهيا لکيا ٻهراڙي مان ڪٿان ڪٿان پيا آيا. ڪٿان ڪٿان هنن بندوبست پئي ڪيو. ڪٿان ڪٿان هُنن لاءِ مانيون ۽ طعام پيا آيا. هو ڪو هنن ۾ فتنو ۽ فساد؟ سڀ ڪو پنهنجي جڳهہ تي محبتون، پيار ونڊي ورڇي وري ڪٺي آيا. اهو ڇا آهي؟ اهو آهي روحاني انقلاب. جيڪو توهان ۾ اسان ۾ اچي ويو آهي.

دوستو، هن کي اسان کي ڦهلائڻو آهي. پاڻ مان اسان کي نفرتون ۽ نفرتون ڦهلائڻ وارا اهي عناصر پري ڪرڻا آهن.

دوستو! پيران پير دستگير رح جي حيثيت جي ستر هزار بزرگن کي بہ شيطان ڏاهي ڇڏيو سو پاڻ ۾ جيڪڏهن ڪي دوست ڏهي ٿا سگهن تہ شيطان تہ پنهنجي ويڙهہ تہ ڪندو، اسان کي صحبت اولياءِ، اسان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ تي عمل پيرا ٿيڻ، اسان کي عاجزي وٺڻ، توبهہ تائب ٿيڻ گهرجي، رات جو جيڪڏهن سمهون ٿا تڏهن بہ پنهنجي رب کان توبهہ تائب ٿيون، محبوب ڪريم ﷺ جيڪي رحمت العالمين آهن اهي بہ رات جو ستر دفعا پنهنجي رب جي اڳيان توبهہ تائب ٿيندا هئا، هو تہ پاڪ هئا، پر پاڻ ﷺ اسان جي لاءِ هڪڙي واٽ ٺاهي ويا آهن. توهان اسان بہ توبهہ تائب ٿيون، صبح جو اٿو تڏهن بہ پنهنجي الله جي اڳيان توبهہ استغفار ڪريون، پاڻ مسڪين آهيون، پاڻ ڪي ملائڪ فرشتا ڪو نہ آهيون، پاڻ هِن آخري دور جي پيداوار آهيون، جتي ميڊيا جي ذريعي، سوشل ميڊيا جي ذريعي اسان ۾ ايترا تہ مرض، ايتريون تہ وبائي بيماريون فحاشي جي صورت ۾ اچي ويو آهن جو اسان جو چار پنج سال جو ٻارڙو بہ الاهي ڇا ڇا پيو چوي، انهن سان مهاڏو اٽڪائي ڪير ڪون ٿو سگهي، ان سان مهاڏو اٽڪائڻ، ان کي مات ڏيڻ، ان سان ويڙهہ ڪرڻ، پنهنجي اندر سان ويڙهہ ڪرڻ جو جيڪڏهن ڪو فلسفو بچيو آهي تہ اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو بچيو آهي، جيڪو الله سائين ۽ محبوبن جي مدد سان توجہ سان توهان تائين پهتو آهي، هاڻي دوستو سندرو ٻڌو انهن کي بند ٻڌو، اهو جيڪو وباءَ جو مرض پکڙيو آهي، اها جيڪا شيطان گيري ٿي آهي، اهي جيڪي پائيچارا اسان جون محبتون هنن اچي ختم ڪيون، توهان انهن کي بند ٻڌو، پيار محبتون پکيڙيو پيار محبتون جڏهن ملنديون، جڏهن اسان جي اندر ۾ محبت هوندي، اسان جي اندر ۾ ڪنهن جهان واري سان محبت هوندي اها پوري ختم ٿيندي، اسان محبت بہ ان سان ڪريو جنهن سان الله سائين پيو محبت ڪري، جڏهن اها محبت توهان جي سيني ۾ پڙڪندي، تہ اُن ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جا ٻوٽا



پوکبا، توهان کي اسان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جا باغات پوکڻا آهن، انهن ۾ ميوا ٿين، اهڙا ميوا ڦروٽ ٿين جن جو مٺاس اسان ۽ توهان کائون، پر اسان جو ايندڙ نسلون بہ کائن.

دوستو! اچو اسان جي دوستن سان هٿ، هٿ ۾ ملايو، توهان بہ نيڪ ٿيندا پر توهان جي پٺيان هزارين انسان جيڪي ڀٽڪيل آهن، جن کي هِن معاشري ۾ بہ ڪو مان مرتبو ڪونهي، ان کي پنهنجن بہ ڇڏي ڏنو ڪن چيو تون نشائي آهين، ڪن چيو تون فحاش آهين، ڪن چيو تون مسڪين آهين، اچو توهان انهن کي محبوب ڪريم ﷺ جي ساٿ ۾ توهان هنن کي هلايو، هن پنهنجي قلندري ٻيڙي ۾ هن کي وٺي اچي سوار ڪيو، هي جيڪو قلندري ٻيڙو آهي اهو سيني انهي پيري مريدين کان پاڪ، انهن برائين کان پاڪ، انهن حوس حرصن کان پاڪ اهو ٻيڙو توهان کي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي چائنٽ تي وٺي ويندو، اها چائنٽ توهان سان قبر ۽ محشر ۾ گڏ هلندي.

دوستو! منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون، خاص ڪري جيڪي اسان جا هتي وارا دوست جيڪي هنن حالتن ۾ بہ هتي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو ڪم پيا ڪن، جتي ڪئين فتني باز عناصر آهن، انهن کان پنهنجو دامن بچايو، پنهنجو منشور پنهنجو فلسفو محبتن جو فلسفو آهي، پنهنجو فلسفو نہ پيري مريدي رهيو آهي، نہ پنهنجو منشور فلسفو ڪنهن کان پيسو وٺڻ فنڊ وٺڻ آهي، پنهنجو فلسفو محبوب ڪريم ﷺ جي محبت جو آهي، پاڻ کي جيڪو ڪجهہ ملندو انهي چائنٽ تان ملندو. سو منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون آهن، الله سائين توهان کي آباد ڪري، الله سائين توهان کي اڃا بہ وڌائي، توهان بس منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪم سان لڳو، توهان جون هن جهان جون مشڪلاتون پاڻهي حل ٿينديون، توهين منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جا مستانا آهيو، پيروڪار آهيو. الله سائين توهان جو حامي توهان جو ناصر.

**ميلاد مصطفي ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ**

**سائين قبول شاهہ رح (نئون آباد) . تاريخ:** 18-10-2018

# عجب عشق جو انداز آهي

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هِن محفل ۾ آيل منهنجا سيئي معتبر دوست، اسان جا مهمان، اسان جا معززين، هِن محفل کي مچائڻ وارا اسان جي انجمن غلامان قلندر ويلفيئر جا دوست ۽ خاص ڪري يونيورسٽيءَ جا شاگرد، اسان جا پيارا دوست، جيڪي اسان جو مستقبل آهن، دادو ۽ ٻين شهرن کان آيل اسان جي انجمن غلامان قلندر جي دوستن کي، مون مسڪين، عاجز هيٺي جي طرفان اسلام عليڪم. توهان جي لاءِ تمام گهڻيون محبتون، پيار، جيڪو توهان وقت به وقت محسوس ڪندا، اهو ٿائيم ايندو انهيءَ ٿائيم تي توهان اهي محبتون، اهو پيار محسوس ڪندا.

دوستو! هيءَ هوڪو نئون ناهي، هيءَ نئون پيغام ناهي، هيءَ پيغام اول کان وٺي آخر تائين هلندڙ آهي، اهو عشق ۽ محبت جو پيغام هلندڙ آهي، عشق ۽ محبت جا پنهنجا پنهنجا انداز آهن، عشق ۽ محبت جي اندازن کي نه جهان روڪيو آهي ۽ نه ئي جهان روڪي سگهي ٿي، ڇو ته خود خدا، انهيءَ عشق ۾ اچي، سڄي ڪائنات ٺاهي ٿو هيءَ بهشت، حورون، پريون، هيءَ سڀ جهان جون خوبصورتيون، اسان جي عضون، اسان جي بدن کي خوبصورت ٺاهي ٿو اهو به عشق جو هڪڙو انداز آهي، ڏاڏي آدم عليه السلام کان اڳ ۾ به، الله سائين جون مخلوقات هيون، پر ڏاڏي آدم عليه السلام کي آڻڻ به عشق جو هڪڙو انداز آهي، تڏهن چون ٿا ته ”صوفي جي سوز ساز کي سمجهڻ ته ڏکيو آ“، دوستو صوفين جو پنهنجو انوکو انداز آهي، صوفين جي انداز کي سمجهڻ لاءِ به صوفي ٿيڻو پوي ٿو جيئن منهنجي مرشد بابا سائين احمد علي قريشي رح فرمايو ته، قلندر کي سڃاڻڻ لاءِ به قلندر ٿيڻو پوندو، سائين سخي ڄام ڏاتار رح کي سڃاڻڻ لاءِ به انهيءَ هستيءَ جهڙو ٿيڻو پوندو، جيڪڏهن توهان کي ڪيميسٽري، فزڪس يا بائيولاجي جو



سبجيڪٽ سمجهڻو آهي ته توهان کي ڪيميسٽري، فزڪس يا بائيولاجي جو پروفيسر ٿيڻو پوندو، ائين توهان کي ڪيميسٽري، فزڪس يا بائيولاجي سمجهه ۾ ڪون ايندي. ائين منهنجا عظيم دوستو، نوجوانون، هيءَ زندگي به هڪ مضمون آهي، هيءَ زندگي به هڪ سبجيڪٽ آهي، هِن کي به سمجهڻ لاءِ ٿورو ٽائيم ٿو کپي، ماءُ جي پيٽ مان هڪ ٻار پيدا ٿو ٿئي، ان جو ماپ پائونڊن ۾ هوندي آهي، پر وڌندي وڌندي هوءَ ڇهه فٽ، ست فٽ کان به وڌو ٿي وڃي ٿو، اُن جو وڌڻ ويجهڻ به حيرت آهي، اهو به محبت ۽ عشق جو هڪ انداز آهي، هُن کي ماءُ پنهنجي پيٽ ۾ سانڍي ٿي، اهو به هڪ محبت جو انداز آهي، هُن کي کير پياري ٿي، هُن کي پالي ٿي، سيارا، اونهارا پنهنجا ڏک، سور، سختيون سڀ پنهنجي اولاد تي نڇاور ٿي ڪري، اهو به هڪ عشق جو انداز آهي، پر توهان انهيءَ خالقِ عظيم تي وڃو جنهن جي توهان انسان به تخليق، هيءَ سڄي ڪائنات به تخليق، ڇا انهي کي پنهنجي تخليق سان پيار ڪون هوندو، هُن کي پيار هو، تڏهن توهان جي لاءِ، توهان جي روپ ۾ اشرف المخلوقات ٺاهي  حضرت آدم عليه السلام کي موڪليو ويو، شيطان ابليس جيڪو عبادتون ڪندي وڃي انهن منزلن تائين پهتو، جو ملائڪن کي پنهنجا فلسفا ٻڌائڻ شروع ڪيا هئائين، پر هڪڙي انهيءَ محبت جي انداز ۾ اهو به فيل ٿي ويو، جڏهن واحد، احد، صمد، خالق، ربي اعليٰ، ربي العظيم چيو ته هيءَ منهنجي تخليق آهي، سڀني ملائڪن کي چيائين توهان انهيءَ آدم عليه السلام کي سجدو ڪريو، اتي انهيءَ محبت جي ميدان ۾ شيطان فيل ٿي ويو، سجدو نه ڪيائين، چيائين سائين هن آدم کي توهان مٽيءَ مان ٺاهيو آهي، آئون هِن کي سجدو ڪيئن ڪيان، الله سائين فرمايو، تون هِن امتحان ۾ فيل آهين، تون انهيءَ محبت جو انداز سمجهي ڪون سگهندي، جيڪو نالو محمد ﷺ لوح قلم تي لکيو پيو آهي، الله سان گڏ، جنهن ڏينهن اهو تو مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، انهيءَ ڏينهن ئي تون فيل ٿي ويو هئي، اهو محمد ﷺ نالو ڪو عام نه هو، ان کي مٽائيندي تون عشق ۽ محبت جي امتحان ۾ فيل ٿي وئي. دوستو، ائين عشق ۽

محبت جا امتحان آهن. ائين زندگي بہ هڪڙو اسان ۾ توهان جي لاءِ امتحان آهي. اها زندگي جتي اسان کي خوشيون ڏيکاري ٿي، اتي اسان تي آزمائشون بہ آڻي ٿي. اسان کي اهي آزمائشون پنهنجن ۾ پراون جي روپ ۾، سورن جي روپ ۾، هِن معاشري جي فتني جي روپ ۾ ۽ خوبصورتيءَ جي روپ ۾ بہ اها زندگي اسان تي آزمائشون آڻي ٿي.

دوستو! اڄ منهنجي اها ڪوشش هوندي تہ آئون توهان کي آساني سان سمجهايان، توهان منهنجا نوجوان آهيو توهان منهنجا مستقبل آهيو ۽ ٻيا جيڪي دوست اسان کي ڪڏهن فيسبڪ تي ٻڌن ٿا، ڪڏهن واٽسيپ تي ٻڌن ٿا، روبرو تہ ڪيترن سالن کان ٿيون پيا. پر اوهين دوست جيڪي پهرين دفعي محبت جي هِن انوکي انداز کي پرکيو پيا. آئون توهان کي سَولي انداز ۾ ٿو ٻڌايان تہ توهان هِن محبت جي انداز کي ٿورو چکيو، ٿوڙو سمجهو، ٿورو هُن کي پروڙيو، تہ هيءَ محبت جو انداز آهي. دوستو، توهان بہ نوجوان آهيو، توهان جي اک، توهان جو ذهن بہ ڪڏهن نٽڪي ٿو پوي، توهان شعور هوندي بہ لاشعور ٿي وڃو ٿا. توهان جو شعور بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي وڃي ٿو، توهان اهو وساري ٿا ويهو تہ اسان کي ڪاليجن ۾ يونيورسٽين ۾ بہ ماءُ پيءُ موڪليو آهي، پنهنجي پيٽ تي پٿر رکي، معاشي طرح اسان جا خرچا پري، اسان کي يونيورسٽين ۾، اسان کي درسگاهن ۾ موڪليو آهي. پر توهان شعور کان لاشعور طرف وڃو ٿا، ڇو ٿا وڃو توهان کي بہ هن جهان جي ماديت پرستيءَ جي خوبصورتي جي ڪا ترڇي اک گهائي ٿي وجهي، توهان کي ڪنهن جو انداز موهي ٿو وجهي، توهان کي بي چين ٿو ڪري وجهي، توهان هڪدم بي شعور ٿي وڃو ٿا، انهن مائٽن جي پيسن کي بہ طاق تي رکي ٿا ڇڏيو توهان جي مائٽن جيڪي مستقبل ۾ توهان مان اميدون رکيو آهن، اها ترڇي اک اهي توهان کي گهائي ٿي وجهي، توهان کي بريڪ وجهي ٿي، توهان هڪدم انهيءَ ٽينشن ۾ هليا ٿا وڃو توهان ڪو ٻيو روپ اختيار ڪيو ٿا، توهان تي بي چيني ڇانئجي ٿي وڃي، ايستائين جو توهان جا پيپر ٽيڻ شروع ٿي وڃن ٿا، پوءِ توهان انهيءَ مُنجهہ ۾ اچي ٿا وڃو تہ اسان هتي آياسين



ڇو اسان هتي آياسون يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي لاءِ. اسان شاگرد ٿي پنهنجي ماءُ پيءُ جي انهن خوابن ۽ اميدن کي پورو ڪرڻ آيا آهيون. پر هتي اسان پنهنجو شعور هڪڙي ترڇي اک جي ڪري وڃائي ويناسون. اسان کي ماحول ڇڪي پيو. اسان کي ڪنهن رنگ روپ گهائي وڌو. دوستو ائين هيءَ جهان بہ هڪڙي درسگاهہ اٿو. هيءَ جهان بہ هڪڙي تعليم گاهہ اٿو. دوستو، هيءَ تڏهن کان شروع ٿي جڏهن نور مصطفيٰ ﷺ جي پيدائش ٿي، الله سائين تہ هر وقت موجود آهي، پر الله سائين ڪانپوءِ جيڪڏهن ٻي ڪنهن شيءِ جو وجود هو تہ اهو نور مصطفيٰ ﷺ جو هو، جيڪو آهي "نورالسماوات والارض"، انهيءَ جي ڪري الله جي پاڪ ڪتاب کي "نورالڪتاب مبين" چيو وڃي ٿو.

دوستو، اهو فلسفو توهان کي آئون آساني ۾ سمجهايان ٿو تہ عشق جا پنهنجا پنهنجا انداز آهن، هن قلندرين جا بہ انداز آهن، هنن قلندرين کي اهي عشق جا انداز سيکاريا ڪنهن، هيءَ جاهل ڪونهن، هيءَ پڙهيل لکيل هڪڙو طبقو آهي، اهي جهان واريون پراڻيون پيريون مريديون اسان ۾ ناهن، اسان واعظين جي فتنن کان پري آهيون، اسان ڏي وٺ جي فتنن کان پري آهيون، اسان جي ڪنهن سان ڇيڙڇاڙ آهي ئي ڪون، اسان ۾ تفرقو آهي ڪون، اسان محبتن وارا آهيون، اسان کي ورثي ۾ مليون ئي محبتون آهن، اسان تہ نفرتن جي پاسي کان بہ ڪون ٿا لنگهون، ها بيشڪ دنيا ۾ اسان کي انهن حاسدين کان ضرور نفرتون ملن ٿيون، اهي اسان جي پاسي مان لنگهن ٿيون، پر اسان پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي ٿا وڃو اسان اُنهن تي صبر ٿا ڪريون، ڇو تہ اسان کي صبر جو فلسفو مليل آهي.

دوستو! هيءَ عظيم ڪم آهي، هيءَ عظيم محنت آهي ، هيءَ عظيم فلسفو آهي، توهان کي هِن فلسفي کي سمجهڻو پوندو، اسان کي انهيءَ تنگيءَ منجهان، جيڪا تنگي معاشري ۾ اچي وئي آهي، محبتن جو جيڪو فقدان ٿي ويو آهي، اسان کي انهيءَ خول منجهان پاڻ کي آجو ڪرڻو پوندو، اسان کي پهرين تہ انهيءَ انسان ذات تي سوچڻو پوندو، جيڪا الله سائين

ٺاهي آهي، اسان کي انهيءَ انسان تائين پهچڻو پوندو ته انسان ڇا آهي؟ انسانيت جون خوبيون ڇا آهن؟ جنهن جي لاءِ الله سائين رحمت العالمين ٺاهيو محبوب کي انهيءَ خطاب سان سڏيو ويو محبوب ڪريم ﷺ کي ائين ڪون چيائون ته، توهان ڪنهن هڪڙي فرقي لاءِ رحمت آهيو توهان ڪنهن هڪڙي امت جي لاءِ رحمت آهيو پر چيائون توهان سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهيو هاڻي انهيءَ ڪائنات جي مرضي آهي، ته انهيءَ رحمت مان ڪيترو حصو ٿي وٺي، هُن رحمت مان ڪيترو فائدو ٿي وٺي، اسان اڄ اهو رحمت جو پيغام کڻي توهان وٽ آيا آهيون، انهيءَ رحمت کي محدود نه سمجهو انهيءَ رحمت کي هڪڙي فرقي، هڪڙي سوچ تائين محدود نه رکو، انهيءَ رحمت کي وڏي دل سان سوچيو، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي مسجد، مسجد نبوي ۾ عيسائين کي به جڳهه ڏني، انهن کي عبادتن جي موڪل به ڏني، اُنهن ٿي ٿي ڏينهن انهيءَ مسجد ۾ عبادت ڪئي، پر اُنهن عيسائين جي جڏهن منهنجي محبوب جي ڪردار تي اک پئي، ته انهن کي به اهي لفظ چوڻا پيا "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" هنن کي لاجواب ٿي چوڻو پيو، منهنجي محبوب نه ته هنن تي هٿيار تاڻيو نه ته هنن کي مال ملڪيت آڇي، ته توکي ڪو چندو ملندو، توکي ڪا هن ڪم جي محنت مزدوري ملندي، توکي ڪونه پيسو ملندو، پر نه هُنن محبوب ڪريم ﷺ جو ڪردار ڏسي چيو "اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ"، بيشڪ الله سائين تون هڪ آهين، واحد آهين ۽ تنهنجو محبوب ﷺ جنهن کي تو عبد جي روپ ۾ آندو بشريت جو ويس پارائي، تو بي مثال هُن کي بشر ٺاهي، اسان انسانن جي روپ ۾ آندو جيئن اسين انسان پاڻ ﷺ کي پنهنجي روپ ۾ سمجهي سگهون، ڇو ته عمومن سنڌيءَ وارو سنڌي ٻولي سمجهي سگهي ٿو، عربيءَ وارو عربي ٻولي سمجهي سگهي ٿو، اردو وارو اردو ٻولي سمجهي سگهي ٿو، ائين انسان وري انسان جي ٻولي سمجهي سگهي ٿو، جانور، جانور جي ٻولي سمجهي سگهي ٿو، هِن وقت ڪي انسان به جانورن جو روپ اختيار ڪري ويا آهن، اهي اسان انسانن جي ٻولي به ڪون ٿا سمجهن، پر انهن کي به اسان چئون ٿا ته اچو توهان کي عشق جي ٻولي سمجهايو، عشق ۽ محبت



جي جڏهن ٻولي ايندي تڏهن ٿي سگهي ٿو توهان جي بدن مان خونخوار جانور جو وجود ختم ٿي وڃي ۽ توهان جي بدن ۾ انسان اچي وڃي، توهان جي بدن ۾ اهو مسلمان اچي وڃي، جنهن جي ڪنهن به عضوي کان ڪنهن کي به ايذاءُ نه پهچي، اهو اسان جو ڪم آهي، اهو اسان جو فلسفو ۽ منشور آهي، اڄ اسان پنهنجي منشور تان هٽيل آهيون، اڄ اسان پنهنجي منشور سان بغاوت ڪئي آهي، اسان پنهنجو پاڻ کي هر طريقي سان ڏار ڏار ڪري پنهنجي هنڌي پاڇي ڏار چاڙهي آهي، پر اها به اسان پاڻ ٿا ڪائون، ٻين کي آڇيون ئي ڪون ٿا، ٻين کي آڇيون ٿا ته حسد ٿا آڇيون، ٻين کي آڇيون ٿا ته نفرتون ٿا آڇيون، ٻين کي آڇيون ٿا ته بغض جو ڀريون ٿا آڇيون، محبتون ته آڇيون ئي ڪون ٿا، هيءَ معصوم چهرا، هيءَ اسان جو مستقبل، هيءَ اسان جا نوجوان، هِنن کي ڪڏهن ٻڌجي، هِنن کي ڪڏهن سيني سان لاهي پڇجي، ته پُٽَ تو مستقبل لاءِ ڇا سوچيو آهي؟ تنهنجي اندر ۾ خواهشون ڪهڙيون آهن، تنهنجيون اميدون ڇا آهن، هيءَ ابوجهه، هيءَ مسڪين، هنن کي خدا ماڻهو ماڻهو ڪري ڪون سمجهندا آهن، پر فيض قلندر انهن کي ماڻهو ڪري سمجهيو آهي ۽ انهن کي ماڻهو ڪري ويهاريو آهي، هُنن کي جهان جي هِن پليٽفارم تي ماڻهو ڪري ويهاريو آهي، اهڙا هزارين مثال آهن.

دوستو! اسين هتي پٽڪا ۽ هار پائڻ ڪون آيا آهيون، پر اسين توهان کي هتي فلسفو ڏيڻ آيا آهيون، اسين توهان کي هتي محبت جو انداز ٻڌائڻ آيا آهيون، توهان ويهو ڪجهه ٻڌو، هيءَ محبت جا الفاظ پنهنجي هنئين سان هنڊايو، ڇو ته توهان زندگيءَ جي اهم فورم تي آهيو، توهان زندگيءَ جي اهم موڙ تي آهيو الله سائين چاهيو ته توهان کي زندگيءَ ۾ اڃا بهتر موقعا ملندا، پر توهان تي زندگيءَ ۾ ڪئين آزمائشون اينديون، ماديت پرستيءَ جون اينديون، ظاهري تڪليفن جون اينديون، باطني اينديون، انهن کي منهن ڏيڻو پوندو.

دوستو! اڄ اسان دنياوي درسگاهن مان سرٽيفڪيٽ ٿا وٺون، پي ايڇ ڊي جا، ڊاڪٽريٽ جا، جيڪي اسان پنهنجي تعليم دؤران ٿا حاصل ڪريون، اهڙي ڪنهن انهيءَ وقت جي هڪ دنياوي درسگاه مان مولانا رومي

رح، جيڪو هڪ وڏو نالو اهو بہ پڙهيو هو ۽ ٻين کي بہ پڙهائڻ شروع ڪيائين، پر هُن کي اڃان باطني علم جي خبر ئي ڪون هئي، پر جڏهن هڪ مست مجذوب شمس تبريز رح جي اک انهي مولانا رومي رح تي پئي تہ هو روحاني علم کان واقف ٿيو پر جي ان مست جي نظر نہ پوي ها تہ مولانا مان هو اڄ رومي رح نہ ٿئي ها، اهو مولانا رومي رح جنهن جي مثنوي پڙهڻ سان هزارين اُن جا پوئلڳ ٿيا، پر اُن جو پوئلڳ پاڪستان جو هڪڙو شاعر ڊاڪٽر علامہ اقبال رح بہ هو، جيڪو چوندو هو تہ منهنجو مرشد رومي رح آهي ۽ هو بہ وڏي آواز سان چوندو هو تہ علامہ اقبال کي مولانا رومي نہ ملي ها تہ اقبال بہ اقبال نہ ٿئي ها، دنيا ڏٺو هوندو تہ ڊاڪٽر علامہ اقبال رح جا اٺ يا نو ڪتاب هئا، پر تاريخ شاهد آهي تہ ڊاڪٽر علامہ اقبال رح جي ڪتابن تي ويهي جن ڪتاب ناهيا آهن اهي ڏهہ هزار کان بہ وڌيڪ آهن، اهو ڇا هو، اهو عشق ۽ محبت جو انداز هو اهي اسان وٽ محقق هئا، اهي اسان وٽ دانشور هئا، انهن جي بہ اسان وٽ تعليمات آهي، شاهہ صاحب کي بہ ماڻهو چون ٿا اڻ پڙهيو هو پر شاهہ صاحب جي توهان شعرن کي پڙهو شاهہ صاحب چوي ٿو

”الا ڏاهي مَ ٿيا، ڏاهيون ڏک ڏسن“

ڏاهو جنهن کي پاڻ چئون ٿا عقلمند، اڪابر، دانشور، جڏهن ماڻهو دانشور ٿي وڃي ٿو، جڏهن هُن وٽ علم ٿو اچي وڃي، تڏهن هو چوي ٿو تہ هاڻي آئون علم جو اڪابر ٿي ويو آهيان، پوءِ پاڻ جهڙي مسڪين کي هو هٿ ڏيڻ جي لاءِ بہ تيار ڪونهي، هو چوي ٿو مون تہ هيءَ وڏا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري ڇڏيا آهن، هاڻي منهنجي ٽائيم جي اهميت آهي، هاڻي هو پنهنجي ٽائيم جا پيسا اسان کان اوڳاڙڻ شروع ٿو ڪري، جيڪڏهن توهان کي ڪو ليڪچر بہ ٿو ڏئي تہ اُن جي فيس آهي، جڏهن ڪو ڊاڪٽر آهي ۽ توهان جي نس ٿو چيڪ ڪري ۽ ائين بہ چوي ٿو تہ آئون آهيان تہ خادم اعليٰ، آئون انسانن جو خادم آهيان، پر توهان جي نس چيڪ ڪندي ڪندي، توهان کان ٻہ هزار پيا وٺي ٿو ڇڏي، ڪو پروفيسر آهي، اهو توهان کي چوي ٿو تہ تعليم جي لاءِ تياري ڪريو پر جڏهن هو توهان کي ٽورو



پارٽ ٽائيم ٿو ڏئي تہ انهيءَ جي بہ توهان کان فيس ٿو وٺي، ائين اسان جي هر شعبي ۾ انهيءَ علم جي قيمت ادا ٿي ڪئي وڃي.

پر دوستو اسان جو فلسفو هڪ ماڻهوءَ لاءِ نہ آهي، هيءَ رُڳو اسان جو فلسفو نہ آهي، پر هيءَ هن جهان جو فلسفو آهي، هيءَ فلسفو انهيءَ رحمت منجهان آيو آهي، انهيءَ رحمت العالمين ﷺ وٽان آيو آهي، جيڪو سڄي جهان جي لاءِ رحمت آهي، هيءَ بہ انهيءَ جو فلسفو آهي، ڪٿان کان مليو، انهيءَ اولياء اڪرامن کان مليو جن پاڻ کي ڏک ڏئي ٻين جي لاءِ آسانيون پيدا ڪيون، ٻين جون زندگيون ناهيون، ٻين جون زندگيون ناهڻ جي لاءِ، هُنن پنهنجيون زندگيون تباهہ ڪيون، هنن ائين ڪون سوچيو تہ آئون پنهنجي پُٽ جي لاءِ ملڪيت ناهيان، پنهنجي پوٽي جي لاءِ بہ آئون ملڪيت ناهيان، پر هُنن چيو نہ، پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌي بہ انسان ذات جي خدمت ڪجي، اڄ بہ انهن جي مزارن تي قبا نهيا پيا آهن، اسان عام ماڻهن وانگر قبر پرست ناهيون، پر اسان انهن جا فيض پرست آهيون، اسان انهن جي ڪردار کي پسند ڪندڙ آهيون، جيڪو انهن منجهہ روح جو نور نچوڙجي ويو آهي، اسين انهن جا پيروڪار آهيون. منهنجي مرشد، منهنجي سائين، علي سائين عليہ السلام جيڪو اسان جو مرشد آهي، جيڪو اسان جي معرفت جو مالڪ آهي، امام آهي، انهيءَ کان ڪنهن سوال پڇيو تہ،

”سائين، جانور جيڪي حلال آهن، انهن کي ذبح چو ٿو ڪيو وڃي ۽ اُن جي جڳهہ تي مڇي کي ذبح نٿو ڪيو وڃي، منهنجو مرشد علي سائين عليہ السلام چوي ٿو تہ، جانور کي انهيءَ ڪري ذبح ٿو ڪيو وڃي، جيڪا سِير آهي، جنهن کي شهہ رڳ چيو وڃي ٿو انهيءَ تي جڏهن ڪاتي ٿي ڦري، انهيءَ مان سڄي بدن جو خون ٻاهر ٿو نڪري، تڏهن اهو بدن ٿئي ٿو حلال، پوءِ اهو اسان جي کائڻ لاءِ حلال آهي جيڪڏهن اُن کي ڪنهن ٻئي انداز سان ڪنو وڃي، اُن کي ماريو ٿو وڃي، تہ خون هُن جي بدن ۾ جمع ٿئي ٿو“

اهو هو فلسفو ظاهري طرح، هاڻي الله واريون هستيون چون ٿيون، لعل شهباز قلندر رح چوي ٿو ائين پيا بزرگ چون ٿا، اهي فلسفا توهان نہ ٻڌا

هوندا, نہ سوچيا هوندا, مون مسڪين تي فتوا نہ ڏيو آئون ڪون ٿو چوان, پر انهن هستين چيو تہ اهو حضرت علي سائين عليہ السلام جو ظاهري فلسفو هو تہ جڏهن جانور تي سير واهجي ٿي, هُن مان رت ٻاهر نڪري ٿو وڃي, تہ اهو ماس, اهو گوشت توهان جي لاءِ حلال ٿي وڃي ٿو, پر مڃي ڪي انهيءَ ڪري ڪون ٿو ذبح ڪيو وڃي جو هُن جو سڄو رت مٿي ۾ هوندو آهي ۽ هُن کي جيڪو بہ کائيندو آهي پهرين هُن جي مغز کي ڪڍي ٻاهر اڇليندو آهي, سو چون ٿا جيڪڏهن توهان کي صوفي ٿيڻو آهي, تہ صوفيءَ جو رهبر, صوفيءَ جون استاد, صوفيءَ جو ڊاڪٽر, صوفيءَ جو مالڪ, توهان ان کي ڪو بہ نالو ڏيو, اهو بہ انهيءَ طالب تي عشق جي تڪبير ٿو هڻي, اهو عشق جو انداز اٿو جڏهن عشق جي تڪبير طالب جي شہ رڳ تي هڻي ٿو تہ, اها تڪبير ظاهري ڪونهي, اها باطني آهي جڏهن تڪبير ٿي هنئين وڃي, تہ اُن مان ڪهڙو ٿو خون نڪري, حوس جو, حرص جو, ماديت پرستيءَ جو, نفس, جنهن اسان جي نوجوانن کي, اسان جي ماڻهن کي پٽڪائي ڇڏيو آهي, نفس چوي ٿو سئو مان اچا هزار ڪيان, هزار مان اچا ڏهہ هزار ڪيان, جيڪڏهن نوانوي ارب آهن تہ اچا بہ هڪڙو ارب گڏ ڪيان تہ اچان بہ وڌي, اهو ڇا آهي؟ اهو حوس ۽ حرص آهي, جيڪو توهان ۾ اسان ۾ آيو آهي, پر روحاني ڊاڪٽر, روحاني حڪيم اهو پنهنجي طالب مان اهي شيون ڪڍي ٿو, اهي ڪوري ٿو, اهو حرام وارو خون جيڪو انهن شين جي ڪري ٿيو آهي, اهو ڪڍي ٿو, پوءِ چوي ٿو هاڻي تنهنجو ماس منهنجي محبوب جي لاءِ حلال آهي, محبوب ڪير آهي, محبوب تہ اها هستي آهي, جيڪو الله جو محبوب آهي, توهان ۽ اسان جو محبوب آهي, الله تہ آهي پر الله جو ڪنهن ڏٺو, توهان جي شهر ۾ ڪو ماڻهو جنهن جي باري ۾ توهان کي اعتبار هجي تہ هيءَ ماڻهو ڪوڙ ڪون چوندو, هي ماڻهو حق جي ڳالهہ ڪندو, توهان اکيون پوري بہ هن تي اعتبار ڪندو, تہ هيءَ ماڻهو حق چوي ٿو, توهان سمجهيو حق چوڻ وارو انهيءَ حق جي تشريح ڪون ڪندو, پر ڪوڙو ماڻهو انهيءَ ڪوڙ جي بار بار تشريح ڪندو, انهيءَ هڪڙي ڪوڙ تي پردي وجهڻ



لاءِ ٻيا پندره ڪوڙ هڻندو, پر منهنجي محبوب ﷺ کي تہ ڪافرن بہ صادق ۽ امين چيو, منهنجي محبوب ﷺ چيو آئون ٿو چوان آهي الله جو ڪلام, مالڪ اهو آهي, پر سڌو سنئون پنهنجي مخلوق کي سامهون ڪون ٿو ٿئي, محبوب ﷺ جي واتان ٿو سامهون ٿئي, منهنجا محبوب هنن کي چئو تہ الله واحد آهي, محبوب تون چئو,

"قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ اللّٰهُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُ كُفُوًا أَحَدٌ"

منهنجا محبوب تون هنن کي چئو تہ الله هڪ آهي, الله واحد آهي, الله صمد آهي, حڪم تہ الله جو آهي, پر ڏئي منهنجو محبوب ﷺ پيو, توهان کي اسان کي ڪير پيو ٻڌائي, محبوب ڪريم ﷺ, پاڻ سراپاءِ رحمت آهن, اها ئي تہ رحمت آهي, جنهن جي لاءِ پاڻ هتي آيا آهيون, ڏمالون منهنجي مرشد جون منهنجي اکين تي, هيءَ سڀ تحفا تحائف منهنجي مرشد جي پيرن جي مهابي منهنجي اکين تي, پر اصل اسان جو مقصد آهي, توهان کي روحاني تعليمات ڏيڻ, جنهن جي لاءِ اڄ اسين هتي آيا آهيون, جنهن تعليمات جو اڄ قحط آهي, توهان کي ظاهري تعليم ملي ٿي, جيڪا ايتري قيمتي ڪونهي, ان کي ايڏو تہ قيمتي ٿاهيو ويو آهي, جو مسڪين انهيءَ کي پهچي ڪون ٿو سگهي, باطني تعليم کي بہ اسان جي پِيرن, اسان جي واعظين ايڏو تہ قيمتي ٿاهي ڇڏيو آهي, جو اسان جا ماڻهو خاص ڪري اسان جا نوجوان ايڏا تہ باغي ٿي ويا آهن, جو انهيءَ شيءِ ڏانهن اچن ئي ڪون ٿا, ڇو تہ بار بار دوکو, بار بار فريب, هر جڳهہ فريب اڳيان روپ هڪڙو پٺيان پيو ويس هڪڙو ڇهرو پيو اندر ڪجهہ پيو.

دوستو هيءَ اويسي ۽ قلندري طريقو آهي, قلندر بي نياز آهي, هُنن کي هِن جهان جي ڪنهن بہ شيءِ جي پرواهہ ڪونهي, قلندري ونڻ وارا ڪون هوندا آهن, پر قلندري ڏيڻ وارا هوندا آهن, قلندرين جو هٿ ڏيڻ وارو هوندو آهي, ڇو تہ اهي شهنشاه آهن, شهنشاه ۽ بادشاه انهن کي ماڻهو ٿا چون, جيئن اسان وٽ چون ٿا تہ, سائين محمد علي بادشاهہ رح, ظاهري بادشاهہ ۽ شهنشاه نہ, جيڪي سال لاءِ آهن تہ ٻئي سال ڪونهن, هڪڙي ڏينهن آهن

تہ ٻئي ڏينهن ڪونهن، پنج مهينا آهن تہ اٺ مهينا وري اندر پيا آهن، اهي شهنشاه نہ، پر اهي شهنشاه جن جي ڪنڌ ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي غلامي جو پٽو هجي، اُهي ٿيا شهنشاه ۽ بادشاه، انهن جو شهنشاهيون، بادشاهيون هلنديون، اڄ توهان ڏسو اٺ سئو سالن کانپوءِ بہ شهنشاه قلندر لعل شهباز رح جي شهنشاهي قائم اٿو اڄ بہ وڃي جڏهن سخي جام ڏاتار رح کي پاڪر پاتاسون ائين لڳو تہ اسان کي سڄو جهان ملي ويو آهي، اها شهنشاهي اڄ بہ قائم آهي، وڃو شاه پٺائيءَ رح تي، توهان کي محسوس ٿيندو تہ اها شهنشاهيت اڄ بہ قائم آهي، اُن جي مٽيءَ مان توهان کي خوشبو ايندي، هُن جي شهر مان توهان کي خوشبو ايندي تہ اها شهنشاهيت قائم آهي. دوستو شهنشاهيت ۽ بادشاهيت تہ اها ئي آهي.

ٻہ هڪڙا استاد هئا، ٻہ هڪڙا پروفيسر هئا، ائين ڪٺي چئجي تہ پٽي پائي هئا، هڪڙي چيو تہ آئون اسڪول قائم ٿو ڪريان، مون وٽ ٿورا پيسا آهن، مون پارٽ ٽائيم تي ڇوڪرن کي ٽيوشن پڙهائي آهي، ڪجھ پيسا مون حاصل ڪيا آهن، آئون ڪوشش ڪري اسڪول قائم ٿو ڪريان، تون انهيءَ اسڪول ۾ پڙهاءِ، پر ٻئي استاد چيو تہ آئون انهيءَ اسڪول ۾ ڪون پڙهائيندس، پر آئون پارٽ ٽائيم ڪو ٻيو ڪم ڪندس، ٿورا پيسا اچا وڌيڪ ناهڻ جو مونکي شوق آهي، توکي وري پڙهائڻ جو شوق آهي، آئون توکي پيسا ڏيندس، توکي اسڪول جي پارٽ هجي، تاريخ ڏٺو جنهن استاد پنهنجي پيسن سان اسڪول قائم ڪيو، اهو پيسو ٺاهيندي ٺاهيندي عرب پٽي تي ويو، پر دنيا ڏٺو تہ هن جا سڀ ڇوڪرا، منشيات فروش ٿي ويا، معاشري ۾ جيڪي بہ غلط ڪم هئا انهن ڪيان، ڇو تہ هُنن جي پيءُ حرام جو پيسو گڏ ڪيو، آخر ۾ هُنن پنهنجي پيءُ کي پنهنجي گهر مان ڪڍي ڪنهن اولڊ هائوس ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو پر اهو استاد جنهن فقط پنهنجي پگهار تي قوم جي ٻچن کي پڙهايو تاريخ شاهد آهي، اُن جو اولاد بہ عظيم تر انسان ٿي ماڻهن جي ٻارن کي تعليم ڏني، اهو آهي حرام ۽ حلال جو فرق.



دوستو توهان اسان جو اولاد آهيو، توهان نوجوان اسان جو مستقبل آهيو، آئون توهان کي چوان ٿو توهان حرام ۽ حلال جي پرک رکو حرام واري ماڻهوءَ کي ظاهري ڪٺي ٿوري خوشي ٿيندي پر اُن کي دل ۾ سڪون نہ ٿيندو، هُن کي پيڙهين جي جيڪا خوشي آهي، هُن جي اها خوشي اولاد هٿي وڃائي ڇڏيندو، دوستو توهان جون سياڻي شاديون ٿينديون، توهان جو سياڻي اولاد بہ ٿيندو، اهو توهان جو اولاد، انهيءَ وياج وانگر سڀ توهان جون حرام پايون توهان جي منهن تي هڻندو، تنهن ڪان بهتر آهي تہ پنهنجي اصلي جيڪا قيمت آهي، انهيءَ تي قائم رهجي، تہ انهيءَ ۾ برڪتون ٿينديون، دوستو، توهان ائين پنهنجو پاڻ کي بہ انهيءَ دائري ڪار ۾ آڻيو اسان انسان اشرف المخلوقات انهيءَ ڪري ٿيا آهيون، جون اسان کي هڪڙي دائري ڪار ۾ رکيو ويو آهي، اسان کي بہ ڪنهن پابندي ۾ آندو ويو آهي، اسان کي مال وانگر، ڍورن وانگر آزاد ناهي ڇڏيو ويو جتي ڪاٿو اتي پيا چيڙون لاهيو پر اسان کي اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا بہ سمجهايا ويا آهن، تڏهن تہ اسان کي اشرف المخلوقات ٺاهيو ويو آهي، اڄ اسان اشرف المخلوقات وڃي جانورن وارا ڪم ٿا ڪريون، آئون انهيءَ تي توهان کي ايترو وڌيڪ ڪون ٿو ٻڌايان، پر توهان پنهنجو پاڻ ۾ جانچيو توهان پنهنجي ذهن سان سوچيو ٻہ منٽ هتان ڪان سوچيو پوءِ وڃي آرام واري بستري تي ويهي سوچيو.

دوستو توهان ۽ اسان اڄ هِن محفل ۾ آيا آهيون تہ عارضي آيا آهيون، دوستو توهان جيڪي اڄ هاسٽل ۾ آهيو اها هاسٽل بہ عارضي آهي، سال ٻہ سال ۾ اها هاسٽل توهان کي ڇڏڻي پوندي، توهان کي انهن ماڳن تي وڃڻو پوندو، توهان کي وري انهيءَ پس منظر تي وڃڻو پوندو ۽ اسان کي بہ هيءَ حال ڇڏي، پنهنجي ماڳن مقامن ڏانهن وڃڻو پوندو، دوستو ائين ئي جهان بہ هاسٽل اٿو اهو جهان بہ هن شهباز هال وانگر اٿو اهو توهان کي ڇڏڻو پوندو، هيءَ سڀ خوشيون، هيءَ سڀ ڇهڇٽا توهان کي ڦوٽن ۾ وڃي ملندا، هيءَ توهان کي سرور جي ڪيمرا ۾ بند ملندا، توهان جو هيءَ وقت

توهان جي هٿن مان وهي ويندو، انهيءَ وقت کي جهپيو، انهيءَ وقت کي قابو ڪيو، هيءَ اسان جي ڳالهہ معمولي ڪونهي، هيءَ جيڪي محبت جا انداز آهن، انهن اندازن سان توهان کي سمجهائڻو آهي، توهان جي اندر ۾ اهو فلسفو داخل ڪرڻو آهي، ائين توهان کي عشق جا جراثيم جيڪي پاڪيزه آهن، جيڪي ماديت پرستيءَ کان بلڪل بچيل آهن، اهي توهان جي اندر داخل ڪرڻا آهن.

دوستو، توهان ڏٺو هوندو تہ ڪنهن جي پيشاب ۾ ڪا مک اچي ويهي ٿي، اها مک انهيءَ پيشاب تي تري ٿي هلي ۽ پنهنجو پاڻ کي ٿي سمجهي تہ آئون ڪا ملاح آهيان، سمجهي ٿي تہ آئون ڪا ٻيڙي آهيان، آئون جنهن منجهہ پئي تران پئي اهو ڪو درياهہ آهي، پر ان کي اهو دوکو ٿوري دير ۾ اڳيان اچي ٿو وڃي، مک، مک ٿيندي آهي، ٻيڙي، ٻيڙي ٿيندي آهي، ملاح، ملاح ٿيندو آهي، آئون پنهنجي انهن پراڻن دوستن کي پيغام ٿو ڏيان تہ دوستو، مک جي پٺيان نہ هلو، جيڪڏهن توهان مک جي پٺيان هليا تہ اها مک انهيءَ پيشاب تائين ختم ٿي ويندي، پيشاب معنيٰ هِن جهان جي تمنا، هِن جهان جي اڳواٽي، هِن جهان جي خواهش، اها پيشاب ۾ ڪٽي ختم ٿي ويندي، توهان انهيءَ شهنشاهہ انهيءَ ملاح جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهو جنهن جو سرٽيفڪيٽ بہ آهي، جنهن جو بہ دامن آهي، جنهن جي پٺيرائي بہ آهي، اهو ملاح توهان کي اهو درياهہ پار ڪرائيندو، اهو سورن جو درياهہ، اهو هِن جهان جو درياهہ، ترڻ ۽ تارڻ وارو بہ اهو هوندو جنهن کي ترڻ ۽ تارڻ وارو ڪم اچي، جنهن جي سکيا انهن تارن ڪئين هجي، جنهن جي سکيا ئي انهيءَ پيشاب تي ويهڻ واري مک ڪئي هوندي، انهن کي ترڻ ڪيئن ايندو، جنهن جي واڱ، جنهن جو قد بت ئي انهيءَ ڊونڊ تي ٿيو هوندو، انهيءَ مرجان موتي تہ ڪڏهن ڪاڏا ئي ڪون هوندا، ڪانگن جو اولاد هميشہ ڪانگ ٿيندو آهي، هنجن جو اولاد هميشہ هنج ٿيندو آهي، هنجن جو ڪم آهي مرجان موتي ڪائڻ، ڪانگن جو ڪم آهي ڊونڊ ڪائڻ، ڊونڊ وارن کان پري ٿيو، اهو نہ سمجهو تہ ڊونڊ وارن جا ويس پلا ٿي ويا آهن، اهو توهان جو ذهن نہ سمجهي



تہ ڊونڊ وارن جي مٿي تي پٽڪا اچي ويا آهن، اهو توهان جو ذهن نہ سمجهي تہ ڊونڊ وارن جي هٿن ۾ پنج سئو جي تسبيح اچي وئي آهي، ڊونڊ وري بہ ڊونڊ هوندو آهي، سون وري بہ سون هوندو آهي، سون تي ڪٽ بہ چڙهندي آهي، پر اهو مٿي ٿي معلوم ٿيندو، پر اهو هوندو ئي ڪو ڦٽل لوهہ، انهيءَ تي سون جا پاٽي چاڙهي چاڙهي توهان دنگ ڪندا، اهو وري بہ اهڙو جو اهڙو رهندو، توهان ڪٽي ويندا، تہ توهان جي زال بہ توهان کي مٿي ۾ هٽندي، ماني بہ بند ڪندي ۽ توهان جو هنڌ بسترو بہ بند ڪندي ۽ توهان کي چوندي هاٽي هل اُٿي، تنهن ڪري مهرباني ڪري اهڙن لوهن کان، اهڙن نقلي پيرن کان، اهڙن نقلي صوفين کان پنهنجو پاڻ کي بچايو.

هيءَ صوفي ازم آهي، صوفي ازم ۾ نقل پائي، ٺڳي، فريب، دوکو ڦُرڻ اهو اسان جو منشور ئي ڪونهي، اهو ڏنڌو اسين ڪريون ئي ڪون، اسان جو واپار نجو واپار اٿو، اسان جو واپار پاڪيزه واپار اٿو، اسان کي واپار وارو ڪنهن ڪيو، اسان کي واپار جي ڪاروبار تي ڪنهن آندو، اسان کي واپار واري مرجان موتيءَ جي انهيءَ ديڳ تي ڪنهن ويهاريو، انهيءَ ديڳ تي بہ انهي ويهاريو جنهن اهڙيون ديڳون پچائي ڪئين ملڪن ۾ ورهايون هجن، پڳڙن وارو توهان کي پڳڙا ئي ڏيندو، انهن پڳڙن مان ڪي ڏاڍا هوندا، ڪي سخت هوندا، توهان جو ڏاڻون بہ خراب ٿينديون، توهان جو وضو بہ پڄي پوندو، اهڙو ڪم چو ڪجي، جنهن سان توهان جو ظاهري ۽ باطني وضو پڄي پوي. دوستو، اچو تہ وضوءَ کي قابو ڪريون، روح جي وضوءَ کي قابو ڪريون، اکين جي وضوءَ کي قابو ڪريون، باطن جي بہ وضوءَ کي قابو ڪريون، جيڪو اسان جو وضو ڪنهن ٿوري ڳالهہ ۾ هَٻڪي نہ ٻيهي، ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي پٺيان هلي نہ ٻيهي، هيءَ اسان جي انهيءَ شهنشاهہ جو رستو آهي، هيءَ انهيءَ رحمت العالمين ﷺ جو رستو آهي.

دوستو! پنهنجو ٽائيم نہ وڃايو، خاص ڪري اسان جا نوجوانو، توهان جي لاءِ ادارا ۽ آفيسون انتظار ۾ آهن، صبح جو توهان کي منصب تي ويهڻو آهي، توهان کي پنهنجي آفيسن ۾ ويهڻو آهي، اسين چاهيون ٿا تہ

توهان اهي نوجوان ٿيو وڃو جنهن کي چون ٿا مرد. مرد اهو ڪونهي جيڪو ڪنهن جي ڏاڙهي پٽي، مرد اهو ڪونهي جيڪو ڪنهن جي احترام ۾ هٿ وجهي. مرد اهو ڪونهي جيڪو ڪنهن جو حق کائي پنهنجو ڍونڍ ڀري. مرد اهو آهي جيڪو معاشري سان وڙهي، معاشري سان هوڏ ڪري، بي ايماني سان وڙهي، نفس ظالم سان وڙهي ۽ حق جي ڳالهه ڪري، حق سچ جي ڳالهه پنهنجي اندر سان ڪريو پهرين پنهنجو پاڻ سان ڪريو پوءِ معاشري سان ڪريو جي پنهنجو پاڻ سان حق سچ جي ڳالهه نه ڪنداسون ته ٻئي سان ڪيئن ڪنداسون. پنهنجي نفس کي پنهنجو تابعيدار ڪريو هُن کي سڌو ڪرڻ پاڻ سيکاريو جڏهن اهو سڌو ٿي ويندو ته هيءَ معاشرو هيءَ جهان به توهان جي اڳيان سڌو ٿي ويندو.

منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون آهن، تمام گهڻيون دعائون آهن. منهنجي محبوب جي هِن پنڊال ۾ سيئي خالي جهوليون، مون مسڪين جي به خالي جهولي آهي، سيئي خالي جهوليون محبوب ﷺ جي محبت ۾ ڀري اٿون. پنهنجا ڏک، پنهنجا درد پنهنجا سور سڀ هِن پنڊال ۾ ڇڏي هلون ۽ پنهجيون خواهشون، اهي پنهنجيون بيڪار سوچون، غليظ سوچون، سڀ هِن پنڊال ۾ ڇڏي، اهو فلسفو هنڊائي هتان ٻاهر هلون، اهي محبتون کڻي هلون ۽ اسان انهيءَ عهد سان هلون ته اسان انسانن جي لاءِ آسانيون پيدا ڪنداسون، پنهنجي پاڙي وارن لاءِ، پنهنجي پائرن لاءِ اسان سنايون سوچينداسون. هُن لاءِ آسانيون ڪنداسون، هُن لاءِ محبتن جو جهان پيدا ڪنداسون، نفرتون، بغض، حسد اُنهن جون سڀ پٽيون ڊاهيندا هلنداسون. الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو ناصر. الله سائين توهان کي آباد ڪري، خاص ڪري منهنجي انهن دوستن کي جن هيءَ ميلاد، هيءَ پنڊال کي آباد ڪيو. محبتن جو پنڊال سجايو الله سائين ظاهري باطني انهن کي آباد ڪري، هنن جي مال ملڪيت ۾ الله سائين برڪت وجهي. توهان جون مڙئي خواهشون، جيڪي به توهان هِن محبوب جي ميدان ۾ کڻي آيا آهيو اهي پوريون ٿين، پر مونسان گڏ هڪڙو عهد به ڪريو مونسان گڏ هڪڙو وفا جو عهد ڪريو اها



وفا جيڪا وفا اسان جو هٿيار آهي. جيڪا وفا اسان جي سڃاڻپ آهي. جيڪا وفا پٺائي جو روپ آهي. جيڪا وفا قلندر شهباز رح جو روپ آهي. جيڪا وفا بابا سائين احمد علي قريشي رح جو روپ آهي. جيڪا وفا هن وقت جي انهيءَ سائين محمد علي بادشاهه رح جو روپ آهي. انهيءَ کي اپنايو توهان انهيءَ ڪردار کي اپنايو ته هڪڙي ماڻهوءَ جڏهن انهي استقامت حاصل ڪئي، انهي جڏهن اهو ميوو ناهي، اُن تي پال وجهي، اُن کي پچايو انهيءَ هڪڙي ماڻهوءَ انهن هزارين ڀٽڪيل نوجوانن کي راهه راست تي آندو هن پيري مريدي وارو ڏن ڪون ورتو جيئن اڄ ظاهري پِير وٺن ٿا. پر هنن کي عقل ڏنائين، هنن کي شعور ڏنائين، هنن کي چيائين ته "تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي" هنن کي چيائين ته تعليم جو شعبو هجي، زندگيءَ جو شعبو هجي، ويهڻو ڪونهي، اٿڻو آهي، ڪاهڻو آهي، پر پاڪيزگي سان ڪاهڻو آهي، پرهيزگاري سان ڪاهڻو آهي. جيڪا پاڪيزگي ۽ پرهيزگاري پنهنجي سڃاڻپ آهي. سو دوستو توهان جي لاءِ به اهو شعر آهي،

"تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه پيير نه لهين پنهونءَ جو"،

اها اونداهه اها بجلي واري اونداهه نه اها سچ واري اونداهه نه اها اونداهه توهان جي زندگيءَ واري اونداهه انهيءَ کي ختم ڪريو روحاني روشنيءَ مان فائدو وٺو الله سائين توهان کي خوش رکي، آباد رکي.

**ميلاد مصطفي ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ**
**نوابشاهه (لڳ سڪرنڊ روڊ).**
**تاريخ** : 28-11-2018 **بمطابق** 19 **ربيع الاول** 1440**هه**

# عدم برداشت ختم ڪريو

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! مون مسڪين عاجز جي طرفان اسلام عليڪم. حق موجود.

دوستو! هيءَ محبت جا هوڪا، هيءَ محبت جي تعريف، هيءَ محبت جي توصيف، اسان جي انجمن غلامان قلندر جو دستور رهيو آهي، اسان پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جا ميلاد ٿا ملهايون، اسان انجمن غلامانِ قلندر جو اهو عمل آهي تہ اسين ڪثرت درود پاڪ قائم ٿا ڪريون ۽ ماڻهن کي ڪثرت درود پاڪ قائم ڪرڻ لاءِ چئون ٿا، انهن کي منٿون ٿا ڪريون، انهن کي هوڪا ٿا ڏيون، اڇو توهان بہ انهيءَ عمل ۾ شامل ٿيو دوستو هيءَ اهو واحد عمل آهي جنهن ۾ ڪائنات جو خالق پنهنجي مخلوق سان گڏ عمل ۾ شامل ٿو ٿئي، الله سائين تہ بي نياز بادشاهہ آهي، الله سائين تہ خالق ۽ مالڪ آهي، پر هِن ڪثرت درود پاڪ جي عمل ۾ پنهنجي مخلوق سان گڏ شامل آهي، اهو عمل ڪٺي اڄ اسان ۽ اسان جا دوست توهان وٽ آيا آهيون.

دوستو! عشقِ مصطفيٰ ﷺ ڇا آهي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ اهو آخري عمل اٿو اهو آخري هٿيار اٿو جتي توهان جي جهان جا سڀ هٿيار ختم ٿي وڃن، توهان کي هِن جهان جون پريشانيون وڪوڙي ڇڏين، توهان کي هِن جهان جون خواهشون انهيءَ حد تائين آڻي بيهارين، جتي توهان جا واسطا، توهان جون واٽون، توهان جا سڀ رستا بند ٿي وڃن، اتان کان توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ رستو ڏيکاريندو، اتان کان توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ واٽ ٻڌائيندو، اهو هڪ مسلمان هجڻ جي ناتي نہ، اهو انجمن غلامان قلندر جو ڪارڪن هجڻ جي ناتي نہ، پر تاريخ شاهد آهي، جيڪي انگريز آهن، جيڪي ڪافر آهن، جيڪي يهودي آهن، جيڪي عيسائي آهن، جيڪي نسارا آهن، اهي بہ انهيءَ ڳالهہ جا گواهہ آهن، تہ محبوب ڪريم ﷺ ئي هِن سڄي جهان جي آئيڊيل شخصيت اٿو محبوب



ڪريم ﷺ جو حسن اخلاق، محبوب ڪريم ﷺ جو ڪردار، اهڙو انهيءَ ڪردار جو حامل، انهيءَ حسنِ اخلاق جو حامل، هِن جهان ۾ نہ ٿيو نہ ٿيندو، ڪافرن بہ محبوب ڪريم ﷺ جي حسنِ اخلاق ۽ سوانحيات تي عمل ڪري هِن جهان تي فتوحات حاصل ڪيون.

دوستو! محبوب ڪريم ﷺ سان جاندار، انسان، سڄي المخلوقات، وڻ ٽڻ، ٻوٽا بہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان پيار ٿا ڪن، تڏهن محبوب ڪريم ﷺ کي الله سائين رحمت العالمين ڪيو آهي، مسلمانن جو حصو پٽي تہ آهي، پر سڄي عالم جو بہ حصو پٽي آهي، عالمن جي ذري ذري لاءِ رحمت آهن، پوءِ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو حسنِ اخلاق هجي، ايمان هجي، انصاف هجي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي بادشاهي هجي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو پنهنجي خاندان سان ورتاءُ هجي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو ڪافرن سان ورتاءُ هجي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو پاڙيسرين سان ورتاءُ هجي، اهي سڀ شيون انهيءَ رحمت ۾ شامل ٿيون ٿين، تڏهن منهنجي محبوب تي نالو پيو آهي رحمت العالمين، رحمت رُڳو "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" سان ڪونهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي رحمت جا ٻيا بہ وڏا فضائل اٿو جنهن کان اسان ۽ اسان جو معاشرو غافل رهيو آهي، تڏهن تہ اسان ۾ عدم برداشت آئي آهي، اسان مان صبر ختم ٿي ويو آهي، اسان هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، اسان سڀئي پنهنجو پاڻ کي سوا سير ٿا سمجهون، ڪو بہ پنهنجو پاڻ کي پاءُ سمجهڻ جي لاءِ تہ تيار ئي ڪونهي، اڄ ٻار پنهنجي مائٽ ۽ استاد جو بہ چوڻ ڪون ٿو مڃي، اهو چوي ٿو تہ آئون ئي سمجهون آهيان، آئون ئي دانا آهيان، آئون ئي عقل جو اڪابر آهيان، بابا تو ۽ استاد جيڪو جهان ڏٺو هو اهو چاليهہ پنجاهہ سال اڳ ۾ هو، اڄ جو جهان تيز آهي، اسان جو جهان ايترو تہ تيز ٿي ويو آهي، اسان جو جهان ايڏو تہ بهترين ٿي ويو آهي، بابا جيڪڏهن توهان کي جهان ڏسڻو هجي تہ ڪنهن پيٽرول پمپ تي وڃي باٿروم ۾ جانچيو انهيءَ باٿروم جي درن تي، پٽين تي بہ

توهان کي فحاشي جملا ملندا، اهي فحاشي جملا لکڻ وارن لاءِ وري بہ وڏي آساني ٿي وئي آهي، جو اڄڪلھ سوشل ميڊيا جو دور اڇي ويو آهي، انهن فحاشي جملن وارن جو منشور اتان پاٿروم جي درن، درين ۽ ڀتن کان اڇي سوشل ميڊيا تائين پهتو آهي. دوستو توهان اندازو ڪريو آئون توهان کان هڪڙو سوال ٿو پڇان، پنهنجو معاشرو پاڻ کي ڪيڏانهن پيو وٺيو وڃي؟ پنهنجو معاشرو پاڻ کي ڪهڙين اونهاين ۾ پيو وڃهي، جتي اسان جو اخلاق ايترو تباھ ٿي ويو آهي، جو عجيب جملا، عجيب الفاظ، اسان کي هاڻي باٿرومن ۾ ملن ٿا، اسان کي اهي تحريرون سوشل ميڊيا جي انهن ويب سائيٽن کان وٺي، اسان جي انهن فيسبڪن تي، اسان کي اهي تحريرون ملن ٿيون، جيڪي اسان کي اندر ۾ رکڻ کپن، اسان جا بغض، اسان جا ڪينا، جيڪي اسان جي اندر مان نڪري، اسان جي ڇپن سان هِن معاشري ۾ ظاهر ٿي ويا آهن، اهوئي سڀ انهي عدمِ برداشت جي ڪري آهي، ڇو تہ اسان پنهنجو حقيقي اخلاقي فلسفو وساري وينا آهيون، اسان پنهنجو منشور وساري ڇڏيوسون، اسان انهيءَ محبوب ڪريم ﷺ جي پيروي کان منهن موڙي ڇڏيو آهي، اسان انهيءَ صوفياء ڪرام، اهي الله جا بزرگ، اهي الله جون ڪامل هستيون، اسان انهن جو فلسفو انهن جون رهڻيون ڪهڻيون، انهن ماڻهن سان پاڪر پائڻ، انهن جون ملڻيون، اڄ اسان انهن کان باغي ٿي وياسون، انهن منشورن کي وسارڻ جي ڪري، اسان کي دوکو مليو اسان کي فريب مليو اسان کي پنهنجن پراون جون رُسوايون مليون، اسان جي اندر ۾ پريشانيون وڏي وڏي وڏا وڻ ڪري ويون، انهن پريشانين اسان کي ڏاهي وڌو، اسان کي پاڻ ۾ تفرقن ۾ ورهائي اسان کي اڪيلو ڪري ڇڏيو، جتي خاندان گڏجي رهندا هئا، اتي اسان جو تن تنها رهڻ بہ مشڪل ٿي ويو ڇو تہ جيڪو اسان جو منشور هو جيڪو اسان جو آئيڊيل هو انهيءَ تان اسين هٽي وياسون، اسان جو آئيڊيل شاھ صاحب هو اسان جو آئيڊيل سچل سائين هو اسان جو آئيڊيل لعل شهباز قلندر رح هو اڄ اسان جا آئيڊيل بہ نوان نوان روپ ٿي ويا آهن.



دوستو! شهرتون، تعريفون ۽ واڪاڻ ناچ ڪرڻ وارن کي بہ ملن ٿيون، اهي شهرتون، اهي تعريفون انهن رانديگرن کي بہ ملن ٿيون جيڪي ڪنهن راند جا سنا رانديگر آهن، پر حقيقي عزتون ۽ احترام انهن کي ٿا ملن، عزتن ۽ احترامن جا وارث اهي آهن، جيڪي پنهنجي پنين لاءِ فلسفا ڇڏيو ٿا وڃن، اهي فلسفا، اهي عمل جن تي هُنن پاڻ بہ عمل ڪيو ۽ پنهنجي پنين لاءِ اهي فلسفا ڇڏي ويا، اهي ڪير هئا، اهو فلسفو لعل شهباز رح جو اهو فلسفو داتا سائين جو اهو فلسفو اسان کي ڀٽائي صاحب جي روپ ۾ ملي ٿو اهو فلسفو اسان کي سچل سائينءَ جي روپ ۾ ملي ٿو اهو چوي ٿو "آئون جوئي آهيان سوئي آهيان" مونکي توهان ڪافر چئو مونکي توهان منڪر چئو، مونکي توهان ڪجھ بہ چئو پر "آئون جوئي آهيان سوئي آهيان" آئون ڇا آهيان، آئون انسان آهيان، مونکي الله سائين اشرف المخلوقات ٺاهيو آهي، پهرين آئون انسان آهيان، مونکي انسان تہ ٿيڻ ڏيو تنهن ڪانپوءِ توهان مون تي شرط هڻون، پوءِ توهان مون تي ڪو مذهب ڏريو تنهن ڪانپوءِ توهان مون تي ڪو فلسفو ڏريو پر پهرين مونکي توهان انسان تہ ٿيڻ ڏيو مونکي جانور نہ ٿيڻ ڏيو مونکي اهو حرامخور جانور ٿيڻ نہ ڏيو جيڪو ڍونڍ ٿو ڪائي، اڄ توهان معاشري ۾ ڏسو توهان پنهنجي آڙي پاڙي ۾ ڏسو جيڪڏهن وڏو ڪو خونخوار جانور آهي، تہ اهي پاڻ انسان آهيون، جيڪو پاڻ پنهنجو پاڻ کي پَٽيون پيان، پنهنجي پاءُ جو بہ ڳنُ پَٽيون پيا، پنهنجي مائٽ مٽ جي وات مان بہ اهو حق جو گرھ بہ ڇڪيون پيا، اسان اڄ ڪنهن آفيس ۾ ٿا وڃون تہ پنجاھ سئو رپئي ڪانسواءِ اسان جو ڪم ڪون ٿو ٿئي، توهان ڪٿي ڪهڙي بہ فيلڊ ۾ وڃو پر توهان کي ساڳي حالت ملندي، ڇو تہ اڄ اسان فلسفا پاڻ پيا ٺاهيون، فلسفا پاڻ پيا مڙيون، توهان مونکي ٻڌايو تہ اڄ انسانيت آهي ڪٿي، جيڪو سچل سائين ٿو چوي "جوئي آهيان سوئي آهيان" اهو جوئي آهيان سوئي آهيان وارو انسان تہ توهان مونکي هٿ ڪري ڏيو تہ اهو انسان آهي ڪٿي. دوستو اڃا بہ جيڪڏهن توهان کي انسانيت ملندي تہ صوفياءِ اڪرامن جي فلسفي ۾ ملندي، اهو هڪ انسان جيڪو 1953ع ۾ پيدا ٿيو،

جنهن جو نالو هو سائين محمد علي بلوچ، انهي اها انسانيت وچي سيکاري، هُن پنهنجي مرشد کان اهو انسانيت وارو فلسفو ورتو اهو انسانيت وارو فلسفو هو پنهنجي متي تي کٽي اکيلي سر تن تنها ڪاهي پيو هُن کي پنهنجي پيءُ الڳ ڪيو پنهنجي پائرن ڇڏيو پنهنجي پاڙي وارن بہ ڇڏيو، طعنا بہ اچي ويا، مهڻا بہ اچي ويا، مسڪيني بہ اچي وئي، دوست بہ اچڻ لڳا، ڪئين دوست پهرئين پاڪرن ۾ اچي پري ٿيندا ويا، پر قافلو پوءِ بہ هلندو رهيو اهو انسانيت جو پرچم، اهو انسانيت جو علم ڪڏهن هيٺ نہ ٿيو هوءُ اهو علم کٽي هلندو رهيو ۽ اسان جي نوجوانن کي، اسان جي مسلمانن کي جيڪي مسلمان هئا پر انسان ڪون هئا، انهن کي سمجهائين تہ اي مسلمانو! پهرين توهان انسان تہ ٿيو سائين محمد علي هُنن کي تمام آساني ۽ خوبصورتيءَ سان انسانيت جو فلسفو ٻڌايو تہ تون انسان ٿي، جڏهن الله سائين توکي اشرف المخلوقات ناهيون آهي، تہ اي انسان تنهنجيون ڪي خوبيون بہ تون ۾ هئڻ گهرجن، تنهنجو بہ ڪو عمل هجي، جنهن مان اسان کي محسوس ٿئي تہ تون انسان آهين، جانورن کي تہ اسان ڏٺو آهي، اسان موتمار جانورن کي بہ ڏٺو آهي، پر تون تہ انسان آهين، تو مان تہ اسان کي اها انسانيت واري خوشبوءِ اچڻ کپي، توهان ڪنهن فيلڊ ۾ وڃو توهان ڪنهن آفيس ۾ وڃو ڪنهن محڪمي ۾ وڃو اسان کي انسانيت تہ هٿ ئي ڪون ٿي اچي، اسان پاءُ جي روپ ۾ ڪنهن پاءُ وٽ ٿا وڃون تہ اسان کي انسانيت ڪون ٿي ملي، اسان پيءُ جي روپ ۾ ڪنهن پُٽ وٽ ٿا وڃون، تہ پهرين اهو پُٽ چوي ٿو هتي مال رک بابا تنهنجو وقت پورو ٿي ويو آهي، تو حرام جو مال گڏ ڪيو هاڻي تون بابا جلدي هل تہ آئون توکي اولڊ هاسٽل ۾ ڇڏيان، يا توکي ڪنگهہ ۽ کڙڪو آهي تہ توکي پنئين پاسي ٿو ڇڏيان، چو تہ منهنجي زال بہ هاڻي اچڻ واري آهي، آئون بہ هاڻي آفيسر ٿي ويس، آئون تنهنجي حرام ڪمائي مان متو متارو ٿي ويس، هاڻي آئون انهيءَ تي قابض ٿي ويو آهيان، جيڪڏهن بابا تو اجان بہ ڪنگهہ ۽ کڙڪو نہ ڇڏيو تہ آئون ڪنهن عطائي ڊاڪٽر کي منٿ ميڙ ڪندس توکي ڪا زهر واري انجيڪشن



هڻندو تہ منهنجي انهيءَ ڪنگهہ ۽ کڙڪي مان جان ڇٽي ويندي، هاڻي اها اسان جي پهچان آهي، هوڏانهن منهنجو محبوب ڪريم ﷺ، جنهن جي فلسفو اڄ آئون توهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان، جنهن جي لاءِ محبوب ڪريم ﷺ رحمت العالمين پيا ٿين، سڄي جهان جي لاءِ جنهن کي الله سائين رحمت پيو ڪري، انهن پهاڙين ۾ جتي عرب پنهنجيون زنده نياڻيون مدفون ڪندا هئا، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ ٻڌايو تہ نياڻي جو احترام آهي، نياڻي جو ادب آهي، اڄ اسان جي معاشري ۾ نياڻي جو جيڪو ادب ۽ احترام آهي، اهو بہ پاڻ کي چڱي طرح معلوم آهي.

دوستو! آئون توهان کي هڪڙي صوفي بزرگ جي باري ۾ ٻڌايان ٿو جنهن جو نالو حضرت حسن بصري رح آهي، اهو خوبصورت حسن بصري رح هڪڙي مالدار جو پُٽ آهي، جوان آهي، هُن کي پوشاڪ پيل آهي (اڃا هو الله واري پاسي ڪونهي) هو هڪڙي بازار ۾ ٿو وڃي، هُن جون ڪنهن نوجوان عورت تي اکيون ٿيون پئجي وڃن، هو عورت کي بار بار ٿو ڏسي، عورت چوي ٿي اي نوجوان، تو مون ۾ ڇا ڏٺو آهي؟ هڪ دفعي منع ڪيائين، ٻي دفعي منع ڪيائين، ٽي دفعي منع ڪيائين، پر هو جوان نہ مڙيو هُن عورت ۾ اکيون ڄمائي رکيون، عورت چيو توکي منهنجي ڪهڙي ادا پسند آهي جو تنهنجيون اکيون منهنجي چهري ۾ آهن، آئون منهنجي چهري جي مالڪياڻي آهيان، مونکي تہ ٻڌاءِ تہ منهنجي چهري ۾ اهڙي ڪهڙي ادا آهي جيڪا توکي مائل پئي ڪري ۽ تون بار بار پنهنجي اکين سان مون ڏي پيو ڏسين، نوجوان چيو مونکي تنهنجيون اکيون ڏاڍيون وڻن ٿيون، چيائين بس توکي اهي منهنجيون اکيون ئي پسند آهن، هُن عورت انهيءَ نوجوان کي چيو تون ويهہ آئون وري اچان ٿي، هوءَ هڪڙي پاسي وڃي پنهنجيون ٻئي اکيون ڪڍي، ڪنهن شيءِ ۾ ڍڪي، احترام سان اچي انهيءَ نوجوان کي ٿي ڏئي ۽ چوي ٿي هيءَ وٺ جيڪي توکي پسند آهن، جڏهن حضرت حسن بصري رح جون اکيون جڏهن اُن عورت جي اکين تي پون ٿيون تہ هُن کان دانهہ ٿي نڪري وڃي، چوي ٿو تہ هيءَ تو ڇا ڪيو اُها مائي ٿي چوي اي حسن بصري

رح مونکي اهي اکيون نہ کپن، مونکي اها سونهن نہ کپي، مونکي اها خوبصورتي نہ کپي، جنهن جي ڪري ڪو غير ماڻهو منهنجي چهري ڏي تڪي ۽ آئون انهيءَ حقيقي مالڪ جي اڳيان بدنام نہ ٿي وڃان، ڪٿي اُن جي پڪڙ ۾ نہ اچي وڃان، هيءَ اکيون توکي پسند آهن، هيءَ اکيون تون وٺ، صبح ٿو ٿئي جڏهن حسن بصري رح هُن عورت جي گهر ڏانهن وڃي ٿو تہ هُن جي گهر مان رڙين ۽ داهن جو آواز ٿو اچي، هُن عورت جو موت ٿي وڃي ٿو انهيءَ ڏينهن کان اهو حسن بصري رح توبھ تائب ٿو ٿئي، اهو حسن بصري رح جيڪو وقت جو اولياءِ الله ٿيو جيڪو صوفياءِ اڪرامن جو هڪڙو فلسفو ٿو ڏئي، صرف انهيءَ هڪڙي واقعي جي ڪري.

دوستو! هتي سڀ توهان نوجوان ويٺا آهيو، توهان يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جا طالب علم آهيو، توهان هِن بازار ۾ ٿا رهو، اڄڪلھ جا ماڻهو مسجدن ۾ بہ وڃن ٿا، انهن سان مسجدون ڀريون پيون آهن، اسان ٻڌون ٿا تہ هزارين ماڻهو حج تي ويا آهن، وري اتان موٽي آيا آهن، هزارين وڏن نيڪن جا اسين نالا ٿا ٻڌون، وري اسين جڏهن معاشري ڏانهن ڏسون ٿا تہ اهي جڏهن مسجدن ڏانهن وڃن ٿا تہ نياٽين کي تڪيندا تڪيندا وڃن ٿا ۽ وري جڏهن مسجدن مان واپس اچن ٿا تہ وري بہ نياٽين کي تڪيندا تڪيندا اچن ٿا، انهيءَ عمل کي ختم ڪرڻ لاءِ، انهيءَ عمل کي ٻنجو ڏيڻ جي لاءِ، اهو باطني صوفياء اڪرامن جو فلسفو آهي جيڪو ڪٺي اسين اڄ توهان وٽ اچي پيش ٿيا آهيون، توهان جي انسانيت ۾ جيڪا ڪمي پيشي اچي وئي آهي، انهيءَ کي ٺاهڻو آهي، انهيءَ کي اجاگر ڪرڻو آهي، اها انسانيت اسان کي واپس ڪيئن ملندي؟ دوستو، اها انسانيت توهان کي تڏهن ملندي، جڏهن توهان انسانيت جي رحمت جي دامن ۾ ايندا، جيڪو انسانيت جو عظيم ۾ عظيم رهبر آهي، جيڪو سيني انسانن جو آئيڊيل آهي ۽ سيني انسانن جو سردار آهي، انهيءَ جي فلسفي تي جڏهن توهان عمل ڪندا تہ توهان ۾ انسانيت ايندي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي فلسفي تي اچڻ لاءِ اسين توهان کي هوڪا ٿا ڏيون، سائين محمد علي بادشاھ رح انهيءَ لاءِ



هوڪا ڏنا، بابا سائين احمد علي قريشي رح انهيءَ لاءِ هوڪا ڏنا، هر عاشق اُن جا هوڪا ٿو ڏئي، تہ اچو اچو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي فلسفي تي اچو، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان انسان ڇا پر جانور بہ پيار ڪندا هئا، منهنجي محبوب ﷺ جي حويلي ۾ هڪڙو پکي رهندو هو، انهيءَ پکي کي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان ايترو تہ پيار ٿي ويو هو، جو جڏهن محبوب ڪريم ﷺ ٻاهر ويندا هئا، تہ اُن پکي کي بي چيني ٿي ويندي هئي، ڪڏهن هُن طرف پيو ويندو هو تہ ڪڏهن وري هُن طرف، هُن کي هڪ منٽ بہ آرام ڪون ايندو هو، ائين منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڏاچي، ٻين جانورن، محبوب ڪريم ﷺ جي هِن ظاهري پردي مٿڻ ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ کي ڪوھ ۾ ڪيرائي ڇڏيو، تہ اها محبوب جي ظاهري جدائي اسان کان برداشت ڪو نہ ٿيندي.

فلما كان يوم الجمعة قعد النبى صلى الله عليه وسلم على المنبر الذى صنع، فصاحت النخلة التى كان يخطب عندها، حتى كادت تنشق، فنزل النبى صلى الله عليه وسلم حتى اخذها فضمها إليه، فجعلت تئن انين الصبى الذى يسكت حتى استقرت، قال: بكت على ما كانت تسمع من الذكر. (صحيح بخاري 2095)

ائين جڏهن پهرين دفعا منهنجو محبوب ڪريم ﷺ مسجد نبوي جي ممبر تي ويهي ٿو تہ مسجد مان سڏڪن جو آواز ٿو اچي، زار وقطار روئڻ جو آواز ٿو اچي، جيڪي بہ اصحابِ اڪرام اتي موجود آهن، اهي سڀ ٻڌن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو ڇا آهي؟ نيٺ وڃي جانچيو تہ اهو کجي جو وڻ جنهن تي محبوب ڪريم ﷺ ٽيڪ ڏئي خطبو پڙهندا هئا، اهو روئي پيو، منهنجو محبوب ڪريم ﷺ انهيءَ کي بہ ڀاڪر ٿو وجهي، تہ توهان اندازو ڪريو تہ انسان تہ انسان، مسلمان تہ مسلمان، جانور تہ جانور، پر هڪڙو ٻوٽو هڪڙو کجيءَ جو وڻ بہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان ايڏو پيار ٿو ڪري، تہ توهان سوچيو تہ صحيح اها هستي ڪيڏي نہ عظيم هوندي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي الله سائين اها طاقت ڏني هئي تہ هوءَ جاندارن جو، پهاڙن جو، پٿرن جو هر مخلوقات جو آواز ٻڌندو هو ۽ اهي منهنجي محبوب

ڪريم ﷺ جو آواز ٻڌندا هئا. تہ ان ڪجي جي وڻ ڪان محبوب ڪريم ﷺ پڇن ٿا تہ تون ڇو ٿو روئي؟ اهو ڪجيءَ جو وڻ چوي ٿو تہ. اي منهنجا محبوب ڪريم ﷺ توهان پنهنجو بدن (اهو مقدس بدن، اهو انمول بدن انوکو بدن، اهو بدن جنهن تي جنهن جو بہ هٿ لڳو اهو بهشتي ٿي ويو) جيڪو بہ انهي بدن سان منسلڪ ٿيو اهو بهشتي ٿي ويو. ايتري قدر جو ابوجهل جهڙو ڪافر، نبي ڪريم ﷺ جو دشمن، اُن جي بہ ڪل تي منهنجو محبوب ڪريم ﷺ هٿ ڦيري ٿو تہ. انهيءَ جي لاءِ بہ الله سائين حڪم ٿو ڪري تہ. اها ڪل بہ آئون اصحابِ ڪهف جي ڪتي ۾ وجهي بهشت ۾ وجهندس، اهو منهنجي محبوب ﷺ جو بدن جڏهن امان سائڻ ٻيبي فاطمہ عليہ السلام جي اٽي تي لڳي ٿو تہ. انهيءَ اٽي کي بہ باھ ڪو نہ ٿي لڳي، امان ٻيبي فاطمہ عليہ السلام پڇي تہ انهيءَ اٽي کي باھ ڇو نہ ٿي لڳي؟ اها ماني ڇو نہ ٿي پچي؟ محبوب ڪريم ﷺ فرمائين ٿا تہ. جنهن اٽي کي تنهنجي ابي جا هٿ لڳا آهن، انهيءَ اٽي کي باھ ڪيئن ٿي ساڙي سگهي، اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو بدن هو. اهي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جا هٿ هئا.

هڪڙو يهودي ڇوڪرو جيڪو فوت ٿيڻ ڪان ڪجھ وقت پهرين ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو. محبوب ڪريم ﷺ اُن کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ ٿا لاهين ۽ قبر ۾ پيرن جي پٻن تي بيٺا آهن، جڏهن ٻاهر ٿا اچن تہ، اصحابِ اڪرام پڇن ٿا، تہ سائين توهان جي منهن مبارڪ تي ٿڪاوٽ جا آثار آهن، توهان پٻن تي بيٺا هئا، نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ. پنجي تي انهيءَ لاءِ بيٺو هئس تہ هُتي ملائڪن جي وڏي فهرست آهي، بار بار ملائڪن کي پنهنجا پاسا پيا لڳن، هيٺ مٿي ايترا تہ ملائڪ آهن جو هُنن کي اهو آهي تہ. محبوب ڪريم ﷺ جي بدن تي اسان جو رڳو بدن لڳي، توهان اندازو ڪريو تہ انهيءَ بدن جي ڇا عظمت هوندي. (سنن ابي داود 3095، صحيح بخاري 1356، حافظ ابن ڪثير : في تفسير ابن ڪثير)

سو اهو وڻ ٿو چوي، محبوب ﷺ مونسان توهان جو بدن ٽڪرائبو هو. اڄ توهان مونکي ڇڏي انهيءَ ممبر تي ويهو ٿا. پوءِ محبوب ڪريم ﷺ



هُن کي چون ٿا. هُن کي آٿت ٿا ڏين (اجا تائين بہ شايد اهو وڻ انهيءَ پيلر ۾ قائم آهي) تہ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ بهشت ۾ هوندو.

دوستو! توهان کي اهو سڀ ٻڌائڻ جو منهنجو مقصد اهو هو تہ. اها هستي ڪنهن هڪڙي فرقي جي نہ آهي، هڪڙي ڪنهن انسان جي نہ آهي، اها هستي سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت العالمين آهي، اها جاندارن لاءِ رحمت آهي، اها مسلمانن جي لاءِ رحمت آهي تہ غير مسلمانن لاءِ بہ رحمت آهي، اها الله سائين جي هر مخلوقات لاءِ رحمت آهي، پر ڪو ڪهڙي رستي سان اچي ٿو. ڪو صوفي ٿي اچي ٿو. ڪو مولوي ٿي اچي ٿو. ڪو پِير ٿي اچي ٿو. ڪو وري هِن جهان ۾ نقلي پيرن جا روپ اختيار ڪري ٿو. ڪو هِن جهان ۾ نقلي صوفي ٿي اچي ٿو. اهو ڏوھ نقلين جو آهي، اهو ڏوھ اصلين جو ناهي.

دوستو. اهو فلسفو اهو پيغام. اهوئي جامِ عشق جو پيغام. اهو فهم. جنهن جي لاءِ شاھ صاحب چوي ٿو.

”اهو ڪو پيو فهم جنهن سان پسين پرينءَ کي“

دوستو. اهو فهم اٿو ڪثرتِ درود پاڪ. جنهن توهان کي سنواريو آهي، اڄ هتي ڪي اسان جا دوست، ڪي اسان جا نوجوان، جن جو هِن محفل لاءِ اڪيون آتيون آهن، انهيءَ محفل ۾ ڇا آهي؟ انهيءَ محفل ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جون بارشون ٿيون وسن، انهيءَ اکين ۾ توهان عشقِ مصطفيٰ ﷺ کي جهاتيون پائي ڏسو. انهن دوستن کي ڏسو جيڪي ڪثرت درود پاڪ تي قائم آهن.

دوستو! انهيءَ پيغام تي عمل ڪريو. انهيءَ فلسفي کي پنهنجو هٿيار ٺاهيو. جهان توهان کي وسوسن ۽ وهمن ۾ وجهي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ کي ٺاهيو. توهان کي هِن جهان جون خوبصورتيون ڪجھ ڪون ڏينديون، جهان جي خوبصورتين هزارين ماڻهن کي پنڌڙي تان هٽائي ڇڏيو. مال ملڪيت، ڌن دولت بہ هزارن کي پنڌڙي تان هٽائي ڇڏيو.

هڪڙو يهودي هو. انهيءَ کي ڪنهن علم وسيلي پڪ ٿي تہ. تنهنجي عمر هزار سال ڪان مٿي ٿيندي، هُن ڇيو نيڪ آهي، هاڻي آئون

انهيءَ مان پنهنجي اڌ زندگي عيشن ۾ ٿو گذاريان، جڏهن منهنجي موت جو وقت ويجهو ٿيندو تہ پوءِ آئون الله کان توبهہ تائب ٿيندس، هُن ائين ئي سوچيو جيئن اڄ توهان ٿا سوچيو تہ اسين اڃان نوجوان آهيون، اسين اڃا پڙهنداسون، اڃا عيش ڪنداسون، موت ۾ اڃان ٽائيم آهي، بهرحال ائين هلندي هلندي هُن کي پنج، ڇهہ، ست سئو سال گذري ويا، هو چوي اڃان منهنجو ٽائيم پيو آهي، اڃان منهنجو هڪ سال پيو آهي، اڃان منهنجا ڇهہ مهينا پيا آهن، اڃان منهنجا ٽي مهينا پيا آهن، اڃا منهنجو هفتو پيو آهي، اڃا منهنجو ڏينهن پيو آهي، اڃا منهنجو اڌ ڪلاڪ پيو آهي، اڃا منهنجا ڏهہ منٽ پيا آهن، تيستائين اچي ملڪ الموت مٿان بيٺو. دوستو هُن کي تہ اها خبر هئي تہ منهنجي عمر ڪيتري آهي، پر دوستو توهان مان مونکي ڪو اٿي ٻڌائي تہ هُن جي عمر هيتري ٿيندي، هُن وٽ ڪو سرٽيفڪيٽ آهي، آئون توهان کان پڇان ٿو تہ توهان وٽ ڪو اهڙي قسم جو سرٽيفڪيٽ آهي، تہ توهان اڃان پنجاهہ سال زنده هوندا، اڃان ويهہ سال زنده هوندا، توهان چاليهہ سال زنده هوندا، توهان عيش ڪندا، توهان هِن جهان جا ڏاڍا مزا وٺندا، پوءِ جڏهن توهان جو آخري ٽائيم ايندو پوءِ توهان حج بہ پڙهندا، پوءِ توهان توبهہ تائب ٿيندا، ڪو آهي اهڙو توهان ۾ جيڪو مونکي اٿي ٻڌائي، دوستو نہ، هيءَ جهان فنا اٿو هيءَ جهان ختم ٿيڻو آهي، توهان امير هوندؤ تڏهن بہ توهان تي موت ايندو، توهان نوجوان هوندؤ تڏهن بہ توهان تي موت ايندو، توهان جيڪڏهن بيمار هوندؤ تڏهن بہ توهان تي موت ايندو، جيڪڏهن توهان صحت مند هوندؤ تڏهن بہ توهان تي موت ايندو، هيءَ جهان توهان ۽ اسان کي ڇڏڻو آهي، هيءَ مانجهاندي جو ماڳ آهي، هِن نہ ڪنهن سان وفا ڪئي آهي، نہ ڪنهن سان وفا ڪندو. دوستو اچو هِن عظيم فلسفي تي عمل ڪريو.

دوستو! جنهن هستيءَ کان جدا ٿيڻ جي ڪري، اهو ڪجيءَ جو وڻ افسوس ۾ روئي ٿو، انهيءَ هستيءَ جي نسبت توهان کي هِن ميدان ۾، هِن پنڊال ۾، هِن آستاني تي آندو آهي، اها نسبت آهي ڪثرتِ درود پاڪ،



جيڪا توهان کي وٺيو انهيءَ رحمت العالمين جي ڇانو ۾ ٿي وڃي، جڏهن توهان انهيءَ ڇانو ۾ ايندا، تہ هِن جهان جا سور، تڪليفون، پريشانيون توهان جو ڪجھہ بہ ڪون بگاڙينديون، توهان جي علم ۾، تعليم ۾، مالي ڪمن ۾، توهان جي دشمنن ۾، هر طرح سان توهان کي اهو فلسفو ڪم ايندو پر فقط توهان اُن تي عمل ڪيو ٻيا فلسفا توهان مان ڪم ڪڍي، توهان کي ڇورو ڇنو ڪري ڇڏي ڏيندا، اهو مونکي وڏيڪ چوڻ جي ضرورت ڪونهي، توهان پاڻ پلا ڏسو فيلڊ ۾ گهمون، جن وڏا وڏا ٻٽاڪ هنيا، جن ڊاڙ هنيا، جنهن کي ٿوري بہ سيٽ ملي تہ اهي سڀ ڳالهيون ڇڏي، ڪرسيءَ تان لهي، توهان کي وچ ميدان ۾ ڇڏي هليا ويا، پر صوفي، محبوب ﷺ جا عاشق، صوفي ازم جا پيروڪار توهان کي وچ ۾ ڪون ڇڏيندا، اهو سلسلو هلندو اهو سلسلو انهن جو آهي جيڪي پيڙهجي ويا، هيءَ عاشقن جو سلسلو آهي، عاشقن پهرين پاڻ پيسجن ٿا، پهرين انهن جو جوس ٿو نڪري، انهيءَ جوس ۾ وڏو پاور ۽ مٺاس هوندي آهي، اهو پنهنجي بدن جو جوس، جيڪو عشقِ مصطفيٰ ﷺ مان ٿو نڪري، اهي انهيءَ جوس جا پيالا پري ٻين کي پيارين ٿا، صوفي ائين ناهن ٿيندا، صوفين جو جوس ٿو نڪري، خواهشن وارو جوس، زندگيءَ جي انهن سڀني آسائشن وارو جوس نڪري ٿو.

دوستو! روحانيت جي طالبن کي بہ الله جا عاشق سچا صوفي حرام رت ڪڍي خارج ڪري، اهو سڀ انهن مان چوسي ڪڍي، پوءِ هُن جي بدن کي حلال ڪندا آهن، هاڻي چوندا آهن عاشق، معشوق جو بدن تنهنجي لاءِ حلال آهي، پوءِ عاشق انهيءَ بدن ۾ ويهي ٿو پوءِ عاشق انهيءَ بدن ۾ آستانو ٺو ٺاهي، جڏهن عاشق انهيءَ بدن ۾ ويهي ٿو تہ اهو بدن بہ نور ٿي وڃي ٿو ائين الله جي بزرگن جا بدن نور ٿيا آهن، سائين محمد علي بادشاهہ رح بہ توهان وانگر انسان هو، بابا سائين احمد علي قريشي رح بہ توهان وانگر انسان هو جنهن سائين جي آستاني تي ويٺا آهيون اهو بہ توهان وانگر انسان هو پر هُنن جي استادن، رهبرن، عاشقن، هُنن مان اهو حرام جو رت سير وهائي ڪڍي ڇڏيو اها سير ڪهڙي هئي، اها سير عشق جي سير هئي.

دوستو! هي ٿورڙيون شيون اٿو پر ڏاڍيون قيمتي اٿو. توهان اڄا هاڻي آيا آهيو، توهان مان ڪن پير پاتو آهي، ڪي اڄ آيا آهن، ڪن ڪي اهي ڳالهيون هينئر سمجهه ۾ اينديون، ڪن ڪي اهي ڳالهيون پنهنجي ٽائيم تي سمجهه ۾ اينديون، پر آخر ۾ وري به توهان کي هٿ ٻڌي عرض، وري به اُهي دانهون، وري به اهي ڪوڪون، جيڪي ڪوڪون ۽ دانهون عاشقن جو ڪم آهي، اسين عاشق ته ناهيون پر عاشقن جا پيروڪار آهيون، هُنن جي پيرن جي خاڪ آهيون، اڄ اسين توهان کي هوڪا ٿا ڏيون، توهان کي اسين هٿ ٻڌي عرض ٿا ڪريون ته دوستو، ٽائيم تمام قيمتي اٿو، توهان انهيءَ کي ماپيو ڪهڙي حوالي سان ماپيو، توهان ماپيو انهيءَ صوفياء اڪرامن جي حوالي سان، انهن جي زندگين جي حوالي سان، توهان ٻار آهيو، توهان ۾ ڪي وڏا آهن، توهان ماڻهن کي بادشاهه ٿيندي ڏٺو هوندو، توهان بادشاهن کانپوءِ انهن کي پٽڪندي به ڏٺو هوندو، اهو اٿو جهان. دوستو هِن تي اعتبار نه ڪيو، پنهنجيون زندگيون سنواريو، پنهنجو پاڻ کي سنواريو، معاشري کي سنواريو، پنهنجي ملڪ کي سنواريو پر پنهنجي ايندڙ نسل کي به سنواريو، اهو ڪيئن سنواريندا، اهو سنواريندا عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان، مونسان واعدو ڪريو، مونسان وچن ڪريو، مونسان عهد ڪريو ته پنهنجي جيڪا به زندگي آهي، هيءَ الله سائين جي امانت آهي، هيءَ الله سائين سونپي آهي، توهان ڪنهن به فرقي ۾ هجو، اسان جو انهيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي، توهان ڪنهن به پِير جا پيروڪار هجو، اسان جو انهيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي، توهان ڪنهن به قوم جا هجو، اسان جو اُن سان ڪو واسطو ڪونهي، توهان جو ڪهڙو به ڪاروبار هجي، توهان جو ڪهڙو به ڌنڌو هجي، الله سائين توهان کي آباد رکي، پر پنهنجي قيمتي ٽائيم مان ٿورو ٽائيم ڪڍو، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي ڪثرت درود پاڪ قائم رکو اهو هِن زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو سرٽيفڪيٽ اٿو، آخرت ۾ توهان جي ڪاميابي آهي، محشر ۾ توهان جي ڪاميابي آهي، ساهه جي آخري گهڙي تائين توهان جي ڪاميابي اٿو، هن زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو سرٽيفڪيٽ اٿو توهان ڪنهن به هنڌ، آفيس يا فيلڊ ۾ رهو، توهان ٻار آهيو، توهان



ڪرڪيٽ پيا رهو، توهان پڙهو پيا، پر جيڪڏهن توهان اُن ۾ به انهيءَ فلسفي کي آزمايو، اهو فلسفو توهان تي حاوي ٿيندو، توهان کي اٿڻ ويهڻ جو ڍنگ سيکاريندو، توهان هيءَ ڏسو هڪ ٻئي کي ڪيئن پيرين پيا پون، سائين محمد علي بادشاهه رح جو جڏهن ساليانو عرس ٿيو هو ته ٻاهر پوليس وارن ائين پئي چيو ته، جيڏي مهل ماني شروع ٿيندي ته هيءُ هڪٻئي جا مٿان ڦاڙيندا، پر جڏهن هُنن ڏٺو ته، هُنن چيو هيئن ڪهڙو جهان آهي، هي هُن کي پيري پيو پوي، هو هُن کي پيري پيو پوي، هي هُن کي ڀاڪر پيو وجهي، هوءَ هُن کي ڀاڪر پيو وجهي، پوليس وارن چيو پري هٽي ويهو هِنن کان ڪنهن کي به ايذاءُ نه پهچندو، هيءَ صوفين جا طالب آهن، هِنن کان توهان کي فائدو ٿيندو، هِنن کان توهان کي ايذاءُ ڪون ٿيندو، مسلمان مومن اهو آهي جنهن جي هٿ، پير، عضوي کان ڪنهن کي ايذاءُ نه ٿئي، ائين نه ٿئي جو پاڻ ڪنهن کي غير مسلم سمجهي اُن جي عبادت گاهه کي ساڙي ڇڏيون، ڪنهن جو گهر ويران ڪيون، اسان ته صوفي آهيون، اسان جو فلسفو ئي محبت ۽ پيار آهي، اسان ته پيار محبت سان ماڻهن جون دليون قابو ڪندا آهيون، اسان کي اهوئي فلسفو مليو آهي ته محبت ئي فاتح آهي، جيڪا محبت دلين کي فتوحات ٿي ڪري، توهان جي طاقت، توهان جو پيسو، توهان جي حاڪميت، توهان جي اميري، توهان جو اقتدار به ڪنهن جي دل کي قابو نٿو ڪري سگهي، دل کي جيڪڏهن قابو ڪري ٿي ته اها محبت ڪري ٿي، دل کي جيڪڏهن قابو ڪن ٿيون ته اهي اکيون ڪن ٿيون، جنهن ۾ اها طاقت آهي، جنهن ۾ اهو پاور آهي، انهن اکين ئي سڄي جهان کي فتح ڪيو، منهنجو محبوب ﷺ ته، اڪيلو هو، هُن سڄي جهان کي پاڻ ﷺ فتح ڪيو، توهان اوڏانهن وڏي هستيءَ ڏانهن نه وڃون، توهان هڪ ننڍڙي هستيءَ ڏانهن ڏسو ته سائين محمد علي بادشاهه رح وٽ ڪهڙو جهان هو، ڪهڙو سائين وٽ پيسو هو، پر هُن جي اندر ۾ جيڪو محبت جو سمنڊ هو، انهيءَ سمنڊ مان جنهن به ڇهنپ پري اهو صوفي ٿي ويو، جنهن ڇهنپ پري اُن ۾ محبت اچي وئي، هيءَ سڀ اڳواڻ، هيءَ سڀ ڇا آهي، ڪو ڪٿان کان پيو اچي، ڪو ڪٿان کان پيو اچي، پنهنجا ڀاڙا ٿا ڏيو اچن، پنهنجو پيسو خرچ

ڪيو پيا اچن. توهان اسان کان ڪير ڪون ٿو وٺي، اج بہ جهان حيران ۾ پريشان آهي، تہ هيءَ قلندرين جا تنبو، هيءَ روز محفلون، هيڏيون مانيون، هيءَ امن امان سان ويهي هڪٻئي کي ٻڌڻ، هيءَ هڪٻئي کي محبتون ڏيڻ، اهو ڇا آهي؟ اسان اج بہ انهن کي هِن پليٽفارم تي ٻڌايون ٿا تہ، اهو اسان وٽ عشق جو فن آهي، اهو عشق جو فن اسان وٽ تڏهن آيو، جڏهن اسان حوس کي ڇڏيو، اسان توهان وانگر هِن جهان کي پنهنجي مٿي تي آڻڻ ڇڏي ڏنو، اسان جهان ۾ ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون، اسان ٻين جي اڳيان ڪنڊن کي پري ڪيو، پنهنجي اڳيان اسان ڪنڊا رکيا، پر پنهنجي جهان وارن ڀائرن لاءِ رستا ۾ واٽون صاف ڪيون، اسان انهن رستن کي ٻهاريون ڏئي صاف ڪيو، هُنن جي زندگين ۾ اسان آسانيون پيدا ڪيون، اسان پريشانيون پاڻ تي ڪنيون هونديون پر پنهنجي ٻچن لاءِ آسانيون پيدا ڪيون هونديون، جيڪڏهن اسان جو ڪو دوست مٿي تي هٿ ڏئي ويٺو هوندو، تہ اسان اُن جي حوصلا افزائي ڪئي هوندي، تہ پُٽ توهان پڙهو، توهان تعليم پرايو، توهان پي ايچ ڊي هولڊر ٿيو، اهڙا هزارين نوجوان هوندا جن ٿوري حوصلا افزائي جي ڪري هِن جهان ۾ پنهنجيون منزلون ماڻيون، ڪو دوست اسان وٽ آيو هوندو تہ مونکي منهنجي پسند ڪون ٿي ملي، آئون ڦاهو ٿو کاءُ، اسان هُن کي چيو هوندو تہ تون ڦاهو نہ کاءُ، صوفي ازم ۾ پيار ۾ محبت آهي، اج تہ توکي اسين پنهنجي ڇاتي سان ملايون، هِن ڇاتي ۾ نورِ مصطفيٰ ﷺ مدفن آهي، اج توکي تنهنجي شيءِ ملندي، هُن کي اهڙي محبت جي مٺاس ڏني، جو هُن خودڪشي تان بہ هٿ ڪنيو، جيڪڏهن ڪو مائٽن جو نافرمان هو، تہ انهيءَ محبت سان اهو فرمانبردار ٿي ويو، هُن کي ائين ڪون چيو ويو تہ تو تي ڏنڊو استعمال ڪنداسون، توکي هيئن ڪنداسون، توکي هوئن ڪنداسون، پر هُن کي چيوسون تہ جيڪڏهن اسان وٽ سزا آهي، تہ اها محبت واري آهي، جتي ڪا خوبصورت شيءِ اسان جي نوجوان کي ڪيچ ٿي ڪري، پر هِن وقت جا اسان جا نوجوان بہ وڏا هوشيار آهن، اهي هڪڙي هنڌ فٽ ڪون ٿا ٿين پر ڏهہ ڏهہ پندرهہ پندرهہ هنڌن تي فٽ ٿا ٿين، جيڪڏهن بہ هنڌ وڃن تہ ٿي هنڌ پيا هجن، پر جيڪو



هِنن پيچرن ۾ ڦاٿو نہ، اهو سائين محمد علي بلوچ رح ٿي ويو، اهو بابا سائين احمد علي قريشي رح ٿي ويو، زندگي ختم ٿي وئي، سور اچي ويا، پريشانيون اچي ويون، پر اکين جو هُن پاسي آسرو مخصوص نہ ٿيو، انهن اکين انهن مان اکيون نہ ڪڍيون، انهيءَ روح انهن مان روح نہ پليو، پر مرڻ گهڙي تائين، قبر منجهہ بہ اهو روح اُهي اکيون انهيءَ عاشق، انهيءَ معشوق لاءِ آتيون رهيون.

دوستو، الله سائين توهان کي آباد ڪري، توهان کي خوش رکي، هيءَ محفلون آهن ئي توهان جا ڏُک مِٽائڻ، حوصلو بردباري ۾ برداشت ڏيڻ لاءِ، توهان کي اها آٿت ڏيڻ لاءِ، تہ دوستو مايوس نہ ٿيو، زندگي وڏي قيمتي اٿو، پاڻ صوفي مايوس ڪون ٿينداسون، پاڻ کي تتي ٿڌي ڪاهڻو آهي، مايوس ٿيندو گمراهہ، جيڪو ويهي رهندو، پاڻ کي ويهڻو ڪونهي، پاڻ کي هر قسم جي ڏکائي منجهہ بہ هلڻو آهي. دوستو، توهان عظيم آهيو، ڇو تہ توهان انهيءَ محنت سان منسلڪ آهيو، انهيءَ محنت تي قائم رهو، پلي ننڍڙا هجو، وڏا هجو، پر مونسان واعدو ڪريو تہ انهيءَ پنڌ ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿيندا، تہ اسان تہ ڇا پر اسان جا مالڪ بہ توهان سان ٻانهن ٻيلي ٿيندا، توهان کي لعل سائين تہ ملندو پر توهان کي رحمت العالمين بہ ملندو، توهان انهيءَ جي رحمت ۾ ايندا، انهيءَ رحمت جي چادر جڏهن توهان مٿان ايندي، تہ توهان عظيم انسان ٿيندا، جيئن الله جا اولياء اڪرام ٿيا. منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون آهن، الله سائين توهان جا هِن ميدان ۾ ڏک سور لاهي، هتان کان توهان کي آجو ڪري موڪلي، جيئن توهان ماءُ جي پيٽ مان نوان ڄاوا، ائين توهان کي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل مان چمڪائي موڪلي. الله سائين توهان جو حافظ، الله سائين توهان جو نگهبان، آخر ۾ منهنجو نعرو عشقِ مصطفيٰ زنده آباد، عشقِ مصطفيٰ زنده آباد، عشقِ مصطفيٰ زنده آباد.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ ڪوٽڙي.**
**تاريخ:** 27-11-2018 **بمطابق** 18 **ربيع الاول** 1440 ھ.

# هڪ سوار هڪ سواري

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! منهنجا معتبر، منهنجا عزيز، منهنجا مائٽ، اسان جا آيل معززين ۽ اسان جي انجمن غلامان قلندر جا اهي ڪارڪن، جيڪي هِن محبت سان واڳيل آهن، هِن محبت جي خوشبو انهن جو اندر اجاريو آهي، اها مهڪ، اها خوشبو اڄ هِن پنڊال ۾ آهي، انهن سڀني عزيزن کي، انهن سڀني عظيم دوستن کي مون مسڪين عاجز جي طرفان اسلام عليڪم ۽ حق موجود. حق موجود جو مطلب آهي ته، الله سائين هر هنڌ حاضر آهي، اسان جو توهان جو ايمان آهي ته الله سائين هر وقت موجود آهي، اسان جي شهه رَڳَ کان به ويجهو آهي، پر ڪي اصول ۽ قائدا به آهن، اسان کي پنج وقت نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ وڃڻو پوي ٿو، اتي انهيءَ مسجد ۾ اسان جو سر سجدي ۾ وڃي ٿو، پر ڪو ٽائيم اهڙو به آهي جنهن ۾ اسان کي سجدي ڪرڻ لاءِ منع ڪئي وئي آهي، پر دوستو، جيڪي عاشق آهن، جيڪي حق موجود چون ٿا، اهي ڇا ٿا چون، ”اهو دم حرام جنهن دم ياد نه رهين تون“، اهو توهان جو دم جيڪو ٻاهر وڃي وري اندر اچي، اهو هو جي هونگار سان ٻاهر وڃي وري هو جي هونگار سان اندر اچي، اهو سلسلو انهن صوفيائن جو آهي، صوفيا اهي آهن جن پنهنجي نفس کي ماري مُڇ ڪيو آهي، جن پنهنجي ظالم نفس تي سواري ڪئي آهي.

دوستو! محفل ته منهنجي محبوبﷺ جي آهي، اسان جو ڪم محبوبﷺ سان محبت ڪرڻ آهي، پر هيءَ فلسفو به انهن جو آهي، انهن جي محبت جو آهي، منهنجو محبوبﷺ ته اڳ ۾ ئي نبي هو، ڏاڏي آدم عليه السلام کان به اڳ ۾ هو، الله سائين ته خالق مالڪ آهي، پر الله سائين ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪا هستي وجود ۾ آئي ته اهو منهنجو آقا آهي، منهنجو محبوب آهي، سڄو قرآن شريف شاهد آهي، سڀ انبيا شاهد آهن. اُن ۾



ڪنهن به قسم جي ڪا به ڪمي پيشي ڪونهي، منهنجو محبوب ئي باعث تخليقِ ڪائنات آهي، جنهن کان ڪو به مذهب انڪار ڪون ٿو ڪري ته، منهنجو محبوبﷺ خاتم الانبيا آهي، منهنجو محبوبﷺ اول به آهي ته آخر به آهي، منهنجو محبوبﷺ ظاهر به آهي ته باطن به آهي، اهي صفات به منهنجي الله جا آهن، پر اهو الله ٿو چوي جيڪڏهن منهنجو نالو رحيم آهي ته اي منهنجا محبوبﷺ تنهنجو نالو به رحيم آهي، اي منهنجا محبوبﷺ جيڪڏهن منهنجو نالو رئوف آهي ته، اي منهنجا محبوبﷺ مون تنهنجو نالو به رئوف رکيو آهي، تنهنجو نالو منهنجي نالي کان ڌار ته مون ڪڏهن ڪيو ئي ناهي، جنهن منهنجي نالي سان گڏ تنهنجي نالي کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو شيطان ابليس ٿي ويو، جنهن تنهنجي معجزن کي نه مڃيو اهو ابوجهل ٿي ويو. پر دوستو، توهان ۽ اسان جا ڀاڳ آهن، توهان ۽ اسان جا نصيب آهن، جو اسان هِن ڳوٺ ۾، هِن واهڻ ۾ به عشق جا هوڪا پيا ڏيون ۽ اهو فلسفو پيا بيان ڪريون جيڪو الله جي اولياء الله جو فلسفو آهي، جيڪو اصحاب اڪرامن جو فلسفو آهي، جيڪو تابعين ۽ تبع تابعين جو فلسفو آهي، جيڪو انهن هستين جو فلسفو آهي جيڪي الله سائين کي ويجهيو ٿيون، جن کي الله سائين پنهنجو ڪيو، الله سائين هُنن کي پنهنجي ته محبت عطا ڪئي پر پنهنجي محبوب جي محبت به انهن کي عطا ڪئي، اهي وقت جا غوث ٿي ويا، وقت جا قطب ٿي ويا، وقت جون اهي وڏيون هستيون ٿي ويون، جن تي اڄ هزارين سالن ڪانپوءِ اها انسان ذات جيڪا کهڙي به حال ۾ آهي، اُهي مسلمان به ناهن پر انسانيت جي ناتي کان انهن جون حاضريون ٿا ڀرين ۽ پنهنجيون جهوليون انهن جي درن تان ڀرين ٿا، هُن جو جهان به شاهد آهي ته تاريخ به شاهد آهي.

منهنجا پيارا دوستو! مون توهان کي ٻڌايو پي ته، اڄ منهنجو موضوع آهي هڪ سوار ٻي سواري، سواري ڇا آهي؟ اسان جو ظالم نفس، جيڪو اسان جي وجود ۾ آهي، جيڪو هِن معاشري ۾ شيطان جي ٻي پناهه گاهه ٿي ويو آهي ۽ شيطان جي آماجگاهه ٿي ويو آهي، سوار ڪير آهي؟ سوار اسان جو روح آهي، اسان جو بدن آهي، اسان جو خاڪي جهان آهي، هيءَ اهو

انسانيت جو روپ آهي، انهيءَ انسانيت جي روپ کي قائم دائم رکڻ جي لاءِ الله سائين پنهنجي انبيائن کي آندو، توهان وجهو انسانيت جو روپ ڏاري، انسانن ۾ وچي انهن جي اصلاح ڪريو جي منهنجو الله سائين چاهي ته هُن جي هٿن ۾ آهي، پر الله سائين هڪڙو طريقو اختيار ڪيو اي منهنجا محبوبﷺ توکي مون سردار الانبيا ٺاهيو آهي، توکي آئون سردار الانبيا ڪري هِن جهان ڏانهن موڪليندس، پر تنهنجي استقبال جي لاءِ، تنهنجي ميزباني ۽ آجيان جي لاءِ ڪري آئون سوا لک انبيا توهان کان اڳ ۾ موڪليندس، جيڪي وچي آجيان ڪندا، جيڪي هنن تي وحي ايندا، جيڪي پنهنجا چار پاڪ ڪتاب آهن، پر انهن جي موڪلڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته تنهنجي لاءِ واٽون صاف ڪن ۽ ماڻهن کي ٻڌائين، ته اسان ته آهيون پر پڇاڙيءَ ۾ اسان جو سردار ايندو منهنجي محبوبﷺ جي نبوت ته اڳ ۾ به آهي، پر الله سائين جو هڪڙو نظام آهي، انهيءَ ۾ الله سائين اهو سڀ ڪجهه آندو آهي.

دوستو! آئون توهان کي سوار وارو موضوع ٻڌائيندس، پر آئون توهان کي ٿورو ٻڌايان ته منهنجو محبوب جڏهن خاتم الانبيا آهي، ته منهنجو محبوب الله سائين جي پاڪ نالن جي ڪري جيڪڏهن ظاهر به آهي ته باطن به آهي، ته اهو منهنجو محبوبِ چاليهه ڏينهن پهاڙ ۾ ويهن ٿا.

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضى الله عنه قَالَ: أَتَى جِبْرِيْلُ النَّبِيَّ ﷺ فَقَالَ: يَا رَسُوْلَ اللهِ، هَذِهِ خَدِيْجَةُ قَدْ أَتَتْ مَعَهَا إِنَاءٌ فِيْهِ إِدَامٌ أَوْ طَعَامٌ أَوْ شَرَابٌ۔ (الحديث رقم 2: أخرجه البخارى فى الصحيح، كتاب: فضائل أصحاب النبى، باب: تزويج النبى ﷺ خديجة و فضلها، 3/1389، الرقم: 3609، و مسلم فى الصحيح، كتاب: فضائل الصحابة، باب: فضائل خديجة أم المؤمنين، 4/1887، الرقم: 2432، و ابن أبى شيبة فى المصنف، 6/390، الرقم: 32287)۔

ترجمو: حضرت ابوهريره رضہ بيان ڪن ٿا ته، حضور نبي اڪرمﷺ جي بارگاهه ۾ حضرت جبرائيل عليه السلام اچي عرض گذار ٿيو يارسول! اِها خديجه رضہ آهي جيڪا هڪ ٿانو کڻي اچي رهي آهي، جنهن ۾ ماني ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون آهن.

امان بيبي خديجة الڪبرا رضہ ماني کڻي منهنجي محبوب لاءِ اوڏانهن ويندي هئي، ڪڏهن ٻئي ڏينهن، ڪڏهن ٽئي ڏينهن، ڪڏهن



روزاني، اهو منهنجي الله سائين جو راز آهي، ته چاليهه سال هن جهان ۾ به، انسانيت جي روپ ۾ به، جنهن تي اسان جا واعظين، اسان جا مقرر، اسان جا فرقا اُن تي تقسيم ٿي پيا آهن، ڪو چوي ٿو بشر آهي، ڪو چوي ٿو ته نور آهي، پر آئون انهن کي ٿورو چوان ٿو ته، اسين صوفي آهيون، اسان جو ڪنهن سان به بحث، ڪا ويڙهه ڪونهي، ڪنهن سان ڦڏو ڪونهي، پر جيڪا حقيقت آهي انهيءَ تي ته توهان کي اچڻو پوندو، انهيءَ حقيقت کي ڪافرن به مڃيو ته منهنجو محبوبﷺ صادق ۽ امين آهي، انهن ڪافرن به مڃيو ته منهنجي محبوب جي آڱر جي اشاري چنڊ کي ٻن حصن ۾ چيري ڇڏيو پر انهن ڪافرن جي اندر ۾ به شيطان هو انهيءَ ابوجهل جي اندر ۾ به شيطان موجود هو، اهو شيطان شيطانيت ڪندو، ڪندو اچ هِن وقت به موجود آهي، جيڪڏهن انهيءَ شيطان جي ڪري، انهيءَ سوچ جي ڪري ڪنهن جون اکيون نابين آهن، جيڪڏهن هن جي اکين جي بينائي ختم ٿي وئي آهي، ته منهنجي محبوبﷺ جي نور تي ڪو به فرق نه پوندو، منهنجي محبوبﷺ جو نور جنهن کي ڪتاب المبين به چيو ويو آهي، جنهن کي "نور السماوات والرض" به چيو ويو آهي، سورت نور ۾ هڪڙي دعا اچي ٿي، جنهن کي اسان جا ماڻهو دعا نور سان سڃاڻن ٿا، جيڪڏهن توهان اُن کي پڙهندا ته توهان کي اُن ۾ الاهي ڪجهه ملندو پر ڇا آهي جو جنهن به دوست کي جيڪا قرآن شريف جي تفسير ٿي هٿ اچي ته انهيءَ دوست جو انهيءَ پاسي ٿو خيال وڃي، جيڪو جنهن انداز سان ٿو پڙهي، اهو انهيءَ انداز سان ٿو وڃي، شاهه صاحب چوي ٿو ته

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين"

اهو شاهه صاحب ٿو چوي

"مئي هاٿيءَ سين مامرو، اچي پيو انڌن"

هڪڙن انن ڏهن انڌن چيو ڪنهن سڄي کي تون سڄو آهين، تون اسان کي کڻي هل، اسان ته نابين آهيون اسان جي بينائي ته ختم ٿي وئي آهي، تون اسان سان هل اسان کي هلي هاٿي ڏيکار، سڄي انهن کي چيو ته توهين ته انڌا آهيو، توهان کي اکيون ڪونهن توهان ڪيئن ٿا ڏسي سگهو،

چيائون تہ اسان پنهنجي هٿن سان انهيءَ هاڻي کي محسوس ڪنداسون، شاهہ صاحب ڪو عام ماڻهو نہ آهي، چون ٿا اڻپڙهيو آهي، شاهہ صاحب الامي آهي، شاهہ صاحب کي ڪنهن پڙهايو آهي، شاهہ صاحب کي انهيءَ رازدان پڙهايو آهي، جنهن جي لاءِ وري شاهہ صاحب ٿو چوي،

”ڇوريون ڇڙٽ سڪيون“

معنيٰ نڌڻڪيون، جنهن جو مائٽ نہ هجي، يتيم هجي، انهن ۾ ڇڙٽ سڪيو اهي بيواهہ ٿي ويو، معاشري انهن کي لاوارث ڪري ڇڏيو، معاشري انهن کي ڇيو تہ توهان اسان جي ڪنهن بہ ڪم جو ڪون آهيو پر

”پنهونءَ ڪئين ان جي پروڙ“

معنيٰ پنهون انهن کي ڪون ٿو ڇڏي، پنهونءَ کي تہ رحمت ڪري موڪليو ويو آهي، پنهون ٿو چوي توهان نشائي، شرابي، چرسي، زاني آهيو، توهان ۾ برايون آهن، توهان کي مالڪ حقيقي حڪم ڪيو آهي تہ پنج وقت نماز توهان تي فرض آهي، پر توهان انهيءَ کان بہ باغي آهيو، توهان ٽائيم تي نٿان بہ پڙهي سگهو تہ پوءِ بہ پڙهو اهو سڀ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪري توهان کي مليو آهي، جيڪڏهن توهان سفر ۾ آهيو تہ توهان چار جي جڳهہ تي ٻہ فرض پڙهو، جيڪڏهن توهان سست آهيو، توهان ٿڪل آهيو، توهان پنهنجي ٻچن ٻارن جي لاءِ روزگار ڪيو آهي، پر توهان سنتون ڪون ٿا پڙهي سگهو، توهان واجب ڪون ٿا پڙهي سگهو پر توهان فرض لازمي پڙهو، ايڏي نرمي ڪنهن جي ڪري، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪري، جنهن کي رحمت العالمين ڪيو ويو پوءِ بہ اسان انهيءَ رحمت کان غافل آهيون، اسان انهيءَ رحمت کي محسوس ڪري ڪون ٿا سگهون، انهيءَ رحمت کي ٻيا مذهب بہ مڃين ٿا، آئون بار بار انجمن غلامان قلندر جي پليٽ فارم تان چوان ٿو تہ منهنجو محبوب ڪريم ﷺ رحمت العالمين آهي، رحمت المسلمين ڪونهي، هوءَ تمام المخلوقات لاءِ رحمت آهي، پر ملائڪ ۽ فرشتا بہ انهيءَ رحمت جا طالب آهن، ٻين غير مسلم قومن منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي رحمت مان فائدو ورتو آهي، اهي بہ جڏهن



ڦاٿا تہ انهيءَ رحمت جي سهاري اڳتي هليا، منهنجي محبوب ﷺ انهن تي بہ ڇپر ڇانو ڪئي، منهنجي محبوب ﷺ جي سڄي سوانحيات توهان پڙهو تہ اُن پنهنجي دشمنن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو، پنهنجي عزيزن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو جيڪي منافق هئا، جيڪي مسلمانيت جي روپ ۾ هئا، هنن جا ويس بہ صفا مسلمانن جهڙا هئا، انهن جا پانچا بہ مٿي هئا، هنن جي مٿي تي پڳڙيون بہ هيون، هنن جا چهرا بہ مسلمانن جهڙا هئا، پر هنن جي اندر ۾ منافقت هئي، تڏهن منهنجي محبوب ﷺ تي وحي آيو تہ، منهنجا محبوب تون چئو تہ پنهنجا هٿ کولي ڇڏيو جڏهن هنن هٿ کوليا تہ هنن جي بغلن منجهان بت نڪتا، اها منافقت جي نشاني، اها منافقت توهان سان اسان سان گڏ هلندي پئي اچي، انهيءَ مسلمانيت جي روپ ۾ اسان کي اذيتون پهچايون آهن ڪجهن انسانن جي اندر ۾ اهو منافقت جو فطور آهي، اهو منافقت جو فطور تڏهن دور ٿيندو جڏهن محبتِ مصطفيٰ ﷺ ايندي، جيستائين هُن جي اندر م محبتِ مصطفيٰ ﷺ نہ ايندي تيستائين هُن جي اندر جي پاڪائي ڪون ٿيندي، پاڪائي تڏهن ٿيندي جڏهن هن جي اندر ۾ محبتِ مصطفيٰ ﷺ ايندي، جيئن شاهہ صاحب چيو آهي،

”تان مچ محمد ڪارڻي نرتون منجهان نينهن“

هڪ پيري جي ڳالهہ آهي تہ، منهنجو محبوب ﷺ، حضرت عمر فاروق رضہ جهڙي هستيءَ کي پيو چوي، جيڪو عدل، انصاف وارو آهي، انهي کي پيو چوي، اي عمر رضہ! توکي مونسان ڪيتري محبت آهي، ڇا منهنجي محبوب ﷺ کي اها خبر ڪون هئي تہ حضرت عمر فاروق رضہ جي ساڻن محبت ڪيتري آهي، خبر هئي، پر توهان کي اسان کي ڏس پيا ڏين، تہ اي عمر فاروق رضہ ٻڌاءِ تنهنجي مونسان ڪيتري محبت آهي، تہ حضرت عمر فاروق رضہ ٿو چوي،

”لأنت أحب إليَّ من كل شيءٍ إلا من نفسي“

توهان مونکي ساهہ کان هر شيءِ کان پيارا آهيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو،

”لا والذي نفسي بيده، حتى أكون أحب إليك من نفسك“ (بخاري)

اي عمر رضہ تون ائين نہ چئو، تون هيءَ چئو اي منهنجا محبوبﷺ، تون مونکي منهنجي مال ملڪيت، منهنجي ٻچن، منهنجي جان سيني کان وڌيڪ پيارو آهين، اي عمر رضہ هاڻي ٿيو تنهنجو ايمان ڪامل، حضرت عمر رضہ جو ايمان تہ اڳ ۾ بہ ڪامل هو پر اها اسان جي لاءِ واٽ آهي تہ اوهين بہ ائين چئو جيئن شاهہ صاحب چوي ٿو ”تان مڃ محمد ڪارڻي نرتون منجهان نينهن“ جيسين تون اندر جي اونهاين سان نہ مڃيندي پاڻ سڳورنﷺ کي رهبر ڪامل، ڪلمو تہ سيئي ٿا پڙهن، منهنجو محبوبﷺ تہ چپر چانو آهي، خالد بن وليد جيڪو اسان جي اسلام جو سپهہ سالار هو پهرين غير مسلم هو، منهنجي محبوب ڪريمﷺ سان جنگون ڪيائين، پوءِ هُن کي معافي ملي ۽ منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي دين اسلام ۾ داخل ٿيو، خالد بن وليد جڏهن هڪڙي ڪافر تي اچي حاوي ٿيو تہ اُن ڪافر چيو ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ“ پر پوءِ بہ خالد بن وليد هُن کي قتل ڪيو، جڏهن اها ڳالهہ خالد بن وليد منهنجي محبوب ڪريمﷺ تائين پڄائي، منهنجو محبوب چوي ٿو اي الله سائين تون انهيءَ ڳالهہ جو شاهد رهجان، انهيءَ قتل ۾ منهنجو ڪو بہ هٿ ڪونهي، ڇو تہ ظاهري طرح هُن مون تي ڪلمو پڙهيو، هُن تنهنجي هڪ هجڻ جي شاهدي ڏني ۽ منهنجي آخر الانبيا ٿيڻ جي شاهدي ڏني، منهنجا رب انهيءَ خون ۾ منهنجو واسطو ڪونهي، اهو ڇا هو اهو فقط انهيءَ رحمت ۾ آيو پوءِ اندروني مسلمان ٿيو يا نہ ٿيو پر ظاهري طرح هُن ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ“ پڙهيو، جنهن تي منهنجي محبوب ڪريمﷺ خالد بن وليد کي تنبيح ڪئي تہ جڏهن هُن ڪلمو پڙهيو تہ تون هُن کي قتل ڇو ڪيو، هاڻي توهان اندازو ڪريو تہ اها آهي رحمت، هاڻي انهيءَ رحمت جي دائري ڪار ۾ ڪيئن اچجي، انهيءَ رحمت جي دائري ڪار ۾ پنهنجي عيبن کي، گناهن کي ڪيئن لڪائجي، تڏهن منهنجو محبوب چوي ٿو تہ توهان ۾ ڪهڙا بہ عيب هجن، پر الله سائين مونکي فضيلت عطا ڪئي آهي، الله سائين جي قرآن شريف ۾ بہ آهي، تہ جڏهن توهان جا گناهہ وڏي وڃن تہ،



وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا(64) (سورت النسا)

اچو محبوبﷺ جي دامن ۾ سمايو، هيءَ توهان جو محبوبﷺ، هيءَ توهان جو خاتم الانبياءَ، توهان مسلمان مومنن لاءِ تمام نرم آهي، صرف توهان جي اچڻ جي دير آهي، توهان سست نہ ٿيو، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي حديث آهي تہ، جيڪڏهن توهان هڪ دفعا درود پڙهيو تہ توهان کي ڏهہ نيڪيون ملنديون، ڏهہ توهان جا گناهہ بخش ڪيا ويندا، ڏهہ توهان جا درجات بلند ڪيا ويندا، ائين ڪونهي تہ توهان تي فرض معاف ٿي ويا، توهان تي سنتون معاف ٿي ويون، توهان جيڪي بہ ڏوهہ ڪيان، جيڪا بہ فحاشي ڪئي، ها الله سائين بي پرواهہ بادشاهہ آهي، معافي بہ ڏئي ٿو سگهي، پر منهنجو محبوبﷺ ٿو چوي انهن سيني گناهن جي هوندي بہ جيڪڏهن توهان هڪ دفعا درود پڙهيو تہ توهان کي ڏهہ نيڪيون ملنديون، ڏهہ توهان جا گناهہ بخش ڪيا ويندا، ڏهہ توهان جا درجات بلند ڪيا ويندا، هاڻي جنهن ماڻهوءَ جو اڪائونٽ گناهن سان ڀريو پيو هجي، جنهن جي ڊائري پهرئين پني کان وٺي آخري پني تائين ڀري پئي هجي، مس هُن کي ڪارو ڪري ڇڏيو هجي، پوءِ بہ جيڪڏهن محبوبﷺ جي چائنٽ تي ٿو اچي، هڪ دفعو درود ٿو پڙهي، تہ ڏهہ نيڪيون ٿو کنيو وڃي، ڏهہ پنهنجا گناهہ بخشرائي ٿو ڇڏي، ڏهہ پنهنجا درجات ٿو بلند ڪرائي ۽ هڪڙو ملائڪ فرشتو هُن لاءِ مقرر ٿو ڪيو وڃي جيڪو هُن جي لاءِ بخشش جي دعا ٿو گهري، پر اهو مسلسل پيو پڙهي، ڏهہ هزار روزاني نبي ڪريمﷺ تي درود پڙهي، ويهہ هزار پڙهي، ڪائونٽر هٿ ۾ هجي، ٻنيءَ تي هجي، ماندلي تي هجي، پنهنجي گذر سفر لاءِ هجي، پنهنجي مائٽن جي حڪم جي بجا آوري ڪري ڪٽي ڪنهن سان بہ هجي، تڏهن بہ منهنجي محبوب تي پيو درود پڙهي ۽ ان کي احساس هجي تہ آئون پنهنجي محبوب تي پيو درود پڙهان تہ مونکي پاڪ ٿيڻ کپي، پوءِ هوءُ پنهنجا ڪپڙا پنهنجو ويس بہ پاڪ ڪري ٿو ۽ هوءَ ڪوشش بہ ڪري ٿو تہ مونکي وضو بہ هجڻ گهرجي، جيڪڏهن اهو

ٻہ ٿو ڪري تہ، توهان اندازو ڪريو تہ اها ڪثرت جيڪڏهن هلندي رهي، هفتو ٻہ هفتا، مهينو سال، پلا آئون توهان کان ٿو پڇان جيڪي هتي اسان جا ماڻهو ويٺا آهن، آئون انهن کان ٿو پڇان تہ ڪو ماڻهو سڄو سال مسلسل پنهنجي اها عادت ٿو ناهي ڇڏي تہ ڇا هو پنهنجي فرضن کان عاري ٿيندو" جيڪي الله سائين جا حڪم احڪام آهن، ڇا هو انهن جو نافرمان ٿيندو؟ ڇا اهو ماڻهو پنهنجي والدين جو نافرمان ٿيندو؟ ڇا انهيءَ ماڻهوءَ جو اکيون ڪنهن نامحرم ڏانهن اٿنديون؟ ڇا اهو ماڻهو ڪنهن جو حق کائيندو؟ ڇا اهو ماڻهو ڪنهن جا حق کائي اُن جي پٺيان ڇرو هڻندو؟ جنهن جي نسبت منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان هجي جنهن جي ڇپن تي محبوب ﷺ جو نالو هجي، وضو سان هن جو بدن چمڪي اٿي، هن جا چهرا انهيءَ پاڻيءَ سان چمڪي اٿن، ڇا انهيءَ کان ڪا بي واجبي ٿيندي؟ ڇا اهو ماپ طور ۾ هيراڦيري ڪندو؟ ڇا اهو کير ۾ پاڻي وجهندو؟ ڇا اهو پنهنجي ايمان ۾ بي ايماني ڪندو؟ دوستو اهو تہ ڪم اٿو اها تہ سرخي اٿو شاهہ صاحب چوي ٿو "چورين ڇڻڻ سکيون" ڪنهن کان سکيو اهو فن هُن کي ڪيئن مليو اهو فن هن کي رحمت العالمين جي حديثن مان مليو اسان سمجهو تہ اسان ۾ عيب آهن، اسان جا گناهہ آهن، اسان فرضن کان بہ پري آهيون، اسان والدين جا بہ نافرمان آهيون، پر منهنجا محبوب ﷺ تنهنجي رحمت جي دامن تہ اسان کي پنهنجو پاڻ سان جوڙي رکيو اسان اڄ کان توهان تي درود پڙهڻ شروع ڪيو اسان جا خالي اڪائونٽ پربا ويا، منهنجي محبوب ﷺ کي ڪافرن بہ صادق ۽ امين مڃيو آئون توهان کان ٿو پڇان، هتي جيڪي پڙهيل لکيل ماڻهو ويٺا آهن، آئون انهن کان ٿو پڇان تہ توهان الله کي ڪيئن مڃيون، اهو بہ انهيءَ صادق ۽ امين توهان کي چيو تہ "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ"، توهان کي قرآن شريف جي ڪيئن خبر پئي، الله سائين تہ توهان کي سڌو سنئون ڪون ٻڌايو الله سائين جو وحي بہ ڪنهن تي آيو وحي بہ منهنجي محبوب ﷺ تي آيو منهنجي محبوب ﷺ ئي اوهان کي ٻڌايو تہ "قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ اللّٰهُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ"، توهان کي ڪنهن ٻڌايو توهان کي سڌو سنئون الله سائين نہ ٻڌايو پر الله سائين پنهنجي



محبوب ﷺ جي واتان توهان کي ٻڌايو تہ الله هڪ آهي بي نياز بادشاهہ آهي، منهنجي محبوب ﷺ توهان کي ٻڌايو تہ توهان کي بتن جي پوڄا ناهي ڪرڻي پر توهان کي فقط هڪ حقيقي الله جي عبادت ڪرڻي آهي، پر اڄ اسان ڇا ڪيو آهي، اسان مسلمان هوندي بہ، اسان چئو ٿا "اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُه"، پر پوءِ بہ اسان جي اندر ۾ وڏا بت آهن، ڇا جا بت آهن، حوس ۽ حرص جا بت آهن، اسان انهيءَ ٻوڙ ۾ آهيون تہ فلاڻو منهنجو مائٽ عزيز موٽر سائيڪل وٺي ويو آهي، مونکي بہ موٽر سائيڪل کپي، ڪيئن کپي، چوري ڪريو، ڏاڙا هڻو ڦر ڪريو، انهن ڪاڏي وارن شين ۾ توهان ملاوت ڪريو، جيڪڏهن توهان جي اٽي جي چڪي آهي تہ توهان انهيءَ اٽي ۾ مٽي وجهو، کير ۾ توهان پاڻي وجهو تہ توهان وڏو اُهي ڇا آهن؟ اهي حوس ۽ حرص جا بت آهن، جيڪي اسان پنهنجي اندر ۾ سانديو ويٺا آهيون، اسان سانڍي سانڍي وڏا ڪيا آهن، جيڪڏهن اسين عارف، ذاهد بہ آهيون، جيڪڏهن اسان جو واسطو ڪنهن پيراڻي خاندان سان آهي، جيڪڏهن اسان ڪنهن درگاهہ جا پير آهيون، تہ اسان چئون ٿا تہ اسين انمول ماڻهو آهيون، اسين چئون ٿا تہ اسين فرشتا ٿي ويا آهيون، اسان جو پيءُ بہ نيڪ، اسان جو ڏاڏو بہ نيڪ، پر شاهہ صاحب چوي ٿو "اهڙا وائي آنا ڪئين ڪڪڙين ڪرائي ڇڏيا" اهي ابا ۽ نانا سيئي تون انهن تي گهور، ابوجهل بہ نبي ڪريم ﷺ جي عزيزن منجهان هو پر دوستو اصل ڪم آهي ڪردار جو هيءَ انسان انهيءَ خالق جي تخليق آهي، جنهن کان تون پڇي ٿو، جنهن کي تون سٽين ٿو، جنهن کي تون ملاوت واريون شيون ٿو کارائين، جنهن جا تون حق غضب ٿو ڪرين، اهي فقط تون انهيءَ لاءِ ٿو ڪرين تہ آئون ڪامل آهيان، آئون ڪاملن جو اولاد آهيان، تون هِنن جا حق انهيءَ ڪري هڙپ ٿو ڪرين تہ تون چوين ٿو تہ آئون هڪڙو انهيءَ مدرسي مان فارغ تحصيل آهيان، تون هِنن جا حق انهيءَ ڪري ٿو هڙپ ڪرين تون چوين ٿو تہ آئون پڙهيل لکيل پي ايڇ ڊي هولڊر آهيان، تون ماڻهن جا حق انهيءَ ڪري ٿو مارين تون چوين ٿو تہ آئون ڊاڪٽر آهيان، آئون انجنيئر آهيان، آئون جيڪڏهن ڪو روڊ ٺاهيندس تہ روڊ جي جڳهہ تي ڏامر نہ

هاريندس، اهو چا آهي، اهو آئون ڪنهن هڪ ماڻهوءَ ڪي ڪون پيو چوان، پر اهو اسان جي سڄي معاشري ۾ آهي، انجمن غلامان قلندر ۾ حقوق الله سان گڏوگڏ حقوق العباد بہ آهن، الله سائين توهان ۽ اسان ڪا حساب ڪتاب وٺندو، هِنن ٻارن جو، هِنن معصومن جو، هر طرح جو، اهي ڀلي ڪٽي ڪافر ڇو نہ هجن پر انهن جو پيدا ڪرڻ وارو تہ منهنجو الله سائين آهي، هينئر توهان جي اڳيان توهان جي ناهيل شيءِ کي ڪو ڀچي، اُن جي بي ادبي ڪري تہ توهان کي ڪاوڙ ايندي، ڇو تہ ناهڻ واري کي پنهنجي ٺهيل شيءِ ڏاڍي پياري هوندي آهي، ائين ئي خالق حقيقي کي جيڪڏهن انسان پيارا نہ هجن ها تہ هو محبوب ڪريمﷺ کي رحمت العالمين نہ ڪري ها، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جو ڪردار ئي هو جنهن سڄي دنيا تي اسان کي حاڪم ڪيو، توهان تاريخ پڙهو اصحابين جي، منهنجي محبوب ڪريمﷺ کي پنهنجي عزيز اقاربن، پنهنجي خاندان وارن، ڪافرن، پنهنجو اباڻو شهر، پنهنجو ڏاڏاڻو شهر، الله سائين جي گهر جو شهر بہ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو پر محبوبﷺ جو حسن اخلاق، محبوبﷺ جو ڪردار، انهيءَ ڪردار جي نسبت سان، محبوب ڪريمﷺ جا پوئلڳ اڄ بہ اربن جي تعداد ۾ سڄي دنيا ۾ موجود آهن، اڄ بہ غير مسلمانن کي ڪا بہ شيءِ جيڪڏهن اٽڪايو بيٺي آهي تہ اها محبتِ محمديﷺ آهي، اڄ اسان هِن جهان ۾ هر شيءِ تي سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر محبتِ محمديﷺ تي سمجهوتو ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ آهيون.

وقد يرقى إلى الحسن بتعدد طرقه) وعن حازم بن هشام عن ابيه عن جده حبيش بن خالد-وهو اخو ام معبد-ان رسول الله صلى الله عليه وسلم حين اخرج من مكة خرج مهاجرا إلى المدينة هو وابو بكر ومولى ابى بكر عامر بن فهيرة ودليلهما عبد الله الليثى مروا على خيمتى ام معبد فسالوها لحما وتمرا ليشتروا منها فلم يصيبوا عندها شيئا من ذلك وكان القوم مرملين مسنتين فنظر رسول الله صلى الله عليه وسلم إلى شاة فى كسر الخيمة فقال: «ما هذه الشاة يا ام معبد؟» قالت: شاة خلفها الجهد عن الغنم. قال: «هل بها من لبن؟» قالت: هى



اجهد من ذلك. قال: «اتاذنين لى ان احلبها؟» قالت: بابى انت وامى إن رايت بها حلبا فاحلبها. فدعا رسول الله صلى الله عليه وسلم فمسح بيده ضرعها وسمى الله تعالى ودعا لها فى شاتها فتفاجت عليه وردت واجترت فدعا بإناء يربض الرهط فحلب فيه ثجا حتى علاه البهاء ثم سقاها حتى رويت وسقى اصحابه حتى رووا ثم شرب آخرهم ثم حلب فيه ثانيا بعد بدء حتى ملا الإناء ثم غادره عندها وبايعها وارتحلوا عنها. (مشكوة المصابيح 5943)

منهنجا محبوب ڪريمﷺ جڏهن مڪي مان وڃن پيا تہ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ جيڪي نبي ڪريمﷺ جا ساٿي هجن، اهي منهنجي محبوبﷺ سان گڏ هجن، منهنجي محبوب ڪريمﷺ کي ظاهري اڃ بہ لڳي، پاڻ محبوب ڪريمﷺ نور هو پر منهنجي محبوبﷺ کي بک بہ لڳي، پر اهو سڀ اسان جي لاءِ آهي، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي سوانحيات سڄي اسان جي لاءِ آهي، محبوب ڪريمﷺ هڪڙي هنڌان اچن پيا تہ اتي هڪڙو ٽڪاڻو هو، انهيءَ مائي جو نالو امِ معبد، انهيءَ وٽ اچن ٿا، انهيءَ کي ائين ڪون ٿا چون تہ آئون آخر الانبيا آهيان، هُن کي چون ٿا تہ، ڪجهہ کائڻ لاءِ آهي، تہ عرب جا جيڪي ماڻهو هئا اهي ميزبان هئا، اسان جي سنڌ ۾ جيڪو مهماني وارو عنصر موجود آهي، اهو اسان کي اتان کان مليو آهي، اهي عرب وارا پنهنجي مهمان جي خاطر توازه دل جان سان ڪندا هئا، انهيءَ مائي چيو سائين توهان ڀلي آيا، پر اسان وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي، اسان وٽ قحط آهي، برساتون بہ ڪون پيون آهن، هيءَ اپري هڪڙي ٻڪري آهي جنهن جون هڏيون بہ سڙي ويون آهن، منهنجو محبوب حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي چوي ٿو تہ، انهيءَ ٻڪري کي هيڏانهن ڪاهي اچ، منهنجو محبوبﷺ انهيءَ ٻڪريءَ تي هٿ ٿو رکي، حضرت ابوبڪر رضہ اها ٻڪري ڏُهي ٿو، انهيءَ مائي جا جيڪي بہ برتن هئا اهي سڀ ڀرجي ٿا وڃن، منهنجو آقاﷺ کير پئي ٿو، حضرت ابوبڪر رضہ پئي ٿو، اها مائي پئي ٿي، هُن مائي جو هڪڙو ننڍڙو ٻارڙو پنجن اٺن سالن جو اهو پئي ٿو، پر اهو کير ڪون ٿو کُٽي، ٿانو ڀريا پيا آهن، منهنجا محبوبﷺ وري حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏ پنهنجي سفر تي روانا ٿين ٿا، جڏهن

انهيءَ مائي امِ معبد، جو مڙس جيڪو مال ۾ ڪاهي ويو هو، اهو گهر اچي ڏسي ٿو ۽ پڇي ٿو تہ اي امِ معبد هيءَ ڇا آهي؟ اڄ پنهنجو گهر سڄو معطر ٿيو پيو آهي، اڄ سڄو تازو ٿيو پيو آهي ۽ هِن مان مونکي خوشبوءِ پئي اچي، هيءَ ڇا آهي، هيءَ تنهنجي منهن ۾ بہ خوشيءَ جا آثار، منهنجي هِن ننڍڙي جي چهري ۾ بہ خوشي آهي، هيءَ توهان سڀ تازا لڳا پيا آهيو، هيءَ کير جا برتن ڀريا پيا آهن، هيءَ ڇا آهي؟ امِ معبد چيو تہ مونکي ٻي ڪا خبر ناهي پر اڄ پنهنجي گهر ۾ هڪ مبارڪ مهمان آيو هو، هُن کي اها خبر ڪون هئي تہ منهنجي گهر ۾ محمد ڪريم ﷺ آيو هو، هوءَ مڙئي پنهنجو هڪڙو نالو کڻي ٿي، تہ اڄ پنهنجي گهر ۾ مبارڪ مهمان آيو هو، انهيءَ هيئن ڪيو، سڄو واقعو ٻڌائي ٿي، بهرحال اهي مهمان هليا ويا، مڙس چويس ٿو تہ، اهو مبارڪ مهمان آهي ڪٿي؟ ان سان ڪيئن ملون؟ اهو وري جڏهن اچي تہ اُن سان ملون، هو امِ معبد پنهنجي پٽ سان گڏ بازار مان گهر جو سامان پئي وٺڻ وڃي، بازار مان ويندي ويندي انهيءَ امِ معبد جي پُٽ جي اک حضرت ابوبڪر رضہ تي پوي ٿي، اهو پنهنجي ماءُ کي هڪل ڪري چوي ٿو امان اهو ماڻهو آهي جيڪو انهيءَ مبارڪ مهمان سان گڏ هو، جنهن جي ڪري پنهنجي مال ۾ کير آيو، پوءِ هو ٻئي حضرت ابوبڪر رضہ وٽ وڃن ٿا ۽ پڇن ٿا تہ توهان سان گڏ جيڪو مبارڪ ماڻهو آيو هو اهو ڪٿي آهي، حضرت ابوبڪر رضہ انهن کي چوي ٿو توهان وڃو هو سامهون پنهنجي حرم ۾ وينو آهي، اها مائي پنهنجي پٽ سان گڏ اوڏانهن وڃي ٿي ۽ ڏسي ٿي تہ منهنجو محبوب ﷺ نوراني چهري سان سامهون وينو آهي، پوءِ انهن کي خبر پوي ٿي تہ هيءَ نوراني چهري وارو خاتم الانبيا آهي ۽ هوءَ چون ٿا ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ“ اهو آهي اسان جو دين اسلام. (حاکم، المستدرک، 3 : 10، رقم : 4274، هیثمی، مجمع الزوائد، 6 : 56، شیبانی، الآحاد و المثانی، 6 : 252، رقم : ،3485، طبرانی، المعجم الکبیر، 4 : 49، رقم : 3605 ، هبة الله، اعتقاد اهل السنة، 4 : 778، ابن عبدالبر، الاستیعاب، 4 : 1959عسقلانی، الاصابه، 8 : 306، ابن سعد، الطبقات الکبریٰ، 1 : 230، ابونعیم، دلائل النبوه، 1 : 60، طبری، الریاض النضره، 1 : 471)

هاڻي آئون اچان ٿو انهيءَ سوار ۽ سواري تي، سوار آهي توهان جو روح، سواري آهي توهان جو نفس، جيڪو اهڙو تہ ظالم ٿي ويو آهي، پرايا



حق کائي، پرايون مانيون ۽ پيٽ کائي اهو ايڏو تہ طاقتور ٿي ويو آهي، وري اسان جا جيڪي خاص خاص مهينا اچن ٿا انهيءَ ۾ ڏاڍا فطرا ۽ فديا ملن ٿا، اهي سڀ شيون کائي کائي اسان ڏاڍا مهاڙ ٿي ويا آهيون، اسان جو نفس ڏاڍو ظالم ٿي ويو آهي، ڀلي کڻي اهو ڊاڪٽر، انجنيئر، يا ڪنهن پير ڪنهن صوفيءَ جي روپ ۾ هجي، پر نفس انهيءَ سوار کي بہ سواري ڪرڻ ڪون ٿو ڏئي، اهو ايڏو تہ سرڪش ٿي ويو آهي جو انهيءَ سوار کي بہ ڊاهي ٿو وجهي، هاڻي انهيءَ سوار کي انهيءَ سواري تي چڙهڻو آهي، هاڻي اهو ڪيئن چڙهي، هاڻي اهو تڏهن چڙهندو جڏهن اهو صوفياء اڪرامن جي درس تي هلندو، جيئن مولانا رومي رح انهيءَ نفس تي سوار ٿيڻ لاءِ حضرت شمس تبريز رح ڏانهن ويو، اتان کان جيڪو هُن کي فن مليو تڏهن هو انهيءَ سواري تي سوار ٿيو.

دوستو! اهي فلسفا تہ تمام وڏا آهن پر آئون توهان جو ايترو ٽائيم ڪون ٿو وٺان، ڇو تہ توهان ۾ ٿوري هل هلان آهي، انهيءَ ڪري آئون اتي ئي پنهنجي تقرير پوري ڪندس، آئون توهان کي فقط هڪڙو ئي عرض ڪندس تہ توهان هِنن نوجوان قلندرين جا احسان فراموش نہ ٿيو، توهان هنن جا احسان ميو، جيڪڏهن اڄ هنن جي هٿن ۾ اهي تسبيحون نہ هجن ها، تہ ٿي سگهي ٿو هنن جي هٿن ۾ منشيات واريون شيون هجن ها، هيءَ مائٽن جا نافرمان بہ هجن ها، ٻيون شيون جيڪي هِن معاشري ۾ خراب آهن اهي هجن ها، اڄ توهان هنن جا مائٽ وڏن ڀاڳن وارا آهيو، ڇو تہ توهان جو اولاد محبوب ڪريم ﷺ جي نسبت سان قائم آهي، توهان جي اولاد جي ڇپن تي چوويهہ ڪلاڪ اسمِ محمدي ﷺ آهي، اهو واپار اهوئي سودو اهڙو تہ آهي جو اهو ضايع تہ ڪڏهن نہ ٿيندو، نہ طوفان هن کي ڪجهہ ڪري سگهي ٿو، نہ برسات ڪجهہ ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري هن کي ٻوڏ ڪجهہ ڪري سگهي ٿي، نہ معاشري جو قحط هُن کي ڪجهہ ڪري سگهي ٿو، اڄ معاشري ۾ محبت جو قحط آهي، چار ماڻهو جيڪڏهن هوٽل تي گڏ ويهي چانهہ بہ پيئن ٿا، پر جڏهن اتان کان اٿن ٿا تہ هڪ ٻئي مان عيب ٿا ڪڍن، اهو اسان جي لاءِ ناسور بڻجي ويو آهي، اسان پاڻ پاڻ جا ويري ٿي ويا آهيون، پيءُ پنهنجي اولاد جو ويري ٿي ويو آهي، پُٽ پنهنجي پيءُ جو ويري

ٿي ويو آهي، اسان مان ادب احترام ختم ٿي ويا آهن جڏهن اسان محبوب هستيءَ کي پنهنجو آئيڊيل ناهڻ ڇڏي ڏنوسون. اسان فقط ٻن ٽن شين کي پنهنجو آئيڊيل ٺاهيو. باقي محبوب ڪريم ﷺ جي سڄي سوانحيات کي اسان وساري ڇڏيو. جنهن کي جنهن شيءِ ۾ ٿورو گهڻو مقصد هو هُن انهيءَ شيءِ کي اپنايو. جنهن کي جنهن ۾ فائدو هو. انهيءَ اها شيءِ اپنائي، پر محبوب ﷺ جي سڄي سوانحيات کان اسين پاسيرا ٿي وياسون. ڇو ته محبوب ڪريم ﷺ جي حاڪميت، محبوب ڪريم ﷺ جو ڪاروبار، وڻج واپار، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو پنهنجي دشمنن سان اٿڻ ويهڻ، مائٽن سان، عزيزن سان، پنهنجي ٻچن ٻارن سان، اهي سڀ شيون اسان پلجي وياسون، محبوب ﷺ جي ننڍڙن ٻارن سان محبت، محبوب ﷺ جي انسانيت سان محبت، اهي سڀ شيون جڏهن اسان ڇڏيون ته اسان معاشري ۾ لاوارث ٿي پياسون. اڇو اڇو وري به انهيءَ وارث کي هٿ ڪيون. وري به انهيءَ آئيڊيل کي اسان پنهنجو آئيڊيل ٺاهيون. انهيءَ جي پوئيواري ڪريون. ان جو پيڇو ڪريون. نه اُن محبوب ﷺ کان اڳ ۾ هلون. نه اُن محبوب ﷺ سان گڏ هلون. محبوب ﷺ جي پيرن جي پٺيان هلون ته پاڻ وڃي انهيءَ پنڌ تي پونداسون.

منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون. الله سائين توهان کي آباد رکي، توهان جون الله سائين پريشانيون، مصيبتون سڀ دور فرمائي ۽ اسان جي به خواهش آهي ۽ اسان جو به ڪم آهي ته محبوب ڪريم ﷺ جي انهيءَ عظيم نسبت سان توهان اسان پنهنجا دامن پريو ۽ هن معاشري جون جيڪي وبائي بيماريون، جيڪي معاشري جي لاءِ ناسور بڻجي ويو آهن، اسان انهيءَ محبت جو سهارو وٺي انهن کان پنهنجي، پنهنجي اولاد جي، پنهنجي پاڙي جي، پنهنجي ملڪ پاڪستان جي جان ڇڏايون. پنهنجي هِن سنڌ کي خوشحال ڪريون. جيڪڏهن ڪو به هڪ فرد سوچي ٿو ته آئون هاڻي ٻئي ڪنهن جو حق ڪون کائيندس، آئون ٻئي جي حق سان ڇيڙڇاڙ ڪون ڪندس، آئون ٻئي ڪنهن جي فرقي سان ڇيڙڇاڙ ڪون ڪندس، ڪنهن به انسان کي منهنجي هٿن پيرن سان ڪو به نقصان ڪون رسندو.



توهان سوچيو ته جيڪڏهن هزارين فرد ائين ٿي وڃن ته معاشرو ته بهشت ٿي ويندو. اڄ اسان هِن معاشري کي جهنم ٺاهي ڇڏيو آهي، آهيون به اسان مسلمان، اسان جون مسجدون به آباد آهن. اسان جو حج وارو مهينو به آباد اسان جو خير خيراتون به آباد. اسان جو رمضان وارو مهينو به آباد. اسان اي سي ۾ ويهون ٿا پر اسان جي بجلي جو ڪنيڪشن غير قانوني آهي، اسان روزو به رکو ٿا. سحري ڪيون ٿا. افطاري به ڪيون ٿا. پر ڪائون اسين ڇا ٿا؟ ڪهڙي شيءِ ٿا کائون؟ اها توهان کي اسان کي به خبر آهي. اها اسان ڇئون ٿا ته اسان جي لاءِ حلال آهي، اسان انهن پاڪ مهينن ۾ شين جا جيڪي اگهه ٿا وڌايون. اسان ٿا ڇئون ته اهي اسان جي لاءِ حلال آهن ۽ اسين شام جو ڏاڍا خوش ٿا ٿيون ته اسان افطاري ڪئي آهي. الله سائين ائين ڪون ٿو چوي ته تون حرام کائي منهنجا فرض پورا ڪر. تون ٻين جون چوريون ڪري ۽ منهنجا فرض پورا ڪر. الله سائين فرمائي ٿو ته آئون بي پرواهه بادشاهه آهيان، آئون توهان کي حڪم ٿو ڏيان ته توهان سڀني جي حقن جي پاسداري ڪريو. حقوق الله جي پاسداري ڪريو. حقوق العباد کي به قائم رکو پر حقوق الله کي قائم رکو. اسان انهن ٻنهي شين کي گڏ ڪٺي هلنداسون. اسان ائين پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي صاف ڪنداسون. اسان صوفين جو رستو آهي ته ”صوفي صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو“ صوفي جڏهن پنهنجي اندر کي صاف ڪندو آهي ته اهو پٺائي ٿي ويندو آهي، اهو سچل سائين ٿي ويندو آهي، انهي جو اندر جڏهن اهڙو صاف ٿي ويندو آهي ته اهو ماڻهن سان ٻيائي ڪون ڪندو ۽ ٻئي ڪنهن سان ٻيائي جو حڪم ڪون ڪندو. هُن جي اندر ۾ عاجزي هوندي، هو پنهنجو پاڻ کي ٻئي کان هيٺ سمجهندو. پلي ڪٺي هن کي معتبر ڪري مٿي ويهارين، هو ڪو چڱو مڙس ڪون ٿي ويندو. هو چڱو مڙس تڏهن ٿيندو جڏهن هُن ۾ عاجزي ايندي، هو پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪندو. جيتري هُن ۾ هيٺائي هوندي، اوترو الله سائين هُن کي معتبر ڪندو. جيسين الله سائين هُن کي معتبر نٿو ڪري، تيستائين هِن جهان جا ڪيترا به اسباب گڏ ٿين هوءَ معتبر ڪون ٿيندو. ڇو ته الله سائين فرمائي ٿو ته ”قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَن تَشَاءُ وَتَنزِعُ الْمُلْكَ مِمَّن تَشَاءُ وَتُعِزُّ مَن

تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَاءُ"، الله سائين فرمائي ٿو اها شيءِ منهنجي هٿ ۾ آهي، جيڪڏهن اها شيءِ تنهنجي پيسن جي برابر هجي تہ تون پيسن سان اهي عزتون وٺي، تون وڏين وڏين سوارين ۾ اچي، تون پروٽوڪول رکي، تون پنهنجا باڊي گارڊ ٺاهي مان مرتبا وٺي، اهي مان مرتبي وارا ويندي ويندي بہ توکي ٿڪون هڻندا، پر جيڪڏهن تنهنجو اندر، تنهنجو باطن پاڪ صاف آهي، تہ مون وٽ الله وٽ تنهنجي لاءِ عزت آهي، آئون ماڻهن جي دلين ۾ تنهنجي لاءِ عزت وجهي ڇڏيندس، آئون ماڻهن جي دلين ۾ تنهنجي لاءِ احترام وجهي ڇڏيندس، تنهنجا ويس وڳا ڪهڙا بہ هجن، تنهنجو ظاهر ڪٿي ڪهڙو بہ هجي، پر ماڻهن جي اندر ۾ تنهنجي لاءِ عزت ۽ احترام وجهڻ مون مالڪ جو ڪم آهي، آئون اهي عزتون ۽ احترام وجهندس، اڄ توهان ڏسو هزارن سالن کانپوءِ بہ الله وارن بزرگن جا آستانا آباد آهن، اڄ بہ توهان ۽ اسان هڪ الله واري بزرگ جي نسبت سان، هن جي آستاني جي نسبت سان هتي گڏ ٿيا آهيون، توهان ان جي پاسداري ڪريو، توهان هُن جي چوڪيداري ڪريو ائين وري توهان جا اندر آباد ٿيندا، توهان جون مٽيون ماٽيون آباد ٿينديون، هيءَ قحط وارا دور بہ ويندا هليا، هيءَ جيڪا افراتفري آهي، هيءَ جيڪو آرام سڪون اسان مان ويو هليو آهي، اهو وري بہ اسين واپس وٺنداسون، انهيءَ رحمت جي در تي، انهيءَ رحمت کي حاصل ڪريو اها چائنٽ ڪيئن حاصل ڪندو، اها تڏهن حاصل ڪندو، جڏهن توهان ڪثرت درود پاڪ قائم ڪندو، توهان ڪهڙي بہ فرقي سان وابستہ هجو توهان جو ڪهڙو بہ پير هجي، توهان جي ڪهڙي سوچ هجي، اسان جو ان سان ڪجهہ نہ وڃي، اسان جي دل تڏهن ٿي ٺرجي، اسان جي اندر جي اڄ تڏهن ٿي ماني ٿئي، جڏهن اسان ٻڌو ٿا تہ اسان جي محبوب ﷺ تي اربين درود پڙهيا ويا، ڇو تہ محبوب ﷺ جو نالو ٻڌڻ ٿي عاشقن جي دل جو چين اٿو جنهن ۾ منهنجو الله سائين خوش آهي، انهيءَ ۾ اسين مسڪين بہ خوش آهيون، الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو حافظ.

**محفل ڪثرت درود پاڪ سائين سيد ٻچل شاهہ رح. (نيئر شيخ پرڪيو ٽنڊو محمد خان).**

**تاريخ: 01-12-2018 بمطابق 22 ربيع الاول 1440هجري بروز ڇنڇر**



# اسلام جي حقيقت

أَعُوذُ بِاللَّهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيمِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

اَللّٰهُ اَكْبَرُ كَبِيرًا وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ كَثِيرًا وَّسُبْحَانَ اللّٰهِ بُكْرَةً وَّاَصِيلًا

منهنجا انتهائي مان وارا دوستو! اسان جي انجمن غلامان قلندر جا ڪارڪن ۽ ٻيا اسان جا اهي دوست جيڪي منهنجي محبوب ﷺ جي محفل ۾ آيا آهن انهن کي مون مسڪين جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! هيءَ ميلاد مصطفيٰ ﷺ آهي، ميلاد مصطفيٰ ﷺ صرف توهان ۽ اسان ڪون ٿا ملهايو پر سڄي ڪائنات جو ذرو ذرو ميلاد مصطفيٰ ﷺ ملهائي ٿو شايد ئي هن دنيا جي ڪا ڪنڊ ڪڙڇ هجي جتي ميلاد مصطفيٰ ﷺ نہ ٿيندو هجي، ڀلي ڪٿي اهڙا ملڪ هجن جتي ظاهري ڪٿي پابنديون هجن، پر انهن جي گهرن ۾ ۽ انهن جي آستاني تي بہ منهنجي محبوب ﷺ جو ميلاد ٿيندو هوندو، سوال ئي پيدا ڪونهي ڪو ڪو شهر، ڪو آستانو ڪو ڳوٺ، ڪو واهڻ وسندي، ڪا جڳهہ اهڙي هجي جتي منهنجي محبوب ﷺ جو ميلاد نہ ٿيندو هجي.

دوستو! هيءَ عشق جي تعريف آهي، هيءُ محبتن جو تعريفون آهن، جنهن کي جهان وارا انگريزي ۾ چون ٿا سيليبريشن، معنيٰ ڪو جشن يا ڪو ڏهاڙو ملهائڻ، پنهنجي اڳواڻ جو ڏهاڙو ڪو جنم ڏينهن يا ٻيو ڪجهہ ملهائڻ، پر اهي سڀ شيون هرڪو پنهنجي پنهنجي انداز سان ملهائي ٿو محبوب ﷺ تہ رحمت العالمين، باعث تخليقِ ڪائنات آهي، محبوب ﷺ جو ميلاد ملهائڻ ڪو اڄ ڪان ڪونهي، جڏهن ڏاڏي آدم عليہ السلام، الله سائين جي اڳيان توبهہ ڪئي تہ اها توبهہ قبول ٿي ۽ اهو فجر جو ٽائيم هو ڏاڏي آدم عليہ السلام بہ رڪعتون نفل شڪراني جا پنهنجي خالق حقيقي جي اڳيان پڙهيا، اهي الله سائين کي ڏاڍا پسند اچي ويا، انهيءَ جي پٺيان ئي امتِ محمدي ﷺ لاءِ فجر نماز فرض ٿي آهي، اتان کان ئي امتِ محمدي ﷺ جي لاءِ فجر جو بہ رڪعتون فرض ڪيون ويو ٻي وري ظهر جي

نماز حضرت اسحاق عليہ السلام جي پيدائش جي وقت حضرت يعقوب عليہ السلام چار رڪعتون شڪراني جون پڙهيون, اهو ظهر جو ٽائيم هو, اتان ڪانپوءِ امتِ محمديﷺ جي لاءِ ظهر جي نماز فرض ڪئي وئي, ان ڪانپوءِ عصر, عزير عليہ السلام جيڪو الله سائين جو پيغمبر هو جنهن جو ساهہ ڪڍندي ڪڍندي روح پرواز ٿي ويو, هن کي سئو سال ٿي ويا, سئو سال ڪانپوءِ وري هُن جي بدن ۾ روح واپس آيو اهو عصر جو ٽائيم هو هن الله سائين جي بارگاهہ ۾ چار رڪعتون شڪراني جو پڙهيو اتان کان ئي پاڻ امتِ محمديﷺ تي عصر جي نماز فرض ڪئي وئي, ان ڪانپوءِ مغرب جي نماز حضرت ايوب عليہ السلام کي جڏهن الله سائينءَ بيماري مان صحتيابي ڏني تہ حضرت ايوب عليہ السلام شڪراني جون چار رڪعتون پڙهيون, اهو مغرب جو ٽائيم هو سج لهڻ جو ٽائيم هو ٽي رڪعتون تہ هُن پوريون ڪيون پر بيماري مان اٿڻ جي ڪري هو چوٿين رڪعت پوري ڪري نہ سگهيو اتان کان ئي امتِ محمديﷺ تي مغرب جي نماز فرض ڪئي وئي, ان ڪانپوءِ عشا نماز حضرت يونس عليہ السلام جڏهن مڇيءَ جي پيٽ مان ٻاهر آيا تہ ان الله سائين جي بارگاهہ ۾ چار رڪعتون شڪراني جي پڙهيون, اهو وقت عشاء جو هو جنهن ڪانپوءِ امتي محمديﷺ تي عشا جي نماز فرض ٿي وئي, اهي پنج فرض جيڪي منهنجي محبوبﷺ جي امت کي مليا آهن, اهي انهن پيغمبرن جون ادائون آهن جيڪي الله سائين کي پسند اچي ويون ۽ اهي اڄ ڏينهن تائين امت محمديﷺ تي فرض ڪيو ويون آهن, انهن پيغمبرن جي ادائن کي ملهائڻ جي لاءِ انهن پيغمبرن جي ادائن جي يادگيري جي لاءِ الله سائين امتِ محمديﷺ تي اهي نمازون فرض ڪري ڇڏيون آهن.

هيئنر ڪافي اهڙا فرقا آهن جيڪي چون ٿا توهان ميلاد ڇو ٿا ملهايو؟ ڀلا ٿورو انهن کان پڇو تہ ڏاڏي آدم عليہ السلام جي اها ادا جيڪا الله سائين کي پسند اچي ۽ اڄ ڏينهن تائين پاڻ ان کي ملهايون ٿا, ائين مون توهان کي ٻين پيغمبرن جي باري ۾ ٻڌايو جن جون ادائون الله سائين کي پسند اچي ويون جن جي پنيان امتِ محمديﷺ تي اهي ادائون فجر, ظهر,



عصر, مغرب ۽ عشاء جي صورت ۾ فرض ٿي ويون ۽ اهي ڏهاڙا اهي ٽائيم اڄ بہ پاڻ ملهايون ٿا, اهو ڇا آهي؟ اهو بہ هڪڙي قسم جو ميلاد آهي, اهو بہ عشق جو ميلاد آهي, اهو معراج مومنين آهي, اها بندي جي الله سان ملاقات آهي, اهو گنهگار, خاڪي بندو جڏهن سجدي ۾ وڃي ٿو تہ چوي ٿو "سبحان ربيع الاعليٰ", "سبحان ربيع الاعليٰ", منهنجا رب آئون هن جهان ۾ ڦاسي ويس, پر جڏهن مون تنهنجي بندي جي آذان جو آواز ٻڌو "حي الله اصلاح", "حي الله الفلاح" تہ آئون ڀڄندو ڀڄندو پنهنجا عيب ڪٽي مالڪ تنهنجي اڳيان آيو آهيان, هيءَ سر تنهنجي سجدي ۾ آهي "سبحان ربيع الاعليٰ", "سبحان ربيع الاعليٰ", منهنجا رب توکان وڏيڪ ٻيو ڪو اعليٰ آهي ئي ڪون, تون اعليٰ آهين تون بخشڻهار آهين, تون مونکي طاقت ڏني جو منهنجو سر تنهنجي اڳيان سجدا ريز ٿيو اهي سڀ ميلاد جا حصا آهن, اها ميلاد اسان کي ڪيئن ملي؟ اها ميلاد اسان کي انهيءَ ميلاد واري جي پنيان ئي ملي, جيڪو رحمت العالمين آهي , جنهن جي پنيان ئي هيءَ سڄي ڪائنات ٺهي آهي, ڏاڏي آدم عليہ السلام ۾ نور مصطفيٰﷺ داخل ٿيڻ شرط ئي سڀني ملائڪن کي حڪم ڏنو ويو تہ توهان تعظيم جو سجدو ڪيو اهو ڇا آهي؟ اهو تہ ميلاد آهي, اهو تہ عشق جو ميلاد آهي.

هاڻي پاڻ اچون ٿا حج تي, حج ڇا آهي؟ توهان حج جا سڀ ارڪان جانچيو اهي ارڪان سڀ ادائون آهن, منهنجي محبوب ڪريمﷺ کان چار هزار سال اڳ ۾, سائين جن جا ڏاڏا حضرت ابراهيم عليہ السلام جڏهن خانہ ڪعبت الله جي تعمير ٿا ڪن تہ هڪڙي پٿر تي سائين جن جو پير ٿو اچي, انهيءَ پٿر کي چيو ويندو آهي مقامِ ابراهيم, جيڪي حاجي حج تي ويا آهن انهن کي خبر آهي, ٻين کي بہ خبر هوندي تہ مقامِ ابراهيم جيڪو خانہ ڪعبت الله جي پر ۾ آهي, اهو ڇا آهي؟ نہ تہ ان ڪانپوءِ منهنجي محبوب ڪريمﷺ خانہ ڪعبہ مان ڪيئن پٿر جنهن ۾ ڪيئن بت هئا سڀ ٽوڙي ڀڃي ڇڏيا, پر اهو مقامِ ابراهيم وارو پٿر اڄا تائين بہ موجود آهي ڇو تہ انهيءَ تي منهنجي محبوبﷺ جي ڏاڏي حضرت ابراهيم عليہ السلام جو پير آهي, اها ادا بہ منهنجي الله سائين کي پسند اچي

وئي، اج بہ جيڪو ماڻهو حج تي وڃي ٿو ڪعبت الله جو طواف ڪري ٿو تہ ان تي فرض عائد ٿي وڃي ٿو تہ اهو مقامِ ابراهيم ڪان ٿورو هٽي بہ رڪعتون نفل پڙهي، اهي ڪهڙيون نفل پڙهي؟ اهي شڪراني جون نفل پڙهي، جيڪي ڏاڏي آدم عليہ السلام، يعقوب عليہ السلام، عزير عليہ السلام ۽ ٻين پيغمبرن پڙهيون، جن ڪانپوءِ اهي امتِ محمديﷺ تي فرض ٿيون، اهو بندو جيڪو طواف ٿو ڪري انهيءَ تي اهو فرض ٿي وڃي ٿو تہ مقامِ ابراهيم جي پنيان بہ رڪعتون نفل پڙهي، اهو ڇا آهي؟ انهيءَ کي بہ الله سائين هڪڙي ميلاد جو درجو ڏنو آهي، انهيءَ مقامِ ابراهيم حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پيير مبارڪ واري جڳهہ کي الله سائين ايترو مان ڏنو آهي جو امتِ محمديﷺ وارا انهيءَ جو ادب احترام ڪري ڏينهن قيامت تائين جيستائين حج آهي جيستائين خانہ ڪعبت الله آهي جيستائين طواف ڪرڻ وارا هوندا، انهيءَ مقامِ ابراهيم جي پير ۾ بہ رڪعتون نفل شڪراني جون پڙهندا رهندا، اهو ڇا آهي؟ اهي ڏهاڻا آهن، اهي ادائون آهن، جيڪي اج ڏينهن تائين اسين ملهائيندا پيا اچون.

ان ڪانپوءِ صفا ومروه، اها ڇا آهي؟ اها هڪڙي ادا آهي، انهيءَ پاڪ دامن امان حاجره عليہ السلام جيڪا اتي هلي آهي، اتي ڦيرا ڪيا آهن، اها ادا بہ ڏينهن قيامت تائين امتِ محمديﷺ کي ملي آهي، اج بہ ان صفا ومروه جي وچ ۾ توهان ڊوڙو نہ پاتيون تہ توهان جي حج ۽ عمري جا ارڪان پورا ڪون ٿيندا، اهو ڇا آهي؟ اهي ڏهاڙا آهن، اهي ادائون آهن، جيڪي پاڻ اج ڏينهن تائين ملهائيندا پيا اچون، ان ڪانپوءِ توهان اندازو ڪريو تہ جڏهن خانہ ڪعبت الله تيار ٿي ويو تہ جبل ابو قصره تي مٿي وڃي حضرت ابراهيم عليہ السلام اعلان ٿو ڪري، چوي ٿو لبيڪ الهم لبيڪ، لبيڪ الهم لبيڪ، (منهنجا الله سائين مان حاضر آهيان، منهنجا الله سائين مان حاضر آهيان) ۽ انهن سڀني روحن ڏانهن متوجہ ٿي چوي ٿو جيڪي روح پيدا ٿيل آهن جيڪي عالم ارواح ۾ آهن جيڪي پوءِ پيدا ٿيا، چار هزار سال اڳ ۾ انهيءَ جبل تي ويهي اهو هوڪو ٿو ڏئي، اج ڏينهن تائين اهو آواز توهان ٿي اسين ڪريون ٿا، جڏهن پاڻ خانہ ڪعبت الله وڃون ٿا تہ انهيءَ ادا کي دهرايون ٿا



تہ الله سائين مان حاضر آهيان، الله سائين مان حاضر آهيان، اها حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ادا آهي، ان ڪانپوءِ جڏهن خانہ ڪعبت الله تيار ٿي وڃي ٿو تہ، حضرت ابراهيم عليہ السلام، الله سائين کي چوي ٿو تہ، الله سائين مون محنت ڪئي، هاڻي توهان مونکي ان جو ڪو ڦل ڏيو الله سائين جو وحي آيو تہ توکي ڪهڙو ڦل ڏيان؟ حضرت ابراهيم عليہ السلام چيو تہ مون منجهان، منهنجي خاندان منجهان خاتم الانبيا ٿئي، منهنجي اولاد منجهان ڪو خاتم الانبيا ٿئي تہ، منهنجو نالو زنده رهي،

أنا دعوة إبراهيم وبشارة عيسىٰ ورؤيا أمّي آمنة التي رأت (المستدرك الحاكم جلد2، ص453، تفسير ابن كثير)

اج توهان اسين شاهد آهيون تہ منهنجو محبوب ڪريمﷺ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اولاد منجهان آهن، اج پاڻ التحيات ڪانپوءِ پڙهون ٿا "آل ابراهيم"، معنيٰ اج ڏينهن تائين حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اها ادا، اها خواهش، اها فرمائش، اها دعا الله سائين جي بارگاهہ ۾ منظور ٿي هئي، اج اسين اها قائم پيا ڪريون، ان ڪانپوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام کي باهہ ۾ وڌو ويو تہ هن تي بہ چادرون هيون، اها ادا بہ الله سائين کي ايتري پسند آئي جو اج بہ اسان کي خانہ ڪعبت الله ۾، حج ۽ عمري جي ٽائيم تي، منيٰ ۾، مزدلف ۾ بہ اسان کي بہ چادرون ٿيون اوڙهڻيون پون، جيتوڻيڪ ڪو پينٽ شرٽ وارو، ڪو سوٽ بوٽ وارو ڪو بادشاهہ، ڪنهن جا ڪهڙا ويس، ڪنهن جا ڪهڙا ويس پر انهيءَ ٽائيم تي ٻن اڇين چادرن ۾ هلڻو پوندو، هڪڙي مسڪين کي بہ بہ اڇيون چادرون اوڙهڻيلون هونديون تہ هڪڙي بادشاهہ کي بہ بہ اڇيون چادرون اوڙهڻيلون هونديون، اهو ڇا آهي؟ اها بہ منهنجي الله کي ادا پسند اچي وئي.

ان ڪانپوءِ قرباني، اهو توهان ڏسو اهي سڀ ادائون آهن، دوستو اهي سڀ عشقِ مصطفيٰﷺ جي لاءِ ئي آهن، اهي امتِ محمديﷺ جي لاءِ تحفا آهن، اهي ادائون ملهائجن، اهو ڇا آهي؟ بيبي آمنہ عليہ السلام جنهن جو هيڏو مان، انهيءَ وقت خانہ ڪعبت الله ۾ بتن جا پنهنجو پاڻ ۾ ٽڪرائڻ

جا آواز اچڻ لڳا ۽ سڀ ٺٺي ختم ٿي ويا. اهو ڇا هو؟ اهو ميلاد مصطفيٰ ﷺ جو آغاز پي ٿيو انهيءَ ڏرتي تي جنهن ڏرتيءَ تي 360 بت انهيءَ وقت هئا. هيءَ سڀ عشق جو آواز آهي ۽ عشق وارا پڌائين ٿا جهان وارن کي هوڪا ٿا ڏين. جهان وارن کي بيدار ٿا ڪن تہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ اڄ بہ اسان جي اندر ۾. اسان جي دلين ۾ زنده آهي. ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڪو ڪيئن ٿو ملهائي. ڪو ڪيئن ٿو ملهائي. ڪي نعت پڙهن ٿا. ڪي واعظ ڪن ٿا. ڪي مولود شريف پڙهن ٿا. ڪو خير خيرات ڪري ٿو ڪو صدقو ڪري ٿو بهرحال منهنجي محبوب جو نالو تہ هر هنڌ پيو گونجي برپٽن ۾ بہ.

ائين ئي توهان ۽ اسان دوستو. اڄ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ جي پليٽفارم تان. سائين ميان جان محمد رح جي آستاني تي پنهنجي محبوب ﷺ جو ميلاد ملهائڻ واسطي آيا آهيون. دوستو. توهان ۽ اسان جا نصيب. توهان ۽ اسان جا ڀاڳ. پر دوستو. ٿورو گهڻو انجمن جو پنهنجو طريقو آهي. ڪٿي علم هلندو آهي تہ ڪٿي وري محبت بہ هلندي آهي. محبت ۽ عشق جا بہ پنهنجا پنهنجا انداز آهن. ڪٿي ڪٿي محبت ۽ عشق ۾ ماڻهو گهڻو اڳتي هليو وڃي ٿو. ڪٿي وري علم اسان کي ٿورو بيهاري ٿو. پر محبت عشق ۾ ماڻهو ايترو تہ اڳتي وڏيو وڃي ٿو جو علم بہ هن کان ٿورو پوئتي ٿو هٽي.

ائين هڪڙو پيغمبر جيڪو الله سائين سان ملاقاتي ٿيندو هو حضرت موسيٰ عليہ السلام. جنهن کي الله سائين چيو تہ تون مونسان هم آواز آهين. الله سائين هُن سان طور سينا جبل تي ڪلام ڪندو هو هڪڙي دفعي حضرت موسيٰ عليہ السلام ڏاڍو خوبصورت واعظ ڪيو. انهيءَ تي هڪڙي ماڻهو اٿي پڇيو تہ. سائين هِن وقت توهان کان بہ بهتر ڪو ٻيو واعظين آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو مونکي انهيءَ جي ڪا بہ خبر ڪونهي. ائين ڪون چيائين تہ اها خبر الله کي آهي (ڇو تہ ٿيندو آهي انشاءالله. ماشاءالله. الحمدالله. شڪر الحمدالله) هُن اهي الفاظ ڪون چيا. موسيٰ عليہ السلام چيو مونکي انهيءَ جي خبر ناهي. تہ الله سائين جو وحي آيو چيائين موسيٰ عليہ السلام توکان بہ وڏيڪ انهيءَ ٽائيم تي هڪڙو ماڻهو



آهي. جنهن وٽ توکان بہ وڏيڪ علم آهي. تون وڃ انهيءَ کان وڃي علم سک. موٽ ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام اڄ وانگر ائين ڪون چيائين تہ. آئون ڊاڪٽر آهيان. آئون انجنيئر آهيان. آئون پي ايڇ ڊي هولڊر آهيان. آئون جي ايس ٽي استاد آهيان. آئون پي ايس ٽي واري کان ڪيئن سکان؟ هي پرائمري ماستر آهي. منهنجون منصب وڏو آهي. آئون ايڪويهين گريڊ جو آهيان. هيءُ پنجي گريڊ جو آهي. موسيٰ عليہ السلام ائين ڪون چيو هُن چيو منهنجا رب تنهنجو حڪم تون چوين ٿو آئون پيغمبر آهيان پر تون مونکي چوين ٿو تہ علم حاصل ڪر آئون ڪيئن ان کي حاصل ڪريان. الله سائين فرمايو موسيٰ عليہ السلام هڪڙو ٻيٽ آهي انهيءَ بابت سائين جن کي پار پتا مليا توهان اوڏانهن وڃو توهان کي اتي اهو ماڻهو (حضرت خضر رح) ملندو پر هڪڙي مڇي توهان تيل ۾ پچائي پنهنجي ٿيلهي ۾ ڪٽو. جتي سمنڊ جي ڪپ تي اها مڇي پاڻهي توهان جي ٿيلهي مان نڪري انهيءَ ٻيٽ ۾ پاڻهي پنهنجي واٽ ٺاهيندي ويندي ۽ توهان صرف انهيءَ جي پٺيان وڃجو توهان کي حضرت خضر رح ملندو. بهرحال پنڌ ڪندا ڪندا وڃي هڪڙي هنڌ پهتا تہ اتي مڇي هڪدم زنده ٿي هلي وئي. ان ٽائيم تي سائين کي ٿوري ننڊ هئي. سائين سان گڏ جيڪو ٻيو ماڻهو هو انهي اها مڇي ڏٺي. انهي سائين کي پڌايو تہ توهان جي مڇي هتان کان وئي آهي. انهيءَ جي وچ ۾ چوويهہ ڪلاڪن جو ٽائيم گذري ويو. سائين وارا واپس وري اتي آيا جتان مڇي وئي هئي اچي ڏسن تہ باقاعدي سمنڊ مان جتان جتان اها مڇي وئي آهي اتان باقاعدا انهي واٽ ٺاهي ڇڏي آهي. سائين وارا انهيءَ واٽ تان اڳتي وڃي ڏسن تہ هڪڙو خوبصورت ٻيٽ آهي. ساوڪ آهي اتي حضرت خضر رح چادر اوڍيو ستو پيو آهي. سائين جيئن ئي اتي پهتا آهن تہ چيو اٿن اسلام عليڪم. اندران جواب آيو وعليڪم السلام. سائين چيو آئون پيغمبر آهيان مونکي توهان سان ملڻو آهي. مونکي توهان کان علم حاصل ڪرڻو آهي. حضرت خضر رح چيو اي موسيٰ! تون هيءَ علم پرکي ڪون سگهندي. هيءَ علم تون حاصل ڪري ڪون سگهندي. منهنجا ڪجهہ شرط آهن. آئون جيڪا بہ ڳالهہ ڪريان توکي وچ ۾ مونکان سوال جواب ناهي ڪرڻو. توکي ماٺ ڪري هلڻو آهي. بهرحال هُن جيڪي سائين کي شرط

چيا اُهي سائين مجيا، حضرت خضر رح ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام ويا پي تہ، سائين وارن جي اک هڪڙي معمولي پکي تي پئي، اهو پکي آيو انهي اچي سمنڊ مان پاڻي پيتو ان تي حضرت خضر عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام کي چيو اي موسيٰ! تنهنجو منهنجو علم ائين آهي، جيئن اهو پکي سمنڊ مان پاڻي پيو پئي، پر سمنڊ ۾ ڪا کوٽ ئي ڪونهي، ائين موسيٰ عليہ السلام تنهنجو علم منهنجي اڳيان ائين آهي ۽ منهنجو علم منهنجي مالڪ جي اڳيان ائين آهي. (صحيح بخاري 122، 3400، 3401 ، 7478).

دوستو! توهان اندازو ڪريو تہ اهو علم ڇا آهي؟ اهو علم آهي باطن وارو علم، هڪڙو علم آهي ظاهر، ٻيو علم آهي باطن، جيڪي الله وارا بزرگ جن چاليها ۽ ڏها ڪيا، جن الله سائين جون بندگيون ڪيون، جهد ڪيا، تقويٰ ڪئي، پنهنجو پاڻ کي دنيا کان پري ڪيو اهو فقط هنن انهيءَ هڪڙي علم کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيو. پر دوستو اهو دور ٻيو هو هيءُ دور ٻيو آهي، انهيءَ دور ۾ هر ماڻهو وٽ ٽائيم هو، هو ڏها ڪيندو هو، چاليها ڪيندو هو ٻہ ٻہ سال الله سائين جي بندگي ڪندو هو پر هيئنر ماڻهن وٽ ٽائيم ڪونهي، هر ماڻهو انهيءَ ڪيفيت منجهہ آهي، ان کي فون منجهان ٽائيم ڪونهي، پنهنجي ٻچن ٻارن مان ٽائيم ڪونهي، هن جهان جي خواهشن جا جيڪي انبار آهن انهن منجهان ئي هن کي ٽائيم ڪونهي، ننڍي ٻار کان وٺي وڏي ماڻهوءَ تائين سڀ ڪو انهيءَ ۾ ڦاٿو پيو آهي تہ ٽائيم ڪونهي، انهيءَ جي لاءِ جيڪو بهتر طريقو اهو آهي تہ جيترو بہ توهان کي ٽائيم ملي توهان وڌ کان وڌ منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود پاڪ پڙهو. هيءَ عشقِ مصطفيٰﷺ جي محفل آهي، هيءَ ميلاد مصطفيٰﷺ آهي، جنهن جو ادب ۽ احترام آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَرۡفَعُوۡۤا اَصۡوَاتَكُمۡ فَوۡقَ صَوۡتِ النَّبِىِّ وَلَا تَجۡهَرُوۡا لَهٗ بِالۡقَوۡلِ كَجَهۡرِ بَعۡضِكُمۡ لِبَعۡضٍ اَنۡ تَحۡبَطَ اَعۡمَالُكُمۡ وَاَنۡتُمۡ لَا تَشۡعُرُوۡنَ ﴿۲﴾ (الۡحُجُرَات)

ترجمو: اي ايمان وارؤ پنهنجا آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نہ ڪريو ۽ جيئن اوهان جو هڪ ٻئي سان وڏي سڏ ڳالهائڻ آهي (تئين) ساڻس ڏاڍيان نہ ڳالهايو جو متان اوهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ اوهين نہ پروڙيندا هجو.



جنهن منهنجي محبوبﷺ جي آواز کان وڌو آواز ڪيو اُن جون نيڪيون سڀ ڇٽ، اُن جا اعمال سڀ ڇٽ، اُن جا حج ڇٽ، اُن جا فرائض سڀ ڇٽ هيءَ اها تہ محفل آهي، جنهن ۾ اسان کي اعتبار آهي، اسان کي اعتماد آهي تہ هِن محفل تي منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي توجہ آهي، محبوبﷺ جي اسان تي اها اک آهي، جنهن جي ڪري عشقِ مصطفيٰﷺ جون محفلون ٿيون ٿين، هيءَ ڪا ٻاراڻي راند ڪونهي، هيءَ ڪو اسان کي ڦٽيءَ تي ويهي مدرسي جو سبق پڪو ڪرڻو ڪونهي، ڪٿي ڪو ويهي اسان کي تعليم حاصل ڪرڻي ڪونهي، ڇو تہ اسان جي تعليمن ۾ فرق اچي ويا آهن، اسان جي علم ۾، اسان جي درسگاهن ۾ وڏا وڏا فالٽ اچي ويا آهن، ڇو تہ اسان جو علم فقط هڪڙي پيسي جي لاءِ پنهنجي پگهار سان ٻڌل آهي، اسان جو علم انهيءَ سان ناهي ٻڌل تہ اهو علم اسان عشقِ مصطفيٰﷺ جي ڪري پيا پڙهايون پر اسان جو علم صرف انهيءَ لاءِ آهي تہ اسان کي مهيني ۾ هيتري پگهار ملندي، اسان جو علم بس مانيءَ جي پنيان ٿو پڇي، تڏهن اسان جي درسگاهن جي تربيت ۾ فرق آهي، جيڪڏهن اها تربيت ميان جان محمد رح جي آستاني تي ٿي هجي ها، يا اها جيڪڏهن ٻئي ڪنهن الله جي اولياء اڪرام جي آستاني تي ٿي هجي ها تہ اسان جي ادبن ۽ احترامن ۾ ڪا ڪمي نہ هجي ها، ڇو تہ اهي ادبن وارا ئي اسان کي ادب ڪرڻ جو ڏانوَ ڏين ٿا، جن وٽ ادب هوندو اهي ئي اسان کي ٻڌائيندا تہ ادب ڪيئن ڪبو آهي، اهو ادب حاصل ڪريو، جنهن وٽ ٻہ باطني علم نہ آهي تہ ان جو ظاهري علم ڪنهن ٻہ ڪم جو ناهي، ڊاڪٽر ٻہ چوندا آهن تہ بابا اسان تہ الله جي بندن جي حاضري ٿا ڀريون، پر ويندي تہ ٻہ هزار رپيا توهان کان فيس وٺي پوءِ توهان کي چيڪ ڪندا، ائين اسان جا استاد جيڪي چون ٿا تہ بابا اسان تہ پنهنجي قوم جي ٻارن کي پڙهايون ٿا، پر بابا توهان چاليهہ چاليهہ، پنجاهہ پنجاهہ هزار رپيا وٺي پوءِ ٿا پڙهايو اهو ڇا آهي؟ اهو اسان پنهنجو پيشو پنهنجي خواهشن، پنهنجي پيٽ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، پر الله وارن ائين ڪونهي ڏٺو الله وارن ۽ انهن جي پوئلڳن ائين ڪڏهن ڪونهي چيو تہ اسان جي ڪا فيس آهي اسان کي ڀرين پيسا

ڏيو تہ پوءِ ڪجھ ڏينداسون، عشقِ مصطفيٰ ﷺ وارا اهي ڳالهيون ڪون ڪندا آهن.

دوستو! ڪجھ انهيءَ تي عمل بہ ڪريو. اهو علم جيڪو توهان جي اندر آيو آهي، انهيءَ علم تي ڪجھ عمل پيرا بہ ٿيو. محبوب ڪريم ﷺ جو حديثون پڙهو تہ محبوب ڪريم ﷺ جي اصحابين ڇا چيو.

قال: سمعت ابا الطفيل، يقول: "رايت رسول الله صلى الله عليه وسلم يطوف بالبيت، ويستلم الركن بمحجن معه، ويقبل المحجن". (صحيح مسلم 3077)

حضرت طفيل رح جيڪو آخري اصحابي هو. انهيءَ حج جي ٽائيم تي اٿي بيهي چيو تہ آئون ڪون ٿو سمجهان تہ مونکان سواءِ هن وقت جهان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو هجي جنهن پنهنجي ظاهري اکين سان نبي ڪريم ﷺ کي ڏٺو هجي، مونکان پڇو منهنجي عمر سئو سالن کان مٿي آهي، محبوب ڪريم ﷺ کي هن جهان مان ظاهري پردو ڦٽائيندي بہ سئو سالن کان مٿي ٿي ويا آهن آئون آهيان مونکان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي باري ۾ پڇو. انهيءَ وقت هزارين تابعين اچي گڏ ٿيا. انهن تابعين مان هڪڙي بہ ان اصحابي کان اهو نہ پڇيو تہ توهان اسان کي حج جا ارڪان ٻڌايو. اسان کي منيٰ ۾ مزدلف جا ارڪان ٻڌايو. اسان کي ٻين شين جا ارڪان ٻڌايو. پر انهن تابعين مان هر هڪ اهو پڇيو تہ اسان جو محبوب ﷺ ڪيئن هو. اسان جي محبوب ﷺ جو چهرو ڪيئن هو. اسان جو محبوب ڪريم ﷺ پنهنجي اصحابين سان ڪيئن پيش ايندو هو. محبوب ﷺ انهن سان ڪيئن پيش ايندو هو جيڪي ڪافر هئا جن ايمان ڪون آندو. محبوب ﷺ ويهندا ڪيئن هئا. محبوب ﷺ اٿندا ڪيئن هئا. محبوب ڪريم ﷺ کائيندا ڪيئن هئا. محبوب ﷺ جون اکيون ڪيئن هيون. اهي پڇندا ويا ۽ انهن جي اکين مان پاڻي وهندو ويو. هيءَ محبوب ڪريم ﷺ جي محفل آهي، هيءَ محبوب ڪريم ﷺ جي شان جي محفل آهي، هن ۾ ويهي اسان کي پاڻ ۾ ڪل ڀوڳ ڪرڻي ڪونهي، کل ڀوڳ ڪرڻ جا ٻيا ٽائيم اٿو. پاڻ ۾ ٺهڪ ڏيڻ جا ٽائيم اٿو. هيءَ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي محفل آهي، پٽ هن مان حاصل ڪريو "ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين"



جن کي ماسو ملي ويو اهو ميان جان محمد رح ٿي ويو. جيڪو اڄ توهان کي پنهنجي ٻاڪرن ۾ جهليو ويٺو آهي، توهان جي لاءِ مانيءَ ۽ پاڻي جو بندوبست ڪيائين، توهان جي اڳيان دوست هٿ ٻڌيو ويٺا آهن. اهو ڇا آهي؟ اهو هن الله وارن جو فيض آهي، انهيءَ فيض جي لاءِ ڪري اڄ توهان ۽ اسان هتي آيا آهيون، هي محفل ميلاد آهي، مون توهان کي انهيءَ لاءِ ٻڌايو تہ ڏاڏي آدم عليہ السلام کان وٺي آخر تائين جيڪي بہ شيون مون توهان کي ٻڌايو آهن اهي سڀ جون سڀ شيون منهنجي محبوب ﷺ جو ميلاد هو.

دوستو. آئون توهان کي آخر ۾ وري بہ چوندس تہ اسان هتي هڪڙو فلسفي ڪٽي آيا آهيون، جيئن مون چيو تہ هيئنر اسان جي معاشري ۾ ماڻهن وٽ ٽائيم ڪونهي، ڇو تہ نفس هڪڙو اٺ آهي، هڪڙو ظالم آهي، هڪڙو خطرناڪ جانور آهي، جيڪو اسان جي اندر ۾ آهي، جنهن کي اسان جو علم ڪجھ ڪو نہ ٿو ڪري سگهي، انهيءَ نفس کي مارڻ لاءِ الله جي اوليائن ڏها ڪڍيا، چاليها ڪڍيا. بکون ڪڍيون، پنهنجو پاڻ هنن ماريو انهيءَ نفس کي مارڻ جي لاءِ. هو اهڙو حرامي جانور آهي جو توهان مٿي چڙهو تہ هو توهان کي پَٽ تي هٽي، توهان کي مٿي چڙهڻ نہ ڏئي، هو پاڻ توهان جي مٿي چڙهي، پيران پير دستگير رح جهڙين هستين بہ ارڙهہ سال بربيابانن ۾ انهيءَ نفس کي ماريو. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ پاڻ تہ مالڪ آهن. انهن بہ چاليهہ سال جبل ۾ گذاريو اڄ بہ اسان جا حاجي وڃن ٿا. وڃي ڏسن ٿا. پاڻ چاليهہ سال انهيءَ پهاڙي جي مٿي رهيا آهن. اهو ڇو؟ اهو اسان جي لاءِ پيغام آهي، پاڻ تہ نور آهن. پر اهو اسان جي لاءِ پيغام آهي.

دوستو! هن وقت معاشري جي ماڻهن وٽ ٽائيم ڪونهي، انهيءَ ڪري الله جي بزرگن منهنجي محبوب ﷺ جي طرفان هڪڙي شيءِ ڏني آهي، اها آهي ڪثرت درود پاڪ. جيڪو توهان جي نفس کي لٽ هڻندو. جيڪو توهان جو نفس مستيون پيو ڪري، توهان جيڪڏهن اڄ ئي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي هزار دفعا درود پڙهو تہ توهان جي هتي ويهڻ ۾ فرق ئي ٻيو هوندو. توهان جي طبيعت تبديل هوندي، توهان جي اکين جا انداز تبديل هوندا. توهان کي ويهڻ جو ادب ايندو. ڇو تہ توهان تي منهنجي محبوب ﷺ جي توجہ ٿيندي، توهان جون اکيون محبوب ﷺ

ڏانهن هونديون، توهان جي اڳيان جيڪڏهن محبوبﷺ جو نالو ورتجي ۽ توهان وڏا ٺهڪ ڏيو تہ توهان جي ايمان ۾ فرق آهي، توهان جي ايمان ۾ شڪ آهي، محبوبﷺ جو نالو ورتجي ۽ توهان جي اکين ۾ پاڻي اچي، محبوبﷺ جو نالو ورتجي تہ توهان جي جسم جا وار ڪانڊارجن، اسان جو نسون اٿن، توهان محبوب ڪريمﷺ سان ايڏي محبت ڪريو.

دوستو! اڄ آئون توهان کي دعوت ٿو ڏيان، جيڪي درود پاڪ ڪو نہ ٿا پڙهن، وڃي درود پڙهو، پنهنجو پاڻ کي ٺاهيو، پنهنجي خاندان کي ٺاهيو، پنهنجن ٻارن کي ٺاهيو، انهن کي عشقِ مصطفيٰﷺ جي واٽ ڏيندا تہ اهي سڌرندا، نہ تہ معاشرو توهان کي ڪٿي ويندو، توهان ڪيترا بہ علم حاصل ڪريو، توهان ڪٿي ڊاڪٽر ٿيو، پي ايڇ ڊي هولڊر ٿيو پر جيڪڏهن توهان عشقِ مصطفيٰﷺ حاصل نہ ڪندا تہ اُهي سڀ علم توهان کي شيطان وانگر ڪٿي وڃي ڪڌ ۾ هڻندا، اهو محبت جو علم حاصل ڪريو، انهن الله وارن جي صحبت ۾ اچو جيڪي ڪامل آهن، انهن هن جهان مان ظاهري پردو مٽايو آهي پر هنن جا روح زنده آهن ۽ هنن وٽ ڏانوَ آهي، هنن وٽ تجربو آهي، اهو حاصل ڪريو. دوستو، انهيءَ تي ڪم ڪريو. الله سائين توهان کي آباد ڪري، توهان کي ويرا وير وڌائي. دوستو، اڄ منهنجي نياڻيءَ جي شادي آهي، اها شادي ڇڏي، اوطاق تي مهمان ڇڏي، آئون اڄ توهان وٽ هتي حاضر ٿيو آهيان، صرف منهنجي محبوب جي ڊيوٽي ڏيڻ جي لاءِ، نہ ڪا منهنجي فيس آهي، نہ ڪو منهنجو ڪو منصب آهي، آئون توهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ سڀني مٽن مائٽن جي رشتن کان مٿانهون رشتو عشقِ مصطفيٰﷺ جو رشتو اٿو. عشقِ مصطفيٰﷺ زنده باد، عشقِ مصطفيٰﷺ زنده آباد، عشقِ مصطفيٰﷺ زنده آباد.

**ميلادِ مصطفيٰﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ**

**سائين جان محمد ڪيريو.**

**تاريخ:** 17-11-2018 **بمطابق** 8 **ربيع الاول** 1440 **هجري بروز ڇنڇر.**



## حيفُ ٿَنِين کي هوءِ

اَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُ اَكۡبَرُ كَبِيۡرًا وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ كَثِيۡرًا وَّسُبۡحَانَ اللّٰهِ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلاً

منهنجا انتهائي پيارا دوستو! خاص ڪري جيڪي مونسان ويٺل اسان جا معززين، پيا اسان جا دوست، جن جو اسان جي انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ سان واسطو ڪونهي، پر ڪنهن بہ حالت ۾ سنگت جي حوالي سان، محبت جي واسطي سان، عشقِ مصطفيٰﷺ جي واسطي سان آيا آهن ۽ منهنجا پيا اهي پيارا، اهي منهنجي اکين جا ٺار، اهي منهنجا معتبر، اهي منهنجا عظيم دوست جيڪي منهنجي محبوبﷺ جي ڪم سان ڏينهن رات هڪ ڪن ٿا، جيڪي مسڪيني جي حالت ۾ بہ پنهنجي قيمتي وقت مان وقت ڪڍي منهنجي محبوبﷺ جي عشق تي صرف ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي وڃي دعوت درود پاڪ ڏين ٿا، ماڻهن کي ٻڌن ٿا، ماڻهن کي پيري پون ٿا، پلي ڪٿي اهي مونساڻ گڏ نہ ويٺل آهن، منهنجي ويجهو بہ نہ ويٺل آهن، اهي ڪٿي پري ويٺا آهن پر اهي منهنجي اکين جي سامهون آهن، انهن جو دليون منهنجي دل سان پر منهنجي مرشد جي دل سان گڏ آباد آهن، انهن سڀني پائرن کي دوستن کي منهنجو محبت پريو اسلام عليڪم، حق موجود.

دوستو! هي اعلانِ عشق آهي، جنهن کي توهان ڪٿي ڇئو تہ هي آذانِ عشق آهي، هيءَ محبت جو ميدان آهي، هيءَ محبت جي محفل آهي، هيءَ اها عظيم محفل آهي جيڪا عرش ۽ فرش تي هر مخلوق پنهنجي پنهنجي انداز سان ملهائي ٿي.

دوستو! اسان صوفي آهيون، اسان اويسي آهيون، اسان لعل شهباز رح جي نالي سان قلندري آهيون. دوستو، اسان جو پنهنجو انوکو انداز آهي، اسان جي ڇهرن جو روپ ڪٿي کهڙو بہ هجي پر اسان جي دل تہ قلندري آهي، دل تہ اسان جي محبتي آهي، اسان جي دل ۾ محبوب ڪريمﷺ جي

محبت چمڪي ٿي، اها چمڪ اسان جي چهرن تي بہ پڌري آهي، اها چمڪ اسان جي ڪردار تي بہ پڌري آهي، اهو ڪردار، اها محبت سڄي سنڌ چا پر سنڌ کان ٻاهر پنجاب ۾ ان کان ٻاهر بہ اها محبت پکڙجي وئي آهي، هِن جهان ۾ جتي مختلف قسمن جو قحط آهي، جتي انسانيت جو قحط آهي، جتي محبت جو قحط آهي، انهيءَ ۾ هيءَ قلندري دوست انوکي انداز سان عشقِ مصطفيٰ ﷺ کي ڦهلائن ٿا.

دوستو! توهان هِن محفل کي حيرانگيءَ جي اک سان نہ ڏسو توهان اندر ۾ قلندري ٿي انهيءَ اک سان هِن محفل کي جانچيو. هيءَ اها عظيم محفل آهي جنهن ۾ توهان کي هر قسم جو ماڻهو ملندو، منهنجي محبوب ﷺ جي اڳيان نہ چهري جي ضرورت آهي، نہ پيسي جي ضرورت آهي، نہ ڪهڙي بہ طرح سان وڏ ننڍائي يا قوم جي ضرورت آهي، توهان ڀلي ڪٿي ڪنهن ڪنڊ ۾ وينا هجو توهان ڀلي منهن لڪائي ڪنڌ هيٺ ڪري وينا هجو پر توهان جي اندر ۾ جيڪڏهن عشقِ مصطفيٰ ﷺ آهي، تہ اهو چمڪي پيو ۽ ان جو شعاعون اسان تائين پهچن پيون، لعل شهباز قلندر رح تائين پهچن پيون، منهنجي محبوب ﷺ جي چائنٽ تائين پهچن پيون، توهان ڀاڱن وارا آهيو، توهان ڀلي ڪٿي ظاهري هٿ اسان سان ناهي ملايو پر توهان جون محبتون، توهان جون اکيون، توهان اسان جي دلين ۾ ڪو فرق نہ آهي، اوهان سان بہ اهي محبتون ۽ پيار آهن ۽ جيڪي مونسان هٿ ملائي ويا آهن انهن سان بہ اهي محبتون ۽ پيار آهن.

دوستو! مون توهان کي جيئن ٻڌايو تہ هيءَ اعلانِ عشق اٿو هي انوکو اعلان اٿو هي عشق جو اعلان اٿو پر اهو اعلان اڳ ۾ بہ ٿيندو رهيو آهي، اهو عشق جو اعلان الله سائينءَ پاڻ ڪيو آهي، الله سائين نعرو هنيو آهي، قرآن شريف ۾ فرمايو آهي،

"اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا"

الله سائين فرمائي ٿو آئون هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهيان، آئون بي نياز بادشاهہ آهيان، پر اڄ آئون توهان کي چوان ٿو توهان کي هوڪو ٿو ڏيان تہ آئون پنهنجي ملائڪن سان پنهنجي محبوب تي درود پڙهان ٿو اوهين بہ



درود پڙهو. دوستو اڄ هن محفل ۾ توهان ۽ اسان جو آمهون سامهون ٿيا آهيون، توهان ۽ اسان اڄ هتي وينا آهيون تہ ڪنهن مقصد جي لاءِ وينا آهيون، اسان ۽ توهان اڄ هتي وينا آهيون تہ ڪو فلسفو کڻي وينا آهيون، توهان ۽ اسان اڄ هتي وينا آهيون تہ اجايا ڪو نہ وينا آهيون، محفلون تہ ٻيون بہ ٿين ٿيون، ميلاد ٻيا بہ ٿين ٿا، انهن ۾ سماع بہ ٿين ٿا، مولود بہ ٿين ٿا، نعتون بہ ٿين ٿيون، انهن ۾ واعظين بہ ٿين ٿا، پر اهي سال جي هڪڙي مهيني ۾ ٿين ٿا، پر اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جو سڄو سال ئي ميلاد مصطفيٰ ﷺ اٿو پر انهيءَ ميلاد مصطفيٰ ﷺ ۾ هيءَ اسان جو پيغام آهي جنهن جي لاءِ ائين چئجي تہ "مصلي امت محمد" ياالله سائين تون منهنجي محبوب ﷺ جي امت جي اصلاح ڪر، ياالله سائين "ارحم امت محمد" تون منهنجي محبوب ﷺ جي امت کي بخش ڪر، يا الله سائين "الهم فضل امت محمد" منهنجي محبوب ﷺ جي امت تي تون فضل ڪر، جڏهن تون محبوب ڪريم ﷺ کي رحمت العالمين ٺاهيو آهي تہ ان تي فضل ڪر، اسان جي معاشري ۾ جيڪي وبائي مرض، جيڪو انتشار ڦهليو آهي، اسان جي دلين ۾ جيڪا بي سڪوني پيدا ٿي آهي، اسان جو آرام چين ماديت پرستي اسان کان کڻي وئي آهي، يا الله سائين اسان اڄ هِن ميدان ۾ گڏ ٿيا آهيون تہ ڪنهن مقصد جي لاءِ گڏ ٿيا آهيون، اڄ انهيءَ ۾ اُهي نوجوان آهن، اڄ ان ۾ اُهي دوست آهن، جيڪي شايد ڪٿي ميلاد جون محفلون اٽينڊ ڪن ٿا، اڄ اُهي هتي هن محفل ۾ آيا آهن، ياالله سائين اڄ جي اسان هنن کي هتي آندو آهي، الله سائين آڻڻ واري تنهنجي ذات آهي، تنهنجي محبوب جي توجهہ آهي، اسان نااهل آهيون، اسان جي اوقات جي اسان کي جاڻ آهي، اسان هتي مٽي ويهڻ جا اهل نہ آهيون، پر تنهنجي محبوب ﷺ جي محبت جي صدقي، تنهنجي محبوب ﷺ جي ڪثرتِ درود پاڪ جي صدقي، هِنن دوستن اسان جي جيڪا مرحبا ڪئي آهي اُها اسمِ محمد ﷺ جي واسطي ڪئي آهي، جيڪڏهن اسان کي اڄ هنن پٽڪا پارايا آهن تہ اُهي اسان کي نہ پارايا آهن اهي محبتِ محمدي ﷺ کي پارايا آهن، انهيءَ فلسفي کي پارايا آهن جيڪو فلسفو دوستو توهان اسان وٽ سانڍيل آهي،

جنهن کي توهان اسان سانديو آهي، جنهن کي توهان اسان ساهه کان وڌيڪ پيار ڏئي سانڍيو آهي، اڄ اهو فلسفو پڪڙبو پيو وڃي. دوستو هيءَ عظيم ڪم اٿو هيءُ ڪم عظيم انسانن جو اٿو. انهيءَ مان هڪڙو انسان جنهن وٽ ماڻهو ويا. چيائون ته سائين قحط آهي، پيئڻ جي لاءِ پاڻي ڪونهي، سڄو جهان بيزار آهي، توهان الله کان دعا گهرو. هو مست هو. هو ابدالن جي ڪيفيت ۾ هو. هو ٿو چوي، منهنجو الله سائين ڪو نه ٻڌندو. منهنجي الله سان ڪاوڙ آهي، مونسان الله سائين ڪاوڙيو آهي ۽ آئون الله سائين سان ڪاوڙيو آهيان. منهنجي الله سائين ڪو نه ٿو ٻڌي، هُن جا اُهي الفاظ هئا چو ته هو مست هو. ابدال هو. جيڪڏهن توهان ۽ اسان جهڙو ڏاهپ وارو اُهي الفاظ چوي ها ته توهان اسان ڪفر جي فتوا جي دائري ۾ اچون ها. پر هو ته مست آهي، هو ته ظاهري طرح مست ابدال آهي، هُن جي پهچ ته ڪٿي ٻي هئي، هن مست ابدال چيو توهان منهنجو ٿوال پاڻيءَ ۾ پسايو پوءِ توهان ڏسو ته منهنجو ٿوال الله سائين سڪڻ ڪو نه ڏيندو. چو ته الله سائين جي مونسان ڪاوڙ آهي، جڏهن اُهي ماڻهو ابدال جي ٿوال کي پاڻي ۾ پسائي، سڪائڻ جي لاءِ اُس ۾ ٽنگڻ ويا ته بادل اچي ويا ۽ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. ابدال چيو مون توهان کي چيو نه الله سائين مونسان ڪاوڙيل آهي منهنجو ٿوال به سڪائڻ ڪون ڏيندو. ماڻهن چيو سائين تنهنجو ٿوال سڪي نه سڪي پر اسان جو ڪم ٿي ويو. دوستو اهي الله وارن جا الله سان راز ۽ نياز اٿو هيءَ به هڪڙي راز ۽ نياز جي ڳالهه اٿو الله وارن الله سائين جا راز ۽ نياز ماڻهن ڏانهن منتقل ڪيا آهن پر ڪنهن طريقي سان، ڪنهن انداز سان. اڄڪلهه ڪو نوجوان، اڄڪلهه جو ماڻهو هِنماديت پرستيءَ جي ايڏو ته وڪڙ ۾ آهي، هُن کي هن پاسي آڻڻ لاءِ به الله سائين ڪي راز ۽ نياز پيدا ڪيا آهن. دوستو وري به ڪٿي پاڻي وڌي ويو. درياهه جو وهڪرو حد کان مٿي وڌي ويو. ماڻهن کي آبادين جي تباهه ٿيڻ جو خطرو هو. تنهن ڪري وري اهي ماڻهو انهيءَ ساڳئي مست مجذوب وٽ وڃن ٿا ۽ اُن کي چون ٿا تنهنجو الله سائين سان واسطو آهي، اُن مست مجذوب چيو ته مونسان الله سائين ڪاوڙيل آهي ۽ آئون الله سائين سان ڪاوڙيل آهيان. ماڻهن چيو سائين هيءَ پاڻي، هيءَ درياهه جي موج اسان جون آباديون، اسان جون بستيون تباهه ڪري ڇڏيندي،



توهان دعا گهرو. هنُ مست مجذوب چيو ته الله سائين مونسان ڪاوڙيل آهي، پر توهان درياهه کي جتان بند ٻڌو آهي اتي مونکي وٺي هلو. هو ماڻهو اُن مجذوب کي انهيءَ بند تي وٺي اچن ٿا. ته هو اُن بند کي ڪوڏر سان ڏاهڻ ۾ ٿو لڳي وڃي، اُهي ماڻهو چون ٿا سائين اسان توهان وٽ آيا آهيون ته توهان دعا ڪريو درياهه تي بند قائم ٿئي ۽ توهان وري ڪوڏر سان بند پيا ڏاهيو. ان تي هن مجذوب چيو ته مونکي خبر آهي ته الله سائين مونسان ڪاوڙيل آهي، تنهن ڪري آئون ڪندس هڪڙي هو ڪندو ٻي، هُن وري بند ڏاهڻ شروع ڪيو ته درياهه پنهنجون پاسو مٽائڻ شروع ڪيو. هو وري به دانهن ڪري چوي ٿو ته. مون توهان کي چيو نه الله سائين مونسان ڪاوڙيل آهي، جنهن جي ڪري آئون ڪندس هڪڙي هو ڪندو ٻي، ماڻهن چيو سائين توهان جي ڳالهه ٿئي نه ٿئي پر اسان جون آباديون ته تباهه ٿيڻ کان بچيون.

دوستو! اهي فلسفا الله واري بزرگن جا اٿو. جيڪي تمام ناياب ۽ عظيم اٿو. هن جهان انهن کي ڪٺي انهيءَ قدر واري اکين سان نه به ڏٺو هجي پر اهي وڏا فلسفي جوان هئا. صديون انهن تي ناز ڪنديون. انهن جوانن مان هڪڙو جوان توهان جي پاڙي جو به هو. جنهن کي ٿورا سال ٿيا آهن ظاهري پردو مٽائيندي، هن گل محمد برفت ڳوٺ ۾ اُن جوان جو ٻج پوکيل اٿو. هنن آسن پاسن تي ان جوان جو ٻج پوکيل اٿو انهيءَ ٻج مان حاصلات ڪرڻ جي لاءِ ان هستيءَ پنهنجي زندگيءَ جا چاليهه کان پنجيتاليهه سال ڏنا، اُن هستيءَ جو نالو آهي سائين محمد علي بلوچ رح آهي. دوستو اُهي ماڻهو الله جا منتخب ٿيل اٿو الله سائين جنهن کي منتخب ٿو ڪري اُن تي ايڏيون وڏيون عنايتون ٿو ڪري، اُن تي جڏهن ايڏيون وڏيون عنايتون ٿين ٿيون ته ان مان حصو پتي توهان ۽ اسان جهڙن هزارن کي ٿو ملي. دوستو اهي تاريخي ماڻهو اٿو جن پنهنجي نفس سان ويڙهه ڪئي. جيڪو اندر ۾ جانور پيو پلجي انهيءَ سان هنن ويڙهه ڪئي، اُن سان هنن جنگ ڪئي، جيئن شاهه صاحب چيو آهي ته

"حيف تنين کي هوءِ، وطن جنين وساريو"

دوستو شعر جون معنائون توهان ڪئين ڪريو. پر اهو وطن اهو آهي جيڪو هميشه قائم رهي، اهو وطن ته پهرين توهان جو اندر آهي، اهو

وطن تہ توهان جي پهرين دل آهي، جيڪا آماجگاهہ آهي، جتي سڪون آهي، جتي بي چيني بہ آهي، جتان آرام ملي ٿو تہ اتان سور بہ ملن ٿا. انهن سورن جي ست اها دل ويچاري ڪون ٿي سهي سگهي، پر اها ئي دل جڏهن برداشت تي اچي ٿي تہ گهڻو ڪجهہ برداشت ٿي ڪري، انهن ڏکن سکن کي اها دل ئي ٿي سهي، غم، درد اهي هِن جهان جون لهواريون، اوڀاريون، سوڀاريون بہ ويچاري دل ٿي سهي، اها دل اٿو پنهنجو وطن، انهيءَ وطن کي آباد ڪندو، توهان کي خوف خداوندي ملندو، انهيءَ دل کي آباد ڪندو، توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ ملندو، انهن بزرگن انتهائي سادگي سان ماڻهن جي دلين ۾ اسم خدا وڌو، خوف خدا وڌو، هن جهان جي ماديت پرستيءَ جي واتن مان انهن ماڻهن کي ڇڪي ڪڍيو، جيئن شاه صاحب فرمايو آهي تہ.

"ماڻڪُ مِٺُ سَندومِ اُونداهيءَ ۾ سوجهرو"

هيءَ اونداهي جو جهان اٿو، هنن بلبن کي توهان جهان جو شعاع نہ سمجهو، هنن بلبن کي توهان روشني نہ سمجهو، هيءَ روشني ٿوري دير جي لاءِ اٿو، پر جيڪو اونداهي ۾ سوجهرو ڪيو، اهو سوجهرو توهان جي لاءِ ڪنهن ڪيو؟ اهو سوجهرو توهان جي لاءِ رحمت العالمين ڪيو، جنهن سڀئي وڏايون ۽ ننڍايون ختم ڪيون، جنهن ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي ڪا بہ فوقيت نہ ڏني، جنهن ننڍن ۽ وڏن کي پنهنجو سمجهيو، ٻارن کي پيار ڀرئي انداز سان ڏٺو ۽ وڏن کي عزتون ڏنيون، ڀلي ڪٽي اهي غير مسلم هئا، پر جيڪڏهن قومن جا سردار هئا تہ محبوب ڪريم ﷺ پنهنجيون چادرون انهن کي وڇائي ڏنيون، توهان کي نبي ڪريم ﷺ سيکاريو تہ پنهنجي دشمنن سان ڪيئن هلبو آهي، جيڪي توهان سان حسد ڪن انهن سان توهان کي ڪيئن پيش اچڻو آهي، توهان کي هِن جهان جي جوڙجڪ ۾ ڪيئن هلڻو آهي، توهان کي ماپ طور ڪيئن ڪرڻي آهي، اڄڪلهہ توهان ڏسو توهان جي ڪاڏي واري شيءِ کان وٺي توهان جي زندگيءَ ۾ ڪتب اچڻ واري شيءِ کي توهان اڳيان پويان ڏسو ڪا شيءِ توهان کي بغير ملاوت جي شايد ملي سگهي، توهان پنهنجي شين ۾ پاڻ ملاوت ڪري بازارن ۾ ٿا موڪليو ۽ وري پنهنجي پيسن سان



توهان اهي پاڻ ٿا وٺو پنهنجي اولاد کي بہ کارايو ٿا ۽ پاڻ بہ کائو ٿا، اهو ڇا آهي؟ اهي معاشري جا پاڻ تي احسان آهن، اهي هِن معاشري جا پاڻ تي ٿورا آهن، هن معاشري جيڪا پاڻ کي ٻاهرين چمڪ ڌمڪ ڏيکاري آهي اها چمڪ ڌمڪ جنهن ۾ پاڻ حيران ٿي ويا آهيون تہ سڀ ڪجهہ تہ اهوئي جهان آهي، پوءِ پاڻ ڇا ٿا ڪريون؟ پاڻ ملاوتون ڪريون ٿا، پاڻ ڪوڙ ڳالهايون ٿا، پاڻ پنهنجن کي پٽي ۽ پيٽ ۾ ڇرا هڻي رات جي پيٽ ۾ ڇا پر ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ڪاهي ٿا پئو، جيڪا هينئر پيچ ٻڪ لڳي پئي آهي، هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ آهي، هو چاهي ٿو آئون هن کان اڳتي وڌان، هو چاهي ٿو آئون هن کان اڳتي وڌان، ڀاءُ ڀاءُ کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ ۾ آهي، پُٽ پيءُ کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ ۾ آهي، پيءُ پُٽ کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ ۾ آهي، اها ماديت پرستي جي جوڙ آهي جنهن اسان کي قابو رکيو آهي، اسان کي ان اهڙو تہ پنهنجي ڀاڪر ۾ وڌو آهي جو اسان مان سهپ وئي، اسان مان برداشت وئي، اسان جي اوطاقن تي اهي ڪچهريون، اسان جي ڇهرن تي اهي مرڪون بہ هن معاشري اسان کان ڇڪي ڀري پڄائي ڇڏيون، اسان کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي، اسان ۾ رڳو ظاهريت پرستي رهي آهي، اسان اندروني سڪون کان تہ ڀري ٿا ڀڄون، اسان جا قلم بہ معاشري جي تابع ٿي ويا آهن، اسان جون سوچون بہ معاشري جي تابع ٿي ويو آهن، اسان جو علم، دين، مذهب بہ هڪڙي سوچ ماديت پرستيءَ جي تابع ٿي ويو آهي، جنهن جا مثال توهان کي هِن معاشري ۾ ڪوڙ سارا ملندا، آئون ايترو ان کي بيان ڪون ٿو ڪريان، پر توهان سڀ ڏاها آهيو، سمجهون آهيو، توهان ۾ ڪي پڙهيل بہ هوندا، ڪي آفيسر هوندا، ڪي اسان جا نوجوان انهيءَ پيچ ٻڪ ۾ هوندا ۽ اهي انهن منزلن جي پٺيان هوندا.

دوستو! ماءُ جي پيٽ کان وٺي موت جي آخري ٽائيم تائين هڪڙو سفر اٿو، جنهن جي لاءِ منهنجو آقا ﷺ فرمائي ٿو، هيءَ جهان ائين آهي جيئن وڻ جي هيٺان ويهي ساهي پٽجي، حضور ڪريم ﷺ پڇيو تہ هن جهان ۾ ماڻهوءَ کي زندگي لاءِ ڪيترو ٽائيم مليل آهي، هڪڙي ڇيو تہ فجر کان وٺي عشاء تائين، پاڻ فرمايائون نہ. ڪنهن ڪهڙا ٽائيم ڏنا، ڪنهن

کھڙا ڏنا. هڪڙي تہ اهو بہ چيو تہ سائين پاڻ نماز ۾ هڪڙي پاسي سلام ورائي وري ٻئي پاسي سلام ورايو ايترو ٽائيم. پاڻ فرمايائون نہ. اها بہ جهان ۾ مهلت ڪونهي، سيڪنڊن جي بہ مهلت ڪونهي. انهيءَ جهان جي لاءِ اسان پنهنجيون سڄيون خوشيون سڀ ڳالهيون انهيءَماديت پرستيءَ تي فدا ڪري ڇڏيون.

دوستو سڀ شيون جائز آهن، سڀ شين جي لاءِ منع ڪونهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات ۾ ڪنهن شيءِ جي منع ڪونهي، پاڻ حضور ڪريم ﷺ جن شاديون ڪيون آهن، ٻار ٻچا بہ آهن، پاڻ ملڪ جي حاڪميت بہ ڪئي آهي، ويڙهون بہ ڪيون آهن، قاضي بہ ٿيا آهن، عدالت بہ هلائي آهي، پر هڪڙو فلسفو آهي هڪڙي انهيءَ پنهنجي حد ۾ آهي، اڄ اسان اهي حدون پار ڪري ويا آهيون.

دوستو! انجمن غلامان قلندر رڳو ميلاد مصطفيٰ ﷺ ملهائڻ جي لاءِ نہ آهي، اهي تہ اسان جا ياڳ آهن پر انهن سيني جي پٺيان اهو فلسفو اٿو تہ اسان کي اها اصلاح ڪرڻي آهي، جيڪا اصلاح اسان جي آقا ﷺ اسان کي چئي آهي، دوستو اها اصلاح آهي ”مصلي امت محمد“. اها جيڪا الله سائين کان پاڻ دعا پيا گهرون، الله سائين منهنجي محمد ﷺ جي امت کي انهيءَ آزمائش مان ڪڍ ۽ اُن کي سڌي راه تي هلائي، سڌي راه اها نہ آهي، توهان پلي حج ڪريو، توهان فرضن تي فرض ادا ڪريو ۽ پنهنجي پاڙي وارن جا حق ماريو، پنهنجي اولاد جا حق ماريو يا پنهنجي اولاد کي وڏيڪ معتبر ڪرڻ لاءِ ڀين جا حق ماري انهن لاءِ محل ۽ بنگلا ٺاهيو. يا توهان پنهنجي آفيس ۾ پنهنجي سيٽ پڪي ڪرڻ لاءِ توهان ڀين جون سيٽون انهن کان پري ڪريو. ايئن نہ آهي، حقوق الله سان گڏ حقوق العباد بہ آهي، انهيءَ تي اسان غور فڪر ڪون ٿا ڪريون، اسان تہ پنهنجي قيمت ٿا وڃون، اسان پنهنجي فيصلن جون بہ قيمتون ٿا وٺون، اسان ميل ملاقات جون قيمتون ٿا وٺون، اسان جيڪڏهن ڪنهن وٽ وڃون ٿا تہ ان جي بہ قيمت ٿا وٺون، اسان انهيءَ عشقِ مصطفي ﷺ جي ميلاد جي بہ قيمت ٿا وٺون، اسان پنهنجي واعظ جي بہ قيمت ٿا وٺون، هر طرح اسان پنهنجي قيمت ٿا وٺون، پر



آقا ﷺ تہ توهان کان ڪا بہ قيمت ڪونهي ورتي، هاڻي اهو ٽائيم اٿو آقا ﷺ جي اها قيمت تہ اسان ۾ ادا ڪرڻ ڪونهي پر اسان اها شيءِ تہ اٽي ٿا سگهون.

دوستو! هيءَ آخري دور اٿو. هيءُ اهو دور اٿو هڪڙا تہ انهي وقت حضور اڪرم ﷺ جا اصحاب ٿيا، پنهنجي اصحابن کي پاڻ چيائون، توهان اصحاب آهيون، توهان کان پيا هوندا اخوان، جيڪي مونکان پوءِ ايندا، اهي مون سان ايڏي تہ محبت ڪندا، ايڏي تہ محبت ڪندا جنهن جو توهان کي اندازو ڪونهي، اهي منهنجي انهيءَ سوانحيات تي بہ هلندا، مون سان محبت بہ ڪندا، هو مون سان پيار بہ ڪندا، جن مون کي ڏٺو بہ ڪونهي پر پرپٺ پيار ڪندا. دوستو اڄ اسان جيڪڏهن انهي رستي تي هلون ٿا، محبوب ڪريم ﷺ جي حڪم کي بجا آڻيون ٿا، محبوب ﷺ جو جيڪڏهن اسين حڪم مڃون ٿا تہ، محبوب ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ، آئون تہ رحمت العالمين آهيان، مون کي الله سائين رحمت ٺاهيو آهي، اي منهنجا امتي توهان جيڪڏهن گنهگار بہ آهيو، هن معاشري ۾ رهي جيڪڏهن توهان ۾ برايون بہ اچي ويون آهن، توهان پٺڪي بہ ويا آهيو، توهان کان فرائض جي ادائگي بہ ڪون ٿي ٿئي، پر توهان هڪڙو تہ ڪم ڪري ٿا سگهو، جيڪڏهن توهان مون محمد مصطفيٰ ڪريم ﷺ تي هڪ مرتبا بہ جيڪڏهن درود پاڪ پڙهيو، تہ توهان جا ڏهہ گناه معاف ٿيندا، ڏهہ توهان کي نيڪيون ملنديون، ڏهہ توهان جا درجات بلند ٿيندا. دوستو ايڏو عظيم ڪم، ايڏي عظيم شيءِ، جيڪا توهان کي اسان کي ملي پئي ۽ اسان کي ائين بہ ڪو نہ ٿا چون تہ توهان ڪير آهيو، توهان عابد آهيو، توهان زاهد آهيو، توهان کهڙا بہ آهيو، پلي ڪٽي گنهگار بہ هجو، پر آئون تہ رحمت العالمين آهيان، پر حيف تہ اسان تي آهي، جو اسان انهيءَ رحمت مان حصو پتي چو ڪون ٿا وٺون؟ اسان پنهنجي آفيسن ۾ وڃون، پنهنجي ڪم ڪارن تي وڃون، ڀنين ٻارن تي وڃون، شادين برادرين ۾ وڃون، پر اسان ٿورو تہ وقت ڪڍون.

”عن أنس بن مالك رضه قال قال رسول من صلى عَلَيَّ مائة كتب الله بين عينيه براءة من النفاق وبراءة من النار وأسكنه الله يوم القيامة مع الشهداء“

(طبراني، المعجم الاوسط، 7 : 188، رقم : 7235)

جيڪڏهن توهان هڪ سئو دفعا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود شريف پڙهندو تہ توهان جو پڇاڻو انهن ماڻهن سان ٿيندو جيڪي الله جي راهہ ۾ ماريا ويا. ڪيڏو وڏو عظيم تحفو توهان کي ملي پيو. جيڪڏهن توهان جو انگ اجان بہ جي وڌندو وڃي، جي پنج سئو تي وڃي پهچي تہ محبوب ڪريم ﷺ توهان کي سرٽيفڪيٽ ٿو ڏئي،

**”جيڪو ماڻهو روزاني پنج سئو دفعہ مون تي درود پڙهي ٿو اهو ڪڏهن بہ جهان ۾ ڪنهن جو محتاج ڪو نہ ٿيندو“. (حوالو: جذب القلوب).**

اهو مڃي ماني لاءِ ڪڏهن پريشان نہ ٿيندو، ائين نہ توهان جون خواهشون وڏيڪ هجن، اسان کي حاڪميت کپي، اسان کي بادشاهي کپي، انهن جو بہ پنڌ پري ناهي، الله سائين ڏيڻ وارو آهي، سڀ ڪجهہ ڏي ٿو بادشاهہ پر اسان کي کهڙا پيا تحفا ملن هن ٿوري محنت لاءِ.

منهنجا دوستو! توهان کي اسان جي هنن دوستن جيڪڏهن هن محفل ۾ سڏيو آهي، محبت ۽ عشق سان تہ دوستو هن فلسفي لاءِ سڏيو آهي، اسان ڪو هتي هار پائڻ، پٽڪن پائڻ لاءِ ڪون آيا آهيون. اسان توهان کي آسان فلسفو ڏيڻ آيا آهيون. اسان توهان کي توهان جا غم سور محبوب ﷺ ۾ لڪائي توهان کي اهو رستو ڏيڻ آيا آهيون جيڪو اسان بہ اپنايو، اسان جي وڏن بہ اپنايو. جيڪا ڏاڏي آدم عليہ السلام کان وٺي آخر تائين اهو آزمايل اٿو اهو پيغام کڻي آيا آهيون. هيءَ دوستن جا تحفا، هيءَ دوستن جا پيار هيءَ انهن جا احسان آهن. انهن کي اسان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي، هنن جيڪڏهن توهان اسان جي پنيان محبوبن جي مرحبا ڪئي آهي تہ منهنجي محبوب ﷺ کان انهن کي تحفا ملندا، منهنجي محبوب ﷺ جي بارگاهہ ۾ ڪا بہ کوٽ ڪونهي. پر دوستو اسان اڄ توهان جي سامهون آيا آهيون صرف توهان کي اهو فلسفو ڏيڻ، دوستو هي آخري دور اٿو سنواريو پنهنجي اندر کي، جيترو پنهنجي ظاهر کي ٿا سنواريو اوترو پنهنجي باطن کي بہ سنواريو. جيڪڏهن باطن توهان جو سنوارجي ويو تہ هي معاشرو سنوارجي ويندو. هن معاشري مان اڻ برابريون ختم ٿي وينديون. جڏهن



توهان ئي ڪنهن سان اڻ برابري نہ ڪئي تہ ڪنهن کي طاقت ئي ڪونهي ڪير توهان سان اڻ برابري ڪري.

هڪڙو پاڪستان جو معتبر جج صاحب. آئون ان جو نالو ڪون ٿو ڪڻان، انهيءَ چيو جڏهن آئون عدالت ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهان تہ منهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کي طاقت ڪونهي تہ مونکي ڪو فون يا پيغام ڏئي، پر هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو ان کي فون اچڻ لڳا سائين توهان جي گهر مان باهہ جا شعلا اٿيا آهن. توهان جي سڄي سامان کي خطرو آهي، توهان کي پنهنجي خاندان وارا فون پيا ڪن. اُن ماڻهوءَ خوفزده ٿي هن جج صاحب کي اهو پيغام ڏنو پر جج صاحب ان مسئلي ڏي ڪا بہ توجہ نہ ڏني. پنهنجي عدالت جو ٽائيم پورو ڪري پوءِ ان مسئلي ڏانهن ڌيان ڏنو ان همراهہ پڇيو سائين توهان کي آخر انهيءَ ڳالهہ جي پريشاني ڇو ڪون ٿي؟ جج صاحب چيو آئون جنهن منصب تي ويٺو آهيان. آئون الله سائين کي حاضر ناضر ڪري، الله جي مخلوق جي خير خواهي لاءِ انهيءَ منصب تي ويٺو آهيان. الله سائين جي مخلوق سان انصاف ڪرڻ لاءِ ويٺو آهيان. تہ الله سائين منهنجي ٻچن ٻارن سان بہ انصاف ڪندو. جيڪڏهن آئون هتي الله سائين جي ٻندن سان ناانصافي ڪندس. تہ انهيءَ باهہ کي پورو حق آهي پويان منهنجي ٻچن ٻارن سان جيڪو دل چاهي سو ڪري، پر اهو تاريخ ڏنو هوندو انهن کي ڪجهہ ڪون ٿيو هوندو. اهڙن عظيم، انيڪ مثالن سان هي پوري تاريخ پري پئي آهي، جيڪڏهن توهان ۽ اسان اڄ پنهنجي ڪاڏي پيتي ۾، پنهنجي ڪاروبار ۾، پنهنجي ماپ طور ۾، ڪنهن سان بي واجبي ڪون ٿا ڪريون، تہ هن جهان کي ڪا طاقت ئي ڪونهي جو پاڻ سان بي واجبي ڪري، ڇو تہ منهنجي آقا ﷺ فرمايو آهي تہ،

بِرُّوا آبَاءَ كُمْ يَبِرُّكُمْ أَبْنَاؤُكُمْ وَعِفُّوا تَعِفُّ نِسَاؤُكُمْ. (رواه الطبراني في الاوسط)

تو جيڪڏهن پنهنجيون اکيون ڪنهن نياڻي ڏانهن ڪنيون تہ تنهنجي بہ گهر ڏي اکيون کڃنديون. توهان اندازو ڪريو جيڪڏهن اسان جي معاشري کان، اسان جي اکين کان، هن جهان جون نياڻيون محفوظ آهن. تہ يقينن اسان جو خاندان بہ انهن شيطانن کان محفوظ هوندو. ائين اسان جا

ڪاروبار، اسان جو سرحدون، اسان جون سڀ شيون محفوظ هونديون، جيڪڏهن اسان کان الله سائين جا بندا محفوظ هوندا، اهي مسلمان هجن يا ڪٽي غير مسلم هجن، آهن تہ منهنجي الله سائين جا بندا، الله سائين خالق جيڪا شيءِ ناهي ٺو اها ان کي ڏاڍي پياري آهي، جيڪڏهن هنن ڪلمو نہ پڙهيو تہ ڏوهہ الله جو ڪيو آهي، توهان جو اسان جو ڪونهي ڪيو جو توهان اسان ماڻهن جا فيصلا ڪريون، توهان اسان ماڻهن کي سزائون ڏيون، اسان کي حق آهي تہ اسان پنهنجو پيغام پهچايون، اسان پنهنجي پيار ۽ محبت جو پيغام پهچايون، پر اسان کي ڪو حق ناهي تہ اسان ڪنهن کي ڪافر قرار ڏيون، اسان کي حق ناهي اسان ڪنهن جي فرقي ۾ اندر وڃي ان مان اسان ڪي عيب ڪڍون، جيڪڏهن انهن کان پڇاڻو ڪندو تہ الله سائين ڪندو، اسان مثبت طريقي سان پنهنجا پنهنجا پيغام پهچايون، اسان ڪنهن جي حدن جي ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪريون، اسين نہ ڪنهن جي فرقي جي ڇيڙ ڇاڙ ڪريون، نہ ڪنهن جي مذهب جي ڇيڙ ڇاڙ ڪريون، اهو پنهنجي انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ جو نقطو اٿو اسان جو هڪڙو وڏو فلسفو اٿو هيءَ فلسفو الله جي ڪامل هستين جو اٿو. دوستو اهو فلسفو ٻڌائڻ جي لاءِ اڄ اسان توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون، انهيءَ فلسفي کي توهان سانڍيو انهيءَ کي توهان اپنايو هن کي توهان پاڻ ۾ گم ڪريو ۽ توهان جي اها ڊيوٽي آهي، جيڪي اسان جا دوست جيڪي پنهنجن يونٽن ۽ پنهنجي حدن جا انچارج آهن انهن کي اهي منصب مون نہ ڏنا آهن پر مالڪن ڏنا آهن، انهن کي اهي سونپيا ويا آهن، اهي انهن منصبن سان ايمانداري سان ڪم ڪن، الله سائين بہ پڇندو پر الله سائين جي پيارن کي بہ حق آهي تہ اهي انهن کان پڇندا، دوستو اسان کي پنهنجي انهن منصبن جي پوئيواري ڪرڻي آهي، اسان کي انهي معاشري جي چوڪيداري ڪرڻي آهي، جيڪي هِن معاشري ۾ عيب، ڪوتاهيون، جيڪي اسان جي هنن ڪمن جي ڪري ٿيون آهن، اسان هِن فلسفي جي ذريعي هن جي پاسداري ڪنداسون، پوئيواري ڪنداسون.



دوستو! آئون توهان جو ايترو ٽائيم ڪون ٿو وٺان، ڇو تہ مونکي روزاني گهر پڄندي هڪ بہ ٿيو وڃن ٿا، ڇو تہ روزاني هيڏيون محفلون آهن، اهي منهنجي محبوبﷺ جون مهربانيون، منهنجي محبوبﷺ جي توجہ، منهنجي محبوبﷺ جي ڇپر ڇانوَ مون مسڪين تي، منهنجي دوستن تي ان جو هٿ، اسان اڳ ۾ بهاول زئونر ۾ بہ چيو هو اسان کي ڪنهن بہ شهنشاهہ جي مدد جي ضرورت ڪونهي، اسان کي ڪنهن جي بہ تحفي جي ضرورت ڪونهي، اسان کي ڪنهن جي بہ چاپلوسي جي ضرورت ڪونهي، ڪنهن جي واڪاڻ جي اسان کي ضرورت ڪونهي، اسان کي ڪنهن کان ڪجهہ ملڻوئي ناهي، نہ اسان جي توقع آهي تہ اسان کي ڪنهن کان ڪجهہ ملندو ها اسان کي سڀ ڪجهہ محبوبﷺ کان مليو آهي ۽ ملندو رهندو، اسان تي ۽ اسان جي دوستن تي محبوب ڪريمﷺ ڇپر ڇانو آهي، انهيءَ رحمت جي دامن ۾ جتي سڄو جهان لڪيو پيو آهي اتي اسان بہ پنهنجي عيبن سان انهيءَ دامن ۾ ڇپيا آهيون، آهيون تہ وڏا گنهگار، آهيون تہ وڏا عيبدار ۽ سونهون ڪون ٿا ۽ اسان جي حيثيت ڪونهي جو توهان هيٺ ويهو اسين مٿي ويهون، توهان ڏاڍا معتبر آهيو خاص ڪري منهنجا اهي دوست جيڪي ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙا آهن، جيڪي رات ڏينهن هزارن جي تعداد ۾ منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود پڙهن ۽ پڙهائين ٿا، پلي ڪٽي هينئر منهنجي ظاهري اکين کان اوجهل هجن، منهنجيون اکيون انهن تائين نہ پهچن پر منهنجي روح جون اکيون انهن تائين پهچن ٿيون، منهنجي محبوبﷺ جي توجہ جي ڪري منهنجي روح جون اکيون توهان تائين پهچن ٿيون، توهان اسان کان پري نہ آهيو توهان جي اندر جا خيالات، توهان جون حسرتون، خواهشون، تمنائون، توهان جا درد سور منهنجي ڄاڻ ۾ آهن، آهي تہ منهنجي الله جي ذات حاضر و ناظر پر پنهنجي محبوبﷺ کي اها طاقت عطا ڪئي آهي، انهيءَ محبوبﷺ بہ پنهنجي مسڪين غلامن کي بہ اها طاقت عطا ڪئي آهي، جتي جهان واريون ڪيمرائون ڪم ڪرڻ بند ڪريو ڇڏين، اتي الله وارن کي الله سائين اها طاقت عطا ڪئي آهي، جتي هن جهان جو عقل، علم ختم ٿو ٿئي اتان عشق وارن جو الف انب ٿو شروع ٿئي

دوستو! اوهان کي مبارڪون، اوهان کي واڌايون، اوهان جي ڀاڳن ۾ نصيبن تي اسان کي ناز آهي ۾ اوهان کي به ناز هئڻ گهرجي ڇو ته الله سائين توهان کي اهڙي عظيم فلسفي سان گڏ رکيو آهي، دوستو انهي فلسفي جو مان رکو تائيم تمام ٿورڙو آهي ڪئين ايندا، ڪئين ويندا پر انهيءَ فلسفي جي توهان کي پوئيواري ڪرڻي آهي، اهو فلسفو عظيم اٿو. دوستو هيءَ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي آذان اٿو هيءَ هوڪو اٿو هيءَ سانديو اهيو ٻين تائين پهچايو هن کي پاڻ ڪري پاڻ وٽ نه رکو انهن کي ٻين تائين پهچايو، ماڻهن کي سڪون ۾ آرام ڏيو.

منهنجي دوستن جا ٿورا، احسان جن ايڏي پيار ۾ محبت سان ايڏيون آجيائون، ايڏيون محفلون ڪيون، مونکي منهنجي محبوب ﷺ تي اعتبار آهي، الله سائين هنن کي وڌائيندو الله سائين هنن کي هِن جهان ۾ به وڌائيندو هو جهان ته هونئن ئي منهنجي محبوب ﷺ جي نعلين جي مهابي هنن کي ملندو، پر هِن جهان ۾ هنن جي ٻنين ٻارن ۾، ملازمتن ۾، هر طرح سان منهنجو الله سائين هنن کي مالا مال ڪندو، هيءَ جهان وارا هنن کي ڏسندا ۾ ڪي حسد ڪرڻ وارا حسد ڪندا، ڪي دوست سڄڻ هنن جي زندگين تي، هنن جي خوشين تي انهن کي ناز ٿيندو اهي خوش ٿيندا، اهي چوندا ڪاش الله سائين اهو موقعو اهو مال، اسان کي به عطا ڪري.

دوستو! توهان کي اسان کي الله سائينءَ اهو موقعو ۾ مال عطا ڪيو آهي جو اڄ توهان اسان محبوب ﷺ جي ڀاڪر ۾ پيا وڃون، اڄ اسان انهي محبوب ﷺ جي چائنٺ تي پيا وڃون، اڄ اسان ۾ توهان جيڪي هتي آهيون محبوب ﷺ جي نعلين جي هيٺ ٿا وڃون، جنهن جي نعلين جي طفيل هيءَ سڄو جهان قائم آهي، توهان کي مبارڪون، توهان کي واڌايون، توهان کي الله سائين خوش رکي، توهان کي الله سائين آباد رکي. عشقِ مصطفيٰ ﷺ زنده باد. عشقِ مصطفيٰ ﷺ زنده باد. عشقِ مصطفيٰ ﷺ زنده باد.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ**
**ٽنڊو جام (ڳوٺ گل محمد برفت).**
**تاريخ: 14-11-2018 بمطابق 5 ربيع الاول 1440 هجري، بروز اربع.**



# منافقن کان پاڻ بچايو

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو! هيءَ دور جيڪو انتهائي حد تائين پهچي ويو آهي جتي اصل ۾ نقل جي ڄاڻ سڃاڻ ئي ڪونهي، هر مارڪيٽ ۾ هر بازار ۾ ايترو ته واڌارو آيو آهي جو هر انهي اصليت تي نقلي شيون حاوي ٿينديون پيون وڃن. دوستو! هي اڄڪلهه نه، هي ڪائنات جي ازل کان ابد تائين اصل ۾ نقل جي، علم ۾ لاعلم جي ويڙهه هلي پئي ۾ هلندي رهندي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو دور، هن جي تاريخ جيڪا اسان کي حديثن ۾ تاريخ مان ملي ٿي ته، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جڏهن مسجد نبوي جو بنياد وڌو جيڪا مسجد الله کي پياري آهي، جنهن ۾ اسلام جو سڄو منشور پيو نهي، اسلام جي ٻين ملڪن ۾ تبليغ پئي وڃي، جيڪي وفد اتان مسجد نبوي مان تيار ٿي ٻين ملڪن ۾ پيا وڃن، پر ان وقت به هڪڙا اهڙا ماڻهو هئا جيڪي اسلام جو جبو پهري، اسلام جو ويس پهري اسلام جي روپ، شڪل شعبي ۾ هوندي هنن منافقن پنهنجي هڪ مسجد (مسجد ضرار) ٺاهي،

وَالَّذِينَ اتَّخَذُوا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَكُفْرًا وَتَفْرِيقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِينَ وَإِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ مِن قَبْلُ ۚ وَلَيَحْلِفُنَّ إِنْ أَرَدْنَا إِلَّا الْحُسْنَىٰ ۖ وَاللَّهُ يَشْهَدُ إِنَّهُمْ لَكَاذِبُونَ (سورت التوبه 107)

الله جي وحي اچڻ کانپوءِ حضور ڪريم ﷺ اصحابن اڪرامن کي حڪم ڏئی اها مسجد ڊهرائی ته اها فتنی جی جڙ اٿو. (تفسير درمنثور جلال الدين سيوطي)

دعه فإن له اصحابا يحقر احدكم صلاته مع صلاتهم وصيامه مع صيامهم يقرءون القرآن لا يجاوز تراقيهم يمرقون من الدين كما يمرق السهم من الرمية ينظر إلى نصله فلا يوجد فيه شيء، ثم ينظر إلى رصافه فما يوجد فيه شيء، ثم ينظر إلى نضيه وهو قدحه فلا يوجد فيه شيء، ثم ينظر إلى قذذه فلا يوجد فيه شيء قد سبق الفرث والدم آيتهم رجل اسود إحدى عضديه مثل ثدی المراة او

مثل البضعة تدردر ويخرجون على حين فرقة من الناس". قال ابو سعيد: فاشهد انی سمعت هذا الحديث من رسول الله صلى الله عليه وسلم واشهد ان علی بن ابی طالب قاتلهم وانا معه فامر بذلك الرجل فالتمس فاتی به حتی نظرت إليه على نعت النبی صلى الله عليه وسلم الذی نعته.(صحیح بخاری 3610)

ائين هڪڙو فتنو پاڻ ڪريمن ﷺ کانپوءِ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ خوارج جي روپ ۾ برپا ٿيو. جنهن جي لاءِ اسان جي آقا ﷺ محبوب ڪريم ﷺ جون حديث مبارڪ آهن ته، هڪڙو خوارج جو فتنو برپا ٿيندو انهن جو عبادتون، بندگيون، انهن جا ويس وڳا، انهن جا هُليا اهڙا هوندا جنهن جي اڳيان توهان به شرمسار پيا ٿيندا. هنن جو بندگيون اهڙيون هونديون جنهن کي ڏسي توهان کي پاڻ خيال پيو ايندو ته اهڙا نيڪ ماڻهو معصوم چهرا، اهڙا سجدا جن جي ڪري هنن جي پيشاني تي ٽڪا ٿي ويا هئا، اهڙيون انهن جون بندگيون هيون، پر حضرت علي ڪرم الله وجهہ انهن کي ڳالهين ۾ ڪوڙو ڪري انهن سان جنگ شروع ڪئي، جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهہ هنن تي فتحياب ٿيو ته اصحاب اڪرامن پڇيو سائين اسان جڏهن هنن کي پهرين ڏٺو ءِ پرکيو اهڙا معصوم چهرا، اهڙا الله جي بندگين وارا بزرگ، اسان جون پوريون بندگيون هنن جي اڳيان ناقص پيون ٿين، هو اهڙا نيڪ بزرگ، پر جڏهن هنن جي افعالن جي، هنن جي اندر ۾ لڪل شيطاني حربن جي جڏهن خبر پئي ته هنن سان جنگ ڪئي وئي، حضرت علي ڪرم الله وجه هنن تي قابض ٿيا.

دوستو! ائين فتنا، ائين شيطاني حربا توهان اسان سان به هلندا ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پنهنجي دوستن جي روپ ۾، پنهنجي پاڙي جي روپ ۾، ائين معاشري ۾ توهان اسان ڀڏندا پيا اچون، تقريبن ساڍا تيرهن سئو سال کان هڪڙو يزيد جو ڪردار آهي، هڪڙو امام حسين عليہ اسلام جو ڪردار آهي، امام حسين عليہ اسلام جو ڪردار ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ موجود آهي، جيڪو حق آهي اهو امام حسين عليہ اسلام جو آواز آهي، جيڪو ناحق، ظالم، فحاش، شرابي، ڪوڙو، زاني آهي اهو آهي يزيد جو ڪردار، اُهي ڪردار توهان کي معاشري منجهہ به ملندا، اُهي ڪردار توهان کي ماحول ۾ به ملندا. پر دوستو! مونکي ڪنهن اولياء الله چيو ته اُهي ڪردار



توهان کي پنهنجي بدن منجهہ به ملندا، توهان کي پنهنجي نفس جي صورت ۾ يزيد جو ڪردار ملندو، توهان کي پاڪيزا روح جي صورت ۾ حسينيت جو ڪردار ملندو. دوست انهن ڪردارن سان گڏجي هلبو. حسيني ڪردار سان پاڻ کي يزيدي ڪردار سان مقابلو ڪرڻو آهي، پوءِ اهو يزيد پنهنجي حوس هجي، اهو يزيد پنهنجو حرص هجي، اهو يزيد پنهنجو پٽڪيل ڪو دوست هجي، اهو يزيد هن معاشري جو اهو ڪو فرد هجي جنهن کي شيطان شيطان گيري جي ڪري هن کي حوس ۽ حرص جي چڪر ۾ هن کي ڏاڍو هجي ۽ ان جي مدد سان ڪجهہ ٻين کي ڏاهيندو هلي، اُهو شيطان جو ڪم آهي، اُهو يزيد جو ڪم آهي. حسينيت جو ڪم ڇا آهي؟ حسينيت جو ڪم آهي اُن سان مهاڏو اٽڪائڻ، اُن سان ويڙهہ ڪرڻ، هٿيارن واري ويڙهہ نہ. پر هن سان ازلي ۽ ابدي ويڙهہ ڪرڻ، ان سان استقامت، صبر، بردباري واري ويڙهہ ڪرڻ، هُن سان جدوجهد واري ويڙهہ ڪرڻ، هُن سان محنت واري ويڙهہ ڪرڻ، ڇو ته يزيدي ڪردار ۾ محنت ڪون هوندي، يزيدي ڪردار ۾ وهم پرستي، خيال پرستي، حرام پرستي هوندي، پر حسينيت ۾ اٽڪل نہ هوندي، حسينيت ۾ وهم پرستي نہ هوندي، حسينيت ۾ جدوجهد هوندي، حسينيت ۾ پنهنجو پاڻ کي پچائڻ واري هوندي، حسينيت ۾ پنهنجو پاڻ کي قربان ڪرڻ واري هوندي، حسينيت ۾ پنهنجي اندر ۾ ان ظالم نفس سان ويڙهہ ڪرڻ واري هوندي، حسينيت اهو ڪردار آهي جنهن پنهنجا ٻچا ٻار کهايا، پر پنهنجي زبان سان اهو حرف نہ چيائون تہ، هيءُ مون سان ڇو ٿيو، مون هيڏي بندگي ڪئي، مون تيرهن سال پندرهن سال عبادت ڪئي، مون ويهہ سال بندگي ڪئي، آئون نبي ڪريم ﷺ جو اولاد هئس، پر چيائين، اي منهنجا مالڪ، اي منهنجا خالق، اي هن ڪائنات جا خالق، مون تنهنجي دين جي خاطر، منهنجي پنهنجي ناني جي دين جي خاطر، مون پنهنجا ٻچڙا کهايا، مون پنهنجون پاڻ کي فنا ڪيو. آئون اڄ بہ خوش آهيان، آئون اڄ بہ انهيءَ آزمائش تي خوش آهيان تہ، منهنجا مالڪ اڄ هن ڪربلا جي ميدان ۾، اڄ هن تيرن جي برسات ۾، اڄ هن دشمنن جي برسات ۾، اهي دشمن مسلمان هئا، اهي دشمن ڪافر ڪون هئا، اهي دشمن منهنجي ناني تي ڪلمو پڙهڻ وارا هئا، اهي دشمن ڪي ٻاهران ڪون آيا، اهي دشمن بہ اسان

جي صفن ۾ لڪل هئا، انهن دشمن جي صورت ۾ اي منهنجا خالق، اڄ توکي منهنجي ناني جي دين مطابق امام حسين عليہ السلام الله تعاليٰ اڄ توکي سجدو ڪري اها گواهي ٿو ڏئي تہ منهنجا رب تون ربي اعليٰ آهين، تون ربي العظيم آهين، توڪان وڏو ڪو ڪونهي. آئون تنهنجي انهيءَ عمل کي بہ برداشت ڪريان ٿو تنهنجي انهي حڪم تي بہ آئون صبر ٿو ڪريان، پر منهنجا مالڪ تون شل مونکان خوش هجين، تون جيڪڏهن مونکان خوش آهين تہ منهنجو محبوب منهنجو آقاﷺ بہ مون ۾ خوش ٿيندو، هنن پنهنجي ناني جي انهي مذهب جي پاسداري ڪئي.

دوستو! اُهو هو هڪڙو حسينيت جو ڪردار، اُهو اسان جي لاءِ سبق آهي، اسان جي لاءِ اصول آهي، اسان جي لاءِ منشور آهي، اسان جي زندگيءَ ۾ جدوجهد ڪرڻ، اُهو اسان جي معاشري ۾ اسان جو پنهنجو پاڻ سان، پنهنجي خاندان ۾، پنهنجي دوستن ۾، پنهنجي آڙي پاڙي ۾ اسان جي همت افزائي ٿو ڪري، تہ انهي منشور تان توهان کي هٽڻو ڪونهي، توهان کي لوڀ لالچ، توهان کي حوس، توهان کي خوبصورتي، توهان کي ماديت پرستيءَ جون ڪئي آفرون ٿينديون، پر توهان کي حسيني ڪردار ڇڏڻو ڪونهي، ڀلي توهان ڪٽي ٻاهتر ڇڻا هجو پر توهان ٻاهتر ڇڻا تاقيامت قائم هوندا، قيامت کانپوءِ توهان محشر ۾ بہ توهان جي حاڪميت هوندي، جي ائين نہ هجي ها تہ محبوب ڪريمﷺ ڪون چوي ها.

الحسن والحسین سیدا شباب اهل الجنة (سنن ابن ماجه 118)

منهنجا حسن ۽ حسين عليہ السلام جنت جي نوجوانن جا سردار آهن.
دوستو! منهنجو چوڻ جو مقصد اُهو اصول آهي، انهي اصول کان نہ هٽبو اُهو اصول آهي جدوجهد جو اصول، اُهو اصول آهي پاڪ دامني جو اصول، اُهو اصول آهي پرهيزگاري جو اصول، اُهو اصول اسان جي قلندري سلسلي جو اٿو. هي قلندري سلسلو ڪنهن جي جاگير نہ آهي، هي قلندري سلسلو هي محنت ڪنهن خاندان جي محنت نہ آهي، ڪنهن هڪڙي فرد جي محنت نہ آهي، هي محنت ازل کان ابد تائين جاري رهندي. دوستو! هي محنت منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي نظر توجہ سان آهي، هي اولياءالله جي صحبت سان آهي.



ڪنهن الله واري کان حاجي امداد مڪي رح پڇيو جنهن کي ديوبندي پنهنجي مسلڪ جو مرشد ڪري مڃين ٿا، اهو حاجي امداد مڪي رح جنهن جي ملفوظات آهي، "مشتاق امدادي"، انهي ملفوظات ۾ آهي تہ مون پاڻ هڪڙي الله جي اولياء کي پنهنجي اکين سان ڏٺو پڏو نہ پر ڏٺو اهو اولياء الله پنهنجي مستي ۾ اچي ويو هن جي سامهون هڪڙو ڪتو بہ اچي وينو هن اولياء الله جڏهن ڪتي سان پيار ڪندي، جڏهن پنهنجي روحاني توجہ هُن ڪتي تي وڌي تہ اهو ڪتو ڪڏهن بيهوش پيو ٿئي، ڪڏهن هوش ۾ پيو اچي، ڪڏهن ڪيئن پيو اچي، پر هو امداد الله رح چئي ٿو تہ مون جڏهن اهو ڪتو ڏٺو تہ انهي ڪتي جي پنيان بہ چاليهہ چاليهہ، پنجاهہ پنجاهہ ڪتا هوندا هئا، هو ويهندو هو تہ ڪتا ويهي رهندا هئا، هو جيڏاهن بہ ويندو هو تہ هن جي پنيان ڪتا هوندا هئا، اهو ڇا هو؟ اهو صحبت اوليا آهي. اولياء ڪرام هڪڙي ڪُتي تي پنهنجي توجہ وڌي انهي ڪتي سان بہ ٻين ڪُتن جي محبت ٿي وئي.

دوستو اسان قلندري جڏهن ڪثرت درود پاڪ ٿا ڪيون، پنهنجي محبوبﷺ جو شان ٿا ڳايون، پنهنجي محبوبﷺ تي ڪثرت سان درود پڙهون ۽ پڙهائيون تہ مالڪ جي جيڪڏهن اسان تي توجہ ٿئي تہ هزارين ماڻهو بہ اسان ڏانهن اچن ٿا، اسان سان پيار بہ ڪن ٿا، اسان سان محبت بہ ڪن ٿا، اسان سان پاڪر بہ پائن ٿا، پر انهيءَ ۾ ساڙولا پنهنجي ساڙ ۾ سڙن بہ ٿا، اهو سڙڻ اهو شيطان آهي، ڇو جو شيطان بہ چيو اي الله مون توکي ئي خالق مڃيو آهي، توکي تہ آئون سجدو ڪريان پر هي آدم جنهن کي تو ٺاهيو آهي، انهي آدم کي آئون ڪيئن سجدو ڪريان، الله سائين فرمايو منهنجو حڪم آهي منهنجي حڪم کي تون فالو ڪر، تہ هن نہ ڪيو هو اڄ ڏينهن تائين شيطان آهي، ائين شيطاني ٽولا بہ اسان جي معاشري ۾، اسان جي فيلڊ ۾ هلندا ئي رهندا، شيطان سان اسان جي ازل کان ابد تائين جنگ آهي ۽ هلندي رهندي، پر دوستو اسان کي مايوس ناهي ٿيڻو ڇو تہ اسان قلندري آهيون، قلندر معنيٰ بي پرواهہ، قلندر جي ڪنهن تي بہ نگاهہ ئي نہ ويندي، ڪير ڇا پيو چوي؟ ڪير ڪيئن پيو چئي؟ اسان جو هن سان ڪو بہ واسطو

ڪونهي، اسان جو واسطو پنهنجي مقصد ۾ منشور سان آهي، اهو منشور آهي اسان جو عشقِ مصطفيٰﷺ آهي، عشقِ مصطفيٰﷺ کي اجاڳر ڪرڻ لاءِ، عشقِ مصطفيٰﷺ کي ماڻهن جي سيني ۾ آڻڻ جي لاءِ اسان کي طعنا به سهڻا پوندا، اسان کي جهان جون سڀ آزار جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان آهن، اهي اسان کي برداشت ڪرڻا پوندا.

دوستو! توهان ته نوجوان آهيو توهان ته عاشقِ مصطفيٰﷺ آهيو، توهان اُهي ماڻهو آهيو جيڪي توهان ڪثرتِ درود پاڪ سان واڳيل آهيو. هڪڙي عورت جو عاشق مجنو ڏاڍو خوبصورت هو، ڏاڍو حسين هو، هن کان ڪنهن پڇيو اي مجنا، تو ايڏو حسين آهين، تو ايڏو خوبصورت آهين، تون جنهن سان پيار ڪرين ٿو اها بدشڪل آهي، اها بدصورت آهي، پر مجني چيو ته، هن جو نالو وٺ، هن چيو ليلا! ته مجنو بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو، وري هوش ۾ اچي وري چيائين، تون نالو وٺ، وري به هن نالو ورتو، وري به مجنو بيهوش ٿي ڪري پيو، وري جڏهن هوش آيو چيائين هاڻي آئون نالو ڪون وٺندس، ته وري به هن چيو اي مجنا! هوءَ ته بدصورت آهي، هوءَ ته بدشڪل آهي، تون ڏس ڪيڏو حسين، ڪيڏو خوبصورت جُوان آهين، تون هن جي عشق ۾ چريو ڇو ٿيو آهين، چيائين تو مجني جي اک سان ڏٺو ئي ڪونهي، تو هڪ دنيا جي اک سان آهي ڏٺو جيڪڏهن تون مجني جي اک سان هن کي پرکين ته توکي خبر پئجي وڃي ته، محبوب ڇا آهي؟ اهو هڪڙي ظاهري هن جهان جو فرد، هن جو هڪڙو ظاهري عشق هن ۾ اهو فنا ٿي وڃي ٿو جڏهن هن کي خبر پئي ٿي ته تنهنجي محبوبا فوت ٿي وئي آهي، هو پڇندو پڇندو اچي ٿو ڪئين ڪئين قبرون آهن، پر مجني چيو مونکي ٻڌايو، آئون سونگهي به قبر هٿ ڪندس، ڇو ته منهجي محبوب جي مٽيءَ منجهان به مونکي خوشبو ايندي، دوستو اهو اسان جي لاء سبق آهي.

اي نوجوانو! توهان منهنجي محبوبﷺ جا عاشق آهيو، توهان منهنجي محبوبﷺ تي ڪثرتِ درود پاڪ پڙهو ۽ پڙهايو ٿا، جڏهن هڪڙي ظاهري عاشق مجني کي انهي مٽيءَ جي اهڙي خوشبو اچي ٿي، وري انهي مٽيءَ مٿي بيهي ٿو ته منهنجو محبوب انهي ۾ دفن آهي. دوستو هي هزارين محبوب، هي منهنجي محبوب ڪريمﷺ جا عاشق، هي منهنجي



محبوب ڪريمﷺ جا متوالا، اهو سائين حسن باغبان رح هجي، اهو سائين مير محمد شاهه رح هجي، اهو ڏاڏا سائين عبدالرحمان شاهه رح هجي، اهو ميئن شاه غازي رح هجي، اهو ڇا آهي؟ هو اُهي آهن جيڪي عاشقِ مصطفيٰﷺ آهن، هو اُهي آهن جنهن جي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰﷺ پلٽا پيو ڪائي. دوستو توهان انهن سان عشق ٿا ڪريو، توهان ڪنهن فرد سان ڪون ٿا عشق ڪريو، توهان جو عشق ازلي آهي، توهان جو عشق ابدي آهي، توهان کي انهي عشق ڪرڻ تي مون مسڪين جي طرفان مبارڪون، اهڙو عشق توهان سان ڪرڻ وارو هڪڙو فرد سائين محمد علي بلوچ رح هو، اهو عظيم انسان به سنڌ جي هن سونهاري ڌرتيءَ ۾ مدفن آهي، جنهن پنهنجي سڄي عمر عشقِ مصطفيٰﷺ ۾ وقف ڪئي، جنهن ويهي نه چلا ڪڍيا، نه ڏها ڪڍيا، نه ڪا پيتي رکيائين ڪنهن بزرگ تي، نه ڪنهن کي ڦيڻا هڻي، نه ڪنهن جو پٽ ٿي، نه وڏو ماڻهو ٿي، پر پيرين پيادو جهر جهنگ پيو هلي، ايتري قدر جو سائين محمد علي بادشاهه رح کي مرشد جي ٻچڙن جي ماڻهن به ڪڍي ڇڏيو جنهن جي سائين بادشاهه درگاهه ٺاهي جنهن جو فيض سائين بادشاهه عام ڪيو، سائين بادشاهه تي ايتري قدر پابنديون هنيائون ته، تون اسان جي بابا سائين تي به نه اچ، ڇو جو تون ڦري ويو آهين، تون هٽي ويو آهين، تون اسان کي ماڻهن کان ونڊ پئسا وٺي ڏي، سائين محمد علي بادشاهه رح چيو اُهو منهنجو منشور ڪونهي، مونکي بابا سائين عشقِ مصطفيٰﷺ جو منشور ۽ فلسفو ڏنو، مونکي حڪم ڪيائون، ”اي محمد علي! تون وڃ ماڻهن کي پيرين پئو، تون پِير نه ٿي، تون پنهنجو پاڻ کي اولياء الله نه سڏائي، تون فقير ٿي، تون پِٽن ۾ ٽرن ۾ ڪاهي پئو، ماڻهن کي منٿون ڪري تون عشق جو جام پيار، محبوب ڪريمﷺ جي محبت منجهان پيار هنن کي وڃي سيکار، هنن کي وڃي پڙها ته، منهنجي محبوبﷺ تي، درود پڙهو“.

دوستو! سائين بادشاهه رح وڃي اهو پيغام ڦهلايو، هن وڃي اهو پيغام گهر گهر، جهر جهنگ ڦهلايو، اڄ انهي عظيم انسان جو عرس اٺئو اناويهين محرم جي شام پيش ٿيو، فتنن وارا ڇا ڪندا آهن، جڏهن مسجد ۾ آذان ايندي ته هو وري پاڙي ۾ ڪو ساز وڄائڻ شروع ڪندا آهن، يا ڪٿي ڪو ڇڱو ڪم هوندو آهي ته وري هتي ناچ به هوندو آهي، جڏهن مدرسو هوندو آهي ته هتي

سامهون شراب جو گتو بہ هوندو آهي. دوستو! ائين اسان منجهہ بہ ائين پاڙي منجهہ بہ اهي جاهلن جا فتنا اٿئو انهي عظيم ڪمن کي ڦٽائڻ وارا بہ ڪئين اٿئو. پر دوستو! اسان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي منشور سان سمجهوتو ڪرڻو ڪونهي، اسان کي هن فلسفي سان ڪنهن سان ناهہ ڪرڻو ڪونهي، اسان تي ڏيهن سالن کان ڪئين فتوائون پيون اچن. اسان فتوائون سهندا پيا اچون ۽ پنهنجيون منزلون طئہ ڪندا پيا اچون ۽ انشاءَالله تعالي اسان جا دوست اسين انهن منصبن منزلن تي روان دوان هونداسين. دوستو توهان کي بہ پهچڻو آهي انهي عظيم انسان جي عظمت کي سلام ڪرڻ لاءِ، توهان کي انهي پڙ ۾، انهي ميدان ۾ پهچڻو آهي، توهان کي انهي ڪارڻ اچڻو آهي تہ انهي انسان پنهنجي زندگي عشقِ مصطفيٰ ﷺ تان قربان ڪري ڇڏي، انهي انسان پنهنجي جواني، پنهنجيون خوشيون، پنهنجيون مٽيون ماٽيون، برادريون بہ قربان ڪري ڇڏيون، هاڻي وري برادري جا ڏٺي پنهنجا ٿيا آهن، پر سائين بادشاهہ رح جي پنهنجي زندگيءَ ۾ هن جو ڪو بہ ڏٺي ڪون هو، هن جا ڏٺي اوهين قلندري آهيو ۽ رهندا، هي سلسلو اوهان قلندرين جو آهي، ڪنهن جي بہ جاگير ناهي، هي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو سرچشمو آهي، هي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو جام آهي، جيڪو هلندو رهندو، جيڪو توهان جهڙا اسان جهڙا پيئندا رهندا. دوستو هن ۾ سستي ناهي ڪرڻي، توهان جهڙي شايان شان سان ايندا توهان جون جهوليون بہ اهڙي شايان شان سان پربيون.

دوستو! آئون توهان جو ٽائيم ايترو ڪون ٿو وٺان، مون مسڪين جون توهان جي لاءِ دعائون آهن. الله سائين توهان کي آباد رکي، توهان کي ويرا وير وڌائي، توهان کي خوش رکي، توهان جون پريشانيون، توهان جون هن جهان جون سڀ مشڪلاتون الله سائين دور فرمائي، توهان کي الله سائين ماني مڃي وارو ڪري ۽ توهان کي انهي ماني مڃي وارو ايمان بہ عطا ڪري، توهان جو ايمان قوي هجي، توهان جو ايمان ايڏو تہ وسيع هجي جو هنن سيني بي ايمانن تي توهان جو ايمان ڪامل ٿي وڃي، الله سائين توهان جو حافظ، الله سائين توهان جو حامي.

**ماهوار محفل ڪثرت درود پاڪ**

**امان نورجهان المعروف ڏاڏي بيبي مٺي رح. تاريخ: 07-10-2018**



# روحاني راز جون ڳالهيون

اَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

دوستو! امان سائڻ بيبي مٺي رح جي آستاني تي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ توهان هتي پهتا آهيو توهان جي لاءِ منهنجيون دعائون ۽ توهان کي منهنجي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! دنيا جا بہ ڪئين ڏيک آهن، ڪي ظاهر آهن تہ ڪي باطن آهن، ڪئين رنگ آهن، ڪئين دعوتون بہ ٿين ٿيون، ڪئين محفلون بہ ٿين ٿيون، جيئن هر هوٽل جي باورچي جي ڪاڙي ۾ ٽيسٽ پنهنجو پنهنجو آهي، ائين محبوب ڪريم ﷺ جون محفلون خاص ڪري اهي محفلون جيڪي توهان کي اسان کي الله سائين نصيب ڪيون آهن، جيڪي توهان ۽ اسان جا دوست جيڪي هر هنڌ تي، درگاهن تي، پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان محبت ۽ عشق جون محفلون ڪن ٿا، اُها اسان تي الله سائين جي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي، يا الله وارن جي جيڪا اسان کي صحبت عطا ٿي آهي انهن جي دعا سان انهن جي صحبت سان هيءُ محفلون قائم دائم آهن.

دوستو! هي اصل ۾ ڇا آهي؟ اسين ڇا آهيون؟ هي محفلون ڇا آهن؟ هنن جو مقصد ڇا آهي؟ دوستو هيءُ محفلون آهن فَقر جو فَقر اڪر فقيري منجهان آيو آهي، جيڪڏهن توهان ماضي ۾ ڏٺو هوندو تہ اسان جا طالب علم پاڙي جي ماڻهن کان فَقر جون مانيون وٺندا هئا، اهي مانيون ڪي پاروٿيون هونديون هيون ڪي سڪل هونديون هيون پوءِ اهي ٻارڙا (طالب علم جيڪي پري پري کان انهن درسگاهن ۾ پڙهڻ ايندا هئا) انهن مانين کي پاڻيءَ ۾ پسائيندا هئا، جڏهن اهي مانيون نرم ٿينديون هيون تہ اُهي طالب علم انهن کي کائيندا هئا ۽ ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪندا هئا.

علم بہ آهن، جيئن الله سائين جو نالو ظاهر بہ آهي تہ باطن بہ آهي، الله سائين جي ظاهري نالي جون بہ صفتون آهن ۽ باطني نالي جون بہ صفتون

آهن. ائين اسان وٽ ظاهري علم بہ هئڻ کپي اهو اهميت وارو آهي، ائين اسان وٽ باطن جو علم بہ هئڻ کپي جيڪو اسان جي اندر آهي. هڪ علم جيڪو ٻاهرئين ڇهري جي لاءِ آهي، جنهن کي شريعت جا احڪام چئجن ٿا ۽ ٻيو علم آهي بدن جي اندر روح جو علم. جيئن مون سائين بچل شاهہ رح تي چيو هو تہ انسان ۾ 360 نسون آهن. تہ مونکان ڪافي اسان جي دوستن پڇيو تہ اهو ڇا آهي؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڊاڪٽرن وٽ اها معلومات هجي تہ اهو ڇا آهي؟ پر اسان تہ ٻئي ڪنهن هنڌان اهو حاصل ڪيو آهي، تہ اهي جيڪي اسان جون 360 نسون آهن انهن جو پنهنجو پنهنجو ڪم آهي، ڪا نس حسد سان ڀري پئي آهي، ڪا نس نفرت سان ڀري پئي آهي، ڪا نس الله جي محبت سان ڀري پئي آهي، ڪا نس الله جي خوف سان ڀري پئي آهي، ائين هر ڪنهن نس جو پنهنجو پنهنجو عمل آهي، پر اهي نسون تڏهن سرگرم ٿينديون آهن جڏهن انهن جو ڪنهن ڪاريگر سان تعلق ٿئي، جيئن توهان جيڪڏهن ڏٺو هوندو تہ ڪنهن اهڙي چقمق واري شيءِ سان جنهن جو ارٿ ٿيندو آهي تہ اهو ارٿ ڀري ڪان ڇڪ ڪندو آهي، اهڙيون اهڙيون توهان ڪافي شيون ڏٺيون هونديون جن جو ڀري ڪان ارٿ ايندو آهي، ائين هڪ ماڻهو جنهن جي اندر روحاني ڪيفيتون آهن. اهوئي روحانيت کي ڄاڻي ٿو ڪو ماڻهو بظاهر تہ اجان چور ڪون ٿيو آهي پر هُن جي بدن ۾ هڪڙي نس جيڪا چوري واري آهي، چوري جا بہ ڪئين قسم آهن. هڪڙي چوري اها جنهن کي اسان ڏاڙا چئي سگهون ٿا. ڦُر چئي سگهون ٿا چوري جا ڪئين قسم آهن. ڪنهن کي چوريءَ جي اک هڻڻ، چوريءَ جي اک سان نهارڻ يا ائين ڪٽي چئجي تہ. چوريءَ جا انيڪ پهلون آهن، پر دوستو اها نس تڏهن ايڪٽو ٿيندي آهي جڏهن اها ڪنهن چور جي صحبت ۾ اچي، ڪنهن چور جي پاسي منجهان لنگهي تہ هن جي نس ايڪٽو ٿيندي آهي، ائين انسان منجهہ ڪا نس ايمان جي هوندي آهي پوءِ اهو جڏهن ڪنهن صاحبِ ايمان سان ملي، هُن جي صحبت اختيار ڪري، هُن جي پاسي منجهان لنگهي تہ هُن کي ايمان ملي ٿو. ائين الله جي بزرگيءَ ۽ فَقر جي، الله جي ڪامل هستيءَ، کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بہ انسان ۾ هڪڙي



نس هوندي آهي، اها تڏهن ايڪٽو ٿئي ٿي جڏهن ڪنهن ڪامل هستي يا الله واري بزرگ يا انهن بزرگن جن جي حاضري تي پاڻ آهيون يا جنهن جي صحبت پاڻ کي آهي اُنهن جي پر مان لنگهڻ، اُنهن جي محفل ۾ وڃڻ ۽ اتي انهن جي حاضري ڀرڻ سان حاصل ٿيندي،

اِتي آئون هڪڙي شيءِ جي اضافو ڪندس تہ. ڪنهن الله واري ڪان جيڪو وڏو صاحبِ منزل هو، انهي ڪان ڪنهن ماڻهوءَ پڇيو تہ سائين هيءُ جيڪو صاحبِ درگاهہ بزرگ جيڪو مٽيءَ جي وڏن ڍيرن جي هيٺ دفن آهي، پلا هِن جي حيثيت ڇا آهي؟ هي ڪيئن آهي؟ الله واري بزرگ چيو تہ، الله وارو بزرگ تہ جهان ۾ بہ قائم هوندو آهي پر پنهنجي زندگيءَ ڪانپوءِ بہ هُن جي هڪڙي ڪڙڪي بند ناهي هوندي، اها ڪڙڪي هر وقت کليل هوندي آهي انهن انسان جي لاءِ جتان هُن جي آمدرفت ٿئي ٿي، انهن انسانن سان اهو فيض جي صورت ۾ ۽ انهن سان هڪڙي ڪنيڪشن جي صورت ۾ ڳنڍيل هوندو آهي. هي جيڪي شيون آئون توهان کي ٻڌائي رهيو آهيان ائين عام ناهن، هي فقط الله وارن جو دستور آهي، علم آهي، هيءَ پنهنجيون محفلون بہ الله وارن جي صحبت هيٺ آهن.

دوستو! ائين جڏهن ماڻهوءَ جون نسون ماٺ ۾ پيون آهن، پر جڏهن الله واري بزرگ جي مزار تي يا ان جي صحبت ۾ يا اهڙي عظيم محفل ۾ اچڻ سان اها نس ان جي ايڪٽو ٿئي ٿي، هن کي شوق جاڳي ٿو انهي طرف. اهو شوق آهي جيڪو توهان کي هزارن جي صورت ۾ انهي محفل ۾ آڻي ٿو ۽ انهي محفل ۾ اچڻ ڪانپوءِ توهان جو شوق ڏينهون ڏينهن توهان تي حاوي ٿيندو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ هن جهان ۾ ڪئين اهڙيون شيون پيون بہ آهن جيڪي جهان جيماديت پرستيءَ ۾ آهن. جيڪي اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون پر اهي سڀ مختصر آهن، اُن ۾ سڪون ۽ آرام ناهي.

سو دوستو! منهنجو اهو مقصد آهي تہ فَقر. فقيري، فقيري جو راز ڇا آهي؟ فقيري جو راز آهي فَقر جنهن ۾ اکر آهن 'ف' ، 'ق' ، 'ر' ، ”ف“ معنيٰ فقر. ”ق“ معنيٰ قيدي، قرب جو قيدي، اهو جيڪو قرب حاصل ٿئي ٿو انهي فَقر جي مهابي توهان کي اها شيءِ اهو فَقر قيد ٿو ڪري، ”ر“ توهان کي رنگ ڏئي

نڪاري ٿي، توهان کي خوبصورت ٿي بنائي، توهان جو اندر خوبصورت ٿي ڪري، اهو اندر جيڪو توهان جو اونداهو آهي ختم آهي، جيئن حضرت لعل قلندر شهباز رح جي لاءِ هڪڙي منقبت آهي ته.

*چاروں چراغ تیرے بلن ہمیشہ*
*پنجواں میں بالن آئی آں*

چار چراغ ته توهان جا قائم آهن پر آئون توهان وٽ آيو آهيان اهو پنجون چراغ ٻارڻ جي لاءِ، اهو پنجون چراغ ڪهڙو آهي؟ اهو پنجون چراغ آهي دل جو چراغ. مون ڪنهن کان پڇيو ته سائين هيءَ ڇا آهي، هي چار چراغ اهو پنجون جيڪو چراغ وڃي پيئي ٻارڻ هو جيڪو مائي جي روپ ۾، اصولن الله وارن بزرگن هميشه جيڪا شاعري ڪئي آهي اها عورت جي روپ ۾ ڪئي آهي، ڇو ته عورت ويچاري معصوم به آهي، ته ڪمزور به آهي خاص ڪري هِن معاشري ۾ هو ويچاري مسڪين به آهي، الله وارن انهن جو روپ ورتو آهي، جيئن شاهه صاحب ماروي، سسئي جو روپ ورتو آهي، ائين ٻين شاعرن انهن جو روپ وٺي الله سائين جي اڳيان پنهنجي بي وسي ظاهر ڪئي آهي، شاعر ٿو چوي ته چار چراغ (ڏيئا) منهنجا ٻرندڙ آهن، آئون پنجون چراغ ٻارڻ آئي آهيان، اهو ڏيئو آهي منهنجي دل جو ڏيئو جيڪو اجهيو پيو آهي، اهو ڏيئو آئون ٻاريندس، جڏهن اهو اندر جو ڏيئو ٻرڻ شروع ٿو ڪري ته ان ۾ شعاع ٿئي ٿو ته ان ڏيئي مان هزارين ٻيا ڏيئا به روشن ٿين ٿا، دوستو اهو آهي انهي فَقر جو فلسفو.

هاڻي اچون ٿا فقر تي، فَقر ۾ ٽي شيون اهميت واريون آهن، هن جا اکر به ٽي آهن، پهريون نقطو فَقر معنيٰ فڪر ڪرڻ، الله جي بندگيءَ تي ڌيان ڏيڻ، الله جي بندگي عبادت جي لاءِ پنهنجو ٽائيم ڏيڻ. 'ق' معنيٰ ان ۾ قيد ٿيڻ، اها ڪهڙي شيءِ جنهن ۾ قيد ٿيڻ، اها ڪهڙي شيءِ جنهن جي لاءِ الله سائين اشارو ڪيو آهي ۽ سڄي ڪائنات جي لاءِ مون رحمت ناهيو آهي اهو رحمت العالمين آهي، جنهن جي لاءِ الله پاڪ هيءَ سڄي ڪائنات ناهي آهي انهي ۾ قيد ٿيڻ، معنيٰ محبتِ محمديﷺ کي حاصل ڪرڻ، پهريون نقطو الله سائين جي بندگي ڪرڻ جيڪا به پڄي سگهي. ٻيو نقطو آهي ته



قيد ٿيڻ، محبوبﷺ جي عشق ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻانڌي ناهڻ، قيد ٿيڻ اُن ۾ گم ٿيڻ. ٽيون شرط آهي جيڪو توهان تي لازم آهي اهو آهي خدمتِ خلق، مطلب انسان ذات جي خدمت.

دوستو! توهان ۽ اسان وٽ به اهو سلسلو آهي، مانيون اسان پاڻ پنهنجي لاءِ آڻيون ٿا ۽ هنن محفلن ۾ پاڻ به ڪائون ٿا ۽ ٻين دوستن کي به ڪارايون ٿا، اهو ڇا آهي؟ ٻئي جي لاءِ جيئڻ، ٻئي جي لاءِ ڪرڻ، ٻئي کي اِنهي راهه ۾ آڻڻ، پنهنجي اندر جو ڏيئو ٻاري وري انهي ڏيئي مان ٻئي کي ٻارڻ، ائين ناهي ته رڳو پنهنجي لاءِ ڪجي، پنهنجي لاءِ ته هر ماڻهو ٿو ڪري، پر ٿورو ٻئي جي لاءِ ڪري جيڪو دنياداريءَ منجهه قابو ٿيو پيو آهي، ان منجهان ان کي ڪيڏي ٻاهر آڻجي ۽ ان کي صاف ڪجي، پر اهوئي ماڻهو صاف ڪري سگهي ٿو جنهن جو اندر به صاف ٿيل هجي، پهرين اهو تربيت يافته ٿئي پوءِ اهو ڪم ڪري، ان جي ڳالهه، ان جي فعل ۾ به اثرات هوندا، ان ۾ مناس هوندي، انهي مناس جي چاشني ٻئي تي به اثر ڪندي، جي پاڻ رڳو ائين ئي ٽپڪا پيو ڏيندو ته ٻئي تي اثر انداز ڪون ٿيندو، ظاهري طرح هو پلي ڪٿي ڪجهه به ڪري پر هن جي الفاظن ۾ اها جوڙجڪ، اها محبت، اهو ڪرنٽ ڪون هوندو، اهو ڪرنٽ ٿيندو جڏهن هو پاڻ ان تي عمل پيرا ٿيندو، هو جڏهن پاڻ اهو عمل ڪندو ان ڪانپوءِ جڏهن هو انهي عمل جو ٻئي کي چوندو ته ان تي اثر انداز ٿيندو. دوستو الله سائين جي بندگي، الله سائين جا فرض، اُهي اسان کي پنهنجي وقت سان سرانجام ڏيڻا آهن.

ٻيو آهي محبتِ محمديﷺ، اها انهي شيءِ سان حاصل ٿيندي جنهن عظيم محنت ۾ توهان واڳيل آهيو اها عظيم محنت ئي توهان کي اڳيئَ ۽ پنئي پوائنٽ ۾ قابو ڪندي، جنهن جي لاءِ چيل آهي ته دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رڪجي وڃي ٿي، پر اها دعا اڳتي وڃي ٿي جنهن جي اڳيان ۽ پنيان منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود پڙهيو وڃي ۽ اها دعا اڳيان نٿي وڃي جنهن جي اڳيان ۽ پويان منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود نه پڙهجي، ۽ هيءُ جيڪو وچون نقطو آهي اهيو اڳئي ۽ پنئي نقطي ٻنهي کي ڪامياب ڪندو، اهو آهي عشقِ مصطفيٰﷺ، اهو عشقِ

مصطفيٰ ﷺ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن توهان منهنجي محبوب ﷺ تي ڪثرت درود قائم ڪندؤ پوءِ توهان کي الله سائين جي بندگي جو ٻه ڏس ملندو، توهان عبادت ڏانهن مائل ٿيندا. توهان جي اندر ۾ اهو شوق ٿيندو، ٿيون توهان کي انسان جي خدمت تڏهن ايندي جو توهان جي اندر ۾ شعاع ٿيندو، اهو بلب جيڪو اجهو پيو آهي اهو ٻرندو ته توهان کي انسانيت تي رحم ۽ ترس ايندو، نه ته توهان ڇا ڪندا؟ توهان پنئي پاسي هٽندا ڇري، اڳيان ڪندا توهان چاپلوسي واهه واهه، ائين ٿيندو آهي، ماڻهن رڳو ڪوڙ کي پنهنجو سهارو ٻڌو آهي هر شيءِ ۾ ڪوڙ جڏهن ووٽ ٿين ٿا ته هڪڙو ماڻهو ٽن ٽن پارٽين وارن کي نچائي ٿو، صبح جو هڪڙي پارٽي جو جلسو اٽيند ڪري ٿو، ٻئي ٽائيم تي ٻي پارٽي جو جلسو اٽيند ڪري ٿو شام جو وري ٽي پارٽيءَ جو جلسو اٽيند ڪري ٿو اهو ٽنهي ماڻهن کي دوکو ڏئي ٿو، ان جو دوکو ٻه هن وقت جي سوشل ميڊيا ميدان تي آڻي هن کي ظاهر ڪري هن جو دوکو مٿائي ڇڏيو آهي، ائين دنيا جي چاپلوسي کي ظاهر پرستيءَ کي ٻه پنهنجي هيءَ محنت ظاهر ڪري ٿي، ڇو ته هيءَ ميٽر جيڪو الله سائين جي فضل سان محبت سان پاڻ قلندرين کي مليو آهي، اهو ميٽر انهن چاپلوسين کي انهن فنڪارين کي ٻه ظاهر ٿو ڪري، انهن کي ٻاهر ٿو آڻي. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي جيڪا سوانحيات آهي جنهن ۾ جيڪي معاملات منهنجي محبوب ڪريم ﷺ طئہ ڪيا آهن انهن تي اسان کي عمل پيرا ٿيڻو آهي، هي اسان جو محفلون رڳو اچڻ، ملڻ ويهڻ جون ناهن، پر حاصلات جون آهن، اعتقاد جون آهن، ايمان جون آهن، اعتبار جون آهن.

هڪڙو ماڻهو هن پنهنجيون ڊيوٽيون ڏنيون، هن جي عمر جيڪا اچي چاليهه پنجاهه سال ٿي هن کي پينشن ملي يا هن کي مائٽاڻي ملڪيت مان جيڪو حصو پتي مليو انهي ٽائيم تي هن وڏي واهه واهه ٻڌي هئي ته فلاڻي هنڌ ڪو وڏو پير پيدا ٿيو آهي آئون وڃي ان کان ڪو باطني اسباب وٺان، هُن جي پيءُ همراه کي چيو ته تون جنهن وٽ ٻه وڃي ان تي اعتبار ۽ اعتقاد ڪجان، انهي شيءِ تي اعتبار ڪجان پر تون انهي ماڻهوءَ تي اعتبار نه ڪجان، پر هن ماڻهو ان پير جي وڏي تعريف ٻڌي هئي وڏي واهه واهه ٻڌي



هئي، پر جڏهن هو ماڻهو پنهنجو سڀ مال کڻي انهي پير وٽ آيو ته هن ماڻهوءَ جڏهن هُن پير جي حالت ڏٺي ته هو جهان جو جيڪي سڀئي آرائش واريون شيون آهن انهن منجهه هو، معنيٰ اُهي سڀ فحاشي ۽ منشيات وارا ڪم ٻه هئا، هو ظاهر ته پير هو پر اندر ۾ ڪجهه ٻيو هو، پر هن ماڻهو هن پير جي انهن شين ڏانهن نه ڏٺو، هن جي محفل ۾ جيڪي شيون هيون هُن ماڻهوءَ انهن ڏانهن نه ڏٺو هن ماڻهوءَ چيو آئون هي پنهنجي سڀ ملڪيت جيڪا مون کي وراثت کانپوءِ ملي آهي اها آئون الله ڪارڻ توهان جي حوالي ٿو ڪريان ۽ توهان کان آئون اهيو فن ٿو حاصل ڪريان، هن پير اها شيءِ ورتي ڇو ته هو هوئي هڪڙو دنيا وارو پر هُن ماڻهوءَ جو ان سان ڪم ڪو نه هو، هن کي اتي پاروٿو جيڪو ڪاڏو هو اهو ان کي مليو، انهي پير هُن ماڻهوءَ کي چيو ته تون اسان جي ننگر جي لاءِ جهنگ مان ڪاٺيون وڍي اچ، هو پنهنجي انهي ڪم کي لڳي ويو، پاڻي پرڻ يا ٻيو جيڪو ڪجهه ڪم هو، معنيٰ پنهنجي انهي ڪم تي قائم رهيو ٻه ڏينهن، پنج ڏينهن، اٺ ڏينهن، سال ٿيو اتي انهي خانقاهه تي ڪو هڪڙو وقت جو غوث ٻه انهي ٽائيم تي وينو هو، پر ظاهر هو پير ٿيو وينو، جنهن مال پي ميڙيو جنهن پئي ڪاڏو، پر هو جيڪو وقت جو غوث هو، هو انهي خانقاهه ۾ حڪم جي ڪري ڪنڌ پاسي ۾ وينو هو، هو انهي ڪنڌ ۾ ويهي ڪري ايندڙ ماڻهن کي اهي شيون پي ڏنيون ۽ هو ڪنهن جي اڳيان ظاهر نه ٿيو، باقي هو جيڪو ماڻهو جيڪو پير ٿيو وينو هو انهي پنهنجو ڪم پي ڪيو پنهنجو مال، ملڪيت، عيش عشرت، ڌن، ان جيڪو هن جو ڪم هو اهو انهي ڪيو وينو، پر هو ويچارو مسڪين پوڙهو جڏهن فوت ٿيڻ وارو هو ته انهي وقت جي غوث ۽ ست قطب جيڪي آن ڊيوٽي هوندا آهن اهي اچي اتي حاضر ٿيا، انهيءَ کان پڇيائون ته تنهنجو ته هاڻي ٽائيم پورو ٿيڻ وارو آهي توکي اسان چيو ته تون پنهنجي لاءِ پنهنجو اهو ماڻهو مقرر ڪر، جنهن ڊيوٽي تي تون آهين، انهي جو پنهنجو ڪو وارث اسان کي ٻڌاءِ، جنهن کي اسان تنهنجي جڳهه تي آڻيون، تو ڇو ڪو نه ڪيو؟ هاڻي تو وٽ آهن ئي ٻه ٽي منٽ، تنهنجو روح پرواز ٿيندو پر تنهنجو ڪير آهي جو جيڪا تون وٽ امانت آهي، انهي تي انهي کي ويهاريون، ته هن

(وقت جي غوث) انهي ماڻهو جيڪو هڪڙي اعتقاد تي، هڪڙي اعتبار تي، ڪنهن سان بہ هن جو واسطو ڪو نہ هو. بس هن انهي اعتبار تي ماڻهن جي خدمت چاڪري ڪئي، انهيءَ جي ٻانهہ جهلي ڏنائين. هاڻي درگاهہ ۾ جيڪو پير ٿيو وينو هو ان جو بہ نالو عبدالعلي هو ۽ جنهن کي هاڻي اها منزل پئي ملي انهي جو نالو بہ عبدالعلي هو. جنهن جي لاءِ ان (وقت جي غوث) چيو تہ منهنجي طرفان هيءَ اٿو جنهن اعتبار ۽ اعتقاد ڪيو. هاڻي اهو فتحيابي جي منزل تو ماڻي، هن وقت جي غوث جو روح پرواز ٿئي ٿو ۽ هو ماڻهو انهي جي منصب تي ويهي ٿو. پر دنيا وارن کي هُن جي خبر ڪو نہ ٿي پوي.

دوستو! ائين ئي هيءَ ڪم اٿو. ائين ئي اعتبار ڪريو. هي جيڪا شيءِ توهان وٽ پهتي آهي انهي جو ڪو بہ مَٽ نہ اٿو. دنيا ۾ توهان جون دوستيون، سنگتون، ڪاروبار پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي پر توهان جي هن دوستي جنهن جو ڪو مَٽ ڪونهي، هيءَ توهان جو ڏنڏو. توهان جو ڪاروبار جنهن جو ڪو بہ مَٽ نہ اٿو. هِن جي متبادل ٻيو ڪو آهي ڪو نہ. زندگي تمام قيمتي اٿو. صاف ظاهر آهي الله سائين بهشت ۾ حورون، پريون جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي اهو ائين ڪو نہ عطا ڪندو. پر اعتقاد ۽ اعتماد سان خدمت ڪرڻي پوندي جيئن هُن اعتبار ڪيو هن کي ڪُهاڙي ڏني وئي تہ وڃي ڪاٺيون وڍ. پاڻي ڪڍ هن انڌو ٿي اعتبار ڪيو پوءِ الله سائين هُن کي اها منزل ڏني، هتي بہ ڏک ايندا. زندگي ۾ طعنا بہ ملندا. چو تہ هتي جهان وارن وٽ ماپ طور جا پنهنجا پنهنجا اوزار آهن. هتي دنيا انهي کي پلو ٿي سمجهي جيڪو وڏو بدمعاش هجي، جيڪو وڏو چور هجي، وڏو ڦِتيل هجي، پاڻ ڪوڙ هڻي ۽ ڪوڙ هڻڻ جي ماڻهن کي ترغيب ڏئي، فحاشي ڪري، ڌڀو ڪري، اٽڪلون ڪري انهي کي چيو ويندو آهي چڱو مڙس. انهي کان ماڻهو خوف ڪندا آهن. ماڻهو چو خوف ڪندا آهن؟ ماڻهو انهي جي انهن عادتن کان خوف ڪندا آهن تہ ڪٿي اسين ڏنگجي نہ وڃون. سو اها آهي هتي ماڻهوءَ جي پرک. پيسي واري ماڻهوءَ جي هرڪو ويجهو ويندو آهي، پر پنهنجي جيڪا سڃاڻ آهي اهو آهي فَقر. فڪر ڪرڻ، محبت ڪرڻ، پنهنجي پاڻ تي غور فڪر ڪرڻ تہ الله سائين اسان کي هن جهان ۾ آندو چو.



ها اسان وڏن ڀاڳن وارا آهيون اسين نوجوان بہ آهيون ۽ الله سائين ٻين کي انهي پاسي ڪو نہ آندو پر اسان کي الله سائين انهي پاڪ پاسي آندو آهي تہ پڪ الله سائين اسان تي مهربان آهي، جنهن اسان کي ڪوڙ، غيبت، حسد، حوس، هن جهان جي بدمعاشين، برائين منجهان ڪڍي اسان کي صاف رستو ڏنو آهي. هيءُ جيڪو رستو توهان کي اسان کي مليو آهي اها الله سائين جي مهرباني آهي، الله وارن جي صحبت جو اثر آهي جيڪا هن دور ۾ پاڻ کي ملي آهي. هن وقت توهان کي هر شيءِ ۾ نقل پائي ملندي، دوکو ملندو، فريب ملندو، هڪڙي پير، هڪڙي عالم، هڪڙي ڊاڪٽر، هڪڙي انجنيئر جي صورت ۾، هڪ پڙهئي لکي هڪ جاهل جي صورت ۾ توهان کي دوکو ملندو پر منهنجي محبوب ﷺ جي هِن محنت ۾ توهان کي نہ دوکو ملندو ۽ نہ فريب، ۽ هِن جي پڇاڙي اٿو هِن منجهان ايترو ملندو جو توهان اسان ڪٺي بہ ٿڪجي پونداسون، هِن جهان ۾ بہ اسان مان هٿ ڪون ڪڍندا پر هُن جهان ۾ بہ اسان جي پشت پناهي ٿيندي، هيءُ سڪون آرام توهان جي لاءِ اسان جي لاءِ تحفو آهي انهي محنت جي پٺيان.

دوستو مايوس نہ ٿيو. مايوسي پنهنجي منشور ۾ ڪونهي، ويهڻ آرام ڪرڻ هِن جهان کي پنهنجو اجهو ٺاهڻ اهو بہ پنهنجي منشور ۾ ڪونهي، چو تہ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ بہ هن جهان کي پنهنجي لاءِ اجهو ڪون ٺاهيو.

وعن عبد الله بن عباس ان رسول الله صلى الله عليه وسلم راى خاتما من ذهب في يد رجل فنزعه فطرحه فقال: «يعمد احدكم إلى جمرة من نار فيجعلها في يده؟» فقيل للرجل بعدما ذهب رسول الله صلى الله عليه وسلم: خذ خاتمك انتفع به. قال: لا والله لا آخذه ابدا وقد طرحه رسول الله صلى الله عليه وسلم. رواه مسلم (مشكات المصابيح 3485)

منهنجي محبوب ڪريم ﷺ وٽ هڪڙو اصحابي آيو تہ هن کان محبوب ڪريم ﷺ منهن پيا ڦيرائين، وري ٻئي پاسي پيو اچي تہ محبوب ڪريم ﷺ ٻئي پاسي منهن پيا ڦيرائين، تہ هو پشيمان ٿيو تہ مونکان الاهي ڪهڙي غلطي ٿي آهي، جو منهنجو محبوب ﷺ منهنجو آقا مونکان منهن

پيا ڦيرائين، پوءِ وري هن اصحابين کان پڇيو تہ ڇا آهي، انهن اصحابين چيو تہ تنهنجي هٿ ۾ جيڪا سون جي منڊي آهي انهي کان محبوب ڪريم ﷺ پنهنجو منهن مبارڪ پيا ڦيرين، پوءِ هن ويچاري شعوري طرح نہ پر اڻ شعوري طرح اها منڊي پاتي، اها منڊي اڇلي پنهنجي محبوب جي پيرن تي ڪري پيو منهنجا محبوب هيءَ تہ هڪڙي منڊي آهي، هيءَ جيڪا جان جيڪا وڌ کان وڌ پياري هوندي آهي اها بہ توهان جي نالي تان فدا، منهنجي محبوب ﷺ وري بہ اُن کي پيار ڏنو ٻين اصحابين چيو تہ (انهي وقت سون جي منڊي وڏي ڳالهہ هوندي هئي) تون جيڪڏهن وجي تہ اها سون جي منڊي ڪڍجان، انهي تي ان اصحابي چيو اها منڊي منهنجي لاءِ حرام آهي، جيڪا شيءِ منهنجي محبوب ﷺ کي پسند ناهي جيڪا مون اڇلي ڇڏي آهي، اها آئون ڪيئن کڻان پاڻ سان.

سو دوستو! جيڪا شيءِ منهنجي محبوب ﷺ کي پسند نہ آهي، منهنجي محبوب ﷺ کي فحاشي پسند نہ آهي، منهنجي محبوب ﷺ کي ڪوڙ پسند ڪونهي، منهنجي محبوب ﷺ کي حرامپائي پسند ڪونهي، منهنجي محبوب ﷺ کي وڏا وڏا ٻڌاڪ پسند ڪونهن، منهنجي محبوب ﷺ کي پاڪيزه عمل پسند آهي، منهنجي محبوب ﷺ کي جيڪو توهان ڪم پيا ڪريو اُهو منهنجي محبوب ﷺ کي پسند آهي، پر اهو الله کي بہ پسند آهي پوءِ پاڻ ڇو نہ اهو ڪم ڪريون جيڪو پنهنجي محبوب کي پسند هجي. دوستو اهو پسنديده عمل اٿو الله کي، ملائڪن کي، فرشتن کي هن جهان جي هر هڪ شيءِ کي اها شيءِ پسند اٿو توهان انهي شيءِ ۾ هٿ وجهو انهي تي عمل پيرا ٿيو تہ توهان هن جهان جي فتنن کان بچندو، توهان کي الله سائين هِن جهان جي فتنن کان بچائي، هن جهان جا فتنا الاهي کهڙن کهڙن روپن ۾ ٿي ويا آهن، ڪي انسان جي روپ ۾، ڪي کهڙي حالت ۾ انهن کان بچو انهن کان بچڻ جو طريقو اٿو عشقِ مصطفيٰ ﷺ، عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي وات اٿو ڪثرت درود پاڪ. دوستو، ڪاهي پئو هڪ مان ڏهہ ٿيو ڏهہ مان سئو ٿيو پر اهو پيغام، اها محبت ماڻهن تائين پهچايو ان مان وچي حاصلات ڪريو هن مان جهان حاصل ٿيندو،



هي جهان جون عارضي ٿوريون مشڪلاتون، هي ٿوريون گهڙيون تيريون ميريون ائين سڀ پنهنجي ٽائيم تي هلنديون، اهو صرف توهان جي لاءِ اسان جي لاءِ آزمائش آهي، مالڪ سوچين ٿا تہ اسان سان هي ماڻهو ڪيئن ٿو هلي.

جيئن هڪڙو ماڻهو ڪنهن کي پگهار تي بيهاري ٿو تہ هو انهي کي آزمائڻ لاءِ ٿو ڪري تہ هو پنهنجي انهي ڪمري منجهہ ٻيڊ تي پيسا ٿو اڇلي، سون ٿو اڇلي يا ٻيون شيون ٿو اڇلي ۽ ڏسي ٿو تہ هي مون جيڪو پگهاردار بيهاريو آهي اهو انهي شين جو چور تہ ڪونهي، هنن تي هُن جو روح تہ تہ ڪو نہ ٿو اچي، پوءِ هو آزمائي ٿو هڪڙو جهان جو ماڻهو پنهنجي پگهاردار کي آزمائي ٿو پاڻ تہ پنهنجي محبوب ﷺ جي محبت جو پٽو پنهنجي ڪنڌ ۾ پاتو آهي، هاڻي پاڻ کي هِن جهان جو ٿوريون گهڙيون آزمائشون ايندڀون ائين پاڻ کي محبوب آزمائين ٿا تہ هي جيڪي منهنجي محبت جا دعويدار آهن، جنهن جي لاءِ وڏا تحفا آهن، وڏيون برڪتون ۽ نعمتون آهن، هاڻي اهي انهن آزمائشن کي ٿورو پلا ڪيئن ٿا کڻن، ٿورو ڏک، سک ٽئي ٿو پر توهان کي انهي کي برداشت ڪرڻو آهي، انهن کي هضم ڪرڻو آهي، ان جي پنيان توهان جي لاءِ وڏيون وڏيون برڪتون ۽ نعمتون آهن، توهان کي مالڪ ائين ڪو نہ ڇڏيندا، توهان کي هِن جهان ۾ بہ معتبر رکندا، توهان کي مان وارو رکندا، توهان جي هٿن سان هزارين ماڻهو فيضياب ٿيندا.

منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون آهن، الله سائين توهان کي آباد رکي، توهان کي ويرا وير وڌائي. دوستو! بہ تي شيون آئون توهان کي چوندس، فتنن جو دور آهي ۽ فتنا ڪئي روپن سان گڏ ايندا نازل ٿيندا، اُهي آئون توهان کي ڪون ٿو ٻڌائي سگهان ڇو جو اسان تي پابندي هوندي آهي، پر انهن کان بچڻ لاءِ هڪڙو تہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي جيترو بہ وقت ڪيو رات ڏينهن ۾ جيترو بہ وقت ملي، توهان کهڙي بہ ڪم ۾ هجو محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهو ائين پيا پڙهو بس انهيءَ ۾ مست هجو، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو چهرو توهان جي سامهون هجي ۽ توهان جي وات مان جيڪي لفظ پيا نڪرن اهي ڪٽي منهنجي محبوب ﷺ تائين پهچايا پيا وڃن.

دوستو ٻيو اٿو استغفار. الله جي اڳيان پنهنجي گناهن جي معافي وٺڻ. صبح شام معافي وٺو. منهنجا محبوب ڪريم ﷺ بي مثال هئا. جنهن جهڙو ٿيو نہ ٿيندو. منهنجي محبوب ﷺ تي جن ايمان بہ ڪون آندو انهن قومن بہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات تي ڪئين ڪتاب شايع ڪرايا. جيترا ڪتاب منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي شان ۾ شايع ٿيا آهن اوترا ڪنهن جي لاءِ بہ نہ ٿيا آهن. ايڏي وڏي هستي. انهي هستيءَ بہ رات جو سمهڻ وقت 70 دفعا استغفار ڪيو آهي. دوستو اهو ڇا آهي تہ پنهنجا شعوري يا اڻ شعوري ايترا تہ گناهہ وڏي ويا آهن ان جي پاڻ ڪي سزا ملي ٿي. مسڪيني، تنگي، بيماري جي صورت ۾. توهان ڪوشش ڪريو تہ روزاني هزار دفعا. ٻہ هزار دفعا. ٽي هزار دفعا استغفار ڪيو. جنهن ڪي مسڪيني آهي، هٿ تنگي آهي، اهو ڪوشش ڪري وڌ کان وڌ استغفار پڙهي. ٻيو آهي الله سائين جو اسمِ اعظم. قلبي ذڪر جيڪا ڪنجي اٿو. مون چيو نہ الله سائين جو هڪڙو نالو ظاهر آهي ٻيو باطن. باطن جي ڪنجي اٿو دل. هي الله وارن جو فيض آهي جنهن کي قلبي ذڪر چيو وڃي ٿو. اها اٿو ڪنجي انهي سان توهان جو باطن کلندو. توهان باطن ۾ اک هڻندا تہ باطن وسيع ٿيندو وڏو ٿيندو. اها توهان جي اک تڏهن کلندي جڏهن توهان اسمِ اعظم قلبي ذڪر کي هلائيندؤ. اهو الله وارن جو ڪم اٿو. اهو بہ جنهن جنهن کي مليل آهي اهي صبح شام انهي لاءِ ٽائيم رکو ڪوشش ڪريو تہ هزار دفعا صبح ۽ هزار دفعا شام جو اهو اسمِ اعظم. الله الله جو ذڪر ڪيو. پر ٻہ ٻہ ٽي ٽي هزار تائين پڙهو. اُهو توهان دل سان پڙهو تہ توهان جو قلب کلي پوندو. توهان جو اندر کُليو توهان جو قلب کليو تہ اهو توهان جي شهوت تي بہ حاوي ٿيندو ۽ توهان جي انهن سيني بدڪردار ڪمن تي بہ اهو الله جو اسم اعظم حاوي ٿيندو. الله جو اسم انهن سيني شين تي جيڪو ظاهري فنڪاري ڪري ٿي انهن تي بہ حاوي ٿيندو. اهي ايندي ويندي توهان کي سامهون ايندي ڏسي انهن جو ڪنڌ هيٺ ٿيندو. ڇو تہ هن طاقت جي اڳيان هُن جي طاقت هلندي ڪون. توهان جي اها طاقت توهان جي اکين ۾، پيشانيءَ ۾ روح ۾ ايندي، توهان جي آواز ۾ ايڏو تہ پاور ايندو جو انهي پاور جي اڳيان



جهان وارو پاور ڪو نہ هلي سگهندو. هيءَ ڪهڙو ڪرنٽ آهي؟ حضرت شهباز قلندر رحہ. ڏاڏي سائين بچل شاهہ رح. سائين محمد علي بادشاهہ رح. امان سانئڻ بيبي جيجي مٺي رح. ٻيا جيڪي الله سائين جا بزرگ آهن انهن جي مٽيءَ ۾ هيءُ ڪهڙو ڪرنٽ آهي جو هزارن جي تعداد ماڻهن کي اتان کان ڪرنٽ ملي پيو. اهو ڪرنٽ الله جو ڪرنٽ اٿو جيڪو هنن ۾ ڪرنٽ مليل آهي. اڄ انهن جي مٽيءَ کي ڇُهڻ ڪرڻ سان انهن جي مٽيءَ ۾ بہ ڪرنٽ آهي. رڳو توهان هن جي مٽيءَ تي، پڙ تي، قبر تي توهان صرف هٿ هڻو تہ توهان کي سڪون ٿو مليو وڃي. هڪدم توهان جي ڪيفيت چينج ٿي وڃي ٿي. اهو ڇا آهي؟ اهو الله جو اسمِ اعظم اٿو. اهو ڪرنٽ توهان حاصل ڪريو. هيءَ شيون تمام قيمتي بہ اٿو ۽ ناياب بہ اٿو. هيءَ شيون آهن ئي ڪون. هيءَ شيون ڏيڻ وارا ويچارا آهن ئي ڪون. دوستو هي جنهن کي حاصل ٿي آهي اهي وٺو انهن تي عمل ڪريو. الله سائين توهان کي آباد ڪري، خوش ڪري. هنن محفلن ۾ اچو ادب سان احترام سان اچو ۽ ادب سان احترام سان وڃو ۽ رات ڏينهن پنهنجي محبوب ﷺ جي نالي پٺيان هلو. ڪهڙي بہ فيلڊ ۾ هجو. ڪيئن بہ هجو. جهان وارا پاڻ کي ڪيئن بہ چون. پنهنجو انهن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، پاڻ کي انهن کان ڪجهہ ڪون ملندو. ڪا شيءِ ڪون ملندي. هو ڪجهہ بہ ڏئي ڪو نہ ٿو سگهي، پاڻ کي جيڪڏهن ملندو تہ محبوب ڪريم ﷺ جي در تان ملندو. الله سائين پاڻ کي اهي نعمتون تڏهن عطا ڪندو جڏهن پاڻ محبوب ڪريم ﷺ جي دامن ۾ وڃي هٿ وجهنداسون، تڏهن الله سائين پاڻ کي ڏيندو.

منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون. هاڻي جيڪو مهينو اچي پيو اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي نالي سان آهي، محفلون ڪريو جتي توهان جو وس پڄي اتي پهچو ۽ انهيءَ پيغام کي ڦهلايو. الله سائين توهان کي آباد رکي خوش رکي.

**ماهوار محفل ڪثرت درود پاڪ**

**امان نورجهان المعروف ڏاڏي بيبي مٺي رحہ. تاريخ:**05-11-2018

# عشرتِ دُرود پاڪ

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

''اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ''

دوستو! محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ توهان هتي پهتا آهيو، توهان جي لاءِ منهنجيون دعائون ۽ توهان کي منهنجي طرفان اسلام عليڪم.

جي ڪو چاهي ٿو ته مونکي الله سائين بهشت عطا ڪري ۽ منهنجي ساهه، سڪرات، قبر ۽ محشر جون منزلون آسان ٿين ته، پوءِ انهيءَ لاءِ هڪ الله وارو بزرگ جيڪو صاحبِ ڪمال هو جيڪو مردِ مجاهد هو، اهو چوي ٿو ته الله سائين جا اوصاف آهن، الله سائين جون صفات آهن، الله سائين جا ڪئين نالا آهن، هن جون پنهنجيون پنهنجيون صفتون آهن ۽ اهي نالا ماڻهو پڙهن ٿا ته انهن سان انهن تي انهن جون صفتون حاوي ٿين ٿيون ۽ انهن جا اوصاف حاوي ٿين ٿا ته توهان به ڪنهن به الله سائين جي هڪ اوصاف تي عمل ڪريو الله سائين حڪم ڏئي ٿو ته صبر به ڪريو، حق به ڪريو ڪوڙ به نه ڳالهايو سچ به ڳالهايو هاڻي چار پنج شيون آهن جيڪي ٿورڙيون ۽ آسان آهن انهن مان ڪنهن به هڪ شيءِ تي توهان عمل ڪريو سو انهيءَ بزرگ جي اڳيان هڪ ماڻهو اها شيءِ چونديءَ ته آئون هاڻي زندگي ڀر ڪوڙ ڪون ڳالهائيندس، ٻئي چيو ته سائين آئون هاڻ الله سائين جي رحمت کي هٿ ڪندس، ٽئين چيو ته الله سائين صبر جو حڪم ڏنو آهي ته آئون انهي تي عمل ڪندس. سائين جن ويندي ويندي هُن کي چيو ته پٽ جيڪڏهن تون ان تي عمل ڪندي ته تنهنجي زندگي خوشحال ٿيندي، سچ جي ڪري توتي ڪئين پابنديون اينديون، ڪئين توکي مسئلا ٿيندا، پر تون اهي سڀ پار ڪندي، توکي ڪجهه ڪون ٿيندو، فقط آزمائش آهي تون پنهنجي سچ تي قائم ٿي رهج، هو هليو ويو. پنهنجي پاڙي جي ڪنهن عورت ان همراهه کي بدفعلي لاءِ سڏيو ۽ هن کان به اهو گناهه سرزد



ٿي ويو بهرحال اهو فيصلو هلندي هلندي انهي وقت جي عدالت ۾ آيو ته انهي عدالت ۾ مائي به پنهنجي فعل جي حامي ڀري ته مونکان به اهو فعل ٿيو، جڏهن قاضي هن همراهه کان پڇيو ته تو ڇا ڪيو؟ ته هن همراهه کي پنهجي هن رهبر جي ڳالهه ياد اچي وئي ته منهنجو عهد آهي ته آئون هاڻي ڪوڙ ڪون ڳالهائيندس، چيائين سائين مونکان به اهو گناهه ٿيو آهي، قاضي چيو ته ڪڏهن به ڪو ماڻهو انهي ڏوهه کي ناهي باسيندو، هي چريو آهي هن کي وڃي ڪنهن پاگل خاني ۾ وجهو ته هن کي سپاهين ڪٽي ڪنهن پاگل خاني ۾ هنيو اتي هو ٻن ٽن ڏينهن ۾ آزاد ٿي ويو وري اچي انهي سائين جي بارگاهه ۾ پهتو ته سائين هڪ ته مون ڪوڙ نه ڳالهائڻ جي واعدي تي عمل ڪيو ان منجهان مونکي فائدو حاصل ٿيو آئنده جي لاءِ آئون انهن سيني گناهن کان معافي ٿو گهران هاڻ مونکي وري ڪو ٻيو ڏس ڏيو، چيائين بابا هاڻي تون وڃي صبر ڪر، صبر اهو ميوو آهي جيڪو ڪڏهن به خراب ناهي ٿيندو، چيائين سائين اڄ کانپوءِ آئون ائين ڪندس. باقي رحمت توکي هٿ ڪرڻي پوندي، رحمت جيئن هتي پاڻ جو ڳڌ ٿيا آهيون، هتي پاڻ فضل ربي کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڳڌ ٿيا آهيون، ته الله سائين جي فضل کي ڳولهيون، هن کي هٿ ڪريون، انهن تائين پهچون اهو آهي فضل ربي، اها آهي رحمت، اهو بزرگ هن کي چئي ٿو ته، باقي رحمت توکي هٿ ڪرڻي پوندي، اها توکي ائين ڪون ملندي، اها توکي محنت سان ملندي، اها محنت اڄ هن دور ۾ ايڪويهين صدي ۾ الله سائين پاڻ کي عطا ڪئي آهي، اها محنت آهي منهجي محبوب ڪريم ﷺ تي ڪثرت سان درود پاڪ.

هڪڙي الله جي بزرگ ڪامل کان ڪنهن پڇيو ته سائين توهان ڇا حاصل ڪيو؟ چيائين مون جڏهن ظاهري دنيا جون عبادتون، بندگيون، ارڪان، فرائض جيڪي هئا اهي مون سڀ ادا ڪري جڏهن مون پنهجي باطن ۾ جانچيو پاڻ ۾ جانچڻ کان پوءِ جيڪا مونکي اک ملي ٿورڙي معمولي اک مليم پر مون سمجهيو ته منهنجي چاليهه سالن جي بندگي رائيگان وئي، ڇو ته مون پنهنجو پاڻ کي ته هٿ ئي ڪون ڪيو مون پنهنجو پاڻ کي ته ڏٺو

ئي ڪون تہ منهنجا افعال ڇا آهن. منهنجو جيڪو وجود آهي اهو ڇا آهي؟ الله سائين مونکي هن جهان ۾ ڇو رکيو آهي؟ مونکي اهو الله سائين جو اوصاف هٿ ڪرڻو آهي، الله سائين تائين مونکي ڪيئن پهچڻو آهي، اُها رحمت، اُها الله سائين جي نعمت اُن جي لاءِ پاڻ هتي اچي گڏ ٿيا آهيون. تہ اُها رحمت ڪيئن هٿ ڪجي، اُها رحمت اُهو فضل ربي آهي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ آهي. دوستو ماڻهو ڀلي ڪٽي ڪيئن بہ ڇون پر منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جون درود پاڪ جي لاءِ چاليهہ حديثون آهن. ڪو چوي ٿو تہ زندگي ۾ هڪ دفعو درود پڙهو. ڪو چوي ٿو ڪيئن پڙهو، ڪو چوي ٿو ڪيئن پڙهو پر درود ضروري آهي. ڇو تہ اهو بہ الله سائين جو اوصاف آهي، الله سائين پاڻ بہ درود پڙهي ٿو. پنهنجا ملائڪ فرشتا پڙهن ٿا ۽ توهان کي اسان کي حڪم ٿو ڏئي تہ توهان بہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهو تہ اها بہ الله سائين جي صفات آهي. چور، چور کي وڃي هٿ ڪندو آهي، هُن کي چور ڪانسواءِ ٻيو ماڻهو نہ وڻندو. هو چور سان پنهنجا حال حوال ڪندو. بابا تون ڪٿي ڦٻئي، تون ڪٿي ڪاٽ هنيو ڪٿي چوري ڪئي، هو چور، چور کي پنهنجا حال احوال ٻڌائيندو مون هيئن ڪيو مون هونئن ڪيو. ائين وري فحاشي وارو توهان ڏٺو هوندو. تہ اهو پاڻ جهڙو ڳوليندو. نشائي ماڻهو کي اڪيلي مزو ڪون ايندو. چرسي وڃي وري چرسي کي هٿ ڪندو بہ ٽي پاڻ ۾ ملي جيڪڏهن سُوٽا نہ هڻندا تہ هُنن کي نشو چڙهندو ئي ڪون. وري ٽري وارو جيسين بہ ٽي چار ماڻهو هٿ نہ ڪندو تيسين هن کي نشو ڪون ٿيندو. ڇو تہ هو اجايو هڻندو مٿو اهو ڪير ڀلا ٻڌي، اهو وري اهو ئي ٻڌندو جيڪو هن جهڙو هوندو. الله وارا وري پاڻ جهڙن کي وڃي هٿ ڪندا آهن. ائين توهان سيئي عاشقِ رسول ﷺ پنهنجو پاڻ کي ڳولي ڳولي هڪ ٻئي کي هٿ ڪيو آهي، توهان وڃي اهي محفلون هٿ ٿا ڪريو ڇو تہ توهان کي پنهجي انهي حال پائين ڪان، پنهجي پٽي پائين ڪان سواءِ ڪٿي مزو سڪون ڪون ايندو. ڀلي ڪٽي



وڏا وڏا واعظ ٿين. اسان وٽ وري ڇا آهي؟ هڪڙو عجيب رواج آهي، جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي ائين ڪيو ٻيو اهو ڪم ڪندو ٿيون بہ اهو ڪندو اسان الله سائين ۽ محبوب ﷺ کي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ. اسان رڳو هڪ ٻئي جي رِيس ۾ آهيون. جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڪو وڏو ڪم ڪيو تہ ٻيو بہ وڃي اهو ڪم ڪندو ائين جيئن هڪڙي رڍ جيڏانهن پڄندي ٻيون بہ اوڏانهن پڄنديون. ان کي اهيا پرک ڪو نہ هوندي تہ هو کوهہ ۾ وڃي پئي، اڳيان بگهڙ شينهن. ڪُتا کائيندا. اڳيان وري انهن جو ڏنار ايندو چوندو ماسي تو چري ٿي وئين آهين. اڳيان ويندي تہ توکي بگهڙ کائيندا. هن کي وري ڪنڌ مان جهلي اچي واڙي ۾ هنيائين تہ تون ڏاهي ٿي. تون هڪڙي پڄنديءَ تنهجي پٺيان هي پنجاهہ سئو ٻيون بہ وينديون. پوءِ هن جهان جا معاشري جا بگهڙ توکي کائيندا. هي توکي رڳو وڏيون وڏيون ڳالهيون ٻڌائيندا پر جيڪڏهن تون هنن سان هلندي، تون هنن کي جانچيندي تہ هو عمل کان خالي هوندا، هو عمل کا وانجها هوندا، هو توهان کي سنيون سنيون خبرون ٻڌائيندا پر پاڻ ان تي عمل ڪون ڪندا. تنهن ڪري انهي رڍ وانگر پاڻ پڄي ٻين کي انهي پٺيان آڻيندي تہ هو بہ ويچاري ويندي هن جي ڪاچ ٿيندي ۽ پٺيان جيڪي تنهجي پٺيان وينديون اهي وڃي انهن جو ڪاچ ٿينديون. دوستو! محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي تہ.

"من ذکرت عنده فلم يصل عليّ فقد شقي" (طبراني، المعجم الاوسط، 4: 162، رقم: 3871)

بدبخت اهو ماڻهو آهي، وانجهيل اهو ماڻهو آهي، بيڪار ترين اهو ماڻهو آهي جنهن جي اڳيان مون محبوب ڪريم ﷺ جو ذڪر ٿئي اهو درود نہ پڙهي، اڄ اسين ڪيئن ٿا چئون تہ زندگي ۾ هڪ دفعي درود پڙهجي، منهنجي محبوب ﷺ جو نالو هر ذڪر ۾، هر فعل ۾، هر نعت ۾، هر مولود ۾ نالو ورتو وڃي ٿو پوءِ ڇا جتي منهنجي محبوب ﷺ جو نالو اچي اتي پاڻ جيڪڏهن درود نہ پڙهون تہ پاڻ ڇا ٿيون. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث مطابق اهو بدبخت آهي جنهن جي اڳيان منهنجو نالو اچي اهو مون محبوب

محمد ڪريم ﷺ تي جيڪڏهن درود نہ پڙهيو تہ اهو وڏو بد بخت آهي، هاڻي اهو فيصلو توهان جي هٿ ۾ آهي، وري منهجو آقا ﷺ فرمائي ٿو.

"عن علي ابن ابي طالب رضي الله عنه قال : كل دعاءٍ محجوبٌ عن الله حتى يصلى على محمدٍ وعلى آل محمد."(سلسلہ احاديث صحيح 3007)

ترجمو: "حضرت علي فرمائين ٿا تہ الله تعاليٰ هر دعا انهي وقت تائين حجابن ۾ رکي ٿو جيستائين حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي آل تي درود نہ موڪليو وڃي".

اها دعا حجابن ۾ آهي، اها دعا وچ ۾ ڦٽڪي ٿي جنهن جي اڳيان پويان مون محبوب ﷺ تي درود ڪون ٿو پڙهجي، جنهن جو مطلب توهان جون دعائون ئي خالي آهن. توهان زندگي ۾ فقط هڪ مرتبا درود پڙهيو پوءِ معنيٰ توهان جون دعائون ئي خالي آهن يا تہ منهجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث ٻڌو جي توهان جي اول آخر منهجي محبوب ڪريم ﷺ تي توهان جيڪڏهن درود ڪون ٿا پڙهو تہ توهان جي دعا ائين پئي پٽڪي جيئن ٻيا ماڻهو معاشري ۾ ٿا پٽڪن. وري منهجو محبوب ڪريم ﷺ فرمائي ٿو

"من صلى عَلَيّ واحِدَةً صلى الله عليه عشرًا" (صحيح مسلم 912)

جنهن مون تي هڪ دفعو درود پڙهيو ان تي ڏهہ نعمتون "من صلي عليہ في يوم عشره" جيئن هي پنهنجي محفل آهي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث،

"ما اجتمع قوم في مجلسٍ فتفرقوا من غير ذكر الله والصلاة على النبى صلى الله عليه وآله وسلم إلا كان عليهم حسرة يوم القيامة" (ابن حبان، الصحيح، 2: 351، رقم: 590، حاكم، المستدرك على الصحيحين، 1: 668، رقم: 1810)

ترجمو: جڏهن ڪجهہ ماڻهو مجلس ۾ جمع ٿيندا آهن ۽ بغير الله پاڪ جي ذڪر ڪرڻ ۽ بغير حضور پاڪ ﷺ تي درود موڪلڻ جي الڳ ٿي وڃن تہ اها مجلس قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ باعثِ حسرت هوندي.



جنهن مجلس ۾، جنهن محفل ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود نہ پڙهجي، انهي محفل تي ڦٽڪار آهي، اها محفل ڪنهن بہ ڪم جي ناهي، هي عاشقن جو پنڌ آهي، هي الله وارن جو پنڌ آهي، هي نيڪ صالحين جو پنڌ آهي، جنهن جي لاءِ شاهہ صاحب چيا ٿو چوي،

"سُتي پون چرڪ"

چئي ٿو ستو پيو آهيان پر عشق مونکي سمهڻ نٿو ڏئي، چو تہ مون ڪثرت سان درود پڙهي پنهنجي اندر کي سنواريو مون نورِ مصطفيٰ ﷺ سان پنهنجي اندر کي ٺاهيو آهي، اهو نور جڏهن منهجي اندر ۾ سمايو تہ اهو نور مونکي هاڻي رات جو سمهڻ کو نہ ٿو ڏئي، اهو نور مونکي اٿاري ٿو اهو نور مونکي اندر ۾ سهائو ٿو ڏي، اهو نور مونکي چوي ٿو ويهہ نہ. وڃي محبوبن جون محفلون اٿينڊ ڪر.

"ستي پون چرڪ آيل ٻاروچن جا"

هي ٻاروچن جو عشق جيڪو چرڪ ٿو پرائي، ويني ويني چرڪ ٿو پري، ويني ويني اوڙا ٿا اٿن، ويني ويني اندر جون ٻاهيون ٿيون ٻرن، تون وچ اها باهہ وسامندي ڪون، هن جهان وارن سان تون محفلون ڪندي تنهنجي اها آتش ڪون وسامندي، وچ جتي آتش اجهي اتي اجهاءِ،

"ستي پون چرڪ آيل ٻاروچن جا"

مونکي ويني ويني ٻاروچن جا چرڪ ٿا پون، آئون جنهن وقت جنهن دم منهجي محبوب ڪريم ﷺ جو نالو ٿو ٻڌان تہ مونکي چرڪ پئجيو وڃن، مونکي اکين ۾ پاڻي اچيو وڃي، مون تي اندر جي ڪيفيت حاوي ٿي وڃي ٿي

"پنهون جي پيڪاڻن جون ٿئي منجهان راتيون رڪ"

وڃ وڃي اتي رهاڻيون ڪر جتي محبوبن جو رهاڻيون آهن

"هئنيم هوت ڪرڪ پچان پو نہ نڪري"

چئي ٿو مونکي محبوبن اهڙي اندر ۾ ڪرڪ هنئي جو آئون انهن کي پوچيان تڏهن بہ نہ لها، اها مونکي چرڪ پوي ٿي، اُهي مونکي تڏهن پيا

جڏهن محبوبن مونکي اندر ۾ ڪرڪ هنئي، مونکي اندر ۾ چيپون هنيون تڏهن منهجي اندر مان نورِ مصطفيٰ ﷺ، رحمت مصطفيٰ ﷺ جيڪا توهان جي اندر ۾ پئي آهي،

"سر تيون سوراتن جون ڪون ٿيون پٿريون؟

چئي ٿو جن کي سور هوندا انهن کي پلي پٿريون هڻ، پٿر هڻ، مهٽا هڻ، طعنا هڻ، تنقا هڻ، پوندا ڏي، گهٽ وڌ ڳالهائي پر اهي سڀ سهندا پر اهو سور سڄڻ جو ڪٽي اهو ماٺ ڪري ڪون ويهندا،

"گهاء نہ لڳي گهڻ جو رياء منجهان ٿيون روئن جڳاريون چون يار منهجي
"پرينءَ تان"

چئي ٿو هو ڪون ٿيندي يون، پنهجي محبوب ﷺ تي هن جو سر فدا، هن جي جان فدا، هن جو اٿڻ ويهڻ انهي محبوب ﷺ جي پنيان آهي. دوستو جڏهن اهو نور اها رحمت توهان جي اندر ۾ ٿي اچي تہ توهان جو اندر نرم ٿئي ٿو، توهان ۾ عاجزي اچي ٿي، توهان ۾ عشق اچي ٿو، توهان ۾ محبت اچي ٿي، توهان کي فرضن جو قدر ٿيندو، توهان کي ڪاوڙ ڪون ٿيندي، بلڊ پريشر انهن جو وڌندو جن کي ٻاهريون ڏيک هوندو، جن جي اندر وارو ڏيک منهنجي محبوب ڪريم ﷺ هوندو انهي کي ڪاوڙ ڪون ٿيندي، ان جي مٿي تي پگهر ڪون ايندو، هو ٻئي جا عيب ڪون ڪڍندو، هو پنهنجا عيب ڪڍندو، هو پنهنجو پاڻ ۾ جانچيندو، هيءَ قلندري دوست بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي، بغير ڪنهن فيس جي، هزارن الله جي ولي الله جي درگاهن تي وڃن ٿا، اتي وڃي پنهجي محبوب ﷺ جون محفلون ٿا ڪن، ائين تہ انهن لاءِ آستانہ آهن، ائين انهن لاءِ آفيسون آهن، هنن کي تہ صرف اتي ويهڻ لاءِ نڪاٽو کپي، دنيا وارا هنن کي نڪاٽو ڪون ٿا ڏين، نڪاٽو الله جا صالحين بندا جيڪي منزلون ماٽي ويا آهن، اُهي اتي انهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪن ٿا ۽ انهن کي پنهنجو آستانو ٿا ڏين، اتي هيءُ وڃي پنهجي محبوب ڪريم ﷺ جون محفلون ٿا ڪن، توهان تہ سالن کانپوءِ اٿو ٿا، توهان جون فيسون آهن، توهان جا پاڙا آهن، توهان تہ ڪڏهن ڪڏهن ٿا اٿو،



پر هي چوويهہ ڪلاڪ پنهجي محبوب ﷺ جي پنڌ ۾ آهن، توهان ائين نہ سمجهو تہ الله جي فرضن کان وانجهيل آهن، هي توهان کان وڌيڪ متقي آهن، هي پنج وقت تہ ڇا پر تهجد سان بہ هنن جو عشق ۽ محبت آهي، هي انهن کان وانجهيل ڪونهن، صرف توهان جي اکين ۾ توهان وٽ ظاهريت آهي، هنن کي باطني الله سائين وڏو مال ملڪيت عطا ڪيو آهي، هي هن تي قائم دائم آهن، توهان جتي پهچڻ جو سوچيو ڪون ٿا، اتي هي مردِ مجاهد پهچن ٿا،انهن ماڻهن کي آهستي آهستي پيار سان محبت سان هن پاسي ٿا آڻين.

دوستو! هي پنڌ هلندو، هن پنڌ منجهان جنهن جو پاڳ کُلي، جيڪو هن محفل ۾ آيو ان جو پاڳ آهي. دوستو، اسان جهڙا اندر آهيون اهڙا ٻاهر آهيون، اسان جا پاڪر پنهجي محبوب ﷺ جي پاڪر ۾، اسان جون نظرون پنهجي محبوب ﷺ جي چائنٽ تي آهن، اسان جو اٿڻ ويهڻ پنهجي محبوب ﷺ جي لاءِ، اسان کي ڪو طعنا هڻي، اسان کي ڪو ڪيئن سمجهي، ڪو ڪيئن سمجهي، اسان کي ڪجهہ ڪونهي، اسان کي پنهجي ڊيوٽي ادا ڪرڻي آهي، ڇو تہ اسان کي جيڪو اوصاف مليو آهي اهو مليو آهي ڪثرتِ درود پاڪ، اها واٽ وٺ تہ ٻيون شيون صبر، عاجزي، فرائض، سنتون سڀ تو وٽ اينديون، پر پهرين پنهنجي اندر کي آجو ڪر، جيڪڏهن تون پنهجي اندر کي آجو نہ ڪيو، تو پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاتو، تو رڳو ٻين جا عيب ڪڍيا، ٻين کي تو ظاهر ڪيو، تہ پوءِ تون پرايا حق بہ کائيندي، وياج بہ وٺندي، ناحق بہ ڪندي، توکي ٻين ۾ عيب نظر ايندا، جڏهن تو پنهنجو پاڻ ۾ عيب ڏٺا توکي مجال آهي جو تون ٻين جا عيب ڏسي

سو منهنجا دوستو! توهان جي لاءِ دعائون، الله سائين توهان کي وڌائي، توهان ڪنهن بہ وقت پنهنجو پاڻ کي مايوس نہ ڪجو، ڪنهن بہ وقت پنهنجو پاڻ کي اڪيلا نہ محسوس ڪجو، توهان جي مالڪي آهي، توهان جي مالڪي اهو مالڪ ٿو ڪري جيڪو رحمت العالمين، شفيع المذنبين ۽ راحت العاشقين آهي، توهان عاشق آهيو، توهان جي اندر جو ڇهرو اهو ئي محبوب آهي جنهن جي نالي وٺڻ سان توهان کي راحت ملي

ٿي، اهو ئي مراد المشتاقين آهي اهو ئي توهان جو حامي آهي، انهي جي مدد سان الله سائين توهان جو حامي، حافظ ٿيندو، الله سائين ڪون چوندو ته منهجي محبوب ﷺ کي بائي پاس ڪري مون وٽ اچو. هتي ته ڪنهن ڪمدار، ڪنهن منشي ڪانسواءِ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان ڪون ٿا ملي سگهون، ڪنهن پرچي ڪانسواءِ ڪو آفيسر پاڻ کي ڪون ٿو پڇي، اهي شيون هجن يا ڪو ذريعو هجي، يا هٿ ۾ به ڪجهه هجي، يا ڪنهن جو فون هجي، تڏهن ٿا هلون. سو هيءُ به جهان آهي هتي به شيون گڏ ٿينديون، منهنجي الله جو فضل، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي رحمت، اُهي به شيون گڏ ڪندو ته توهان ساه جي سڪرات مان، پل صرات تان، هن دنيا جي جيڪي به مسئلا مسائل آهن انهن کي منهن ڏئي توهان پار ٿيندا، جڏهن هي ٻئي شيون گڏ ڪٽندو. منهنجون دعائون الله سائين توهان کي آباد ڪري، ويرا وير وڌ ڪرائي، پر سمهڻ ڪم پنهنجو ڪونهي، پاڻ کي جاڳڻو آهي ۽ معاشري کي جاڳائڻو آهي، معاشرو ننڊ ۾ ستل آهي هُن کي اٿارڻو آهي، هن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو جام پيارڻو آهي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو جام پيو ته توهان جي اندر ۾ نورِ مصطفيٰ ﷺ پيدا ٿئي، جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ نور مصطفيٰ ﷺ پيدا ٿيو، توهان جو سجدو به ڪامل ته توهان جو سجدو حضرت اويس رضه وارو ٿيندو، توهان جو سجدو اصحابِ اڪرام، تابعين ۽ تبع تابعين وارو ٿيندو نه ته اهڙا ڪئين سجدا ڪندا ڪندا هليا ويا، انهن کي ڪجهه به حاصل ڪون ٿيو.

سو دوستو! جيڪڏهن هڪ هڪ نقطي تي عمل ڪندو ته هڪ هڪ نقطو توهان جي زندگي ٺاهيندو نه ته توهان ڪيترا به واعظ، تقريرون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻڌو اهو توهان تي اثر انداز ڪون ٿيندو. دوستو منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون الله سائين توهان کي خوش رکي آباد رکي.

**ماهوار (27) محفل ڪثرت درود پاڪ**
**امان نورجهان المعروف ڏاڏي بيبي مٺي رح.**
**تاريخ:** 15-03-2018



# باادب بانصيب آهي

اَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو! منهنجي آقا ﷺ منهنجي محبوب ﷺ جي محفل آهي ۽ محبوبِ خدا جي هيءَ محفل هڪڙي الله جي ولي الله شهيد بادشاهه جي آستاني تي هر ماهه محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ اسان جو ۽ اوهان جو هتي اچڻ، هتي ويهڻ، هڪ ٻئي کي ٻڌڻ سو به منهنجي محبوب ﷺ جي ساراهه ان جي توصيف اها الله سائين کي به ڏاڍي پسند آهي، سو انهيءَ جي لاءِ مون مسڪين جي طرفان توهان کي مبارڪون ۽ مون عاجز جي طرفان توهان کي اسلام عليڪم.

دوستو! دنيا جون رسمون، رواج، دستور جيڪي هلندا رهن ٿا ۽ هلندا ئي رهندا ۽ ڪئين پاڻ جهڙا انسان ايندا ۽ ويندا، پر دنيا جي گهٽڻ خفن منجهه، دنيا جي هلچل منجهه، دنيا جي ڪمن ڪارن ۾، دنيا جي ڏنڌن منجهه، جنهن ماڻهو کان به پڇيو وڃي ته چئي ٿو آئون قابو آهيان، مون وٽ ٽائيم ڪونهي، انهيءَ دور ۾ توهان جو ٽائيم ڪڍي اچڻ اهڙيون محفلون اٽيند ڪرڻ، انهن ۾ ويهي پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي ڪثرت سان اجتماعي طريقي سان گڏ ويهي درود پڙهڻ هڪڙو ٽائيم مقرر ڪرڻ، ائين هر الله جي بزرگ جي درگاهه تي، ان جي آستاني تي، هن جي چائنٺ تي محفلون مچائڻ پلائي آهي توهان خوش قسمت ماڻهن مان آهيو ۽ اسان به انهن نصيب وارن ماڻهن مان آهيون جن کي انهن خوش قسمت ماڻهن وٽ ويهڻ جو موقعو مليو ٿو. جيئن هينئر اسان جي مولودين نعت پئي پڙهي ته محفل ۾ اهو ئي اچي ٿو جنهن کي محبوب ڪريم ﷺ پاڻ چاهيندا، ته ائين ئي الله جي اولياء اڪرامن چيو آهي ته محبوب ﷺ تي ڪثرت درود پاڪ

اهو ئي قائم ڪندو جنهن تي منهنجي محبوب ﷺ جي توجہ هوندي، نظر توجہ جو اهو ئي ڪم آهي جو اسان ۽ توهان کي هن دجالي دور منجھہ پنهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارو ڪم حصي پتي ۾ آيو، توهان کي ۽ اسان کي پنهنجي نصيبن تي ناز ڪرڻ کپي، هي دور آهي، دور ايندا آهن ويندا آهن، پريشانيون ايندييون وينديون آهن. دنيا ۾ ماڻهو چوي ٿو تہ آئون هر وقت خوش هجان، ائين ٿي ڪو نہ ٿو سگهي، پريشانيون پنهنجي محبوبن تي آيون، پريشانيون محبوبن جي اهلبيتن تي آيون، پريشانيون محبوب ﷺ جي اصحابِ اڪرام تي آيون، اولياءاڪرامن تي آيون.

دوستو! جنهن اڳڻ تي توهان ويٺا آهيو هي اڳڻ عام نہ آهي، سائين شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح عاشقِ رسول هو، ايترو تہ عشق رسول ۾ فنا هئا جو پاڻ ڪريمن ﷺ جي حاضري جو شوق پيو ٿئي، پاڻ ڪريمن ﷺ منع پيا ڪن، ”اي عبدالرحيم تون ايندي تہ مونکي اٿي هٿ ڏيڻو پوندو ۽ قيامت اچي ويندي ۽ پوءِ پاڻ چيو اٿن اي عبدالرحيم تون جنهن هنڌ تي ويٺو آهين انهي کي اسان مديني جي سرزمين مان توکي ٿورو حصو ٿا ڏيون تون اُنهي ۾ مدفون ٿيندي“، انهي حصي تي توهان ويهي محفل پيا ڪريو، هي اهو حصو آهي جنهن جي لاءِ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح پاڻ چيو آهي تہ محبوبن مونکي هي مديني جي حصي مان ڪوري ڏرتي ڏني آهي، جنهن تي توهان محفلون ٿا ڪريو، توهان ڀاڳن وارا آهيو ۽ توهان کي نسخو بہ عظيم مليو آهي، نسخو بہ توهان کي اهو مليو آهي جيڪو الله سائين پسند پيو ڪري. اڄ ڊاڪٽر چون ٿا تہ ٽينشن جو مريض، ٽينشن معنيٰ وسوسا، وهم، بي آرامي، بي سڪون، دنيا جي طالبن کي، دنيا جي حوس حرس وارن کي آرام سڪون چين تہ ايندو ئي ڪون، پر ڊاڪٽر چون ٿا سڪون انهن کي ملندو جيڪو مصروفيت منجھہ رهي، سو پاڻ قلندري جنهن جي هٿن ۾ ڪائونٽر، جن جي هٿن ۾ تسبيح چوويهہ ڪلاڪ پنهنجي محبوب ﷺ تي جيڪو ٽائيم ملي ٿو درود پيا پڙهون، انهي کان وڌيڪ ٻيو ڪو بزي رهڻ جو مشغلو آهي



دوستو! هن قحط واري دور ۾، هڪڙو قحط هوندو آهي برساتن وارو، پاڻي جو قحط، اڄ فقدان آهي ايمان جو، اڄ انسانيت جو قحط آهي، اڄ ماڻهن جو قحط آهي، اڄ هر طرح سان محبتن جو قحط آهي، اهڙي دور ۾ توهان اسان سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿا ٿيون، ڪير ڪهڙو عقيدو ٿو رکي، ڪنهن جو ڪهڙو پير آهي، مرشد آهي، ڪو ڪهڙي قوم جو آهي، ڪو ڪيئن آهي، پر پاڻ سڀ هتي هڪڙي نقطي تي گڏ ٿيون ٿا، هڪڙي انهي بعيت تي ٿا ڪم ڪريون تہ اڄ اسان انهي اولياء اڪرام جيڪو الله جي راهہ ۾ شهيد ٿيو، انهي جي اڳڻ تي، آستاني تي اسان جو فقط انهي ڪري وڃڻ ٿئي ٿو تہ اتي محفل درود پاڪ آهي، اها محفل جنهن جي لاءِ حديث آهي تہ.

ما جلس قوم مجلساً يذ كرون الله فيه إلا حفتهم الملائكة، وتغشتهم الرحمة وذ كرهم الله فيمن عنده (دلائل اليخرات)

ان کي چوطرف ملائڪن جي قطار ٿي ويهي ٿي فرش کان عرش تائين، انهن کي چوڪيدار ٿي الله جا فرشتا ويهن ٿا، جيسين انهي محفل ۾ درود پاڪ پڙهيو ٿو وڃي تہ فرش کان عرش تائين ملائڪن جون قطارون ٿين ٿيون، انهي ڀاڳن واري محفل ۾ توهان اسان بہ اچي ڪٺا ٿيون ٿا، پاڻ کي اها جيڪا مهلت، اهو جيڪو ٽائيم، اهو جيڪو ٽاڻو ملي ٿو اهو رحمتن، برڪتن ۽ نعمتن ڀريو آهي، ائين الله جون اسان تي نعمتون آهن. ائين اسان کي پنهنجي مرشد جون دعائون آهن، يا الله وارن جون دعائون آهن يا اسان کي ماءُ پيءُ جون دعائون آهن، جو هن افراتفريءَ جي دور ۾ اسان هي محبوب ڪريم ﷺ جون محفلون ٿا مچايون، ضرور اسان جو ڪم اهڙو آهي جيڪو مالڪن کي پسند اچي ويو آهي جو اسان مسڪينن کي گهرائن ٿا، اسان نااهل آهيون، اسان ڪمزور آهيون، اسان کي محبوب ﷺ جي چائنٺ تي آندو ٿو وڃي، محبوب ﷺ جي محفل ۾ آندو ٿو وڃي، اي گنهگارو توهان جا گناهہ آهن، توهان جا عيب آهن، توهان ۾ ڪئين عادتون آهن پر اچو منهنجي محبوب ﷺ جي در تي اچو، ملائڪ بہ انهي در تي اچن ٿا، حضرت

آدم عليہ السلام جيڪڏهن بخشيو ويجي ٿو تہ انهي در تي بخشيو ٿو وڃي، اهو درِ مصطفيٰ ﷺ آهي، مصطفيٰ ﷺ تہ مصطفيٰ ﷺ آهي، پر مصطفيٰ ﷺ جي اولاد کي بہ چيو ويو آهي تہ.

عَنۡ حُذَيۡفَةَ رضى الله عنه، قَالَ: قَالَ رَسُوۡلُ اللهِ ﷺ: إِنَّ هَذَا مَلَكٌ لَمۡ يَنۡزِلِ الۡأَرۡضَ قَطُّ قَبۡلَ هَذِهِ اللَّيۡلَةِ اسۡتَأۡذَنَ رَبَّهُ أَنۡ يُسَلِّمَ عَلَيَّ وَ يُبَشِّرَنِي بِأَنَّ فَاطِمَةَ سَيِّدَةُ نِسَاءِ أَهۡلِ الۡجَنَّةِ، وَ أَنَّ الۡحَسَنَ وَ الۡحُسَيۡنَ سَيِّدَا شَبَابِ أَهۡلِ الۡجَنَّةِ. رَوَاهُ التِّرۡمِذِيُّ وَالنَّسَائِيُّ وَأَحۡمَدُ. (سنن ترمذی 3781)

حسنين ڪريمين جنت جا سردار آهن، خاتونِ جنت، جنت ۾ عورتن جي سردار آهي، هي انهن جي محفل اٿو انهي محبوب ﷺ جو آل اٿو جنهن کي ايڏو مقام حاصل اٿو. توهان انهي جنت جي رستي تي آيا آهيو، اهو جنت جو رستو آهي انهي جنت جي مالڪن تي درود ٿو پڙهجي، اهو درود انهي سڄي ڪائنات تي ٿو پڙهجي، منهنجو محبوب ﷺ رحمت العالمين آهي، منهنجو محبوب ﷺ سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهي، پاڻ مسڪينن لاءِ رحمت، پاڻ گنگهارن لاءِ رحمت، پاڻ هيڻن لاءِ رحمت، پاڻ گنگهار آهيون، پاڻ فرشتا ۽ ملائڪ ڪون آهيون، پنهنجو ڪم گناهہ ڪرڻ آهي، گناهہ ٿي وڃن ٿا، هڪڙا شعوري ۾ هڪڙا اڻ شعوري ۾ بہ گناهہ ٿي وڃن ٿا پر انهن گناهن جو جيڪڏهن ڪو فطرو فديو آهي تہ محبوب ﷺ جو ڪثرت درود پاڪ اٿو، اهو توهان کي انهي هستي جي ويجهو ٿو ڪري جيڪا هستي رحمت آهي، جيڪا هستي نعمت آهي، ان توهان کي اهو رستو وٺي وڃي محبوب ﷺ جي چائنٽ تي ٿو آڻي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي،

"أولى الناس بي يوم القيامة أكثرهم عَلَيَّ الصلاة" (سنن ترمذي 484)

مونکي ڏينهن قيامت جي ويجهي ۾ ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو ڪثرت سان گهڻي ۾ گهڻو مون تي درود پڙهندڙ هوندو، دوستو انهي تي عمل ڪريو، اهو پاڻ مسڪينن جي نجات اٿو پاڻ مسڪين انهي ٻيڙي ۾



تري پار ٿينداسون، هي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي ٻيڙي اٿو هي هر انهي مقصد ڪان پري آهي جنهن ۾ ٻيا مقصد هجن، پر هن درود پاڪ ۾ سيئي مقصد حل ٿين ٿا، مسڪينيون بہ ختم ٿينديون، بيماريون بہ ختم ٿينديون، دنيا بہ ملندي، جهان بہ ملندو، هر شيءِ ملندي پر محبوب جي ان دائري ڪان جيڪو محبوبِ مصطفيٰ ﷺ مقرر ڪيو آهي، محبوب جيڪو دائري ڪار مقرر ڪيو آهي اسان کي ان ڪان ٻاهر ڪونهي وڃڻو. دوستو اسان کي پابندي ڪرڻي آهي، اسان کي ويڙهہ ڪرڻي آهي انهي نفس ظالم سان جيڪو اسان جي وجود ۾ اٿو هڪڙو وجود ظاهري اٿو ٻيو وجود باطني اٿو ظاهري وجود گهمي ڦري ڪائي پئي ٿو ٻيو جيڪو وجود آهي جنهن ڪان پڇاڻو ٿيندو انهي وجود کي اسان کي صاف ۽ شفاف ڪرڻو آهي، اهو صاف شفاف تڏهن ٿيندو جڏهن اسان کي ڪاملن جو صحبتون عطا ٿينديون، اُهي ڪامل هستيون جن جي چانو ۾ ويٺا آهيون ۽ ڪنهن جي اسان کي توجہ کپي، توجہ آقا ﷺ جي کپي، الله واري بزرگن جي کپي، هي سيني بزرگن جو فيض آهي، اسان بار بار چوندا آهيون تہ اسان اولياء الله جي پيرن جي خاڪ آهيون، اسان تہ طالب آهيون انهن جي درن جا، اسان کي انهن جي درن تان ئي فيض ملي ٿو اسان هنن جي درن جا پارکو آهيون، اسان هنن جي پيرن جي خاڪ آهيون، چو تہ هنن هڪ اهڙو فلسفو قائم ڪيو آهي، هو هڪڙو اهڙو ڪم ناهي ويا آهن، هڪڙو فيض پکيڙي ويا آهن جيڪو ڏينهن قيامت تائين هلندو، پر انهي فيض تي اسان کي عمل ڪرڻو آهي، اسان کي هي خانقاهون، هي درگاهون، صوفي ازم کي اسان کي آباد ڪرڻو آهي، اسان کي نج جيڪي شيون آهن اُهي اسان کي قائم رکڻيون آهن، اسان کي زماني جي برائين کان پاڻ کي بچائڻو آهي.

منهنجيون دعائون آهن، الله سائين توهان کي آباد رکي، پر محفلن ۾ اچو تہ جيستائين محفل ۾ هجو، دنيا جا ڪم ختم ڪري ڇڏيو، پاڻ ۾ ٿوري گهڻي ڳالهہ هنن محفلن جي حدود ۾ ڪئي تہ توهان تي هڪ سئو

چوئيتاليهہ قلم لاڳو توهان پنهنجو پاڻ کي سمجهو تہ اسين محبوبﷺ جي اڳيان حاضر آهيون، ڪا بہ دنياوي، سياسي، ڪاروباري ڳالهہ مهرباني ڪري پاڻ ۾ بہ ڪچهري نہ ڪريو ماٺ ڪري ويهو دعا ٿئي پوءِ ٻاهر وڃو، پوءِ توهان جي مرضي آهي، توهان جا جهڙا جهان جا ڪم آهن اهي توهان پلي ڪريو پر هنن محفلن ۾ فون وغيره نہ استعمال ڪريو ادب احترام ڪريو توهان کي محسوس ٿئي تہ هي محبوبﷺ جي محفل آهي ۽ اسان مسڪينن وٽ آهي ئي ادب احترام، اسان وٽ نہ ڪا عبادت نہ بندگي، اسان جا ڪهڙا فرض آهن، ڪڏهن ڪيئن ٿا پڙهون، ڪڏهن ڪيئن ٿا پڙهون، اسان جون ڪهڙيون بندگيون، تنهن ڪري ادب احترام وارو جيڪو پهلو آهي انهي تي اسان کي قائم رهڻو آهي.

سو الله سائين توهان کي وڏائي، توهان کي آباد رکي، توهان جي ٻارن کي، ٻچن کي خوش رکي، توهان مان الله سائين بيماريون، مرض سڀ دور فرمائي، الله سائين توهان کي پنهنجي فرضن تي قائم رکي، الله سائين توهان کي منهنجي محبوبﷺ سان محبت جو عادي ڪري ڇڏي، محبوبﷺ جو نالو ونجي توهان جا وار اڀا ٿي وڃن، دنيا جا ڪم توهان پلجي وڃو، توهان جي اک انهي يار تي اٽڪي پوي، اهو چهرو توهان جي اکين جي سامهون بيهي رهي، توهان کان نفساني خواهشون سڀ ختم ٿي وڃن، توهان کان حرس حوس واريون تمنائون ختم ٿي وڃن، چو تہ محبوبﷺ جي اک ۾ جڏهن اک اڇي ٿي وڃي تہ ٻي اک هيراڦيري کان پري ٿي وڃي ٿي. هي محفلون ڪٿي بہ ٻڌو اتي پهچڻو آهي، بندوبست پاڻهي مالڪ ڪندا، جنهن جا آستانہ آهن، اهي ئي بندوبست ڪندا، پاڻ کي پهچڻو آهي، الله سائين توهان کي آباد ڪري، الله سائين توهان جو حافظ، الله سائين توهان جو حامي.

**ماهوار محفل ڪثرت درود پاڪ،**
**سائين شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رحہ.**
**تاريخ:** 03-08-2018



# وفا جو وچن

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

''اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ''

دوستو! مون ڪمزور ۽ انتهائي هيٺي جي طرفان توهان کي هن محبوبن جي آستاني تي اچڻ تي آجيان، ڀليڪار ۽ اسلام عليڪم، حق موجود

دوستو! آئون شاهہ صاحب جو هڪ شعر پڙهندس جنهن ۾ سڄو فلسفو سمايل آهي جنهن سان اسان مسڪينن جو بہ ڪم آهي،

”ماڻهو ڏيئي مهڻا مونکي ڪندا ڪوهہ
صورت سپيريان جي ڏٺي ڪونهي ڏوهہ
ڇپر منجهان ڇوهہ روئيندي رڳينديس رت سين“

دوستو! ماڻهن جون مياروں، طعنا، تنقا اسان کي پنهنجي راهہ تان روڪي ڪون ٿا سگهن، ڀلي ڪٽي هو ڇا بہ ڪن، هي رستو محبت جو رستو آهي، هي رستو صوفي ازم جو رستو آهي، هي رستو راحت ۽ سڪون جو رستو آهي، راحت ۽ سڪون اسان جي دل جي، جان جي، نيڻن جي، خاندان جي، معاشري جي، پاڙي جي، ڌرتي جي آهي، پر اسان جي قبر، محشر ۽ حشر جي بہ آهي، اُهي سرٽيفڪيٽ اسان کي اهو رحمت العالمين پيو ڏئي جيڪو سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهي، جنهن جي لاءِ الله سائين هيءَ سڄي ڪائنات ناهي آهي، اهو پنهنجي حديثن ۾ بہ اسان کي انهيءَ انمول نعمت لاءِ بار بار سرٽيفڪيٽ پيا ڏين ۽ اسان کي آماده پيا ڪن، اسان کي عشقِ مصطفيٰﷺ جي واٽ خود الله سائين پيو ڏئي، تہ بيشڪ آئون پنهنجي ملائڪن سان پنهنجي فرشتن سان پنهنجي محبوبﷺ تي درود پڙهان ٿو سڄي ڪائنات ختم ٿيندي، پر ملڪ الموت کي بہ موت ايندو پر منهنجو رب جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي، جنهن کي بقا آهي، جيئن اسان جي دوست هينئر شعر پڙهيو تہ آهيون اسين فنا پر اسان جي بقا سان نسبت آهي، اسين آدم آهيون اسان کي تہ ختم ٿيڻو آهي، هر ساهہ

واري شيءِ کي موت جو مزو چکڻو آهي، اسين فنا آهيون پر اسان جي بقا سان نسبت آهي، اها ڪهڙي بقا؟ اها بقا الله سائين جي ذات آهي، جو تہ الله سائين تہ واحد آهي، احد آهي، صمد آهي، اها ذات قائم رهڻي آهي، سڄو جهان ختم ٿي وڃي، آخرت اچي وڃي پر منهنجي رب جي ذات قائم رهندي، جنهن وقت فرشتا بہ ختم ٿي ويندا پر منهنجي رب جي ذات هوندي اها رب جي ذات ڇا ڪندي؟ اها پنهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهندي رهندي، دوستو! توهان آهيو فنا پر توهان جي بقا سان نسبت آهي، هاڻي توهان اندازو ڪريو تہ توهان جون نسبتون وڃي ڪٿي ٿيون پهچن، انهي بقا سان ٿيون پهچن جيڪا توهان هتي تند پيا تنواريو جيڪا هتي توهان تسبيح پيا سوريو اها تسبيح الله سائين پنهنجي محبوب ﷺ تي پيو سوري، تہ توهان وٽ اها محنت توهان وٽ اهو عظيم ڪم آهي، جيڪو توهان پاڻ بہ ڪريو ٿا ۽ جهرجهنگن ۾ وڃو ٿا ماڻهن جا مهڻا ۽ طعنا برداشت ڪري ماڻهن کي وڃي اها عظيم دعوت ٿا ڏيو. دوستو! دنيا ۾ معاشري ۾ ماڻهن کي الله سائين ڏانهن آڻڻ جي لاءِ الله سائين ڏانهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪڻ لاءِ ڪا اهڙي واٽ ڪپي ٿي. دوستو! الله وارن بزرگن جيئن حضرت بُلي شاهہ رح پنهنجي پيرن ۾ چير ٻڌي نچي ڪري الله سائين کي راضي ڪيو ۽ پنهنجن پوئلڳن کي بہ اهو رستو ڏنائين. اسان جي مرشد حضرت لعل شهباز قلندر رح سماع جي واٽ ورتي پاڻ نچندا هئا جيڪا اڄ ڏينهن تائين پاڻ وٽ اها عشق جي مستي آهي، انهي عشق جي مستي لاءِ محمد هاشم ٺٽوي رح بہ چيو تہ سائين جنهن مستي، مقام ۽ منصب تي توهان آهيو توهان جي لاءِ جائز آهي، توهان جا پوئلڳ جيڪي انهي مستي ۾ انهيءَ حد تي آهن انهن جي لاءِ بہ جائز آهي، پر اسان جو اڪيون ناهن اسان جي لاءِ اهو جائز ناهي. ائين الله وارن ڪئين خواجہ معين الدين چشتي رح ڀارت ۾ وڃي هڪڙو عجيب راڳ رنگ جو طريقو وٺي ماڻهن کي ان ڏانهن آماده ڪيو. ائين 1953ع ۾ بابا سائين احمد علي قريشي رح کي جيڪا واٽ ملي اها عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي واٽ ملي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جون دعوائون تہ گهڻيون ئي جماعتون ۽ ماڻهو ڪن ٿا پر اها محنت هر ماڻهو اڪيلو ڪندو آهي، پر هي جيڪا



محنت اجتمائي طرح اسان کي ملي آهي اها آهي محبوب ﷺ جي چائنٽ تي ماڻهن کي آڻڻ، اهو آهي ڪثرت درود پاڪ جي محنت، هڪ ماڻهو ڪنهن ڊاڪٽر وٽ ويندو آهي، چوندو آهي تہ منهنجي باڊي ۾ مرض آهن، منهنجي ذهن ۾ مرض آهن، ائين ڪنهن عالم وٽ ڪنهن پڙهيل وٽ ويندو تہ هو هن کي ٻڌائيندا، پر الله وارو هن کي نہ ٻڌائيندو هن کي چوندو منهنجي سامهون ويهہ، ائين ڪو نہ پڇندو تنهنجي ذات ڇا آهي؟ ائين ڪون پڇندو تون آهين ڪير؟ تنهنجو ايمان آهي يا ڪونهي؟ تنهنجو ڪنهن سان واسطو آهي؟ تو ڇا پيو ڪرين؟ تون منشيات وارو آهين، تون فحاشي وارو آهين، تنهنجا ڪهڙا عيب آهن، پر چوندو اچ تہ توکي ميڊيسن ڏيان، هو ميڊيسن هن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي عطا ڪندو جيڪا اسان ۽ توهان کي ملي آهي، اسان ۽ توهان جو تہ ڪم آهي اها عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي واٽ جيڪا اسان کي ملي آهي، اسان کي انهي فرد ڪان پڇڻو ناهي تون گنهگار آهين، تون زاني آهين، تون شراب خور آهين، تون الله جي فرضن ڪان پري آهين، تو ماڻهن جا حق ڪاڏا آهن، پر هن کي پيار محبت سان چونداسون، جيڪو بہ تو ڪيو آهي اهو تو ڏوهہ گناهہ پنهنجي خالق جو ڪيو آهي، جهڙو تون گنهگار اُهڙا اسين گُنهگار، اسان کي الله سائين جي نعمت ۽ محبوب ﷺ جي رحمت ۾ جاءِ ملي آهي تہ هن شيءِ جي ڪري ملي آهي، اسان توهان کي اها دولت ٿا ڏيون اچو توهان اها ميڊيسن واپرايو پوءِ جڏهن اهو ماڻهو پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي باقاعدگي سان ٿورو يا گهڻو اها تار تنوار ڪرڻ شروع ٿيندو تہ اها دوا اها ميڊيسن ان تي اثر انداز ٿيندي ويندي، جيئن ان تي اثر انداز ٿيندي ويندي ائين هن جي روحانيت، هن جي جسماني ڪيفيت، هن جي ظاهري ڪيفيت ۾ فرق پوندو ويندو، اهو خود بخود انهن شين ڪان پري ٿيندو ويندو، ڪافي اهڙا دوست جيڪي اسان بابا سائين احمد علي قريشي رح ۽ سائين محمد علي بادشاهہ رح وٽ ڏناسون، انهن کي ڪڏهن بہ ظاهري طرح سائين وارن ائين ڪون چيو بابا تون وڃ وڃي پاڪيزا ڪم ڪر، تون وڃي پنج وقت نماز پڙهہ، سائين وارن ڏٺو تہ هن ماڻهو جو حال ڪونهي، پر اهو اسان بہ ڏٺو تہ پنجن ڇهن ڏينهن ڪان

پوءِ ان همراهہ ۾ اهي سڀ شيون خود بخود اينديون رهيون. پر منهن سان ڪون ٻڌاياڻون پر اهي عادتون هن ۾ آهستي پونديون ويون. جيئن هينئر اسان جو پاڪستان ۾ ٽر جو ٽوٽر ٿيو اُهي دوست جن کي هن ماحول جي خبر ڪون هئي، پر اهي جڏهن اسان جي قافلن سان اسان جي دوستن سان گڏ هليا تہ انهن ۾ اُهي عادتون خود بخود پونديون ويون. جڏهن خير سان واپس آيا تہ اُهي سڀئي خوبيون انهن منجهہ اچي ويون. اهو آهي الله وارن جي صحبت ۾ رهڻ جو فائدو. اهو آهي الله وارن جي سمجهائڻ جو پنهنجو انوکو رستو. دوستو! توهان اسان جو رستو اهو آهي. اسان کي توهان کي ڪنهن سان بہ بحث ڪرڻو ڪونهي. مهڻا ۽ طعنا اسان کي پنهنجي واٽ کان پري ڪون ٽا ڪري سگهن. اسان کي پنهنجي واٽ سان گڏ هلڻو آهي. اها وفا جي واٽ آهي. اسان جو نہ ڪنهن سان بحث. نہ ئي اسان پنهنجو قيمتي ٽائيم ماڻهن سان بحث ڪري وڃايون. نہ ئي اسان ڪي واعظين آهيون. نہ اسان جو ڪم ڪو واعظ ڪرڻ نہ آهي. نہ اسان جو ڪم وڏا وڏا مناظرا ڪرڻ آهي. اسان فقير آهيون. اسان فقيرن جو اولاد آهيون. اسان وٽ جن جو فيض آهي اهي بہ فقير آهن. اسان جو ڪم عاجزي آهي. اهي فقيريون منتقل ٿينديون وينديون. خود بخود اثر انداز ٿينديون وينديون. انهي کي چئبو آهي فيض. اهو ئي فيض آهي جو ملڻ سان ٻئي تي اثر ٿئي. اهو فيض آهي جو گڏ هلڻ سان ٻئي تي اثر ٿئي. اهو فيض آهي تہ هنن محفلن ۾ صحبت ۾ ويهڻ سان اثر ٿئي. هي پنهنجا دوست. پنهنجو سلسلو هيڏو وڏيو آهي اهو نہ واعظن تي وڏيو آهي. نہ ڪو علمي وڏين وڏين ڪهاڻين تي وڏيو آهي. نہ ڪي پاڻ وٽ ڪي وڏا وڏا خواب آهن. نہ ڪي پاڻ وٽ ڪو اهڙو عمليات وارو ڪم آهي. نہ ڪو پاڻ وٽ جهان جو ڪو ڏنڊو آهي. پاڻ وٽ محبتون آهن. محبوب ﷺ سان پنهنجا واسطا آهن. محبوب ڪريم ﷺ سان پنهنجيون نسبتون آهن.

دوستو! مونکي ڪمون شهيد تي اسان جا دوست مليا. انهن مونکي هڪڙي ضلعي جي پٽي ٻڌائي چيائون تہ هتي چپي چپي تي سائين محمد علي بادشاهہ رح پيادا هليا. هڪ هڪ ماڻهوءَ وٽ وڃي سائين هٿ ٻڌا ۽



انهن تائين فيض پهچايو. توهان کي تاريخ ۾ اهڙي ڪا هستي ڪون ملندي جنهن فيض جون پريون مٿي تي کڻي، ماڻهن جي درن تي وڃي منٿون ڪري، آزيون ڪري، هٿ ٻڌي انهن کي فيض ڏنو هجي. انهن تائين پيغام پهچايو هجي، ڪنهن وٽ ٿورو گهڻو اچي ٿو وڃي اهو چئي ٿو مان تہ پير آهيان، هر ماڻهو پير ٿيڻ جي پاسي آهي، هر ماڻهو چئي ٿو آئون پير ٿي وڏا پٽڪا، وڏيون پڳون پائي ويهان. پر الله وارا انهن کان آجا آهن. الله وارن کي ظاهري وڏائپ، تڪبر، وڏا وڏا ڊونگ، وڏيون اٽڪلون نہ ٿيون گهرجن. اسان جو اويسي طريقو آهي، اسان جو قلندري طريقو آهي. قلندر جي معنيٰ آهي بي نياز. معنيٰ ڪنهن بہ فرد ۾ منجهہ آسرو اميد نہ رکڻ. هن کي منع آهي تہ ڪنهن بہ جهان واري منجهہ ڪا اميد رکي، ٻين کان تہ پري جي ڳالهہ آهي پر پنهنجا هٿ پير عضوا آهن انهن منجهہ بہ ان قلندر کي ڪا بہ لوڀ لالچ ڪونهي، هو قلندر انهن سڀني شين کان آجو آهي. قلندر فقط هڪڙي نقطي تي ٻڌل آهي، هو پنهنجي عشق ۾ مگن آهي. قلندر تہ هر وقت سجود ۾ آهي، ماڻهن جون ظاهري پيشانيون ٿيون سجود ڪن. هن جو تہ روح ٿو سجود ڪري، هن جي تہ رڳ رڳ ٿي سجود ڪري. اهي قلندر انهن هستين تائين پهتا. انهن جون واٽون وٺي سائين محمد علي بادشاهہ رح جن کي قلندر جو لقب توهان اسان ڪونهي ڏنو جنهن ڏينهن سائين فوت ٿيا ان کان اڳ ۾ ڏاڏا سائين عبدالرحمان شاهہ رح حڪم ڪيو تہ هي عام ماڻهو ناهي، وڃ حيدر شاهہ پنهنجي ننڍ ڦٺاءِ وڃ دوستن کي چئو تہ هن جي نالي جي اڳيان قلندر چيو وڃي ۽ انهي کي پٽڪو پارائي پڳ پارائي پوءِ پنهنجي آخري مقام تائين وٺي وڃو. مونکي تہ پٽڪو پائڻ بہ ڪون پيو اچي، آئون پٽڪو کڻي پنهنجي مٿي تي ٻڌان پيو تہ، ڪجهہ دوست ڪنفيوز ٿي ويا تہ هيءَ پاڻ کي پٽڪو ٻڌي پيو. ڇا پيو ڪري؟ پر پوءِ انهن ڏنو تہ انهي ئي رات حڪم مليو تہ انهي مردِ مجاهد جي قبر تي بہ پڳ رکي وڃي تاج رکيو وڃي، هي تاج وارو بزرگ اٿئو. هي ڪمال وارو بزرگ اٿئو. هن پنهنجو مقام ماڻيو. اهو رات جي پيٺ ۾ تاج نهيو آهي، صبح جو سائين جي جيئن تدفين ٿي آهي اهو تاج رکيو ويو آهي. اهي تحفا تحائف ڪير ٿو ڏئي؟ اهو منهنجو خالق ڏئي

ٿو منهنجو محبوب ڪريم ﷺ ڏئي ٿو اهي الله واريون هستيون ٿيون ڏين، هن جيڪي پيادل پنڌ ڪيا، الاهي ڪٿي ڪٿي تائين ويو پر پنهنجي اک جو پاڻي به ڪنهن جي اڳيان ظاهر نه ڪيائين، جيڪڏهن روئڻ به ايندو هئس ته اهو به لڪائيندو هو جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي خبر به نه پئي ته محمد علي رح هاڻي الله وارو ٿي ويو آهي، اک مان پاڻي ٿو اچيس، هتي اسان جا دوست وڏيون وڏيون اوچنگارون ٿا ڏين، من کي چار پيا به اسان سان شامل ٿين، پر هن پنهنجي ظاهريت، جيڪو به هو اصل ۾ هو اهو هن جو اصل رهيو، هن اها اصل واري ونڊ ورڇ ڪڏهن به ظاهر ڪون ڪئي، جيڪو ان تي حڪم هو جيڪو ڪم هو ان هن جي آخرت تائين تابعداري ڪئي.

دوستو! انهي هستيءَ جو انشاءالله تعاليٰ اٺاويهين محرم تي ڏهاڙو آهي، سائين جن جو عرس آهي، انهي جي لاءِ توهان کي پيرين پنڌ معاشري ۾ هلڻو آهي، انهي واهيڙين وسندين ۾ وڃو اهو جيڪو ڪرڻ جو ٽارگيٽ جيڪو سائين جن کي پسند هو انهي کي حاصل ڪريو، انهي کي به اڳتي وڌايو، هي فتنن جو دور اٿو، هن ۾ اها ئي محنت آهي جيڪا توهان کي اسان کي پنهنجي حفاظت ۾ آڻيندي. دوستو انهي محفل ۾ توهان پاڻ به اچو پر ٻين کي آماده ڪريو ته ڏسو هي عشق وارن جي محفل آهي، هي انهن جي محفل آهي جن اها محفل مچائڻ لاءِ پنهنجي زندگي ڏني ۽ انهي زندگي ڏيڻ جي ڪري اڄ هزارين ماڻهو انهن جا عاشق ٿي پيا آهن، هزارين ماڻهو اڄ ان جي آسڻ تي اچي، عزم ڪن ٿا ته اي اسان جا محبوب اسين به توسان گڏ آهيون، تون اسان کان ظاهري اکين کان جيڪڏهن اوجهل آهين تڏهن به اسين توسان گڏ آهيون، تنهنجي پيغام کي اسان ڦهلائينداسون، اسان پاڻ ڦهلائينداسون، اسان جو اولاد ايندو اهو پيغام کڻي در در وڃي ماڻهن تائين پهچائيندو، ته هي اٿئو اهو فلسفو جنهن ۾ راحت به ملندي، جنهن ۾ نجات به ملندي، جنهن ۾ توهان جي اسان جي ڀلائي اٿئو.

دوستو! هاڻي انهي جي لاءِ توهان کي تياري وٺڻي آهي، هڪڙو توهان کي ٽارگيٽ جيڪي مليل آهن توهان جي حدن جي دوستن توهان کي ڏنو آهي اهو توهان کي ڪرڻو آهي. ٻيو توهان کي انهي ڏينهن وڏ ۾ وڏ



اچي سائين محمد علي بادشاهه رح جي اڳيان پيش پوڻو آهي ته، اسان جو توهان سان عزم آهي، اسان جي توهان سان وفا آهي، انهي وفا کي انهي ڏينهن تي پاڻ کي محسوس ڪرائڻو آهي، هن معاشري کي به محسوس ڪرائڻو آهي، ماڻهن سان گڏوگڏ پاڻ کي به محسوس ڪرائڻو آهي، جيڪي ويچارا دوست توهان جا رات ڏينهن پيا ڪم ڪن، انهن جي به حوصلا افزائي ڪرڻي آهي، جيئن انهن جو حوصلو وڌي، انهن جي حوصلا افزائي ٿئي ته اسان سڀ دوست توهان سان گڏ ٻانهن ٻيلي آهيون. اٿو توهان جيڪو انهي ڪم کي پهچايو.

دوستو! آئون آخر ۾ وري به هڪڙو شاهه صاحب جو شعر پڙهندس، شاهه صاحب چوي ٿو محبت عشق جون ته هر ڪو ڳالهيون ڪري ٿو ته، آئون عاشق آهيان، ڪو ڇوڪري جو عاشق آهي، ڪو مال ملڪيت جو عاشق آهي، ڪو ڌن جو، ڪو ڪنهن سونهن جو، ڪو ڪنهن سواري جو، ڪو پيسي جو، ڪو جائيداد جو، شاهه صاحب چئي ٿو

”سڪڻ سيوئي سُور محبت وڏو مامرو“

محبت جو دعوائون ڪرڻ ته سوليون آهن، ڪو سائين محمد علي بادشاهه رح کان پڇي ها ته تو محبت ڪيئن ڪئي؟ ڪو بابا سائين احمد علي قريشي رح کان پڇي ها ته تو محبت ڪيئن ڪئي؟ ڪو هنن مجاهدن جيڪي اسان جي حدن جا انچارج آهن دوست آهن، جن پاڪستان جو ٽوئر ڪيو، ٽر ٽوئر ڪيو، رات ڏينهن توهان سان گڏ آهن ڪو به هنن کي نه ڪو ڪٿان ڪو پاڙو ٿو ملي، هي پنهنجي مدد پاڻ تحت هلن پيا توهان سيئي دوست هن پنڌ ۾ هلو ٿا، شاهه صاحب چئي ٿو،

”مُحبت وڏو مامرو سڪڻ سيوئي سور“

سڪ معنيٰ سور آهي، سڪ نه ته آرام ڪرڻ ٿي ڏئي، اڄا اٺاويهين واري محفل مس ٿي ته ڪٿي نه ڪٿي ٻي محفل هوندي، اڄا اها محفل ٿي ته مٿان ٻي محفل هوندي، جيئن پنهنجو ٽر ٽوئر، مٿان پاڪستان ٽوئر، مٿان سائين محمد علي بادشاهه رح جو عرس، وري ٻيو پروگرام، معنيٰ ته هي سڪ ۽ عشق توهان کي آرام ڪرڻ ڪو نه ڏيندو، جيئن توهان آرام سان ويهي رهو

هڪڙو توهان جو پيڪيج ختم ٿيندو ته وري ٻيو پيڪيج توهان جي لاءِ تيار آهي، شاهه صاحب چوي ٿو.

”سڪڻ سپوئي سُور محبت وڏو مامرو
انئي پهر ملور ساعت سِڱهو نه جندڙو“

هي جيڪا جند آهي نه هن جي لاءِ آرام ڪونهي، اها راحت به پاڻ کي بيچين ڪري ٿي، اٿو محبوب جو ڪم ڪريو، توهان کي راحت، آرام ۽ سڪون به آهي پر اهو سڪون آرام به تڏهن ملي ٿو جڏهن قلندري سلسلي سان گڏ هلجي ٿو. هيءُ پيغام هڪ کان ٻئي هنڌ پهچائجي ٿو. جيئن هن عشق ۾ جيترو سڪجي ٿو جيترو پاڻ کي ساڙجي ٿو اوترو ٿو مزو اچي. جيئن اسان جو ڪو دوست ظاهري هن زندگي جي خوبصورتي سان ڪو عشق جو پيچ ٿو پائي، ڪو فون ٿو اچي ته اهو هن کي سهڻ، سڪڻ هن کي اندر ۾ ساڙي ٿي، هن جو سڪون برباد ٿي ڪري، هن جو چين برباد ٿي ڪري، پر هي جيڪو سڪڻ آهي نه، هي وري آرام ٿو ڏئي، هي وري راحت ٿو ڏئي، جڏهن انهن محبوبن کان هير ٿي اچي ته وري اندر ۾ راحت اچي ٿي، اُڪير اچي ٿي، جسم جا وار اڀا ٿين ٿا، نسون آرام ٿيون وٺن، ذهن آرام ٿو وٺي، توهان جو ذهن آرام ٿو وٺي پر توهان جا پاڪر ٻين پٽڪيلن انسانن کي پون ٿا ته انهن کي به آرام ٿو اچي.

دوستو! منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون، الله سائين توهان کي آباد رکي، توهان جي پرسان به هن جهان جو ڪو به مسئلو نه لنگهي، ڪوسو واءُ به توهان جي پر مان نه مٿي، توهان جي لاءِ آسائشون هجن، توهان جي لاءِ آرام هجي، توهان جي لاءِ سڪون هجي، الله سائين هن جهان جون جيڪي به نعمتون آهن اهي الله سائين توهان کي ۽ اسان کي عطا فرمائي، پر وڏي ۾ وڏي نعمت جنهن جي ڪري پنهنجو واسطو آهي الله سائين اها پاڻ سان قبر ۾، محشر ۾، حشر ۾، جيڪڏهن ڪو ملڪ الموت به اچي ته انهي وقت پاڻ وٽ اها ئي تار تنوار هجي. دوستو الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو حافظ.

**ماهوار (28) محفل ڪثرت درود پاڪ**
**سائين محمد علي رح (سلطان آباد). تاريخ: 09-09-2018**



# زندگيءَ جي خوشحاليءَ جو نُسخو

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو! توهان سڀني کي مون مسڪين جي طرفان محبتن ڀريو اسلام عليڪم.

دوستو! هيءَ اسان جي آقا ﷺ، اسان جي محبوب ﷺ جي محفل آهي، هن محفل جا ڪجھ ادب ۽ احترام آهن، دوستو. توهان پنهنجي جڳهن تي ويهي رهو. هي پيار ۽ محبت جا ڪجھ الفاظ ٻڌو ۽ هيءُ الفاظ پنهنجي دلين ۾ سانڍي پاڻ سان گڏ رکو جيستائين توهان جي اسان جي زندگي آهي. دوستو! هن محفل جو نالو جيڪو اسان جي دوست رکيو آهي اهو آهي ”فڪرِ اولياء“ اولياء الله جي فڪر، جيڪو سون سالن کان هن برصغير ۾ ڇا پر سڄي دنيا ۾ قائم آهي. دوستو! ارڙهين صديءَ ۾ ڪي اهڙا اوزار ٺاهيا ويا جنهن سان ڪنهن به شيءِ جي ڊيگهه (ميٽر، ميل، ڪلوميٽر) يا وزن (گرام، ڪلوگرام) معلوم ڪري سگهجي ۽ هنن جي صحيح ماپ طور ڪري سگهجي. ائين الله جي فڪر کي ماپڻ لاءِ هيءَ اسان جي قلندري محفل اٿو هيءُ الله جي اولياء جو فڪر آهي، هيءُ قلندري محفل انهي اولياء الله جو فڪر آهي، انهي فڪرِ اولياء الله سان هيءَ محفل ماپي سگهجي ٿي، هيءَ محفل عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان به ماپي سگهجي ٿي. دوستو! فڪرِ اولياء ڇا آهي؟ فڪر اولياء الله اهو فلسفو آهي، اهو هڪ آئين، منشور ۽ دستور آهي جيڪو ٻين فلسفن کان ٻين منشورن کان الڳ آهي. دوستو. اهو ڀلي ڪٽي حاڪم وقت هجي، ڀلي اهو مسڪين پورهيت هجي، پر عشق جو منشور به پنهنجو رنگ چڙهيندو آهي. دوستو هيءِ فڪرِ اولياء به هڪ عشق جو منشور اٿو. هاڻي فڪرِ اولياء ڇا آهي؟ توهان ٻڌو هوندو. توهان تاريخ جا ڪتاب پڙهو. توهان تاريخ پڙهندو ته، توهان کي خبر پوندي ته بنو اميه

هڪڙو قبيلو هو جنهن الاهي ڪيترن سالن تائين حڪومت ڪئي، هن ۾ وڏا وڏا حاڪم آيا، پر انهي بنو اميہ ۾ هڪڙو حاڪم هو انهي جو نالو هو عمر بن عبدالعزيز، اهو انهي فڪرِ اولياء سان مالا مال هو اهو ٽن ڪنڊن جو بہ سال ڏهہ مهينا ۽ ڪجهہ ڏينهن تائين حاڪم هو پر جڏهن هيءَ عارضي جهان ڇڏڻ جو هن جو ٽائيم آيو تہ هن پنهنجي خاندان ۽ اولاد کي سڏيو ۽ چيو اڄو تہ آئون پنهنجي خانداني ملڪيت توهان جي حوالي ڪريان، هن چيو منهنجي قبر فلاڻي ماڻهوءَ جي زمين ۾ ناهجو اتي مونکي مدفون ڪجو پر پهرين ان ماڻهوءَ کان اها زمين خريد ڪريو ۽ ڇهن مهينن ڪانپوءِ منهنجي قبر کي ڊاهي ڇڏجو اتي توهان پلي هَرُ هلائي ڇڏجو منهنجي قبر پڪي ناهڻ جي ڪا بہ اهميت ڪونهي، ڇو تہ آئون هڪ گنهگار آهيان، پر مونکي منهنجي رب ۾ اميد آهي تہ مونکي معافي ملندي، پوءِ بہ آئون پنهنجي گناهن تي شرمنده آهيان ۽ پنهنجي پُٽَن کي پنهنجي ملڪيت مان هڪ هڪ ڏرم حصو ڏنائين. ان کان پهرين ٻيا بادشاهہ ملڪ ابراهيم، سليمان ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام جو قاتل يزيد بہ انهن ۾ شامل هو جن پنهنجي پٽن کي ڏهہ هزار ڏرم ڏنا، پر تاريخ شاهد آهي هن پنهنجي اولاد کي چيو مون توهان جي لاءِ جيڪا ملڪيت ڇڏي آهي اها مون پنهنجي حلال جي ملڪيت ڇڏي آهي، ٻين جيڪا ملڪيت ڇڏي ناهي اها پراون حقن ڪاڻڻ سان ناهي، تاريخ بدلبي رهي وقت هلندو رهيو ڪو ٽائيم آيو انهن بادشاهن جي اولاد کي انهن بازارن ۾ ماڻهن پنندي ڏٺو جن کي پنهنجي ماڻٽن اربن جي تعداد ۾ ملڪيت ڏني، انهن کي ماڻهن پنندي ڏٺو پر جنهن الله جي بزرگ جيڪو فڪرِ اولياءَ سان منسلڪ هو انهي پنهنجي حلال جي ملڪيت فقط هڪ ڏرم پنهنجي پٽين جي حوالي ڪئي پر تاريخ شاهد آهي تہ ان جي پُٽن کي اهڙين محفلن ۾ سئو اٺن ۽ سئو گهوڙن جون خيرات ڪندي ڏٺو ويو. دوستو اهو آهي فڪرِ اولياء. فڪرِ اولياء اهو آهي جنهن انهي کي انهي منصب تي آندو. فڪرِ اولياء ان کي انهي مقصد تي ٻيهاريو تہ توکي پرائي حقن سان ڪيچل ڪرڻي ڪونهي، توکي پرايان حق ڪاڻڻا ڪونهن. توکي وياج وٺڻو ڪونهي، توکي فحاشي ڪرڻي ڪونهي، توکي برائي ڪرڻي



ڪونهي، توکي شراب خوري ڪرڻي ڪونهي. هن پنهنجي پُٽن کي اها تربيت ڏني جيڪا هن جا پُٽ هر محفل ۾ سئو اُٺن ۽ سئو گهوڙن جي خيرات ڪندا هئا. جيڪڏهن انهن اُٺن ۽ گهوڙن کي پيٽيو وڃي تہ هِن وقت جي ليند ڪروزر جي برابر آهن. پر هنن جي خزاني ۾ ڪوٽ ڪو نہ آئي، جن عيش ڪيا، جن شراب پيتا، جن برايون ڪيون، انهن جي اولاد کي تاريخ ۾ پنندي ڏٺو ويو جڏهن اهو نيڪ بزرگ هن جهان مان برقعو ٿو مَٽائي، هن جا ڪانڌي هن کي کنيو ٿا وڃن تہ هڪڙي هوا ٿي وري، انهي واءَ هوا ۾ هڪڙو پرچو اڏامندو اچي عمر بن عبدالعزيز جي سيني تي ٿو ڪري، سيني ماڻهن ڏٺو انهي پرچي تي عربي جا الفاظ هئا تہ اي عمر بن عبدالعزيز تون "بريت من النار" توکي جهنم جي باهہ مان بري ٿو ڪيو وڃي، انهي ڪري جو جيڪا الله سائين توکي حاڪميت بخشي تو اُن ۾ انصاف ڪيو تو ان ۾ حق ڪيو تو پنهنجي اکين کي هيٺ رکيو. دوستو اهو ڇا هو؟ اهو فڪرِ اولياء هو پوءِ اهو پرچو انهن ڪانڌين عمر بن عبدالعزيز جي ڪفن ۾ ٽنگي انهي کي اندر ڪيو پوءِ جڏهن انهن فردن ان کي لاهڻ ڪانپوءِ ڏٺو تہ ان جو ڇهرو ڦري ڪعبت الله ڏانهن ٿيو اهو تاريخ جي ڪتابن ۾ شايع ٿيل اٿو. دوستو اهو فڪرِ اولياء هو. دوستو! فڪر اولياء ڇا آهي؟ فڪر اولياء اهو آهي جيڪو توهان جي ماپ ٿو ڪري هِن معاشري ۾، هن معاشري ۾ اهو اوزار آهي جنهن سان توهان جي نفساني خواهشن جي ماپ ٿي ٿئي، جتان توهان کي سار سنڀال ۽ چوڪيداري ۽ پنهنجي محاسبي ڪرڻ جو فلسفو ٿو ملي. دوستو اهو فڪر ۽ فلسفو جيڪو الله وارن جي ملڪيت هو الله وارن جو سرمايو هو. انهي فڪرِ اولياء وارو بزرگ هزار سال اڳ ۾ لاهور جو داتا اها هستي، هڪڙي پير ۾ چپل هجي ٿي تہ ٻئي پير ۾ چپل ڪونهي، پنهنجي ملڪ کان حڪمِ محمدي ﷺ تي اتان لاهور ۾ اچي ٿو اتي ويهي اسلام جو پيغام عام ٿو ڪري، ماڻهن کي محبتون ۽ پيار ٿو ڏئي، اڄ هزار سال ڪانپوءِ بہ هُن جو آستانو قائم آهي، جتي ماني بہ هلي ٿي هر مسڪين کي ڪاڌ خوراڪ ملي ٿو پر اڄ الله سائين جي نور جون تجليون اتي وسن ٿيون ۽ هتي انهن منجهان ماڻهو فائدو ٿا وٺن ۽ ماڻهن کي فيض جاري آهي. دوستو اهو ڇا

آهي؟ اهو آهي فڪرِ اولياء. هڪڙو ڏاهو ماڻهو جنهن کي تاريخ، جنهن کي علم وارا چون ٿا سقراط، جنهن کي زهر پي ڏنائون ته سقراط کلي پيو، خوشي سان ٽهڪي پيو، چون پيا اي سقراط! توکي ته زهر پياريو پيو وڃي، پر تون کلين پيو ۽ خوش ٿيئي پيو هن چيو ته، جنهن سقراط کي هيءَ زهر پيارين پيا اهو سقراط ختم ٿيڻو ناهي، هيءَ بدن ته ختم ٿي سگهي ٿو پر سقراط ختم ٿيڻو ناهي، اڄ به (ايم فل)، (ايم اي) واري شاگردن کي سقراط وارو سبق پڙهايو ٿو وڃي، پر تاريخ شاهد آهي ته سقراط جو اهو فلسفو منشور قائم آهي.

منهنجا دوستو! اهو فڪرِ اولياء جو فلسفو ڪنهن ڏنو؟ اهو فڪرِ اولياء جو فلسفو هڪڙي شاعر جنهن کي حڪيم الامت چيو ٿو وڃي، ڊاڪٽر علامه اقبال جنهن اسان کي فڪرِ اولياء جو منشور ڏنو چوي ٿو

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں
یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں۔

چوي ٿو جيڪڏهن توهان محمد ڪريم ﷺ سان وفا ڪئي ته هيءُ جهان ڇا آهي پر لوح ۽ قلم تي توهان جو نالو لکيو ويندو، پر لوح ۽ قلم الله وارن جي تابعدار ٿي وڃي ٿي، ڪرڻ واري الله جي ذات آهي. اهو فلسفو ۽ فڪر اسان کي محبوب ڪريم ﷺ جي عاشق ڏنو، هُن جي دعويٰ هئي ته مونکي "حڪيم الامت" انهي ڪري سڏيو ويو جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ ڪروڙ درود پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي پڙهيو. پر دوستو آئون شاهد آهيان ته. سائين محمد علي بلوچ رح هر سال هڪ ڪروڙ درود پاڪ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي پڙهندو هو. اندازن 30 کان 35 ڪروڙ درود پاڪ سائين محمد علي بادشاهه رح پنهنجي زندگيءَ ۾ پڙهيا هوندا. توهان اندازو ڪريو اهو ڪهڙو فلسفو آهي؟ اهو فڪرِ اولياء آهي. اهو علامه اقبال رح ٿو چوي ته. منهنجو مرشد رومي آهي. جيڪڏهن مونکي مولانا رومي رح نه ملي ها ته آئون علامه اقبال نه ٿيان ها. انهي علامه اقبال رح جي شاعري جا تقريبن 9 ڪن مجموعه شايع ٿيا. پر هن جهان وارن انهي هستيءَ جي محبت ۾ هن تي ڏهه هزار کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. اهو ٿو چوي ته. جيڪڏهن مونکي مولانا رومي رح نه ملي ها ته آئون اقبال ڪو نه ٿيان ها.



اهي جيڪي ڪتاب مون لکيا يا جيڪي مون تي لکيا ويا ائين نه لکجن ها. مولانا رومي رح ڇا هو؟ مولانا رومي رح وقت جو جيد عالم. ائين ڪٺي چئجي ته ڪو (پي ايڇ ڊي) هولڊر هجي. پنهنجي علم ۾ وڏو ماهر. پر اهو پنهنجي هستري ٿو ٻڌائي ته. آئون رومي توهان کي هڪڙي ننڍڙي ڳالهه ٿو ٻڌايان ته. مون هڪ واقعو ڏٺو انهي دور جي وڏي اعليٰ منصب رکندڙ کي درياهه جي ٻئي پاسي پهچڻو هو هو درياهه تي وڃي ٿو ته ان کي ٻيڙي ڪون ٿي ملي، اتي هن کي ملاحن جو هڪڙو ڇوڪرو ٿو ملي، هو ان کي چوي ٿو ته مونکي ٻيڙي ۾ ويهاري درياهه پار ڪراءِ. هن ملاح ڇوڪري جو اهو ڌنڌو هو. هن چيو اچو توهان کي ٻيڙي ۾ ويهاري درياهه پار ڪرايان. اُهو ماڻهو انهيءَ ٻيڙي ۾ ويهي ٿو هُن ڇوڪري کان پڇي ٿو ته تون پڙهيل آهين؟ ڇوڪرو چوي ٿو نه آئون پڙهيل ڪو نه آهيان. هو ڇوڪري کان سوال ٿو پڇي ڪيمسٽري جا. فزڪس جا. بائيولاجي جا. ميٿاميٽڪس جا. هو ڇوڪرو چوي ٿو آئون پڙهيل ڪو نه آهيان. هو ماڻهو ڇوڪري کي چوي ٿو ته تو ڇا ڪيو؟ آئون هڪڙو ڊاڪٽر آهيان. آئون انجنيئر آهيان. آئون ماهر آهيان مون وٽ هيڏو علم آهي. هوءُ پنهنجي علم تي ناز ٿو ڪري. پر ٻيڙي جڏهن وچ پاڻي منجهه ٿي اچي ته هڪڙو واءُ جيئن پاڻ وٽ ٻهراڙين ۾ هڪڙو واچوڙو ٿو هلي. واءُ جو جهونڪو ٿو اچي. ائين واءُ جو جهونڪو آيو ته ٻيڙي اڳتي پوئتي ٿئي ٿي. هو ڇوڪرو جيڪو نوجوان آهي ننڍڙو آهي. سورنهن سال ڪن هُن جي عمر آهي. اهو ڇوڪرو ٿو چوي. سائين توهان ڊاڪٽر آهيو. توهان انجنيئر آهيو. توهان فلاسافر آهيو. توهان وڏا محقق آهيو. توهان وڏا دانشور آهيو ڇا توهان کي پاڻي ۾ ترڻ اچي ٿو؟ چوي ٿو اهو مون سکيو ئي ڪون. ته هو پنهنجا هٿ پاڻي ۾ ڇڏي ٿو ۽ تاريخي هڪڙا لفظ چوي ٿو ته. توهان ته مونکي چيو پر هاڻي آئون ٿو چوان ته. مون پنهنجي اڌ عمر ترڻ جو فن سکيو. منهنجي اڌ زندگي ختم وئي. پر اڌ منهنجي زندگي بچندي. پر تو وارا هڙئي سرٽيفڪيٽ. تو واريون منزلون سڀ اجايون ويون. ڇو ته تو ترڻ سکيو ئي ڪونهي. توکي ترڻ ته آيو ڪون. تنهنجي سڄي زندگي. تنهنجا سڀ سرٽيفڪيٽ اهو پاڻي ڪٽي ويندو. ڇو ته ترڻ ته تون سکيو ئي ڪون.

دوستو! اهو فلسفو اٿو اهو هڪ منشور اٿو ترڻ ڇا آهي؟ هي زندگي آهي جنهن جي لاءِ اچي ٿو ”دنيا سپ درياءُ، ڪو ڪو تارو تنهن ۾“ هي جهان آهي پر تارو ڪير آهي، هي وڏي وسيع جهان آهي پر عنقريب ختم ٿيڻ وارو جهان اٿو. هن جهان ۾ ترڻ جو فلسفو اسان کي ڪير ٿو ڏئي؟ اهو رومي ان منجهان اسان کي ٿو ٻڌائي اهو زندگيءَ ۾ ترڻ سکو. چوي ٿو آئون رومي، رومي نہ ٿيان ها مولانا ٿي وڃان ها، مفتي ٿي وڃان ها، ڊاڪٽر ٿي وڃان ها سڀ ٿي وڃان ها پر آئون مولانا رومي نہ ٿيان ها جي مونکي حضرت شمس تبريز رح نہ ملي ها، جنهن مونکي زندگيءَ ۾ ترڻ سيکاريو. علم تہ مون وٽ جام هو پر مونکي زندگيءَ جا ڏس، پتا، واٽون انهي زندگيءَ مان پاس ٿيڻ، هُن پار وڃڻ مونکي حضرت شمس تبريز رح سيکاريو. حضرت شمس تبريز رح ڪير هو؟ مست هو. مجذوب هو. جنهن کي پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاهہ مان حڪم ٿيو اي شمس تبريز! توکي زندگيءَ ۾ فقط هڪڙو پيروڪار ڪرڻو اٿئي، اهو هڪڙو پيروڪار مولانا رومي رح ٿيو. جنهن تي ڊاڪٽر علام اقبال رح عاشق ٿي هيڏا فلسفا جوڙيا. انهي مثنوي روميءَ تي شاهہ صاحب جنهن جي شعرن کي سڄي جهان ترجمو ڪري رهي آهي، اهو ٻڌائي اسان کي ڇا ٿو چوي

”تان مچ محمد ڪارڻي نرتئون منجهان نينهن“

ڏسو ڪهڙو پيا اسان کي فلسفو ڏين، اهو اٿو فڪرِ اولياء. اهو اسان کي فلسفو ڏين پيا. ڪنهن جو؟ ترڻ جو. تارون ٿيڻ جو. تارون اسان کي ٿيڻو آهي، درياهہ هيءَ جيڪو زندگيءَ جو آهي ان ۾ قحط ايندو. هيءَ زندگيءَ جو درياهہ ختم ٿيندو. هيءَ زندگيءَ جو درياهہ سڪندو. دوستو. انهيءَ کي چئبو آهي فڪرِ اولياء. ڪنهن ماهر، ڪنهن وڏي داناءَ، ڪنهن وڏي فلاسافر چيو. تہ معاشرو تڏهن تبديل ٿيندو جڏهن توهان معاشري جي هڪ هڪ فرد جي سوچ کي تبديل ڪندو. توهان جي معاشري ۾ انقلاب ايندو. انقلاب حاڪميت جو نہ، انقلاب پيسي جو نہ، انقلاب ماديت پرستيءَ جو نہ، انقلاب سوشل ميڊيا جو نہ پر انقلاب فتنن کان بغاوت جو. انقلاب سهپ ۽ صبر جو. انقلاب برداشت، رواداري جو ٻئين ڪنهن کي هضم ڪرڻ جو اج پنهنجو



معاشرو ڪٿي آهي؟ اج پاڻ ڪنهن کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪو نہ آهيون، ڇو تہ پاڻ فڪرِ اولياء جو دامن ڇڏي ڏنو آهي، پاڻ کي فڪرِ اولياء جو دامن جهلڻو پوندو. اهو فڪرِ اولياء اهو توهان جي روپ ۾ اٿو. دوستو هيءُ نوجوانن جا قافلا، هي ٻارڙا، هي معصوم توهان جي اڳيان گذري ويا. اهي ڇا آهن؟ اهي فڪرِ اولياء جو اُهڃاڻ اٿو. دوستو. اهو فڪر اولياء جڏهن حضرت شمس تبريز رح، مولانا رومي رح کي ڏئي ٿو جنهن فڪر جي ڳالهہ علامہ اقبال رح ٿو ڪري، جنهن فڪر جي ڳالهہ شاهہ صاحب ٿو ڪري،

”تان مچ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن“

اها ڳالهہ علام اقبال رح ٿو ڪري تہ،

کی محمد سے وفا تونے تو ہم تیرے ہیں

یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں۔

اهو خود خدا پيو ڪري، اهو خود خدا ڪيئن پيو ڪري،

”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ“

اهو فلسفو توهان کي ڪٿان ٿو ملي؟ اهو فلسفو خالقِ ڪائنات ٿو ڏئي، فرمائي ٿو تہ انهيءَ فلسفي سان بقا اٿو. جهان فنا ٿيندو پر عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو فلسفو قائم رهندو ڇو تہ منهنجي الله جي ذات قائم آهي، تہ منهنجي محبوب ﷺ تي درود بہ قائم اٿو. دوستو. اهو اٿو فڪرِ اولياء. اهو فڪر اولياء اهو عشقِ مصطفيٰ ﷺ اٿو. دوستو. هي ٻار نہ آهن هيءَ روحاني انقلاب جا شاگرد اٿو.

ڪنهن سائيڪولاجي واري کان ڪنهن پڇيو تہ ذهن کي چينج ڪيو. هيءَ ذهنيت جيڪا اسان جي آهي اها مردا ٿي وئي آهي، اسان جي ذهنيت ۾ فطور پئجي ويا آهن. هن ذهنيت ۾ ماديت پرستيءَ جي حوس پئجي وئي آهي، هن ذهنيت ۾ پرائي مال کائڻ جي عادت پئجي وئي آهي، هن ذهنيت کي فحاشي جي عادت پئجي وئي آهي، اسان کي اُن ذهنيت کي تبديل ڪرڻو پوندو. هڪڙو ڊاڪٽر جنهن جي گورنمينٽ ڊيوٽي آهي ۽ اهو شام جو پنهنجي پرائيويٽ اسپتال بہ هلائي ٿو. جيڪڏهن هڪڙو

ايڊووڪيٽ آهي جنهن کان پيسا ٿو وٺي جنهن جو ڪيس ٿو وڙهي ان سان بي ايماني ڪري ٿو. هن جي حريف کان پيسا ٿو وٺي ائين ٻنهي کان ٿو پيسا وٺي، ائين هر ڪنهن ۾ آهي. پر دوستو اوهان کي هتي ڪنهن به پيسا ڪو نه ڏنا. نه توهان کي ڪنهن به پاڙو ڏنو. توهان کي فقط هڪڙي فڪرِ اولياء جي ستي ملي، توهان کي صرف هڪڙو مقصد مليو. توهان کي هِن جهان ۾ ترڻ لاءِ فقط هڪڙو فلسفو مليو. جيئن مون توهان کي ٻڌايو ته سقراط چيو ته آئون مري ويندس پر منهنجو فلسفو ڪو نه مرندو. هن عشق وارن جو فلسفو ڪو نه ٿو مري، اهو فلسفو توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي روپ ۾ مليو. اهو فلسفو ڪهڙو آهي؟ اهو فلسفو آهي

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو، اهو فلسفو، اهو عشقِ مصطفيٰ جو معجون. اها ماکي کان وڌيڪ مناس ان ۾ اهڙي ته الله سائين ڪا چاشني رکي آهي جو فرشتا به پڙهي پڙهي ڊئو ڪون ٿا ڪن، ته عاشقِ مصطفيٰ ﷺ پڙهي پڙهي ڊئو ڪيئن ڪندا. هيءَ اسان جا ماڻهو چون ٿا جن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي هوا ئي ڪونهي لڳي، جن کي هڪڙو ئي مقصد آهي پنهنجي ماني ۽ مڇيءَ جو. جن کي مقصد آهي زندگيءَ ۾ ڪائڻ جو. اڙي بابا توهان هنن کان ته پڇو جن چاشني سونگهي به آهي، جن چاشني ڪاڏي به آهي، جن ڪثرت سان درود پاڪ پڙهيو به آهي، اُن جو ڊئو ئي ڪون ٿو ٿئي، جڏهن فرشتن کي ئي اُن جو ڊئو ڪون ٿو ٿئي، ٻي به الله جي مخلوقات جو به ڊئو ڪو نه ٿو ٿئي ته هنن عاشقن جو ڊئو ڪيئن ٿو ٿئي، هيءُ معصوم چهرا. هيءُ معصوم جن کي هِن جهان وارن پٺتيل سمجهيو. جن کي هِن جهان وارن سمجهيو ته هنن ۾ ڪو شرابي آهي، جن کي هِن جهان وارن چيو ته ڪو فحاشي آهي، پر انهن کي قلندرين پنهنجي ڇاتيءَ سان لاهي ان کي فڪرِ اولياء ڏنو. ڇو ته الله وارن وٽ تعصب نه آهي. الله وارن وٽ قوميت نه آهي. الله وارن وٽ ٻولي نه آهي، الله وارا انهن جي چهرن کي ڏسي ڇڪاس ڪن ٿا. انهن وٽ انهن چهرن کي ماپ ڪرڻ جا ميٽر آهن. انهن کي سمجهن ٿا.



دوستو! ٿي سئو سٺ اسان جي بدن جون نسون آهن. اولياء الله جيڪي پنهنجي وقت جا صاحب منصب آهن انهن کي 360 نسن تي تصرف حاصل آهي، اهي 360 نسون چڪاس ڪن ٿا. هِن کي فلاڻي نس ۾ ڪهڙو مرض آهي، هِن کي فلاڻي نس ۾ ڪهڙو مرض آهي، پوءِ اهي پرچي ٿا لکن ته هِن جو ڪهڙو علاج آهي؟ انهن 360 نسن جو علاج اٿو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪثرت درود پاڪ ۾. جيڪو ڪثرت درود پاڪ پڙهي ٿو اهو انهي جو علاج آهي. ٺيڪ آهي اسان جا منهن مهانڊا ڪٺي ڪهڙا به آهن. اسان جا ڪم ڪٺي ڪهڙا به آهن. اسين نچون ۽ ڪڏون ٿا. پنهنجي محبوب ﷺ جي نالي تي سپ ڪجهه ڪريون ٿا. ڪجه به آهيون پر معاشري ۾ هِن فلسفي توهان کي نئون رنگ بخشيو آهي، نئون شوق توهان کي بخشيو آهي، هزارين پٺتيل نوجوان هاڻي توهان کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ ۾ ملندا جن جي هٿن ۾ تسبيحون ۽ ڪائونٽر هوندا. اهو فلسفو فڪرِ اولياء آهي، اهو فلسفو عشقِ مصطفيٰ ﷺ اٿو.

دوستو! هتي اڄ کان ٻه سال اڳ ۾ محفل شروع ٿي هئي، تقريبن پنج کان اٺ ماڻهو هئاسون. اڄ توهان هيڏي وڏي انداز ۾ آهيو. دوستو هتي ماهوار محفلون به ٿين پيون. ائين هر جڳهه هزارن ۾ محفلون ٿين ٿيون. هِن هيڏي وڏي محفل ۾ جيڪڏهن انهي عظيم ماڻهوءَ جو نالو نه وٺان ته اها بي واجبي ٿيندي، جنهن ٽيهن چاليهن سالن ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ ۾ سپ ڪجهه فدا ڪيو. دوستو هِن درگاهه (ڏاڏا سائين بچل شاهه ڪاظمي رح (ڪنري)) جو نقشو به انهي عظيم هستيءَ ڏنو ڪهڙي حالت ۾؟ بيهوشي جي حالت ۾، هن پڇيو آئون ڪٿي آيو آهيان؟ چيائون توهان امان جيجي مٺي رح جي چاچي وٽ آيا آهيو ۽ توهان اسان کي نقشو سڄو ٻڌايو آهي ته، توهان هيڙي نموني ٺاهيو. تنهن ڪانپوءِ آخري چوڏهين جيڪا اسان جي ماهوار ٿئي ٿي، اتان سائين محمد علي بادشاهه رح کي دوستن ڪٺي اهڙي حالت ۾ هاسپيٽل آندو. انهي بيهوشي جي حالت ۾، پر هو فڪرِ اولياء کي عام ڪرڻ وارو هو. انهي فڪر اولياء ۾ هو معجزن هو. انهي فڪر اولياء ۾ هن نيڪ بندي، انهيءَ وقت جي انهي اعليٰ منصب تي حاوي، انهي دوستن کي

چيو ”سائين مير محمد شاھ رح مونکي چوي پيو تہ، منهنجي گنبذ ۾ ڪجھ ڪمي پيشي آهي، دوستن کي فون ڪر، هتي هِن کي هيئن ٺاهيو هتي هيئن ٺاهيو اهو ڇا آهي؟ اهو ڪهڙو فلسفو آهي“ اها ڪهڙي ڪيمرا آهي؟ اها ڪهڙي دوربيني آهي؟ اها ڪهڙي سوشل ميڊيا آهي؟ جو هڪڙو بيهوش ماڻهو هاسپيٽل ۾ اها ڪيميرا پيو فٽ ڪري. دوستو اها ڪيمرا الله جي اک آهي جيڪا الله سائين پنهنجي خاص ٻانهن کي ڏئي ٿو، اها اک علم سان حاصل ڪو نہ ٿيندي، اها اک جهان جي حوس حرس سان حاصل ڪو نہ ٿيندي، اها اک وري اک وارن کان ئي ملندي. جيئن هُن ملاح جي ڇوڪري چيو تہ مون پڙهيو ڪجھ ڪونهي پر مون پنهنجي ابن ڏاڏن کان ترڻ جي واٽ ورتي آهي، مونکي پاڻ خبر ڪونهي تہ ڪيئن تربو آهي، آئون انهي ڪري تارون ٿيس تہ منهنجو واسطو تارون واري خاندان سان هو جن کي ترڻ جو ڍنگ اچي ٿو اي تون علم وارا جاهل، توکي انهيءَ علم جي ڄاڻ ڪونهي، تون وچ تنهنجي سڄي زندگي ضايع ٿي وئي، پر منهنجي زندگيءَ ڪامياب ٿي وئي، مونکي اڃا بہ جيئڻو آهي، مونکي ترڻو آهي، مونکي پنهنجي خاندان جي ترڻ جو ڍنگ ٻين تائين پهچائڻو آهي.

دوستو! توهان هڪڙي خاندان منجهان آهيو، توهان قلندري خاندان ۾ آهيو، توهان تارون آهيو، توهان يقينن تارون آهيو، ڇو تہ توهان درود پڙهي ڄاتو، توهان درود ٻين کي پڙهائڻ سيکاريو، توهان وٽ اهو فن اچي ويو، توهان وٽ پاڻ ترڻ ۽ ٻين کي تارڻ جو فن اچي ويو. دوستو هاڻي اهو فن توهان جي ميراث نہ آهي، اهو فن توهان کي پاڻ تائين محدود رکڻو ناهي. دوستو اٿو هن آخري دور ۾ اهو فن عام وڃي ڪريو، اهو فن ماڻهن کي وڃي سيکاريو، نہ تہ توهان ڏوهاري ٿيندا، الله سائين توهان کان پڇندو تہ توهان وٽ اهو فن هو، توهان اهو فن ٻين تائين نہ پهچايو، اهو فن هلندو رهندو، اهو فن جيسين هيءُ جهان آهي، هن جهان جو آخري فرد آهي، تيسين عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو اهو فن هلندو رهندو، توهان جهڙا ڪئين تارون هتي پيدا ٿيندا رهندا ۽ ٻين کي ترڻ جو سبق سيکاريندا رهندا.

دوستو! معذرت خواه آهيان مون توهان جو ايترو قيمتي ٽائيم ورتو، پر دوستو، اسان ۽ توهان جو هڪڙو ئي فلسفو آهي، توهان اسان جو جام



هڪڙو ئي آهي، توهان اسان پيالي ڀائي آهيون، توهان اسان انهي هڪڙي ٿانو ۾ گڏجي جامِ عشق پيتو آهي، اهو جامِ عشق اهڙو آهي جيڪو پائيدار آهي، جيڪو توهان جي قبر ۾ هلندو، توهان جي محشر ۾ هلندو، پر هي جامِ عشق هن جهان ۾ توهان کي اهڙي مدهوشي جي عالم ۾ رکندو جو توهان کي سڪون ۽ آرام هوندو، توهان کي هِن جهان جي بي چينين جي ڪا خبر ڪو نہ پوندي تہ هن جهان ۾ ڇا وهي پيو، ڇا پيو واپري، توهان پنهنجي عشق ۾ مدهوش هوندا، پر ائين بہ ڪو نہ هوندو تہ توهان ناواقف هوندا، توهان انهن واقف ڪارن کان وڌيڪ واقف هوندا، ڇو تہ توهان اهو فن سکي ورتو آهي، اڃا توهان اهو فن سکو پيا.

دوستو! آئون توهان جو ايترو ٽائيم ڪو نہ وٺندس پر انهي نقطن مان سکو، انهيءَ فلسفي مان سکو، هيءُ فلسفو الله وارن جي جاگير اٿو، الله وارن جو علم اٿو، اهو علم، هيءَ تاريخ، هيءُ جهان هيءَ اسان خوش قسمت ماڻهو آهيون جو اسان توهان وٽ اهو علم پهتو. دوستو هيءُ علم حقيقي اٿو، هِن کي اپنايو، پنهنجي ٻچن تائين پهچايو تہ توهان منجهان اهي ڪدورتون، نفرتون ختم ٿين، اڄڪلهہ توهان ڏسو هوٽلون آباد، شراب جا گتا آباد، تاس راند جا اڏا آباد، پر توهان جي دل جا اڏا ويران، توهان جون اوطاقون ويران، توهان جون اهي سڀ حسرتون جيڪي پاڪ صاف آهن. دوستو انهن کي آباد ڪريو، دوستو ائين جيڪي جڳهون آهن ويران انهن کي آباد ڪريو، انهن جڳهن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان آباد ڪريو، انهن کي سرسبز ڪريو، اسان تہ فقير ماڻهو آهيون، اهي فقير نہ جيڪي مٽڪا پائين، جيڪي وڏا وڏا جبا پائين، اسين عملي فقير آهيون، اسين پريڪٽيڪل فقير آهيون، اسان نعرن هڻڻ وارا فقير نہ آهيون، اسين عمل ڪري ۽ ٻئي کي عمل ڪرڻ ٻڌائيندا سون، اسان جو ڪردار ئي فقيري آهي، ڇو تہ اسان کي اهو ڪردار تحفي ۾ مليو، اسان جنهن درسگاهہ جا شاگرد آهيون انهي درسگاهہ مان اسان کي اهو سبق مليو، اسان هُنن ٻين وانگر محفلون ناهيون مچائيندا جتي اسان کي ڪو سبق نہ ملي، جتي اسان کي زندگيءَ ۾ رهڻ جو ڪو اصول ئي نہ ملي، جتي اسان کي پنهنجي معاشري ۾ پنهنجي فردن کي

بچائڻ جو اصول نہ ملي، انهن محفلن منجهان انهن پروگرامن منجهان کهڙو فائدو. پر دوستو هي پورو هڪڙو آئيڊيل پروگرام اٿو پورو هڪڙو پيڪيج اٿو جيڪو عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان واڳيل اٿو اسان الله جي فرضن کان باغي ڪو نہ آهيون، اسان محبوب ڪريم ﷺ جي سنت کان باغي ڪو نہ آهيون، اسان محبوب ڪريم ﷺ جي شريعت کان منهن موڙڻ وارا ڪو نہ آهيون، اسان ان تي عمل پيرا آهيون، اسين اُن تي عمل ڪنداسون ۽ ماڻهن کي عمل ڪري ڄاڻينداسون پر پنهنجي پيٽ کي، پنهنجي علم، فلسفي، منشور کي ماني پيٽ ڪو نہ ناهينداسون، اهو في سبيل الله هلندو، توهان جي روپ ۾، اسان جي روپ ۾، پر پنيان جيڪي بہ آهن اهو توهان جي روپن ۾ هلندو.

دوستو آخر ۾ ڪا بہ ڪمي پيشي اسان ۾، اسان جي دوستن کان تي هجي تہ معذرت، ڇو تہ هيءَ محفل عام نہ آهي، هيءَ ادبن جي محفل آهي، هيءَ احترام جي محفل آهي، هن محفل ۾ توهان کي اسان کي عشق ڪٺي آيو آهي، توهان کي اسان کي محبت ڪٺي آئي آهي، نہ توهان کي اسان کي ڪنهن پاڙو ڏنو آهي، نہ اسان ڪنهن جي چوڻ تي آيا آهيون، اسان هتي ”آذانِ عشق“ جو سڏ ٻڌي آيا آهيون. اڄ هن محفل ۾ 9 ارب 76 ڪروڙ 55 لک درود منهنجي هنن عظيم دوستن پنهنجي محبوب لاءِ تحفو آندو آهي ۽ 65 ختم القرآن شريف آهن. دوستو توهان اڄ انهيءَ عظيم محفل ۾ آهيو، توهان ڪٿي پورهيت ٿي ڪٿي ويندا، ڪٿي ڪوندي ڪٽندا، ڪٿي سرون ڪٽندا تہ توهان کي چار سئو يا پنج سئو مزدوري ملندي. دوستو هن محفل ۾ جنهن ۾ اڄ توهان آيا آهيو دنيا تي ڪو بہ ڀروسو ڪونهي، هيءُ حسن، هيءُ سونهن، هيءُ جوانيون، هيءَ پيسا هي سڀ هليا ويندا، توهان جا اسان جا وڏا بہ ڪئين هليا ويا، ڪئين اسان پنهنجا دوست پنهنجي هٿن مان ويندي ڏٺا، هن جهان جي ڪا قيمت ڪونهي اسان جڏهن مسلمان آهيون اسان جڏهن چئون ٿا ''لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه''، اسان بحيثيت مسلمان جڏهن چئو ٿا ”اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ“ تہ اسان کي يقين هئڻ گهرجي تہ اسان تي هڪ ڏينهن موت بہ ايندو اسان جو روح پرواز



ٿيڻو آهي، اسان جو هيءَ خالي بدن مٽيءَ ۾ پوڻ وارو آهي. پر دوستو جنهن محفل ۾ اڄ توهان آيا آهيو جتي توهان بہ ڪلاڪ، ٽي ڪلاڪ جي لاءِ آيا آهيو هتان توهان کي ظاهري جيڪا حديثن منجهہ، تاريخ منجهہ توهان کي جيڪا محنت پئي ملي اهو توهان هرهڪ دوست کي، توهان جي مائٽن، عزيز اقاربن کي، توهان 9 ارب 76 ڪروڙ 55 لک درود ۽ 66 قرآن شريف جا تحفا توهان پنهنجي اڪائونٽ ۾ وجهي هتان ڪٽيو پيا وڃو. دوستو توهان خالي ڪو نہ ٿا وڃو هيءَ اهي محفلون ڪونهن جتي وڏا وڏا پٽاڪ هنيا وڃن، جتي توهان کي خوش فهميون ڏنيون وڃن. دوستو هي عملي جهان اٿو، هِن ۾ توهان کي اچڻ جون بہ مبارڪون، خاص ڪري اهي دوست جيڪي سالا سال انهي انتظار ۾ آهن تہ اها محفل اچي ۽ اسين اُن کي سجايون، انهن محنت ڪري محبوب ڪريم ﷺ جي هيڏي محفل کي سجايو صاف ظاهر آهي انهي لاءِ انهن ماني، خوراڪ، انتظام، سيڪيورٽي، ڪافي توهان جا اهڙا دوست هوندا جيڪي توهان جي حفاظت لاءِ ويچارا ٻاهر وينا آهن، ڪن توهان جي لاءِ پاڇيون ناهيون، ڪي توهان جي بائيڪن جي حفاظت لاءِ وينا هوندا، ڪي محفل لاءِ توهان وٽ هلي آيا هوندا. دوستو هن محفل ۾ وڏي ۾ وڏي انهن جي اهميت آهي، انهن جي محبت ۽ خلوص کي مون مسڪين جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! توهان کي وري بہ محبتون، توهان جي لاءِ وري بہ پيار، هيءُ پيار اڄ ڪٿ اٿو هيءَ محبتون اڄ ڪٿ اٿو هي محبتون ختم ٿيڻو ڪونهن، هن جهان ۾ ڪي بہ اسان منجهان پرايان پنهنجا اسان کي توهان کي ٽوڙڻ لاءِ ڪي بند ٻڌن، ڪي حوس جا، ڪي ماديت پرستيءَ جا وچ ۾ وڏيون ڀتون ٻڌن، تئي ٿو جڏهن منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ان اهلِ بيتن کي انهي اصحابِ اڪرامن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ لاءِ انهن اهي ڀتون ٻڌيون، توهان اسان وڏي ڳالهہ ناهيون، توهان کي اسان کي جيڪڏهن هو ائين ڪن ٿا تہ توهان جي اسان جي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي محبت انهن کي پاش پاش ڪندي انهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي، ڇو تہ اسان حق ۾ سچ تي بيٺا آهيون، اسان ننگي ۾ ڪوڙ ڄاڻو ئي ڪون، دوکو فريب اسان جي منشور ۾

**كونهي، اسان ملاوتي ٿهڪ، مسڪراهٽ سڪيا ئي ڪون آهيون، اسان اهو سڪياسون جيڪو محبوبﷺ جي چهري منجهہ آهي، اسان اهو سڪياسون جيڪو پنهنجي محبوبﷺ کي پنهنجي محبوب جي پيارن کي ڪندي ڏٺوسون، اسان اٽڪلون سمجهون ڪون.**

**دوستو! هِن ڪانپوءِ منهنجي محبوب جو ربيع الاول جو مهينو شروع ٿيڻ وارو آهي، انهي مهيني ۾ روز محفلون آهن، آئون مسڪين منهنجي ڪوشش هوندي تہ آئون پڄان، جيڪڏهن آئون نہ پڄان تہ توهان جا انچارج دوست انهن کي آئون چوندس اهي توهان وٽ پڄندا پر منهنجي محبوبﷺ جون محفلون هلنديون رهن، هيءَ فلسفو هلندو رهي، هيءَ منشور هلندو رهي، هيءَ مقصد هلندو رهي، ڪئين راڳ رنگ ٿيندا، ڪئين ڳالهيون ٿينديون، ڪئين فتنا ٿيندا پر ڪو بہ اسان کي هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڪون سگهندو، هيءُ وڻ پوکيو ئي چانو جي لاءِ آهي، هِن وڻ جو ڪم ئي ڇپر ڇانو آهي، هيءُ وڻ پاڻ بہ فروٽ ڪارائيندو پر پنهنجا انهي وڻ منجهان جيڪو ٻج نڪرندو اهو بہ هزارن جي تعداد ۾ ٻين کي فروٽ ڪارائيندو، هيءَ وڻ ختم ٿيڻ وارا ڪونهن. الله سائين توهان کي آباد ڪري، خوش ڪري، ويرا وير وڌائي، منهنجي محبوبﷺ جي محفل مان ڪو بہ خالي نامراد ٿي نہ وڃي، ڀلي ڪٽي ڪهڙن خيالن جو هجي، پر انشاءالله تعالي هتان کان عشق جو جام پي پوءِ ويندو هي محبوبن جي محفل، محبوبن جي پيارن جي محفل آهي، هتان کان سڀ ڪو پنهنجيون خالي جهوليون ڀريندو، جنهن کي هِن جهان جون ڪي تنگيون آهن، ڪي پريشانيون آهن اهي بيماري جي روپ ۾، اهي هِن جهان جي انهن سڀني اسباب جيڪي حوس جيڪي حرس ڪرڻ کان اسان کي محفوظ رکي، الله سائين اسان کي پار تائين پڄائي، الله سائين توهان جو حافظ، الله سائين توهان جو حامي، توهان کي لکين ڪروڙين مبارڪون، اسلام عليڪم.**

**عرس مبارڪ سائين سيد مير محمد شاهہ المعروف سائين بچل شاهہ رح**
**(پڊريو فارم ڪنري)، تاريخ:** 26-10-2018



## مادیت پرستيءَ کان پاڻ بچايو

## اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

## بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“**

**منهنجا دوستو! منهنجا پيارؤ منهنجي انجمن غلامانِ قلندر جا ڪارڪنو، ان جا انچارج ۽ هن محفل ۾ آيل اسان جا معززين خاص ڪري اهلِ بيت ۽ ٻيا بہ جيڪي اسان جا دوست جيڪي پري پري کان هِن محفل ۾ ڪهي آيا آهن مون مسڪين عاجز جي طرفان توهان جي خدمت ۾ اسلام عليڪم، حق موجود.**

**دوستو! هيءَ اسان جون محفلون، اسان جي جماعت انجمن غلامان قلندر جي پليٽفارم تان آهن، هيءُ صوفي ازم جو پليٽفارم آهي، هيءَ اسان جي جماعت اويسي جماعت آهي، هيءَ اسان جي جماعت قلندري جماعت آهي، هيءَ اسان جي جماعت ظاهري ڪٽي نہ بہ آهي پر باطني طرح محبتِ محمديﷺ سان واڳيل آهي.**

**دوستو! اسان جي انجمن غلامانِ قلندر کي مالڪن کان اهو ڪم سونپيو ويو آهي، هڪڙو طبقو هڪڙي اها سوچ، هڪڙا اهي ماڻهو جن کي هِن جهان وارن پٺتيل سمجهيو، هڪڙا اهي ماڻهو جن کي هِن جهان وارن ائين سمجهيو تہ هيءَ اسان جي ڪم جا ناهن، هڪڙا اهي ماڻهو جن کي هِن جهان وارن ائين سمجهيو تہ هيءَ مسڪين آهن، هڪڙا اهي ماڻهو جيڪي مال چاريندا هجن، جيڪي پورهيت هجن، جن کي اسان پنهنجي محبت جي قابل ڪون سمجهو، انهن کي اسان پٺتيل سمجهيو شايد اهي هِن جهان جي ڪنهن فحاشي ۾ ورتل هجن، شايد اهي ڪنهن منشيات فروش جي ور چڙهيل هجن، پر پهرين دفعا انجمن غلامان قلندر، انهن پٺتيل ماڻهن تائين پهچي، انهن نوجوانن تائين پهچي جنهن کي هيءَ معاشرو برگر نوجوان ٿو چوي، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تائين پهچي، اُنهن سڀني**

درسگاهن تائين پهچي، اُنهن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو سبق ڏنو هُنن کي فيضِ قلندر جو اهو سبق ڏنو هُنن کي انهن پاڪرن ۾ وڏو جيڪي عظيم پاڪر هئا. هُنن کي انهيءَ نظام سان جوڙيو ويو. جيڪو عظيم نظام آهي، جيڪو صوفياء اڪرامن جو نظام آهي، جيڪو الله وارن بزرگن جو نظام آهي. دوستو هيءَ اها اويسي جماعت آهي، جنهن ٽيهن چاليهن سالن ۾ هزارين ماڻهن تائين فيض قلندر کي پهچايو آهي، جن ماڻهن کي بيو ظاهري ماڻهو سمجهائي ڪون سگهيو انهن کي تمام آسانيءَ سان، هِن اويسي طريقي سان، منهنجي محبوب ﷺ تي درود پڙهڻ جي ڪم ۾ لڳايو.

دوستو! توهان کي آئون ٿورو تاريخ ڏانهن وٺي ٿو هلان، اهو شايد 1964ع يا 1965ع جو ٽائيم هجي، جنهن درسگاهه ۾ اسين پڙهياسون، جنهن درسگاهه جا اسين طالب علم آهيون، ان جو پرنسپال چئو، اُن جو سرپرست اعليٰ چئو، بابا سائين احمد علي قريشي رح اهي هتي پروفيسر ٿي آيا، هتي اچي پڙهايائون، سائين جن جو روحاني تعلق سائين پير شاهه بخاري رح سان قائم ٿيو، هتي جا هڪڙا ٻه دوست ٻه سائينءَ سان مليا ۽ انهن سائين کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو ۽ ائين بابا سائين جو اسان جو 1964ع، 1965ع ۾ سائين پير شاهه بخاري رح سان روحاني ڪانٽيڪٽ ٿيو، جيڪو اڄ تائين قائم دائم آهي. دوستو اهو ڪانٽيڪٽ هتان کان اڳتي وڌيو، دوستو اهو ڪانٽيڪٽ انهيءَ ٽائيم تي وڌيو جڏهن هتي انهيءَ وقت جا ٻه جوان جيڪي فرسٽ ايئر يا انٽر ۾ هئا، انهن جو واسطو سائين محمد علي بادشاهه رح سان ٿيو. سائين محمد علي بادشاهه رح ٻه اتي پڙهندو هو. سائين محمد علي بادشاهه رح کي ٻه الله جي بزرگن جي محبت دل ۾ جاڳي، اها محبت جاڳندي جاڳندي وڃي بابا سائين احمد علي قريشي رح تائين پهتي. اهو نوجوان سائين محمد علي بلوچ رح جڏهن هُن کي فيض قلندر مليو. جڏهن هُن کي عشقِ مصطفيٰ ﷺ مليو ته هوءُ هڪڙي ڪامريڊ منجهان، هڪڙو صوفي بزرگ بڻجي ويو. صوفي طالب علم بڻجي ويو. جڏهن هو بابا سائين احمد علي قريشي رح جي طالبيءَ ۾ آيو. ظاهري سان گڏ باطني ۾ آيو ته هو مست قلندري ٿي ويو. ٿيندي ٿيندي هاڻي انهيءَ مقام تي



پهتو آهي، جتي صوفياءَ اڪرام، اسان انجمن غلامان قلندر وارا نه. پر صوفياءِ اڪرام جيڪي الله جا بزرگ، مجذوب، ابدال، جيڪي انهيءَ منصبن تي آهن اهي ٻه سائين محمد علي بادشاهه رح کي قلندر جي نالي سان پڪارين ٿا. دوستو قلندر ته هِن جهان ۾ اڍائي ٿيا آهن، انهن جا منصب ۽ مقام پنهنجا پنهنجا آهن، پر جهان وارا انهن کي ٿا قلندر سڏين جيڪي بي نياز هجن، جنهن کي هن جهان جي مقصد سان سان ڪا ٻه لوڀ، ڪا ٻه لالچ، ڪا ٻه تمنا نه هجي، انهن کي صوفياءِ اڪرام وقت جا قلندر ٿا ڪوٺين. دوستو انهيءَ الفاظ جي ڪري ئي اسان جي جماعت قلندري ٿي سڏجي، دوستو انهيءَ جماعت سائين محمد علي بادشاهه رح جي اڳواڻي ۾ توهان جي سامهون ويهي سائين پير شاهه بخاري رح جو مقبرو تعمير ڪرايو. اهڙا تقريبن 77_78 قبا تعمير ٿيا، جيڪي قمون شهيد، گهوٽڪي، اوٻاڙو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سائين محمد علي بادشاهه رح جي اڳواڻي ۾ قائم ٿيا، جيڪي اسان جي نوجوان دوستن تعمير ڪيا. مزدوريون ٻه انهن ڪيون ته سڄو ڪم انهن ئي نوجوانن ڪيو. جيڪڏهن پيسا ٻه ڪتب آيا ته اهي ٻه انهن ئي نوجوانن جا هئا.

دوستو! هيءَ پهرين دفعا ميلاد جي عظيم الشان محفل ٿئي پئي، جيتوڻيڪ اسان جون سال سال تي ننڍڙيون محفلون سائين پير شاهه بخاري رح جي آستاني تي ٿينديون آهن، پر انهن دوستن جي محنت کي سلام آهي جن اڄ هيءَ عظيم الشان محفل ڪئي، ٺيڪ آهي هيءَ محفل پهرين دفعا هتي جي آڙي پاڙي جي ماڻهن ڏٺي آهي، چو ته هنن ٻين ڪئين قسمن، طريقن جون محفلون ٻڌيون آهن، واعظ ٻڌا آهن، هاڻي آئون ٿورو انهن کي هِن محفل جي باري ۾ تعليم ڏيان، هيءَ محفل عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي آهي، هيءَ محفل ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي آهي، هن محفل جو ڪم، هن محفل ۾ اچڻ وارن جو ڪم، هن محفل ۾ توهان کي ٻڌائڻ وارن جو ڪم آهي درود پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، درود پاڪ ته ڪائنات جو ذرو ذرو پڙهي ٿو، درود ته ڪائنات جو خالق ٻه پڙهي ٿو، درود اهو واحد عمل آهي جنهن ۾ ڪائنات جو خالق، پنهنجي مخلوق سان گڏ عمل ۾ شامل ٿو ٿئي. پر دوستو اهو عظيم ڪم

توهان کي اسان کي هِن پليٽفارم، هِن انجمن غلامانِ قلندر کي سونپيو ويو آهي ۽ اسان جو هميشہ آهي اهو ڪم رهيو آهي، تہ هن عرس واري مهيني ۾ اسين محفل ميلاد ملهائيندا آهيون. پر دوستو، سال جو هر ڏينهن اسان جو ميلاد هوندو آهي، ماڻهو سال ۾ هڪ مهينو ميلاد ڪن ٿا، اسان سڄو سال عشقِ مصطفيٰ ﷺ، ميلاد مصطفيٰ ﷺ جون محفلون ٿا ڪريون.

دوستو! منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراہ ڇا بيان ڪجي، اُن جو ڇا بيان ڪجي، گهڻا واعظين، گهڻا مقرر، ڪئين نعت خوان، ڪئين مولود خوان، ڪئين ثنا خوان جنهن جا ڪتب پريا پيا آهن، جنهن جي تاريخ پئي آهي، پر آئون توهان کي چوندس تہ منهنجي محبوب کي الله سائينءَ ٽن طريقن سان ساراهيو آهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراہ ٽن طريقن سان بيان ٿي ٿئي، هڪڙي اها جيڪا محبوبيت، جيڪا شريعت جي روپ ۾ اسان وٽ آهي، جيڪا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانحيات، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي اها ظاهري تربيت، اُهو اها ظاهر پڻ، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو اٿڻ ويهڻ، احاديث، اها منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ظاهري شريعت هئي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ساراہ. ٻيو جنهن کي چيو وڃي ٿو ڪتابِ المبين، الله سائين جو ڪلام، جيڪو ڪلام الله سائين پنهنجي محبوب، جنهن کي الله سائين رحمت العالمين چيو آهي، پنهنجي زباني سڄي ڪائنات جي لاءِ موڪليو، اهو ڪتابِ المبين، اهو پورو ڪتابِ قرآن منهنجي محبوب جي ساراہ آهي، ڪٿي الله سائين پنهنجي محبوب ﷺ کي "الم" سان سڏي ٿو، ڪٿي "مزمل"، ڪٿي "مدثر"، ڪٿي ۾ "طس"، ڪٿي "حم"، منهنجي محبوب ﷺ کي الله سائين ڪهڙن ڪهڙن نالن سان سڏي ٿو پر سڄو قرآن محبت محمدي ﷺ جو ثبوت آهي، جيڪڏهن توهان اُن کي پڙهندو، توهان اُن جو فلسفو پڙهندو، تہ توهان کي هر طرح سان منهنجي محبوب جي ساراہ اُن ۾ ملندي. ٽي جيڪا ساراہ آهي اها آهي حقيقتِ محمدي ﷺ، حقيقتِ محمدي ﷺ جي پرک تہ الله سائين کي آهي، لوحِ قلم تي آهي، اها حقيقتِ محمدي ﷺ جنهن جي پرک الله سائين کي آهي، انهيءَ جي پرک



الله جي اولياء اڪرامن کي بہ پوي ٿي، پر جيڪي ظاهر آهن انهن کي نہ، پر انهن کي جيڪي برزخ ڏانهن هليا ٿا وڃن، جيڪي ظاهري هِن جهان مان پردو ٿا مٿائين، هُن جهان ڏانهن منتقل ٿا ٿين، تڏهن انهن تي اهي راز ٿا کلن، انهن کي اويسي چئبو آهي، پوءِ هو اهي راز انهيءَ برزخ منجهان پنهنجي پوئلڳن تائين ظاهر ڪن ٿا (جيئن فيض قلندر چئو)، اهي راز انهن جي سينن کان ٿيندا ٿيندا اسان تائين اچي پهچن ٿا، پر خفيا انداز سان.

دوستو! هيءَ محفل انهيءَ راز ۽ نياز جي محفل آهي، انهيءَ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي محفل آهي. دوستو، هيءَ اها محفل جنهن جي توهان سجاوٽ ڪئي آهي، جيڪا توهان پنهنجي محبوب ﷺ کي ساراهائڻ جي لاءِ، پنهنجي محبوب ﷺ جي تعريف جي لاءِ هيءَ مانڊاڻ جيڪو مچايو آهي. دوستو، توهان حيرت نہ وٺو، توهان پشيمان نہ ٿيو، چو تہ هتي جي ماڻهن کي پهريون دفعو ظاهري طرح قلندرين سان واسطو پيو آهي، هنن کي جيڪڏهن بہ ٿي پاڪر پيا، اکين جا آمنا سامنا ٿيا تہ آئيندي سال ٿي سگهي ٿو تہ هِن محفل ۾ سيني جا ڪنڌ هيٺ هجن، ٿي سگهي ٿو هيءَ چرپر نہ هجي، هيءَ چرپرون تڏهن ٿين ٿيون جڏهن عشق کان خالي آهن، ٿورو وانجهيل آهن، هُنن هميشہ اهي محفلون اٿيند ڪيون آهن، جنهن ۾ چرپرون ٿينديون آهن، جڏهن تہ عشق ۾ چرپر ناهي ٿيندي، عشق ۾ سناٽو هوندو آهي، عشق ۾ خاموشي هوندي آهي، توهان ڪون ڏٺو هوندو تہ سائين پير شاهہ بخاري رح وٽ ڪيتري خاموشي آهي، اها ڪهڙي خاموشي آهي، خاموش آهن اهي ٻيون مزارون، جنهن ۾ دنيا جا ٻيا هزارين ماڻهو مدفون آهن، پر هڪڙيون اهي مٿيون آهن جن جي هيٺان الله سائينءَ جا رازدان مدفون آهن، جنهن کي وقت جو قلندر چيو ٿو وڃي، جنهن کي وقت جو ڀٽائي چيو ٿو وڃي، جنهن کي وقت جو صوفي سچل سرمست ٿو چيو وڃي، انُهن جي مٿيءَ هيٺ الله سائين جا نور آهن، الله سائين جي راز ۽ نياز جا پارکو آهن، انهن جا راز ۽ نياز جيڪڏهن بند ٿيا آهن، بند ٿيندا اهي انجمن غلامان قلندر جي پليٽفارم سان هجن، اهي توهان جي اسان جي سينن ۾ اسمِ اعظم سان هجن، اهي توهان جي اسان جي سينن ۾ نفي اثبات جي ذڪر سان هجن،

اهي توهان جي اسان جي چپن تي اسمِ مصطفيٰ ﷺ سان هجن، جيڪو اسان ۾ توهان پڙهندا آهيون،

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو، اهو اسان جو نعرو آهي، اهو اسان جو هوڪو آهي، اهو اسان هِن جهان وارن کي هوڪا ڏيون، جهان وارا ستل آهن، انهيءَ آرام مان اسان انهن کي اٿاريو ٿا، اسان انهن کي خبردار ٿا ڪريون، اسان انهن کي چئون ٿا، دوستو، توهان اٿو، هيءَ جيڪا ننڊ آهي، هيءَ جيڪو آرام آهي جيڪو توهان کي پنهنجي پاڪرن ۾ وجهيو ويٺو آهي، توهان کي هِن جهان جي ماديت پرستيءَ جي مدهوشي جي عالم ۾ هٽي ڇڏيو آهي، فحاشي ۾ هٽي ڇڏيو آهي، توهان جو سوچون چار پنج ماڻهن تائين منتقل آهن، اهي چار پنج ماڻهو توهان جي هڪڙي قسم جا پيالي پائي ٿي سگهن ٿا، توهان جي سوچ جا پيالي پائي ٿي سگهن ٿا، توهان جي فرقي جا پيالي پائي ٿي سگهن ٿا، پر دوستو، هيءَ انجمن غلامان قلندر، هن جو مقصد ئي عشقِ مصطفيٰ ﷺ آهي، هِن جو مقصد محبتِ اهلِ بيت آهي، هِن جو مقصد محبت الله سائين آهي، هِن جو اهو فرقو آهي جيڪي ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيا، هِن جو اهو فرقو آهي جيڪو حضرت بلاول حبشي رضہ جو هو، هِن جو اهوئي فرقو آهي جيڪو لعل شهباز رح جو هو، هِن جي اها ئي سوچ آهي جيڪا سچل سائين جي آهي ”مان جوئي آهيان سوئي آهيان“، هن جي سوچ محبت واري سوچ آهي، هن جي سوچ نفرت واري ڪونهي، هِن جي سوچ صبر واري سوچ آهي، هن کي ”وتواصو بالحق، وتواصو بالصبر“ واري سوچ آهي، هن جي برداشت ڪرڻ واري سوچ آهي.

ائين هڪڙي قلندري کي ڪنهن بزرگ وٽ، انهيءَ الله جي بزرگ ڪنهن پيٽرول پمپ تان تيل پي پرايو، هڪڙو سائل آيو چيائين، سائين مونکي ڪا خيرات ڏيو، هُن حسبِ توفيق سائل کي خيرات ڏني، هن کي چيائين تون بہ ڪنهن کي خيرات ڏجان، سائل چيو آئون مڱڻهار پنڻ وارو، منهنجو ڪم آهي خيرات وٺڻ، آئون ڪيئن ڏيان خيرات، چيائين اج توکي فيضِ قلندري وارو جوان ٿو ملي، توکي هاڻي وٺڻ وارو نہ پر ڏيڻ وارو ٿا



ٺاهيون، توکي جيڪا اسان کان ظاهري ونڊ ملي آهي اها تون وڃي ڪنهن مسڪين کي ڏي، تون آئنده ڏيڻ وارو ٿيندي وٺڻ وارو نہ، هن فقير وڃي اها خيرات ڪئي، پوءِ تاريخ شاهد آهي تہ اهو وٺڻ وارو فقير ڏيڻ وارو بڻجي ويو، اها اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جي سوچ آهي، هيءَ قلندري سلسلو ڏيڻ وارو آهي، هيءَ وٺڻ وارو ڪونهي، نہ هن جي ڪا فيس آهي، نہ هن جو ڪو فنڊ آهي، هن جو ڪم آهي فقط في سبيل الله فيض قلندر کي عام ڪرڻ، بغير ڪنهن تعريف جي، بغير ڪنهن واه واه جي، بغير ڪنهن پروٽوڪول جي، بغير ڪنهن آجيان جي، فقط فيضِ قلندر ۾ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي ڊيوٽي اهو انجمن غلامان قلندر هنن نوجوانن تي آهي، جيڪي اسٽيج تي آيا سڀ نوجوان ٿي سگهي ٿو توهان هنن کي ظاهري ڏٺو هوندو، هنن کي مٿن تي ٽوپيون بہ نہ هونديون، پر هنن جي اندر تي، هنن جي دلين تي پوشاڪ محمدي ﷺ اٿو هيءَ ڪنهن آفيس ۾ هوندا تہ ڪنهن سان اٽڪل سٽڪل ڪون ڪندا، هيءَ ڪنهن منصب تي بہ هوندا تہ بہ ڪنهن سان ڌاڌائي ڪون ڪندا، هيءَ ڪٿي اڪيلا بہ هوندا، ڪنهن منشيات واري جڳهہ تي بہ هوندا، اتي بہ هوءُ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪو نہ ڪندا، پر هِنن تہ اهو عشق جو شراب پيتو آهي، هِنن کي هِن جهان وارو شراب اثر ئي ڪون ڪندو، هنن جي اکين ۾ اهو خمار آهي، هنن جي اکين ۾ اهو نشو آهي، جنهن بہ جهان واري قلندر جو جام پيتو آهي، تڏهن سچل سائين چوي ٿو

”جنهن دل پيتا عشق دا جام سا دل مست مُدام“

سچل سائينءَ کي ٿي سئو سال (300) ٿين پيا پر اڃ بہ سچل سائينءَ جا شعر ۽ ڪلام محفوظ آهن، اڄ اهي ٻڌا ٿا وڃن، انهن کي ٻڌايو ٿو وڃي، انهن ۾ هڪڙي قسم جو سرور ٿو اچي، ان ۾ هڪڙي ڪيفيت ٿي طاري ٿئي، انهي شيءِ جي پٺيان ڪيفيت قلندري اٿو اڄ شاهہ صاحب جو اهو تنبورو ٿو وڃي، انهيءَ تنبوري جي پٺيان راز آهي، اُن جي پٺيان فلسفو آهي، اُن جي پٺيان ڪا سوچ آهي، اُن جي پٺيان سمجهہ آهي، پر اها سوچ ۽ سمجهہ الله سائين جنهن کي چاهي ٿو اُن کي ٿو ڏئي.

دوستو! ائين هڪڙي وقت جو ڪافر، پنهنجي وقت جي بادشاهہ پنهنجو بوتو ناهيائين، انهيءَ بت جي لاءِ ماڻهن کي مجبور ڪندو هو، اُن کي پهرين مال ملڪيت آڇيندو هو، پوءِ هنن کي چوندو هو تہ توهان هِن بت جي بت پرستي ڪيو نہ تہ آئون توهان کي سزا ڏيان. هڪڙي مومنا جنهن جي قلب ۾ خوفِ خداوندي هو جنهن جي من ۾ محبتِ محمديﷺ هئي، اُن کي هُن ڪافر چيو تون هن بت جي پوڃا ڪر، نہ تہ اها جيڪا باهہ پئي ٻري آئون توکي اُن ۾ ساڙيندس، پر پهرين تنهنجي اکين جي سامهون تنهنجو ٻچڙو جيڪو کير پياڪ آهي، ٿورو وڏو آهي، ٻہ اڍائي سال جو آهي، پهرين انهي کي هُن باهہ ۾ ساڙيندس پوءِ، تون بہ اُن جو مزو وٺ. هُن چيو تہ مونکي خوفِ خداوندي، مونکي محبتِ محمديﷺ اها اجازت ئي ڪون ٿي ڏئي تہ آئون بت کي ڪو سجدو ڪريان. دوستو، ائين اسان جا دوست، اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جو پليٽفارم ڪنهن حوس کي سجدو ڪندو ئي ڪون، ڪنهن بادشاهي کي پڇندو ئي ڪونهي، ڪنهن مان مرتبي واري وٽ ويندو ئي ڪونهي، اسان جي انجمن غلامانِ قلندر وارا ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيندا ئي ڪونهن، ڪنهن ٻئي ظاهري فلسفي کي پڇن ئي ڪون ٿا، هو صرف هڪڙي عشق جي فلسفي کي ٿا پڇن. ائين دوستو پوءِ هُن ڪافر اُن مومنا عورت جو ٻار باهہ ۾ اڇليو، هوءَ ماءُ زارو قطار ٿي روئي، هوءُ ٻار هٿان اندران باهہ مان پنهنجي ماءُ لاءِ ڪلي پيو، ڪڏي پيو ۽ ائين اُن کي احساس سان پيو ٻڌائي تہ منهنجي امان، منهنجي جيجل تو مونکي کير پياريو، تنهنجي کير ۾ تاثير هوئي، تنهنجي کير ۾ اهو ڪرنٽ هو، چو تہ تنهنجي اندر ۾ عشقِ مصطفيٰﷺ هو، تنهنجي اندر ۾ خوفِ خداوندي هو، تنهنجي انهن ٻنهي شين مونکي هن باهہ ۾ سڙڻ کان بچايو، آئون محفوظ آهيان هُن پنهنجي اکين جي اشاري سان، هن جي چاهت، هُن جي اُنهيءَ خاموشيءَ کي ٽوڙيو تہ ان تي بادشاهہ حيران ٿي ويو. دوستو، انهي ڪري ڪنهن الله واري بزرگ چيو آهي تہ اها باهہ اندر بہ اٿو، هڪڙي ظاهر توهان ٿا باهہ ڏسو، اها آتش توهان جي اندر ۾ بہ آهي، جيڪا آتش توهان جو ظالم نفس تيار ڪري ٿو، جيڪو توهان جي اندر گهڙي ويو آهي، جيڪو توهان



تي حاوي ٿي ويو آهي، توهان کي روز بروز نيون خوبصورت شيون ٻڌائي ٿو، ڪئين خبرون ٻڌائي ٿو تہ فلاڻي هيترو حرام جو ڪائي امير ٿي ويو، فلاڻي ڪنهن پڪي جي نيڪي منجهہ مٿيءَ جي پرائي ڪئي هُن کي هيترا پئسا ملي ويا، هُن ڏامر جي جڳهہ تي ڪو آئل اڇليو، هوءُ مالامال ٿي ويو، هُن بنگلو ورتو، هُن ڪار ورتي، تون بہ اهو ڪر، اهو ڇا آهي؟ اهو حوس آهي، اها حوس ڪڏهن ختم ٿيڻي ناهي، نہ ڪنهن بادشاهہ جي حوس ختم ٿيندي، نہ ڪنهن مسڪين جي ختم ٿيندي، انهن حوسن سان اسان جو ملاڪڙو آهي، اها اسان جي اندر جي جيڪا تپش آهي، نفساني جيڪا اسان جي اندر جي تپش آهي، انهيءَ سان تہ اسان جو ملاڪڙو اٿو. دوستو، هي ظاهري دنيا انهيءَ وانگر آهي جيئن اڄ توهان کي بازارن ۾ سون جي جڳهہ تي توهان کي نقل جا زيورات ٿا ملن، ڪيڏا اهي حسين هوندا آهن، جو توهان جي دل پڻائيندي آهي تہ اهي سون جا آهن، پر دوستو، سون ڪيڏو بہ پراڻو ٿي وڃي، سون جي جيڪا ماندي آهي اها سون جي مٿان ٿي ظاهر ٿئي، اصلي سون ڪڏهن بہ ڦٽندو ڪونهي، پر نقلي سون کي جيڪڏهن ٿوري هِن جهان حوس جي تپش اچي وئي، ٿوريماديت پرستيءَ جي هوا اچي وئي، تہ اهو نقلي سون پگهرجي ويندو، جهڙو لوهہ هو وري اهڙوئي لوهہ ٿي ويندو، پلي ڪٿي ڪٿان ڪان پڙهي آيو هجي، پلي ڪٿي هُن ڪئين ڪتاب پڙهيا هجن، پر ان جي اندر جو لوهہ ائين پگهرندو، انهيءَ کي اهي خبرون وڻنديون ئي ڪون، اهي عشق جون خبرون اُن کي وڻنديون ڪون، اُن کي ظاهر جون خبرون سٺيون لڳنديون، ڇو جو ظاهر وارن وٽان ڪجهہ پئسا بہ ملندا آهن، اسان جو هيءَ قلندري سلسلو ڏيڻ وٺڻ جو سلسلو ڪونهي. دوستو، اهو اٿو عشق جو فلسفو، اهو فلسفو ڪٿي اسين هتي توهان وٽ آيا آهيون، اسان توهان کي صرف ٻڌاڪون هٿي ناهيون ٻڌائيندا، پر هيءَ فقير، عملي فقير آهن، هيءَ فقير ڪرداري فقير آهن، هيءَ پنهنجي ڪردار سان توهان کي آڇيندا، توهان کي انهيءَ پاسي آماده ڪندا، اڄو ٿورو عمل ڪريو، تمام ٿورو عمل ڪريو، ٿوري عمل سان توهان جي زندگيءَ ٺهندي، توهان جو هيءَ جهان تہ ٺهندو پر توهان جو خاندان ٺهندو، توهان جا آڙا پاڙا ٺهندا ۽ اُن سان فرق پوندو، اهو تہ آهي

اصلاحِ امتِ محمديﷺ، محمد ڪريمﷺ جي امت جي اصلاح، ابدال بہ پنهنجي پنهنجي انداز سان منهنجي محبوب جي امت جي اصلاح ٿا ڪن، ايئن واعظين، اسان جا عالم، اسان جا فلاسافر، اسان جا اسڪالر، پر هيءَ فقيري سلسلو اڻو هيءَ وري محبتن سان، اکين جي جام سان، انهن اکين جي اشارن سان، سيني جي انهن جي شعاعن سان، انهن پٽڪيل قلبن تي نور ٿو ورسائي، اهو نور وسندي وسندي ان جي اندر ۾ پڙڪا ٿو ڪائي، جڏهن اهو نور پڙڪا ٿو ڪائي تہ پوءِ اُن جي چپن تي ازخود اچي وڃي ٿو.

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

دوستو، انهيءَ کي جهپيو، انهيءَ شيءَ کي قابو ڪريو، انهيءَ کي پنهنجي اندر ۾ سانديو، هيءَ توهان جي لاءِ قيمتي مرحلو اٿو، چو تہ توهان جي اجان انتري ٿي ڪونهي، توهان اجان ٻاهر آهيو، اچو توهان هن ۾ پير پايو، هن عشقِ مصطفيﷺ ۾ پير پايو، هن جامِ محمديﷺ ۾ پير پايو، اچو هيءَ توهان کي وڏائيندو، توهان کي سينگار ڪندو، جڏهن توهان جي روح سينگار ڪيو، توهان جي روح مان عداوت ختم ٿي، توهان جي روح مان بغض ختم ٿيو، توهان جي روح مان حسد ختم ٿيو، تڏهن توهان انسان ٿيندا، نہ تہ چڱا خاشا پڙهيل لکيل پنهنجي پاڻ کي برداشت ڪون ٿا ڪن، پيءُ پنهنجي پٽ کي برداشت ڪون ٿو ڪري، پاڙي واري کي برداشت ڪون ٿو ڪري، اها عدم برداشت ڇو آهي؟ اها عدم برداشت صرفماديت پرستيءَ جي ٻوڏ ڪري آئي آهي انهي انسانيت کي پنهنجي ٻوڏ واري نفسياتي پاڻي ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي، اسين انهيءَ ماديت پرستيءَ ۾ ايڏا تہ ٻڏي ويا آهيون، جو اسان جي نڪن ۾، ڪنن ۾، سينن ۾، منهن ۾، اها ماديت پرستيءَ جي ٻوڏ وارو پاڻي اچي ويو آهي، هاڻي انهيءَ ٻوڏ واري پاڻيءَ کي اسان کي ڪڍڻو آهي، اسان کي محبت سان پڄائڻو آهي، اسان کي عشقِ مصطفيﷺ جي جام سان پڄائڻو آهي، اسان کي انهن نفرتن فرقن جي وسيلي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيو آهي، اسان جي پاڙي وارن کي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيو آهي، اسان جي خاندان کي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيو آهي، هر ڪنهن جا نظريا الڳ الڳ هوندا آهن، هر



ڪنهن جون سوچون الڳ الڳ هونديون آهن، پر عشقِ مصطفيﷺ جو ڪو بہ انڪاري ڪونهي، انڪاري آهي تہ صرف ابوجهل، ابوجهل جو وڏو جيڪو مرشد آهي، اهو آهي شيطان، اسان انهيءَ ابو جهل واري ٽولي کان پنهنجو پاڻ کي بچايون، انهن جي شرارتن کان پنهنجو پاڻ کي بچايون، اسان عشقِ مصطفيﷺ واري حسيني، قلندري قافلي ۾ انتري ڪرايون، جيڪو اسان کي حق سچ جو پيغام ٿو ڏئي، برداشت جو پيغام ٿو ڏئي، پنهنجي قاتل کي بہ بخش ڪرڻ جو پيغام ٿو ڏئي.

هڪ دفعا هڪ ماڻهوءَ محبوبﷺ جي اهل ٿو ڪدي، وات کي تيڙي ٿو، تہ هُن جو وات تيڙو ٿيو وڃي ٿو پر هو جڏهن معافي وٺڻ منهنجي محبوبﷺ وٽ ٿو اچي، تہ منهنجو محبوبﷺ انهيءَ کي بخش ٿو ڪري، منهنجو محبوب ڪافرن تي بہ رحم ٿو ڪري، انهن کي بہ بخش ڪري ڇڏي ٿو.

”اُن رحمت العالمين جو ڏهٽو حضرت زين العابدين عليہ اسلام، پنهنجي والد جي قاتل کي پنهنجي خيمي ۾ پاڻي ٿو پياري، اهو ابو ذيا پڇي ٿو سائين توهان مون کي پاڻي پيا پياريو، توهان سمجهو ٿا آئون ڪير آهيان، حضرت زين العابدين عليہ السلام چيو آئون توکي ۽ تنهنجي خاندان کي چڱي طرح سڃاڻان ٿو، تون منهنجي بابي جو قاتل آهين، پر آئون حسين عليہ السلام جو ٻچو آهيان، آئون علي عليہ السلام جو ٻچو آهيان، رحمت العالمين جو خون مون ۾ آهي، اسان جو ڪم ئي رحمتن کي ونڊڻ آهي، اسان جو ڪم ئي رحمتن کي نڇاور ڪرڻ آهي، اسان جو ڪم ئي شهادتون ماڻڻ آهي، اسان جو ڪم ئي مسڪينن جي ڏکن ۾ سورن کي پنهنجو ڪرڻ آهي، اسان جو ڪم ناهي انهن سورن جي عيوض توهان جا مال متا وٺڻ، ڇو جو منهنجو نانو رحمت العالمين آهي، منهنجو نانو سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهي، اڄ بہ هِنن درگاهن تي، اُن جي اولاد وٽ، اُن جي ٻچڙن وٽ، غير مسلم بہ اچن ٿا، مسلمان بہ اچن ٿا“. (ڪتاب: شهادتِ امام حسين عليہ السلام (فلسفہ و تعليمات)، مصنف: شيخ الاسلام ڊاڪٽر محمد طاهر القادري، پيج نمبر 226)

دوستو! اصل فرق ڇا آهي؟ منافق ۾ بہ اکيان م اٺو مومن ۾ بہ اکيان م اٺو فرق تہ پنڀيان جيڪي اکر آهن. انهن جو فرق آهي، اهي اکر اسان کي جانچڻا آهن. اهي اسان کي پنهنجي سينن منجهان ٻاهر ڪڍڻا آهن. اهي اسان کي پنهنجي ذهنن منجهان ٻاهر ڪڍڻا آهن. اهي اسان کي پنهنجي سوچ مان ٻاهر ڪڍڻا آهن. جڏهن اهي پنڀيان اکر ڪڍي اسين ڇاڏيداسون تہ اسان ۾ عشقِ مصطفيﷺ ايندو. اسان ۾ خوفِ خداوندي ايندو. ۽ الله سائين جا فرائض. اهي الله سائين جا فرائض جيڪي تيرن جي سائي ۾، شهادت جي وقت، امام حسين عليہ السلام کي معاف ڪون ٿيا، تہ اسان کي بہ معاف ڪونهن.

ائين دوستو الله وارن جو ڪم چوڪيداري ڪرڻ آهي. الله وارن جي فيض جو ڪم توهان جي پهريداري ڪرڻ آهي. الله وارن جو ڪم توهان ۾ نفرتون، وهم وجهڻ ڪونهي. الله وارن جو ڪم عمليات ڪرڻ ڪونهي. الله وارن جو ڪم ڪوڙا تعويذ ڪرڻ ڪونهي. الله وارن جو ڪم توهان سان ٺڳي ڪرڻ ڪونهي. ٺڳي باز ناٽڪي ماڻهو هوندا آهن. نقلي هوندا آهن. جيڪي اصلي هوندا آهن. اهي انهن مان ڄاڻن ئي ڪون.

دوستو ائين هڪڙو الله وارو هو. آذان جو ٽائيم ٿيو. حي اصلاح، حي الفلاح. هُن جو ڪم هوندو هو تہ هو پنهنجي هڪڙي واڙ ٺاهي ويندو هو. ظاهري تہ ڪا بہ واڙ ڪون هوندي هئي، پر هڪڙو دائري ڪار ٺاهي ويندو هو. انهي ۾ پنهنجون رڍون، ٻڪريون هٽي الله جي ان فرض جي ادائگي لاءِ ان خالق ۽ مالڪ ڏانهن سجود جي لاءِ ويندو هو ۽ ائين چئي ويندو هو. اهي هُن جا تاريخي الفاظ هوندا هئا. جيڪڏهن هن واڙي مان ڪا ٻڪري يا رڍ باغي ٿي ٻاهر پيئي، تہ اُن کي بگهڙ بہ کائيندو. اُن کي ٻيا جانور بہ کائيندا. جيڪڏهن هن واڙ ۾ هوندي تہ توکي الله سائين جي پناه ملندي. اهي ڇا الفاظ هئا؟ اهو انهيءَ بزرگ جو اسان ۽ توهان کي ٻڌائڻ هو. جيڪڏهن دوستو. توهان الله وارن جي صحبت مان هٽيا. هِن جهان ڏانهن ويا. توهان کي ماديت پرستي بہ کائيندي، توهان جي اندر ۾ جيڪو ظالم نفس ويٺو آهي. اهو بہ توهان کي غلط راهن ڏانهن وٺي ويندو. پر جڏهن توهان فيض قلندري ۾



هوندا. سائين پير شاه بخاري رح جي صحبت ۾ هوندا. صحبت اولياءِ ۾ هوندا. جيڪڏهن توهان ڪثرتِ درود پاڪ سان واڳيل هوندا. تہ توهان ظاهر ڏڱن کان، نفس جي ڏڱن کان، حوس جي ڏڱن کان، خونخوار جانورن کان، جيڪي خونخوار جانور توهان جي معاشري ۾ ڦهليل آهن. جيڪي حرام کائين ٿا. جيڪي حرام کائڻ جو چون ٿا. جيڪي حرام جي حصي پٽي تي پلجن ٿا. اهي توهان کي انهن غلط ڪمن ڏي وٺي ويندا. پر دوستو اڄ هيءَ جيڪي پير شاهہ بخاري رح جي آستاني تي اسين هوڪا ڏئي رهيا آهيون. هيءَ ظاهري نہ آهن. هيءَ باطني آهن. هِنن جي پنڀيان ڪي هٿ آهن. هٿ ڪي هِن جهان جي وڏن ماڻهن جا ناهن. هنن جي پنڀيان هٿ لعل شهباز قلندر رح جا آهن. هنن جي پنڀيان منهنجي علي سائين عليہ السلام جا هٿ آهن. هنن جي پنڀيان هِن وقت جي غوث. قطب. ابدال جا هٿ آهن. جيڪي چاهين ٿا تہ امتِ محمديﷺ جي اصلاح ٿئي. محبت سان اصلاح ٿئي، انهيءَ پرک سان ٿئي، جيڪا پرک اسان جو نچوڙ اهي، انهيءَ پيار سان توهان جي تابعداري ٿئي، توهان جي پوئيواري ٿئي ۽ توهان جي پاسداري ٿئي، توهان کي انهيءَ پاسي آڻين. هيءَ جيڪي معصوم ٻارڙا آهن. اهي اسان جو مستقبل آهن. هنن تائين فيض قلندر پڄائڻ اسان جو ڪم آهي، اسان جو منشور آهي، اسان انهن کي بہ چونداسون توهان ظاهري جهان ۾ ڪيئن بہ هجو پر توهان جي باطني طرح تربيت لازمي آهي. دوستو اڄ انهيءَ تربيت جو فقدان آهي، انهيءَ تربيت جي فقدان خاندان جا خاندان ويران ڪري ڇڏيا. آبادين جون آباديون ويران ڪري ڇڏيون. هاڻي اهو تعلق جڏهن انهن هستين سان جڙندو تہ اندر جي تبديلي ايندي. ظاهر جون تبديليون تڏهن ايندون جڏهن توهان جو اندر تبديل ٿيندو. جيستائين توهان جي ماديت پرستيءَ واري سوچ، حوس، حرس واري سوچ تبديل نٿي ٿئي تيستائين معاشرو تبديل ڪون ٿيندو. انهن هوٽلن سان تبديل ڪون ٿيندو. انهيءَ سياست سان تبديل ڪون ٿيندو. اهو تبديل ٿيندو تہ روحانيت سان ٿيندو. اها روحانيت تہ اسان جو درس آهي، اها روحانيت تہ اسان جو سبق آهي، انهيءَ روحانيت جي درسگاهہ ۾ تہ اسين پڙهيا آهيون، اُن جا

اسين طالب علم آهيون، اهو علم ڪٺي اسين توهان وٽ پهتا آهيون، انهيءَ علم جو مان رکو، انهيءَ علم جي آجيان ڪريو، انهيءَ علم کي سانڍيو، هيءَ علم قيمتي اٿو اڄ سَون سالن کانپوءِ به سائين پير شاهه بخاري رح جو علم شاهد آهي، 1964ع کان وٺي بابا سائين کي سائين پير شاهه بخاري رح پنهنجي پاڪرن ۾ وڌو، سائين محمد علي کي پاڪرن ۾ وڌو پنهنجو محل ٺهرايو، اهو انهيءَ عشق جي شاهدي اٿو، اهو انهيءَ عشق جي سڃاڻ اٿو، انهيءَ عشق کي سڃاڻو، انهيءَ عشق کي ڇڏيو نه، هيءَ جيڪي ٽينشنون آهن، هيءَ جيڪي بي آراميون آهن، هيءَ جيڪي توهان جا خفا آهن، توهان جي زندگي تباهه پيا ڪن، هيءَ وقت قيمتي اٿو، هيءَ وقت وري نه ملندو، زندگي تمام قيمتي اٿو هڪ دفعا ملندي آهي. ڪنهن الله واري پنهنجي پوئلڳن کي چيو ته اهو صوف اٿو ڪائو پر توهان جو اڄ آخري ڏينهن اٿو صوف ڪائي وٺو، هر ڪنهن اهو چيو ته هڪڙو منٽ آهي اسان جو اسين صوف ڪائي وٺون، دوستو، هن جو مقصد هو هيءَ جهان جو صوف اٿو، منو اٿو، وري اسان جا حڪيم چون ٿا شام کان پوءِ صوف نه ڪائو اهو بيماري اٿو، شام کانپوءِ صوف ڏيو پنهنجي دشمن کي، اهو صوف ڏيو پنهنجي نفس کي، پنهنجي حوس، پنهنجي حرس کي، ۽ دوستو اچو ته پاڻ ڏينهن جا صوف کارايون پنهنجي روح کي، اهي محبت جا صوف، اهي ڪثرت درود پاڪ جا صوف، هن پليت روح کي پاڪيزه ڪريون، انهيءَ پاڪيزه روحن سان اُن جو ميلاپ ڪريون ته روح پاڪيزه ٿئي، انهيءَ روح ۾ نور اچي، هِن ۾ روح چمڪي، جيڪڏهن روح چمڪندو ته ائين چمڪندو جيئن قلندر پاڪ جو محل پيو چمڪي، جيئن پير شاهه بخاري رح جو محل پيو چمڪي، جيئن ٻين الله وارن جا محل پيا چمڪن، ائين نور چمڪائيندو، اٺ اٺ سئو سالن کانپوءِ به مٽي هنن جي چمڪي پئي، جيڪو مٽيءَ کي هٿ ٿو هڻي اهو پاڻ چمڪيو ٿو وڃي، اهو چمڪي چمڪي جڏهن معاشري ۾ ٿو اچي ته سوين هزارن کي چمڪائي ٿو ڇڏي

دوستو، مون توهان جو ٽائيم ورتو، انهيءَ لاءِ معذرت. چو ته پهرين مرتبا اڄ هيڏي عاليشان محفل سائين پير شاهه بخاري رح جي آستاني تي ٿي آهي، هيءَ محفلون انشاءالله ٿينديون رهنديون ۽ آئنده سال هن کان به



وڏي محفل ٿيندي، منهنجا عزيز منهنجا مائٽ به آيا آهن آئون انهن کي به دعوت ڏيندس، سائين هيءَ ڪم ته اوهان جو آهي، هيءَ توهان جي خاندان جو ڪم آهي، هي توهان جي نانن ۽ ابن جو ڪم آهي، توهان به اچو متان ڏينهن قيامت جي توهان جو نانو توهان کان پڇي، توهان جو ابو توهان کان پڇي ته هيءَ مون توهان جي لاءِ پنهنجو خاندان، هيءَ خانداني توهان کي مراتب، توهان کي جيڪي فرائض جيڪي اسان توهان کي سونپيا انهيءَ لاءِ توهان ڇا ڪيو، هيءَ جيڪي ماڻهو اڄ پنهنجا هٿ چمن ٿا، ماڻهو پاڻ کي پيري پون ٿا انهيءَ قرباني جي پٺيان آهي، انهيءَ قرباني کي پاڻي ڏيڻ جو وقت آيو آهي، ڪاهي پئو هِن معاشري ۾، معاشري سان مهاڏو اٽڪايو پر عشقِ مصطفيٰﷺ سان، نفرتون ختم ڪريو، پنهنجائپ ڪريو، ڀائيچارو وڌايو عشقِ مصطفيٰﷺ سان، اويسي قلندري طريقي سان اهو پيغام عام ڪريو. الله سائين توهان کي وڏائي، خاص ڪري منهنجي انهن قلندري دوستن کي جيڪي پري پري کان هِن محفل ۾ آيا. تنهن کانپوءِ اسان جا ڪارڪن، اسان جا عظيم رڪن، ۽ ٻيا اسان جا دوست. منهنجو محبوبﷺ جيڪو شاهد، مبشر، بشير، نظير آهي، آئون ته چوندو آهيان ته حاضر ۽ ناظر منهنجو الله آهي، پر الله سائين جي علم سان منهنجو محبوبﷺ به حاضر ناظر آهي، اهو بخشي ڪير ٿو؟ اهو منهنجو خالق سڄي ڪائنات منهنجي محبوبﷺ کي هٿ ۾ ٿو ڏئي، انهيءَ هٿ سان هيءَ سڄو جهان منهنجي محبوبﷺ کان پري ناهي، حاضر ناظر ته منهنجو الله آهي، پر الله جي توصل سان منهنجو محبوبﷺ به حاضر ناضر آهي، اڄ توهان اسان مسڪينن تي انهيءَ جي توجه آهي. دوستو، توهان جي محفل، چوڻ ته نه کپي، پر صرف توهان جي حوصلا افزائي لاءِ، آئون اڄ ننڍ ۾ هئس ته آئون پيو ڏسان ته آئون هڪڙي وڏي عظيم الشان هنڌ تي پهتو آهيان، جنهن جو ڪو به مقام ڪونهي، انهي هنڌ تي پهچڻ کانپوءِ، جنهن جڳهه تي مون ويهڻ پي چاهيو ته اتي اڇو ماربل لڳل هو، آئون جڏهن اتي ويٺس ته مون سامهون ڏٺو ته اسان جا قلندري دوست، جن مان ڪافين جا ته چهرا به مونکي ياد آهن، ته مون ڏٺو ته اهي هار سينگار پيا ڪن، اسٽيج پيا ٺاهين، بتيون پيا

هٽڻ، تہ مونکي آواز ٿو اچي تہ هيءَ جيڪا ميلاد توهان ملهائي رهيا آهيو، هاڻي توهان ٻاهر ماربل تي نہ ويهو، توهان سڏا اندر اچو، توهان جي لاءِ رڪاوٽون ختم، ايتري ۾ منهنجي هڪڙي پاءُ جيڪو بادشاھ آهي انهي مونکي اچي اٿاريو تہ توهان کي ٻاهر ڪو فلاڻو وڏو ماڻهو پيو سڏي، تہ منهنجي هڪڙي ڪيفيت هئي مون اُن کي چيو تہ مونکي ننڊ آهي، اُن تي منهنجي پاءُ ڀين کي وڃي چيو تہ هيءَ ڏسو ٻاهر وڏا وڏا ماڻهو اچن ٿا، انهن سان تہ حاجي صاحب ملڻ لاءِ تيار ڪونهي، باقي ڪو ڇوڪرو جنهن جي هٿ ۾ تسبيح هوندي، اهو جيڪڏهن ٻاهر ايندو تہ ان سان ملڻ لاءِ حاجي صاحب ڀڄندو ڀڄندو ويندو، دوستو اهي بہ ٿين ٿا هتان ڪان هو ڳالھ ٿيندي تہ ٻئي طرف وري طعنو بہ ملي ٿو اهو اسان جي لاءِ صبر آهي، اسان جي لاءِ برداشت آهي، تہ اسان جي لاءِ حوصلو بہ آهي، هن ۾ ڪو وڏ ماڻهپو ڪونهي، هن ۾ اهو ڪونهي تہ ماڻهو ڪو پهچي ويو جيسين ماڻهو هن جهان ۾ وينو آهي، تيسين ماڻهو تنگيو پيو آهي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾، جيستائين هتان ڪان ماڻهو مارڪون وٺي پاس ٿئي پوءِ آهي اُن جي فتحيابي، جيسين ماڻهو هِن جهان ۾ وينو آهي تيسين امتحان جي منهن ۾ آهي.

"منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي طائف جي وادي وارن پٿر هنيا، جنهن سان منهنجي محبوب ﷺ جي بت منجهان خون وهيو پر الله سائين پنهنجي محبوب ﷺ تي پٿر برداشت نہ ڪري سگهيو چيائين تہ منهنجا محبوب مونکي موڪل ڏي تہ هي مڪي جون سپ پهاڙيون ڪٺي طائف جي وادي مٿان هٽان، محبوب ﷺ فرمايو نہ، اهي نہ تہ انهن جا پويان، اهي نہ تہ انهن جا پويان ايندا ۽ مون تي ڪلمو پڙهيندا ۽ تنهنجي وحدانيت کي مڃيندا." (صحيح بخاري 3231، صحيح مسلم 4653).

دوستو! اڄ اسان کي سني انداز ۾ نہ بہ ٻڌن، پر اسان کي آسرو آهي، اميد آهي تہ هيءَ محبت جو هوڪو توهان جي دلين تائين ويندو، توهان جي واهڙ وسندين تائين ويندو، توهان جڏهن اڪيلا ٿي وڃي ڪٿ تي سمهندا، تہ توهان سوچيندا تہ يار اسان فلاڻي کي ٻڌوسون، فلاڻي جو محفلون، مجلسون، اٿيند ڪيون سون، هي ڪهڙا ماڻهو آهن، هنن جو ڪم ڇا آهي، هيءَ ڇا ٿا



چون، ضرور توهان سوچيندا، ويهندا توهان کي سوچ ايندي، توهان کي خيال ايندو، اهو سوچ خيال ڪري توهان اسان جي ڪنهن قلندري دوست ڪان ڪارڊ وٺي، توهان صرف درود پڙهڻ شروع ڪيو تہ منهنجي محبوب ﷺ جي توهان ڏي توجہ ايندي، توهان جي تقدير بہ تبديل ٿي ويندي، توهان جي طبيعت بہ تبديل ٿي ويندي، توهان مان ڪاوڙ هلي ويندي، توهان ۾ نرمي اچي ويندي، توهان ۾ عاجزي اچي ويندي، منهنجو محبوب ﷺ جڏهن الله سائين سان ملڻ ويو تہ، الله سائين پڇيو اي منهنجا محبوب ﷺ تو منهنجي لاءِ ڇا آندو آهي، محبوب ڪريم ﷺ فرمايو اي منهنجا خالق مالڪ مون توهان جي لاءِ عاجزي آندي آهي، اها عاجزي توهان ۾ ايندي، توهان ۾ عجز ايندو، توهان ۾ جيڪي وڏيرائپ، رئيسي ۽ ٻيون جيڪي شيون آهن، هن جهان جي مال متاءَ ميڙڻ جو اهي ختم ٿي وينديون، توهان ۾ هيڻائپ ايندي ۽ انهيءَ هيڻائپ جي ڪري هزارين توهان جا عاشق ٿي پوندا، توهان جي ڪردار جا عاشق ٿي ويندا، سائين محمد علي بادشاھ رح بہ هڪ مڪراني قوم جو هو پر جڏهن هُن ۾ عاجزي آئي، جڏهن ڪنهن الله واري جا هُن جي بت تي هٿ لڳا، جڏهن هُن جو سينو ڪنهن سيني سان اٽڪيو جڏهن انهي پريت جا پيچ پيا، تہ سائين محمد علي هڪ ڪامريڊ مان وقت جو قلندر ٿي ويو، اهي آهن الله وارن جون صحبتون، انهن صحبتن کي استعمال ڪريو، هتي جيڪا اسان جي ماهوار محفل ٿئي ٿي، اهو توهان جي لاءِ سجاڳي جو سڏ اٿو توهان جي غمن ۽ سورن کي ڊوڙ ڪرڻ جو علاج اٿو هِن جهان ۾ ترقي ڪرڻ جو ڏس اٿو انهيءَ ڏس ۽ ڏانهن کي قابو ڪريو هن کي پنهنجو ڪريو.

الله سائين توهان کي آباد ڪري، الله سائين توهان جو حافظ، الله سائين توهان جو حامي.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ،**
**سائين سيد پير شاھ بخاري رح.**
**تاريخ: 23-11-2018 بمطابق. 14ربيع الاول 1440ھ.**

# جنت جو رستو

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

منهنجا انتهائي پيارا معتبر دوستو! منهنجا عزيز، انجمن غلامانِ قلندر جا ڪارڪنو، مونساڻ مٿي اسٽيج تي ويٺل انجمن غلامانِ قلندر جا انچارجو ٻيا سيئي دوستو، هِن درگاهه فاضل سائين جا فقراء ۽ ٻيا اسان جا آيل دوستو مون مسڪين، عاجز، قلندر سائينءَ جي سڳ، انهيءَ جي ٻانهيءَ جي ٻار جو توهان کي سلام، اسلام عليڪم. حق موجود.

دوستو! هيءَ محفل، هيءَ عظيم محفل، جنهن جو عنوان عشقِ مصطفيٰ ﷺ آهي، هن محفل جي ٿيڻ جو ڪارڻ ڪثرت درود پاڪ جي رواج کي عام ڪرڻ آهي. هيءَ اها محفل آهي، جنهن ۾ دوستن کي مدهو ٿو ڪيو وڃي، انهن کي محبت پياري تي وڃي، انهن کي جامِ عشق سيڪاريو ٿو وڃي ۽ انهن کي دعوت ڏئي انهيءَ پاسي آندو ٿو وڃي. هيءَ اها محفل آهي، جنهن کي اسين آذانِ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي محفل چئون ٿا، هيءَ اها محفل آهي، جنهن کي اسان جا دوست ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي محفل چون ٿا، هيءَ اها مبارڪ محفل آهي، هِن محفل ۾ اهي خوش قسمت ايندا آهن، اهي مانائتا ماڻهو ايندا آهن، هُنن جو مان بہ ڏاڍو مانائتو هوندو آهي. دوستو، توهان بہ مانائتا آهيو، توهان بہ معتبر آهيو جو هِن سيءَ ۾ ساڍا ڏهه جو ٽائيم پيو ٿئي، توهان انتظار ڀيا ڪريو دعا جي لاءِ، توهان کي اڄ انتظار آهي، انهيءَ محفل جي لاءِ، انهيءَ محفل جي ميزبان لاءِ توهان جون اکيون آتيون آهن، جيڪو رحمت العالمين آهي، جنهن جي رحمت جي دامن ۾ لڪڻ لاءِ توهان ۽ اسين اڄ هتي ڪٺا ٿيا آهيون.

دوستو هيءَ اها محفل آهي، هيءَ اهو نعرو آهي، هيءَ اهو عشق جو نعرو آهي، جيڪو حضرت اويس قرني رضہ هنيو، جيڪو لعل شهباز قلندر



رح هيو، جيڪو بابا سائين احمد علي قريشي رح هنيو، جيڪو انهي هنيو. جنهن کي سنڌ جي ڌرتي چڱي طرح سڃاڻي ٿي، اهو سائين محمد علي بادشاهہ رح هنيو، هُن تن تنها هنيو، هُن اڪيلي هنيو، هُن پيرن پيادي هنيو. هُن جهرجهنگ جانچيو، هُن شهرن جو پاسو ورتو، هُن بازارن جو پاسو ورتو، هُن اهي وستيون واسيون، انهيءَ مهڪ سان واسيون، اها مهڪ جي خوشبو، اها ڪهڙي خوشبو هئي، اها عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي خوشبو هئي، اها ڪهڙي خوشبو هئي، اها وفاءِ محمدي ﷺ جي خوشبو هئي.

دوستو هيءَ پنڌ وڏو آهي، هيءَ پنڌ سنو بہ آهي تہ ڏکيو بہ آهي، هيءَ پنڌ سولو بہ آهي تہ هِن ۾ ڪجهہ ڏکيائيون بہ آهن، هِن ۾ ماڻهو هلندو رهي ٿو هِن ۾ ماڻهو پنڌ ڪندو ٿو رهي، جيئن سسئيءَ جي لاءِ، جيئن سهڻيءَ جي لاءِ، جيئن ماروي جي لاءِ، پٽائي گهوٽ ڳايو آهي،

”پيرن پنڌ ڪندياس جي پيرن پنڌ ڪرڻ ڇڏيو تہ گوڏن پير گسڪندياس“

اهو ڇا آهي، اهو هڪڙو فلسفو آهي، انهيءَ فلسفي تي اسان جا قلندري هلن پيا، پر ڪجهہ مطلبي عناصر، ڪجهہ ڪُتي ڪائڻ وارا مجنو، ڪتيون ڪائيندي ڪائيندي جڏهن انهن تي گيهہ جو اثر ٿئي ٿو جڏهن هِن دنيا جي حوس جو گيهہ، هِن جهان جي مطلب جو گيهہ انهن جي نسن ۾ ڄمي ٿو تہ انهن جو بي پي چڙهي ٿو اُنهن کي هِن جهان جي فڪرات جو ڪوليسترول چڙهي ٿو پوءِ انهن کي دل جو اٽيڪ ٿئي ٿو وهمن جو اٽيڪ ٿئي ٿو پوءِ اهي دلون ڪمزور ٿيون ٿين، پوءِ انهن جو بائي پاس وري بہ ڪبو آهي، عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان، اهو بائي پاس ڪيئن ٿيندو آهي، انهيءَ بائي پاس ۾ اينجيو گرافي بہ ٿيندي آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان، هُن کي سمجهايو بہ ويندو آهي تہ عشقِ مصطفيٰ ﷺ سان. دوستو اڄ اسان جي هِن معاشري کي بہ انهيءَ بائي پاس جي ضرورت آهي، اسان جي هِن معاشري کي انهيءَ اينجيو گرافي جي ضرورت آهي، اڄ اسان جي هِنن نسن ۾، اڄ اسان جي هِنن رڳن ۾، ماديت پرستيءَ جو ڪوليسترول ڄمي ويو آهي، اهو اسان کي انهيءَ انسانيت مان ڪيڍي حيوانيت ڏانهن وٺي ويو آهي. دوستو ڪي قانون ۽

قائدا آهن، توهان بہ پنهنجي وڏن کان ٻڌو هوندو تہ ڪي قانون آهن، ڪنهن ملڪ ڪي هلائڻ لاءِ ڪي قانون آهن، ڪنهن شهر ڪي هلائڻ لاءِ قانون، ڪنهن مذهب ڪي هلائڻ لاءِ قانون، ڪنهن تنظيم ڪي هلائڻ لاءِ قانون، اهي سڀ قانون ٺاهيا ويندا ها، توهان اسان ٻڌو هوندو تہ اسان جي برصغير تي بہ انگريزن جي بادشاهي هئي ۽ اسان جا وڏا چوندا هئا تہ اهي قانون جا ڏاڍا ايماندار هئا، انهن جو قانون ڏاڍو پلو هو پر پوءِ بہ اسان انهن جي قانون ڪي نہ چاهيو ڇو نہ چاهيو تہ، هُنن سان اسان جي روحاني محبت نہ هئي، هُنن سان اسان جي دل واري محبت نہ هئي، هُنن جو ظاهري قانون ڪٽي چڱو هو پر هنن سان اسان جي دلين جا رشتا ڪون هئا، هُنن سان اسان جي من جي محبت ڪون هئي، اسان پنهنجو ملڪ آزاد ٺاهيوسون، ڇا جي ڪري جو اسان جي محبت انهيءَ محبوب ڪريمﷺ سان هئي، اسان ڪي بہ اهو فلسفو ٺي ڪپيو هنن جو قانون پلو هو تہ هنن لاءِ هو پر هنن جو قانون اسان جي اندر تي حاوي نہ ٿيو. ائين دوستو دين اسلام جا بہ ڪجهہ قانون آهن، هڪڙو آهي فقهہ جو قانون، جنهن قانون ڪي اسان جا علماء اڪرام هلائين ٿا، ٻيو آهي محبت ۽ اخوت جو قانون، جنهن ڪي صوفياءِ ڪرام هلائين ٿا، انهيءَ ڪي ڇئبو آهي محبت جو قانون، جڏهن فقهہ ۽ محبت اخوت جا قانون ملن ٿا تہ ٺئي ٿو دين اسلام جو ڳانڍاپو، هاڻي اهو وقت آهي تہ، انهن ٻنهي قانونن ڪي گڏ وٺي هلجي، انهيءَ جي لاءِ انجمن غلامان قلندر جو فورم اٿو، هيءَ انهن صوفين جو فورم اٿو هيءَ انهن نيڪ الله جي بندن جو فورم اٿو جيڪي ڪامل مرد هئا، جيئن الله سائين جا نالا آهن، الله سائين ظاهر بہ آهي، الظاهر، الباطن، ٻنهي جو مالڪ آهي، ٻئي نالا آهن، ٻنهي جون خوبيون آهن، الله سائين جون صفتون آهن، الله سائين جيڪڏهن ظاهر جو الله آهي، تہ الله سائين جو باطن جو بہ الله آهي، ڪن ڪي ظاهر جو علم عطا ٿو ڪيو وڃي، ڪن ڪي باطن جو علم ٿو عطا ڪيو وڃي، ظاهر وارو علم انهن ڪي ظاهر جا رستا ڏيکاري ٿو، باطن وارو علم انهن ڪي باطن جا رستا ٿو ڏيکاري، پر ڪي وري اهڙا مردِ ڪامل آهن، جن ڪي ظاهر جو بہ علم آهي، تہ باطن جو



بہ علم آهي، انهن ڪي چيو ويندو آهي مردِ ڪامل، وڏي ۾ وڏو انسانيت ۾ جيڪڏهن مردِ ڪامل هو تہ اهو منهنجو محبوب ڪريمﷺ هو اُن جهڙو ڪامل ڪو ٿيندو ئي ڪون، ظاهر ۽ باطن جا جيڪي بہ علم هئا، اهي منهنجي محبوب ڪريمﷺ وٽ هئا، اهو مردِ ڪامل بہ هو تہ اهو مردِ نور بہ هو، اهو نورِ بشر بہ هو تہ اهو نورِ بي مثال بہ هو، اهو رحمت بہ هو تہ اهو برڪت بہ هو، اهو نعمت بہ هو، اهي نعمتون، برڪتون ۽ محبتون پنهنجي حصي پتيءَ ۾ آيو آهن.

دوستو! توهان ۽ اسين ڀاڳن وارا آهيون، ڇو جو توهان ۽ اسين اڄ انهيءَ محفل ۾ مدعو ڪيا ويا آهيون، جنهن محفل جو مقصد درود پاڪ جي ڪثرت اٿو، مون چيو تہ هيءَ دور اسان جي بائي پاس جو دؤر آهي، هيءَ دور اسان جي اينجيوگرافي جو دور آهي، هاڻي آئون توهان ڪي ٻڌائيندو هلان تہ اينجيوگرافي ڪيئن ڪجي، اينجيوگرافي ۽ بائي پاس آخري عمل آهي، اُن ۾ ڏهہ سال جي زندگي وڌي ٿي، ويهہ سال جي زندگي وڌي ٿي. مون چيو ظاهر ۽ باطن، مون چيو هڪڙو علم فقهہ جو علم، ٻيو محبت ۽ اخوت جو علم، انهيءَ علم ڪي چيو وڃي ٿو صوفياءِ اڪرامن جو علم، دوستو هيءَ محبت ۽ اخوت جو سبق آهي، اسان جون اکيون ٿڌيون آهن، اسان ظاهري علم ڪي بہ مڃون ٿا، پر اسان باطني علم ڪي بہ مڃون ٿا، اسان ڪاملن ڪي بہ مڃون ٿا تہ اسان فاضلن ڪي بہ مڃون ٿا، اسان زاهدن ڪي مڃون ٿا تہ اسان عارفن ڪي بہ مڃون ٿا، اسان انڪاري ڪنهن جا بہ ڪون آهيون، پر اسان تي جيڪا شيءِ قبضو ڪيو ويٺي آهي، جيڪا اسان تي حاوي ٿي ويٺي آهي، جنهن اسان ڪي قيد ڪيو آهي، اها محبتِ محمديﷺ آهي، منهنجي محبوبﷺ ڪي توهان بادشاهيءَ جي روپ ۾ ڏسو، منهنجي محبوبﷺ ڪي توهان هڪڙي پيءُ جي روپ ۾ ڏسو، منهنجي محبوبﷺ ڪي توهان رحمت، برڪت، نعمت جي روپ ۾ ڏسو، منهنجي محبوبﷺ جي ڪردار ڪي ڏسو سڄي جهان کان توهان پڇو ٿي سگهي ٿو انهن ڪي اسلام تي اعتراض هجي، انهن ڪي ايمان تي اعتراض هجي، انهن ڪي اسان جي ويس وڳي تي اعتراض هجي،

اسان جي منهن مهانڊن تي اعتراض هجي، پر جيڪڏهن انهن کان محبوب ڪريم ﷺ جي ڪردار جي باري ۾ پڇيو ويندو ته اُن تي ڪنهن کي به اعتراض ڪون هوندو، انهن کان جيڪڏهن محبوب ڪريم ﷺ جي باري ۾ پڇيو ويندو ته ڪافر به اٿي بيهي چوندا ته صادق ۽ امين آهي، اهو ته ڪردار آهي اسان مسلمانن جو، اهو ڪردار آهي صوفياءِ ڪرامن جو، اهو ڪردار آهي هِنن قلندرين جو، اهو ڪردار اسان کي ڪنهن سيکاريو، اهو ڪردار اسان کي قلندر لعل شهباز رح سيکاريو، اهو ڪردار اسان کي ڪنهن سيکاريو، اهو ڪردار اسان کي قلندر لعل شهباز جي دادلي بابا سائين احمد علي قريشي رح سيکاريو، اهو ڪردار اسان کي ڪنهن سيکاريو، اهو ڪردار اسان کي مست ملنگ الستي سائين محمد علي بادشاهه رح سيکاريو، جِن اسان کي پنهنجي ڪردار سان سيکاريو، پيادل پنڌن سان سيکاريو، محبتن سان سيکاريو ته محبت ڪيئن ٿي ڪجي ۽ ماڻهن کي پنهنجي ڪردار جو خريدار ڪيئن ٿو ناهجي ۽ ماڻهن جو دليون خريد ڪيئن ٿيون ڪجن ۽ ماڻهن کي پنهنجو ڪيئن ٿو ناهيو وڃي ۽ پنهنجو فلسفو انهن تائين ڪيئن ٿو پهچايو وڃي. اڻوجهه ماڻهو، هڪڙا اڻوجهه اهي آهن جيڪي علم کان پري آهن، انهن کي اڻوجهه چيو وڃي ٿو، پر آئون چوان ٿو ته هِن وقت علم وارا به اڻوجهه آهن، جاهل آهن، مون اڄ دوستن کي پي چيو ته وڌ کان وڌ ڊپريشن جا مريض آمريڪا ۾ اٿو، جنهن کي اسين ترقي يافته ملڪ چئون ٿا، هڪڙا هوندا آهن ترقي پذير ملڪ، ٻيا هوندا آهن ترقي يافته ملڪ، آمريڪا جو شمار ترقي يافته ملڪن ۾ ٿئي ٿو، پر اڄ به توهان انٽرنيشنل سروي پڙهندا ته توهان کي خبر پوندي ته وڌ کان وڌ ڊپريشن جا مريض آمريڪا ۾ آهن. ڇو؟ ڇا جي ڪري؟ جڏهن هو سڄي دنيا کي پنهنجي حاڪميت ڏيکارين ٿا ته ڇو هُن وٽ ڊپريشن جو علاج ڪونهي. سوئٽزرلينڊ حسين، خوبصورت ۽ سرسبز ملڪ آهي، پر جيڪڏهن توهان ٻڌندا ته، توهان کي حيرانگي ٿيندي ته اتي جي قانون ۾ خودڪشي جائز آهي، ڪنهن به ڊاڪٽر وٽ ويندا، توهان اُن کي چوندا ته



آئون پنهنجي موت مرڻ چاهيان ٿو، مونکي آساني سان ماريو وڃي، ماڻهن کان صحيحون وٺي، هُن کي موت جي منهن ۾ ڌڪيو وڃي ٿو، اهڙي خوبصورت ملڪ ۾ به خودڪشي ايتري آسان ڇو؟ انهيءَ ڪري جو هو رحمتن، نعمتن، برڪتن کان محروم آهن، خوش قسمت آهيون اسين ماڻهو، جنهن جي سنڌ ۾ لعل شهباز قلندر رح آهي، جنهن جي ملڪ ۾ داتا گنج بخش رح، سائين امام بري رح، سچل سائين رح، پٺائي گهوٽ رح آهي، جنهن ۾ هيڏيون صوفياءِ اڪرامن جون هستيون آهن، جتي وڃڻ سان اسان کي سڪون، آرام ۽ راحت ٿي ملي، توهان وڃو اڄ ڪنهن درگاهه تي اتي بکايل ماڻهن کي ماني ملي پئي، هِنن جو لنگر اڄ به جاري آهي، هِنن جي خيرات اڄ به جاري آهي، فيض جي روپ ۾، ڪاڏي پيتي جي روپ ۾، سڪون ۽ آرام جي روپ ۾، اڄ به قلندرين جي فهرست ۾ هزارين توهان کي نوجوان ملندا، جن کي خودڪشين جا ارادا هئا، جن پنهنجو پاڻ کي ذهني طور تيار ڪيو ته هاڻي اسان جو هِن جهان ۾ جيئڻ چڱو ڪونهي، اسان جون راهون بند ٿي ويو آهن، پر هُنن کي ڏيکاريو ويو، هُنن کي ٻڌايو ويو، ته توهان مايوس نه ٿيو، ڇو ته منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي الله سائين رحمت العالمين ناهيو آهي، توهين هليا اچو انهيءَ رحمت ۾، انهيءَ رحمت ۾ توهان کي جڳهه ملندي، انهيءَ رحمت ۾ هميشه جڳهه ملي آهي ته گنهگارن کي جڳهه ملي آهي، هِن رحمت ۾ جيڪڏهن جڳهه ملي آهي ته پٽڪيلن کي ملي آهي، هن رحمت ۾ جيڪڏهن جڳهه ملي آهي ته دنيا جي ڌڪاريلن کي ملي آهي، جِن کي جهان پنهنجو نه ڪيو، جِن کي جهان پرايون ڪري ڇڏي ڏنو، انهن کي رحمت ۾ جاءِ ملي آهي، اِها نعمت، اِها، رحمت، اِها برڪت، انهيءَ درود سان واڳاپيل اٿو دوستو. درود ڪا عام شيءِ نه آهي، درود وڏي برڪت واري شيءِ آهي، جيڪڏهن عام شيءِ هجي ها ته الله سائين اعلان ڪون ڪري ها، الله سائين جيڪو بي نياز بادشاهه آهي،

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ﴿1﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ﴿2﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ ﴿3﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۧ ﴿4﴾

هر شيءِ کان بي نياز بادشاھ خالق، مالڪ، سڄي جهان جو مالڪ ۽ خالق، جيئن چاهي، جيئن چوي تہ اها شيءِ ٿي وڃي، پر اهو بہ چوي ٿو منهنجا محبوب ﷺ تنهنجو ذڪر مون بلند ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجو ذڪر بلند ڪيو پر تنهنجي آل جو بہ ذڪر بلند ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو توهان تي پيو درود پڙهي تنهنجي آل تي پيو درود پڙهي، جيڪڏهن ڪنهن تنهنجي آل تي درود نہ پڙهيو تہ اُن جا فرض بہ ڪون ٿا ٿين، اُن جون سنتون بہ ڪون ٿيون ٿين، منهنجا محبوب ﷺ مون تنهنجي آل تي بہ درود پڙهڻ جو چئي ڇڏيو آهي،

"اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ۚ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا"

سورت الاحزاب 33، آيت نمبر 56.

بيشڪ آئون ۽ منهنجا ملائڪ، فرشتا پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهون ٿا اي ايمان وارو توهين بہ درود پڙهو، هاڻي هتان کان اِهو حڪم تہ آئون پنهنجي ملائڪن سان پنهنجي محبوب تي ٿو درود پڙهان، اوهين بہ جيڪڏهن مسلمان مومن آهيون تہ اوهين بہ درود پڙهو. تہ اسان کي انهيءَ حڪم جي بجاآوري ڪرڻ کپي، جنهن بجاآوري ڪئي اهو خوش قسمت ٿيو، جنهن بجاآوري ڪئي اهو مومن ٿيو، جنهن بجاآوري ڪئي انهي محبوب ڪريم ﷺ جي رحمت ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪايو، اهو برڪتن، نعمتن، رحمتن وارو ٿي ويو، دوستو، اهي رحمتون، نعمتون ۽ برڪتون درود پاڪ جي صورت ۾ ڪٺي اڄ اسين توهان وٽ آيا آهيون، توهان کي پڙهو ٿا، کي ڪون ٿا پڙهو اڄ پهرين مرتبا آيا آهيو، توهان کي هتي توهان جا پاڳ ڪٺي آيا آهن، هيڙي سيءَ جي موسم ۾ توهان انتظار پيا ڪريو، توهان اچو پيا، اڄ اسان توهان کي خوشخبري ٻڌائڻ آيا آهيون، تہ توهان ڪهڙا بہ گنهگار هجو، توهان ۾ هِن معاشري جا ڪيترا بہ عيب هجن، توهان جي صحبت توهان کي فحاشي ڏانهن ڪٺي وئي هجي، توهان جي صحبت، توهان جا دوست توهان کي برائين ڏانهن ڪٺي ويا هجن توهان کي توهان جا دوست ڪنهن منشيات ڏانهن ڪٺي ويا هجن، توهان کي توهان جي دوستن يا توهان



جي صحبت يا هِن جهان کي ڪنهن مجبوريءَ پٽڪائي ڇڏيو هجي، ڪو بہ فڪر نہ ڪيو، اڄ توهان هتي آيا آهيو تہ توهان راھ راست تي آيا آهيو، اڄ توهان هتان کان ڪيميا جو نسخو ڪڻڻ آيا آهيو، توهان هتي آيا آهيو تہ انهي ڪيميا جي عمل تي عمل ڪرڻ آيا آهيو، اِهو عمل اٿو عشقِ مصطفيٰ ﷺ، عشقِ مصطفيٰ ﷺ توهان کي ملندو ڪثرت درود پاڪ سان، ڪنهن دوست مونکان هيئنر پڇيو تہ اسان کان ماڻهو پڇن ٿا تہ ٽارگيٽ ڇو، اندازو ڇو، يار سان ڪهڙا حساب، بابا يار سان حساب تہ ڪونهي پر يار جا پنهنجا ٽارگيٽ مقرر ٿيل آهن، تہ بابا صبح جو فجر ۾ ٻہ فرض، ظهر ۾ چار فرض، عصر ۾ چار فرض، مغرب ۾ ٽي فرض، عشاء ۾ چار فرض ائين اسان کي فرض ٻڌايا ويا آهن، انگن جي حساب سان ٻہ، ٽي، چار اُهو اسان کي ڇو ٻڌايو ويو آهي ۽ اسان کي ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پڙهڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي، ائين اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ هيءَ انگن جو ٽارگيٽ آهي، جيڪڏهن توهان مسافر آهيو، تہ چار مان ٻہ پڙهو، ائين انگن جو حساب ڪيو ويو آهي، اُن ڪانپوءِ محبوب ڪريم ﷺ جو فرمان، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي تہ،

توهان جيڪڏهن روزاني پنج سئو دفعا مون محمد ڪريم ﷺ تي درود پڙهيو تہ، توهان ڪڏهن ڪنهن جا محتاج ڪون ٿيندا (حوالو: جذب القلوب).

روزاني، ائين نہ هڪڙي ڏينهن پڙهجي، ٻئي ڏينهن ڪنهن جي شادي هجي، پٽ هجي، خيرات هجي ڳالهہ وسري وئي، پر هيءَ ڳالهيون وسارڻ جهڙيون ناهن، جيڪڏهن تو وساريو ويسرا، تہ تون بہ وسري ويندي ويسرا، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو فرمان آهي تہ،

"من ذكرت عنده فنسي الصلاة علىّ خطئ طريق الجنة يوم القيامة"

(ابن ابي شيبہ، المصنف، 6 : 326، رقم : 31793)

جيڪڏهن تون درود پڙهڻ ڀلجي وئي تہ تون جنت جو رستو ڀلجي وئي، جنت ڇا آهي، جنت توهان ۽ اسان ٻڌو آهي تہ هڪڙو حسين منظر هوندو، خوبصورت منظر هوندو، اُن کي جنت الفردوس چيو ٿو وڃي، هِن جهان ۾ اُن کي جنت الرياض چيو وڃي ٿو، جيڪو منهنجي محبوب ﷺ جي پاڙي ۾

آهي، اُن ڪي جنت الرياض ٿو ڪوٺيو وڃي، ڇا جي لاءِ جنت الرياض ٿو ڪوٺيو وڃي، اُن ڪي اهو مقام انهيءَ ڪري مليو تہ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي پاڙي ۾ آهي، منهنجو محبوب اتي آهي، اسان تہ چئون ٿا تہ اهو سڀني جنتن کان مٿانهون مقام آهي، جتي منهنجا محبوب ڪريم ﷺ موجود آهن، منهنجو محبوب تہ شاهد آهي، ڪير ٿو چوي الله جو پاڪ ڪتاب ٿو چوي، ”شَاهِدًا وَمُبَشِّرًا وَنَذِيرًا“ منهنجو الله ٿو فرمائي، منهنجو محبوب ﷺ پنهنجي امت تي شاهد آهي، حاضر ناظر تہ منهنجو الله آهي، پر الله سائين جي توصل سان، الله سائين جي رحمت سان اِهو عطاءِ محمد ﷺ آهي، اِها منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي الله سائين جي فضل ڪرم سان عطا آهي، جتي الله سائين حاضر ناظر آهي، اتي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو نور بہ حاضر ناظر آهي، الله سائين جي عطا سان، الله سائين جي فضل سان. ائين دوستو، جنهن تي فضل ربي ٿئي ٿو انهيءَ کي درود پڙهڻ جو شوق ٿو ٿئي، جنهن تي الله جو فضل ٿو ٿئي، انهي کي درود پڙهڻ جو شوق ٿو ٿئي، اُن کي عشق جاڳي ٿو، اُن کي محبت جاڳي ٿي، ڪهڙي محبت جاڳي ٿي، اِها باطني محبت جاڳي ٿي، ان ظاهري سان گڏ. اُن جي اندر جو نور جاڳي ٿو، ڇو تہ الله سائين تہ نور بہ آهي تہ الله سائين منور بہ آهي، الله سائين تہ ڪمزور دلين کي بہ منور ٿو ڪري، ڪمزور دلين کي بہ نور ٿو ڪري، مون توهان کي چيو پي تہ هِن وقت معاشري کي بائي پاس جي سخت ضرورت آهي، اهو بائي پاس ڪيئن ٿيندو، اهو بائي پاس اِنهيءَ نور جي انجيڪشن سان ٿيندو، اُها نور جي انجيڪشن ڪهڙي آهي، اها نور جي انجيڪشن آهي درود پاڪ جي انجيڪشن، درود پاڪ جو ورد. اهو درود پاڪ جو ورد پنهنجي معمولات ۾ شامل ڪريو، ائين شامل ڪريو جيئن توهان جون مانيون آهن، توهان جو ناشتو آهي، هِن جهان جون ڪپتون آهن، عاشق تہ اڃان بہ اُن کان پري چون ٿا، اهي هنن ڪپتن تان هٿ ڪڻن ٿا پر هِن عشق تان هٿ نٿا ڪڻن، چون ٿا تہ اسان بک تہ سهي وينداسون، اسان اُڃ بہ سهي وينداسون، اُن جي ثابتي رمضان شريف اٿو، بک بہ سهي وڃو ٿا، اڃ بہ سهي وڃو ٿا، پر الله سائين جو نالو وٺڻ ڪون ٿا ڇڏيون، تہ الله سائين جي نالي وٺڻ



سان گڏوگڏ اُن جي محبوب ﷺ جو بہ نالو وٺجي، اهو انهيءَ درود جي وسيلي وٺو ۽ برڪتون پنهنجي لاءِ شامل ڪريو، پنهنجي لاءِ ڪريو تہ پنهنجي ڪٽنبن لاءِ بہ ڪريو تہ پنهنجي خاندان جي لاءِ بہ ڪريو ۽ ظاهر بہ حاصل ڪريو تہ باطن بہ حاصل ڪريو ۽ اندر جو جيڪو نور آهي انهيءَ کي ٻاريو، هِن اندر ۾ اونداهي ٿي وئي آهي، معاشرو بہ اونداهو ٿي ويو آهي، تہ توهان جي دل بہ اونداهي ٿي وئي آهي، جنهن جون اکيون انڌيون ٿي وڃن انهيءَ لاءِ سڄو جهان انڌو ٿي وڃي ٿو، جيڪو اکين کان نابين آهي، انهيءَ لاءِ سڄو جهان بہ نابين آهي.

دوستو، توهان ۽ اسان جو دليون نابين ٿي چڪيون آهن، تڏهن تہ اسان مان ادب، احترام، حق، ايمانداريون، محبتون، ڀائيچارو، اخوت اهي سڀ هليون ويون آهن، مون چيو نہ جيڪي مردِ ڪامل آهن انهن وٽ اخوت ۽ محبت آهي، اُنهن هميشہ محبتن جا پيغام ڏنا آهن، انهن محبتون ورهايون آهن، هُنن محبتون تقسيم ڪيون آهن، ماڻهن جي لاءِ آسانيون پيدا ڪيون آهن ۽ الله سائينءَ جي ٻانهن لاءِ، الله سائينءَ جي خلق لاءِ، الله سائينءَ جي انسانن لاءِ اُنهن عظيم انسانن آسانيون پيدا ڪيون، آسانيون تقسيم ڪيون، آسانيون ورهايون، ماڻهن جي لاءِ زندگيءَ ۾ رهڻ آسان ٿاهيو، هنن الله وارن ڪڏهن بہ مداخلت ڪري ڪنهن انسان جي زندگي ڏکائي نہ، جنهن جي لاءِ پٺائي صاحب چيو تہ ”ڪيڙي پر ڪنبن“، چوي ٿو تہ هيءَ جيڪا ماڪوڙي آهي نہ، الله وارا انهيءَ کان بہ خوف ڪن ٿا، اهي ڀلا ڪنهن انسان کي ڪيئن ايذائيندا، ماڪوڙي تمام ننڍڙي الله جي مخلوق آهي پر انهيءَ کان بہ اهي الله وارا ڪنبن ٿا، ڳپن ٿا، ڪيئن ٿا ڳپن سڄي رات، ڇو تہ منهنجي محبوب ﷺ جا جنهن ڪردار جهليا آهن، منهنجو محبوب ﷺ هڪڙي رحمت جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ خاتم الانبيا جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ حاڪم جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ بادشاهہ جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ قاضي عدل انصاف جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ انهن مسڪين بي وارثن جي وارث جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ رحيم جي روپ ۾، منهنجو محبوب ﷺ رئوف جي

روپ ۾، اهو رحيم ۽ رئوف جيڪڏهن الله جو نالو آهي ته محبوب جو به نالو آهي، محبوب ﷺ ترس جي روپ ۾. محبوب عيد جي ڏينهن ٿو ڏسي ته هڪڙو ٻارڙو مسڪين آهي، يتيم آهي ته اُن جو پيءُ ٿو ٿيو وڃي، هُن جو ابو ٿو ٿيو وڃي، اهو بي واهن جو وارث ٿو ٿيو وڃي، اهو پل صراط تي به اسان جهڙن جو به وارث ٿو ٿيو وڃي، محشر ۾ جتي اسان کي اجي ٿي تنگ ڪري، اتي به محبوب حوض ڪوثر تي ٿا بيهن، هيءَ معاشرو به جيڪڏهن اسان کي ڌڪاري ٿو ته اتي به اسان جا حامي ٿين ٿا. انهيءَ درود جي ورد ۾، انهيءَ محنت ۾ اسان جو محبوب ﷺ اسان سان حامي ٿئي ٿو ته پوءِ اسان اُن جي ڪردار کي ڇو ڇڏيون، اسان هِن جهان جي وڏن وڏن فلاسافرن جا نالا ٿا وٺون، ته فلاڻو فلاسافر هيئن ٿو چوي، فلاڻو محقق هيئن ٿو چوي، فلاڻي ڊڪشنري هيئن ٿي چوي، پر اُهي ڊڪشنريون، اُهي فقر، اُهي فلسفا منهنجي محبوب ﷺ جي فلسفي تي ختم ٿا ٿيو وڃن. منهنجي محبوب ﷺ جي توهان سوانحيات پڙهو منهنجي محبوب ﷺ جو سڄو ڪم ڪار پڙهو، منهنجي محبوب ﷺ جي 63 سالن جي سڄي زندگيءَ کي پڙهو، محبوب ﷺ توهان کي سيکاري ٿو چاليهه سال محبوب جو غارِ حرا ۾ رهڻ به توهان کي سيکاري ٿو ته الله جي تلاش ڪيئن ڪجي، محبوب ﷺ جو ته الله سائين واسطو هو پر اهو اسان ۽ توهان کي انهن صوفياءِ اڪرامن جي مشن ڏانهن هلائڻ سيکاري ٿو ته الله سائين کي ڳولهيو الله سائينءَ جو پيڇو ڪريو الله ته حاضر ناظر آهي، پر اُن کي هٿ ڪريو ان سان حقيقي عشق ڪريو اُن کي هٿيڪو ڪريو پر ان کي توهان هٿيڪو ڪندا ته منهنجي روپ ۾، اهو الله سائين، اهو منهنجو محبوب ڪريم ﷺ، الله جو عشق ٻڌائي ٿو پڇاڙي ۾ 23 سال منهنجو محبوب ڪريم ﷺ هِن انسانيت کي اُهي سڀ شيون ٿو ٻڌائي، اُهي سڀ فلسفا ٿو ٻڌائي، اُهي سڀ فڪر ٿو ٻڌائي، جنهن تي انسانيت اڄ ناز ٿي ڪري، اُهي سڀ فڪر ۽ فلسفا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪردار ۾ شامل آهن.

دوستو! منهنجو توهان کي اهو سڀ ٻڌائڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته اسان جو مقصد، اسان جو جيئڻ مرڻ محبوب ڪريم ﷺ جي ڪردار تي



عمل ڪرڻ آهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ خاتم الانبياءَ هوندي به وقت جي بادشاهن کي خط لکيا، تبليغ لاءِ چيو اڄ اها پيروي، منهنجي محبوب ﷺ جي قدمن تان اسين فدا، اڄ جيڪڏهن اسان جا قلندري وڃن ٿا، جيڪڏهن وڃي ڪنهن کي چون ٿا، ڪو ميسج ڪن ٿا، اهو پيغام ڏين ٿا ته اها محبوب ڪريم ﷺ جي پيروي اٿو.

دوستو اسان ڀاڳن وارا آهيون، اسان کي اهو محبوب ڪريم ﷺ جو ڪم مليو آهي، جيڪڏهن توهان کي ڪو طعنو تنڪو ٿو ملي ته انهي واديءَ کي ياد ڪريو جنهن واديءَ ۾ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي ٻارن جي هٿان پٿر هنيا ويا، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي بت منجهان رت وهيو، ڇا منهنجو محبوب الله کي پيارو نه هو. اِها اسان جي لاءِ سنت آهي، جيڪڏهن هِن ڪم ۾ ڪٿي اسان کي طعنو تنڪو مهڻو ٿو ملي، ته انهيءَ محبوب تان فدا، اُن تان جان فدا، اُن تان سڀ حسرتون فدا، هُن تي جوانيون فدا، هُن تي اسان جون خواهشون فدا، هِن جهان جون ٻاهريون خوبصورتيون، چمڪ، ماديت پرستيءَ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محبت تان فدا، جي ڪو چوي ٿو منهنجا امتي، منهنجي امتي کي بخش ڪر، الله سائين منهنجي امت کي بخش ڪر" الهم مصلي امت محمد الهم ارحم امت محمد الهم فضل امت محمد " اهو جيڪڏهن توهان کي ايترو ٿو چاهي، ته توهان جيڪڏهن اُن جي چاهت جو پيغام ڪنهن وٽ کڻي ويا، ڪنهن جي اڳيان جهول جهليون، ڪنهن جي سور ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيا، ڪنهن کي ڏڍ ڏنو ڪنهن کي ڀاڪر پاتو ڪنهن کي چانهن جو ڪوپ پياريو ڪنهن کي عاجزيءَ سان پيش اچي چيو ته توهان منهنجي محبوب تي درود پڙهو ته توهان انهيءَ سنت جي ادائگي ڪئي، دوستو جيڪو درود پڙهندو اهو الله سائينءَ جي انهن فرضن احڪامن تي به عمل ڪندو جڏهن نسبت محبوب ڪريم ﷺ سان قائم ٿيندي ته اهي سڀ شيون ايندي‌يون، نزاڪت انهن حسن وارن کي سيکاري ڪون ٿي وڃي، جڏهن الله حسن ڏئي ٿو ته نزاڪت پاڻهي اچو وڃي ٿي، توهان ۾ اُهي سڀ خوبصورتيون ايندي‌يون، توهان رُڳو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان نسبت قائم رکو منهنجي محبوب جي

توجہ حاصل ڪريو ڪيئن حاصل ڪريو توهان ٽارگيٽ ٺاهيو پنج هزار، ڏھ هزار، توهان ڪي اٽندي ويهندي هٿ ۾ ڪائونٽر هجي، تسبيح هجي، توهان يونيورسٽي ۾ هجو، توهان ڪاليج ۾ هجو، توهان آفيس ۾ هجو، توهان پورهيت هجو، توهان ڪوندي ڪٽڻ وارا هجو، توهان ڪهڙي بہ حال ۾ هجو پر توهان پنهنجو پاڻ کي عادي ٺاهي ڇڏيو تہ مونکي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي هيتري تعداد ۾ درود پڙهڻو آهي، ڪجھ بہ ٿي وڃي پر مونکي اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي درود جو ٽارگيٽ پورو ڪري پوءِ مونکي آرامي ٿيڻو آهي، تہ يقينن توهان انهيءَ محبوب ڪريم ﷺ جي پاڪر ۾ هوندا، قبر ۾، محشر ۾، حشر ۾، هِن جهان جي انهن سيني سورن منجھ بہ محبوب ﷺ جي ڇپر ڇانو ۾ هوندا، اِهو اسان جو يقين آهي، اِهو يقين اسان کي ڪنهن ڏياريو، اهو اسان کي اولياء اڪرامن ڏياريو، بزرگن ڏياريو، هيءَ سڀ استقبال، هيءَ سڀ تحفا تحائف محبوب ڪريم ﷺ جي نسبت سان آهن، نہ تہ اسان نالائق ۽ نااهلن کي ڪير ڪنگهي بہ نہ، هيءَ گلاب جا گل بہ محبوب ﷺ جي پٺيان، هيءَ اوهان جون محبتون بہ محبوب ﷺ جي پٺيان، نہ تہ اسان جهڙن نالائقن، نااهلن کي ڪير ٿو هٿ ڏئي، هيءَ منهنجي محبوب ﷺ جو ڪرم فرمايو آهن، آئون ٿو چوان تہ توهان انهن ڪرم فرماين ۾ اسان سان گڏ شامل هجو، توهان بہ انهيءَ پنڌ ۾ اسان سان گڏ هجو، اسان جو اعتبار آهي، انشاءالله تعالي محشر ۾ بہ توهان ۽ اسان جو قافلو گڏ هوندو، محبوب ﷺ جي دامن ۾، لعل شهباز قلندر رح جي دامن ۾، عشق وارن جي دامن ۾، اهي عشق وارا پاڻ بہ بخشيا ويندا ۽ اسان مسڪينن کي انهيءَ گناهن جي هوندي بہ بخشرائيندا، هن جهان جي انهن سيني ڪمن ۾، هِن جهان جي انهن سيني ڪرتوتن ۾، هِن جهان جي انهن پريشانين ۾ بہ اسان کي خالي ڪون ڇڏيندا، ڇو تہ نسبتون ئي اهڙيون آهن. الله سائين توهان جو حامي، الله سائين توهان جو حافظ.

**ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ،**
**سائين فاضل شاھ رح (قاضي احمد). تاريخ 27-12-2018**
**بمطابق 19 ربيع الثاني 1440 هجري. ڏينهن خميس.**



# برڪت، رحمت ۽ فضل

اَعُوذُبِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَبَارِكۡ وَسَلِّمۡ"

منهنجا پيارا پائرو! منهنجا دوستو، امان سانئڻ جي آستاني تي سيني آيلن دوستن کي مون مسڪين عاجز جي طرفان اسلام عليڪم.

دوستو! رحمت، برڪت ۽ فضل، ڇا آهن؟ اسين ۽ هيءُ سڄي ڪائنات جن جي پٺيان آهي، جنهن شيءِ کي اسين هٿ ڪرڻ جي پٺيان آهيون، اها آهي فضل ربي، الله سائينءَ جو فضل، رحمت، برڪت ۽ نعمت جن اعليٰ ماڻهن کي حاصل ٿيون آهن، اسان بہ انهن جي پاڙي ۾، آسڻ تي، چائنٺ تي، درگاهن تي وڃي ۽ انهن جي صحبت ۾ رهي اهي ٽئي شيون رحمت، برڪت ۽ نعمت حاصل ڪيون. جيئن پاڻ وٽ هڪڙي ڳالھ عام هوندي آهي تہ فلاڻي ماڻهوءَ تي الله سائين جي رحمت آهي، فلاڻي ماڻهوءَ جي رزق ۾ برڪت آهي، فلاڻي ماڻهوءَ کي الله سائينءَ جون نعمتون عطا ٿيون آهن، هاڻي دنيا وارن جا ماپ تور جا انداز پنهنجا پنهنجا آهن، ٺيڪ آهي پوءِ بہ الله سائينءَ جو رحمتون، برڪتون ۽ نعمتون آهن، پر هڪڙي رحمت سڪون قلب جي رحمت آهي، هڪڙي نعمت انهيءَ شيءِ جي آهي، جيڪا نينهن جي نعمت آهي، جيڪو شينهن اندر ۾ ڇُپيو ويٺو آهي، اُن کي جاڳائڻ جي اُها بہ نعمت آهي ۽ اُها بہ رحمت آهي، جيڪا توهان کي ۽ اسان کي محسوس ٿئي، جيڪا توهان تي اسان تي وسي ۽ اُن جو پاڻي، اُن جا ڇنڊا اسان محسوس ڪريون، اسان جا قلب محسوس ڪن ۽ منور ٿين، معطر ٿين ۽ اِها خوشبو ڦهلجي.

دوستو! الله سائين جا احسان آهن، تہ پاڻ کي الله سائينءَ اُنهن ٿنهي نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي، اسان جي قلندري دوستن کي، اسان مسڪينن کي، اسان جا ظاهري فعل ڪٽي ڪجھ کهڙا بہ هجن، اسان جا

اعمال ماڻهن جي اکين ۾ چو نہ هيٺا هجن، پر دوستو مثال آهي، تاريخ آهي، توهان صحيح بخاريءَ کي چيڪ ڪريو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جون حديثون چيڪ ڪريو توهان کي اُتي تمام گهڻا محبت وارا اصحابِ اڪرام ملندا.

هڪڙو اصحابِ اڪرام جنهن جا ڪي ظاهري اهڙا بہ فعل هئا، جنهن جي ڪري وقتن بہ وقتن انهيءَ کي ڪوڙن جي سزا ملندي هئي، هڪ مرتبا منهنجي محبوب، منهنجي آقا ڪريم ﷺ جِن تي اسين فدا وڃون، انهيءَ جي اڳڻ ۾ ٻاهر هُل هنگامو ٿيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ، اِهو ڇا پيو ٿئي، ٻين اصحابين چيو تہ، سائين هتي هڪڙو اصحابي آيو آهي، جيڪو توهان جو پيارو بہ آهي، پر اڄ هُن وري بہ اهو فعل ڪيو آهي، جنهن جي ڪري هِنن اُن کي چيو آهي تہ توتي الله سائينءَ جي ڦٽڪار پوي، اِهو ٻڌي محبوب ڪريم ﷺ جي طبيعت ۾ تبديلي اچي وئي، پاڻ فرمايائون تہ خبردار! توهان کي اِها اجازت ڪير ٿو ڏئي، جو توهان هِن کي ڦٽڪار ٿا ڏيو، هِن جيڪڏهن ڏوهہ ڪيو آهي تہ، پنهنجي مالڪ جو ڪيو آهي، توهان کي خبر آهي تہ هِن جي مونسان محبت ڇا آهي ۽ منهنجي هِن سان محبت ڇا آهي؟ ها جيڪڏهن ظاهري هُن جو ڪو عمل آهي تہ اُن جي هِن کي سزا آهي، پر محبتن جي توهان ماپ ڪري نٿا سگهو، حديثن ۾ ٿو اچي تہ، انهيءَ اصحابي جو ڪم ڇا هوندو هو، اُهو اصحابي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ ايندو هو، هُن جو ڪم هوندو هو رُڳو محبوب ڪريم ﷺ جي چهري کي جانچڻ، محبوب ﷺ جي چهري ۾ اکيون وجهڻ، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ وٽ ڪئين سائل پنهنجا دنياوي، روحاني مسئلا کڻي ايندا هئا، بادشاهن جا ڪئين مسئلا ايندا هئا، جنهن ڪري منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي ٿڪاوٽ محسوس ٿيندي هئي، هُن اصحابي جو ڪم هوندو محبوب ڪريم ﷺ کي زور ڏيڻ، پرچائڻ، ڪڏهن ڪا اهڙي گفتگو ڪرڻ جنهن سان منهنجا محبوب مرڪي پون، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي چهري تي کل اچي وڃي، منهنجي محبوب جو چهرو چمڪي اٿي، اِها اُن جي عادت هوندي هئي، ڪڏهن، ڪڏهن تہ هو بازار مان



اڏار تي پنير، ڪجور ۽ ماکي محبوب ڪريم ﷺ جي لاءِ وٺي ايندو هو، پوءِ اُهي اوڌر وارا اُن جو پيڇو ڪري محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ ايندا هئا، اچي هُن کي هٿيڪو ڪندا هئا، محبوب ڪريم ﷺ اُن اصحابي کان پڇيو تہ اِهو ڇا آهي، اُن چيو تہ سائين واقعي مون هِن کان اڏار تي اِها ماکي ۽ پنير ورتو آهي، محبوب ڪريم ﷺ فرمايو پوءِ تو اُهي شيون ڇا جي لاءِ ڪنيون؟ اصحابي چيو تہ سائين اُهي شيون مون توهان کي تحفي ۾ ڏنيون، محبوب ڪريم ﷺ مسڪرائڻ لڳا، فرمايو تہ، تو اوڌر تي شيون ڪنيون، اُن اصحابي چيو تہ منهنجا محبوب توهان ئي تہ ڏيڻ وارا آهيو، توهان کان ٿا وٺون، کڻي بہ توهان وٽ ٿا اچون، معنيٰ انتهائي محبت سان هُن اِهو چيو، اُهو بہ محبت وارن جو انداز اٿو، اِهو بہ محبتن وارو جو دستور اٿوَ. (صحيح بخاري ڪتاب الحدود جلد 6 ص 2489 رقم 6398، عيني عمدت القاري، جلد 23، ص: 270، 271)

ائين ڪئين اسان جا دوست، انهن جو ظاهري انداز کڻي کهڙو بہ هجي، پر محبت جيڪا آهي، اها منزلون چاڙهيندي آهي، محبت اُنهن کي انهيءَ فضل وارن جي پير ۾ وٺي ويندي آهي، محبت انهن کي ڪرم وارن جي آستاني تي وٺي ويندي آهي، جتي الله جو ڪرم هجي، جتي نعمتون ۽ رحمتون وسن، جيڪڏهن انهن جي پاسي ۾ هوندؤ تہ صاف ظاهر آهي، اُهي شيون انهن کي بہ عطا ٿينديون.

هڪڙي مرتبا ڪو ماڻهو روز ڪنهن الله واري بزرگ، ڪنهن پير جي بارگاهہ ۾ وڃي هُن جي حاضري ڀريندو هو، تہ ڪجهہ حاصل ٿئي، هڪڙي ڏينهن هُن آزيون نيازيون ڪري چيو تہ، سائين مون کي ڪجهہ عطا ڪريو تہ هُن بزرگ، هُن پير، اُن ماڻهوءَ ڏانهن نهاري چيائين تہ، هيءَ جيڪو ماڻهو منهنجي مٿان ويٺو آهي، اُها ڇا پيو ڪري؟ چيائين سائين اهو توهان کي ٿوال سان هوا پيو هڻي، بزرگ چيو اهو جيڪا ٿوال سان هوا پيو هڻي، اها ڇا جي لاءِ پيو هڻي؟ اُن ماڻهو چيو تہ سائين اهو انهيءَ جي لاءِ پيو هڻي تہ اُها هوا توهان کي لڳي، بزرگ چيو تہ، تون منهنجي پير ۾ ويٺو آهين، ڇا اِها هوا توکي محسوس ٿئي ٿي، چيائين جي سائين جيتري توهان کي محسوس پئي

ٿئي اوتري ئي مونکي پڻي محسوس ٿئي، بزرگ چيو تہ جيڪڏهن تون انهن وٽ ويهندي تہ ائين توکي رحمتون ۽ برڪتون محسوس ٿينديون، جيئن هيءَ هوا مونکي محسوس ٿئي ٿي تہ توکي بہ محسوس ٿئي ٿي، تہ اِن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيڪي رحمتون هِن محفل جي توسل سان آهن، هِن محفل جي ڪري آهن، اهي توهان تي اسان تي وسن پيون، اُهي جيڪي هِن محفل ۾ آيل آهن اُنهن تي بہ وسن پيون، جيڪي هِن محفل ۾ نہ بہ آهن، پر انهن جو محبتون، دليون هِن محفل سان آهن، اُهي ٻڌن پيا، هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان تڙپن پيا، هيءَ رحمتون، برڪتون، نعمتون اُنهن تي بہ وسن پيون. دوستو، هيءَ عجيب فيض آهي، هيءَ اويسي طريقو آهي، هيءَ روحاني طريقو آهي.

ڪنهن الله واري بزرگ پنهنجي ڪتاب ۾ اِهو لکيو آهي تہ آئون ڪنهن ٻهراڙيءَ ۾ ويس، آئون شهر جو ماڻهو هئس، مون اتي وڃي ڪنهن پاڙي واري مسجد هٿ ڪئي، جيئن ٻهراڙين ۾ هونديون آهن مسجدون، ڪجهہ ٿهيل هونديون آهن، هُنن جي حالت ناساز هوندي آهي، انهيءَ ۾ ويس تہ ڪو مولوي (اڌ مولوي) اردو ۾ خطبو پيو ڏئي، ڪهاڻيون پيو ٻڌائي، پر هڪڙي ڪهاڻي مون تي اثر انداز ٿي، الله ڄاڻي اها سچ هئي يا ڪوڙي، اها مونکي خبر ڪونهي، پر مون انهيءَ مولوي کان ٻڌو، اهو پيو چوي تہ اصحابِ اڪرامن جا ڪجهہ مسئلا اهڙا هوندا هئا جيڪي حل ڪو نہ ٿيندا هئا، تہ اهي چا ڪندا هئا بيبي سائڻ امان فاطمہ عليہ السلام وٽ پنهنجيون درخواستون ڏيندا هئا، تہ توهان پنهنجي بابا کي اسان جي پارت ڪريو تہ اسان جون درخواستون منظور ٿين، اسان جا هيءَ مسئلا حل ٿين، چو تہ امان سائڻ جي طرفان ڪا بہ ڳالهہ ايندي هئي تہ نبي ڪريم ﷺ انهي تي هڪدم هائوڪار ڪندا هئا، هن چيو تہ مون تي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو اثر ٿيو، مون انهيءَ مسجد ۾ نفل پڙهڻ شروع ڪيا ۽ مون بہ نفل پڙهي امان سائڻ بيبي فاطمہ عليہ السلام کي پيش ڪيا ۽ مون چيو الله سائين تنهنجو محبوب ﷺ توکي پيارو آهي، جنهن جي لاءِ تو سڄي ڪائنات ٺاهي آهي، تہ اُن جي نياڻي توکي اُن کان بہ وڌيڪ پياري هوندي، چون ٿا تہ اولاد اڃان بہ وڌيڪ پيارو هوندو آهي، اي الله سائين! تون امان بيبي خاتونِ جنت عليہ



السلام جي محابي، محبوب ﷺ جي محابي مون کي راهِ راست تي آڻ، ڇو تہ آئون ڀٽڪيل آهيان، آئون رستي تان هٽيل آهيان، مونکي ڪا خبر ڪو نہ ٿي پوي گهڻا طور طريقا آهن، ماندليون بہ جام آهن، تہ هَٽَ بہ جام آهن، آئون ڪهڙي هَٽَ تي وڃي سودو وٺان، آئون ڪهڙي بازار مان وڃي سودو وٺان، هتي نقلي پڻ جام آهي، هتي بازار ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي خبر ئي ڪو نہ ٿي پوي، مونکي اها راهِ راست ملي، مونکي اهو رهبر ملي، مونکي اها راه ملي، جيڪا اوهان جي در تي، اوهان جي چائنٺ تي، اوهان جي محبوب ﷺ جي چائنٺ تي مونکي پهچائي، هوءَ ٿو چوي تہ مون اهي نفل پڙهيا، مونکي اعتبار تڏهن آيو، مونکي اهي نفل پڙهندي پنج ڏينهن ڇهہ ڏينهن ٿي ويا، تنهن ڪانپوءِ مونکي ٻاهرين ملڪ منجهان جتي منهنجي ماسي رهندي هئي، اها تمام نيڪ عورت هئي، انهيءَ مونکي ميسج ڪيو يا خط لکيو ۽ مونکي چيائين تہ رات امان سائڻ بيبي فاطمہ عليہ السلام جي محفل ۾ منهنجو پهچڻ ٿيو، مونکي امان بيبي سائڻ فاطمہ عليہ السلام چيو تہ تون پنهنجي ڀاٽيجي کي چئو تہ تنهنجي درخواست اسان منظور ڪرائي ڇڏي آهي ۽ پوءِ مونکي خوابن ۾ ڪئين بزرگن جا درشن ٿيندا رهيا. هڪڙي دفعا آئون خوابن ۾ خانہ ڪعبت الله پهتس، جڏهن اتي پهتس تہ هڪڙي نيڪ بزرگ هڪڙي ويس سان مونکي هٿ مان جهليو ۽ چيائين تہ اڄ ڪانپوءِ تون اويسي طريقي ۾ آهين، جيتوڻيڪ اسان اِهي ڪم ڪو نہ ڪندا آهيون، پر اسان کي اسپيشل ڪوٽا ۾ تنهنجي ٻانهن ملي آهي، اڄ ڪانپوءِ توکي اويسي طريقي ۾ شامل ٿا ڪريون، اسان پڇيو توهان ڪير؟ چيائين آئون بختيار ڪاڪي آهيان، مونکي اهو حڪم مليو آهي تہ توهان کي اسپيشل طريقي سان فيضياب ڪريون.

دوستو! اويسي طريقو ۾ ائين هوندو آهي، تہ ماڻهو فيضياب ٿئي، پر ظاهري طرح ڪا بہ خبر نہ هجي، ظاهري طرح ڪا بہ معلومات نہ هجي، ظاهري طرح اڪين کان اوجهل هجي، ظاهري طرح ڪنهن ماڻهوءَ کي بانور نہ ٿئي، ظاهري طرح ڪو ماڻهو اسان کي سڃاڻي بہ نہ سگهي، انهيءَ کي اويسي طريقو چئبو آهي.

دوستو! اڄ پاڻ جنهن آسڻ، جنهن چائنٺ تي ويٺا آهيون، اڄ پاڻ جنهن درگاهه جي نسبت سان ويٺا آهيون، انهيءَ جي لاءِ بابا سائين احمد علي قريشي رحمت الله عليه چيو ته پنهنجي وقت جي اڏ قلندر هئي، پاڻ بيبي رابعه بصري رح جي منزل تي پهچي وئي هئي، بابا سائين احمد علي قريشي رح جڏهن اتي ايندا هئا، ته ٻاهر ويهندا هئا ۽ گوڏا اونڌا ڪري پوءِ اتي ويهندا هئا، چوندا هئا نيڪ آهي، نياڻي آهي پر هِن جو سڄو خاندان ئي نيڪ آهي، هِن جي ايڏي ته منزل آهي جو هِن جو ادب ڪرڻ اسان تي واجب آهي، سو اها نسبت امان سائڻ واري، اسان جون دنيا واريون درخواستون به ائين منظور ٿينديون، هِن جهان جي مسئلن واريون، برڪتن، رحمتن ۽ نعمتن واريون، ڪنهن نه ڪنهن جي ڪوٺا مان اسان جون درخواستون منظور ٿينديون، ائين ٿينديون جيئن مون توهان کي ٻڌايو. اِهي عام ڳالهيون ناهن، هيءَ محبت ۽ عشق جا پيغام اٿو.

دوستو! اڄ الله سائينءَ توهان کي ۽ اسان کي جنهن نقطي تي ويهاريو آهي، جيڪا محنت عظمت واري الله سائين اسان کي سونپي آهي، ظاهري ته هڪڙو خواب ۽ خيال آهي، جيئن پاڻ بهشت جو خبرون ٻڌون ٿا، پر ظاهري طرح پاڻ ڏٺي ڪونهي، هڪڙو خواب ۽ خيال آهي، پاڻ ته هُن جهان کي به ڪو نه ڏٺو آهي، پر اهو هڪڙو خواب ۽ خيال آهي، ته پاڻ کي هڪڙو خواب ۽ خيال مليو آهي، پاڻ کي خواب مليو آهي رحمت، برڪت ۽ نعمت جو، اهو ڪنهن پاڻ کي ڏنو آهي، اهو بزرگن پاڻ کي ڏنو آهي، صوفياء ڪرامن پاڻ کي حسين خواب ڏيکاريو آهي، جيڪو يقينن سچو آهي، ڇو ته اُن جو ذڪر اسان کي قرآن شريف ۽ حديثن ۾ ملي ٿو، اسان کي صوفياءِ ڪرامن جي فلسفي ۽ فڪر ۾ ملي ٿو، اهو اسان کي خواب مليو آهي، جيڪو حسين خواب آهي، جيڪو محبوب ڪريم ﷺ جو درشن ظاهري، باطني آهي، ڇو ته اسان ته ظاهر آهيون، اسان جو اکيون، اسان جون تمنائون، خواهشون، اسان جو اٿڻ ويهڻ ظاهري آهي، اسان کي خبر ڪونهي، ته ڇانهين اندر ڦڪي آهي يا مٺي آهي، اسان جي اک ته ان ڇانهين جي ٻاهرين



ڪل تي آهي، ته اها ڪيڏي خوبصورت آهي، ڪل کي وڻندي وڻندي، ڇاڻيندي ڇاڻيندي، پوءِ اسان کي فڪر ٿو ٿئي ته ڇانهي اندر ته ڦڪي آهي، اِهي ظاهري اسباب اٿو هِن جهان وارا، پر اسان جي نظر اُن ڇانهين جي اندر ته ڪو نه پئي.

دوستو! ائين ئي اسان کي پنهنجي هِن اندر ۾ اک هڻڻي پوندي، هِن بدن جي اندر جيڪو راز آهي، انهيءَ راز تائين اسان کي پهچڻو پوندو، هيءَ محفلون اسان جون برحق سنيون آهن، سچيون آهن پر هِنن جو سبق آهي، انهيءَ بدن ۾ وڃي، اُنهي راز کي هٿ ڪرڻ، ته انهيءَ جي اندر ڇا ڇپيل آهي، انهيءَ ڇانهين وانگر ته هِن جو اندر ڦڪو آهي يا مٺو آهي، جيڪڏهن ڦڪو آهي ته اُن کي مٺو ڪيئن ڪجي، اُن ۾ چاشني ڪيئن اچي، هُن جو رنگ ڪيئن پرجي، هُن ۾ مٺاس ڪيئن ٿئي، اُها مٺاس وري ٻين تائين ڪيئن پهچي، اِهو اسان کي انهن رازن تائين پهچڻو آهي، انهن رازن تائين اسان کي پڄائڻ وارو هيءَ اويسي نظام اٿو. هيءَ حضور ڪريم ﷺ جي محبت ڪپي ۽ حضور ﷺ جي اسان کي توجه ڪپي، اِهي سڀ شيون اسان کي هِن عظيم محنت جو جيڪو اسان کي سبق مليو آهي، اِهو سبق اسان کي هِن پاسي آڻيندو، هتي اسان کي چکڻ ۽ جيڪو ڇانهين جي اندر آهي انهيءَ جي اسان کي خبر پوندي، اسان جون اکيون پرجي ٿيون وڃن، هيءَ جيڪا ٻاهرين چمڪ دمڪ آهي، جيڪاماديت پرستيءَ آهي، جيڪا خوبصورتي آهي، اُنهيءَ ۾ اسان حيران ۽ پريشان ٿيو وڃون ٿا، اسين هڪدم انهن کي قبول ٿا ڪريون، پوءِ اسان سان ائين ٿئي ٿو جيئن ڇانهين کي خريد ڪرڻ وارن سان ٿيو.

دوستو! هيءَ سڀ شيون معنيٰ خيز اٿو هيءَ جيڪي درس توهان تائين پهچن پيا، هيءَ عام ماڻهوءَ وارا درس ناهن، هيءَ قلندري مسلڪ جا درس اٿو هيءَ سبق انهن اولياء اڪرامن جا اٿو جن وٽ فيض جا درياهه هئا. ڪنهن، هيءَ الله سائين جو راز آهي، ڪي محبت ۾ مست ٿيو وڃن، ڪي ملنگ، ڪي مجذوب، ڪنهن جي اکين ۾ پاڻي اچيو وڃي، مون به هڪ دفعا بابا سائين احمد علي قريشي رح کي چيو ته، بابا سائينءَ توهان ٿوري دير لاءِ

آرام ڪيو بابا سائينءَ مون ڏانهن ڏسي ڪلي چيائين ته ”بابا اِهو آرام چا هوندو آهي“، مون چيو ته بابا آرام جو مطلب توهان ننڊ ڪريو اکيون بند ڪريو چيائين، ”بابا هيءَ اکيون ئي ته بچيون آهن، جِن وٽ سواءِ روئڻ جي ٻيو ته رستو ئي ڪونهي، اِنهن اکين به هاڻي روئي روئي سڄو پاڻي هاري ڇڏيو آهي“، اِهو چا جو روئڻ هو، چون ٿا ته ڏيڻ ۾ روئڻ هنئين ڪان هيٺ آهي، پاڻ ڪي انهيءَ هنئين تي وڃڻو پوندو، پاڻ ڪي انهيءَ هنئين ۾ هٿ رکڻو پوندو، اُن هنئين ۾ پاڻ ڪي جهاتي پائڻي پوندي، اڄڪلهه جهان وارو ڪو دوست ڪنهن جي فريب ۾ ٿو اچي، ته انهيءَ لاءِ به روئي ٿو ڪڏهن ٿوال اوڏي روئي ٿو ڪڏهن پاسو ڏيو روئي ٿو ڪڏهن ڪنڊ ۾ روئي ٿو الله سائين اڄ مونکي فلاڻي دوکو ڏنو فلاڻي مونسان فريب ڪيو محبت ۾ فريب ٿيو، ڪمائي ۾ فريب ٿيو ڪنهن پورهئي ۾ فريب ٿيو پر منهنجي اکين ڪي به فريب ٿيو مونکي دوکو آيو هوءَ روئي ٿو هوءَ انهيءَ تي پشيمان ٿو ٿئي، پر تون پنهنجو پاڻ ڪي دوکو ڀيو ڏين، هِن فريبي دنيا ۾ ڪمائڻ جو حق آهي، پيٽ پالڻ جو حق آهي، اٿڻ ويهڻ جو حق آهي، پنهنجي بدن ڪي خوبصورت ٺاهڻ جو حق آهي، پر ڪجهه طور طريقن جي اندر، انهيءَ قيد جي اندر ته مسلمان هڪڙي قيد خاني ۾ آهي، اُهي فالتو اسباب، اُهي شيون، جيڪي توهان ڪي غير ڏانهن وٺي وڃن توهان ڪي ٻئي پاسي متوجه ڪن، انهن ڪان توهان ڪي بچڻو آهي، توهان ڪي وري به انهيءَ پاسي متوجه ٿيڻو آهي، جتي توهان ڪي محسوس ٿئي ته ربيع اعليٰ به ڪا شيءِ آهي، ربيع العظيم به ڪا شيءِ آهي، اسان جو مالڪ ۽ خالق به ڪا شيءِ آهي، جنهن ڏانهن اسان ڪي موٽڻو آهي، سڀ شيون آسان ڪرڻ وارو اهو خالق آهي، جيئن اسان پڙهندا آهيون يا رحيم، يا ڪريم، يا غفور، ڪيڏا معنيٰ خيز هيءَ الفاظ آهن، پر اسان ڪڏهن اِهو محسوس ڪيو آهي ته اِهو رحيم چا آهي، جڏهن الله سائينءَ جو نالو به رحيم، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جو نالو به رحيم، مونکي بابا سائينءَ 30_35 سال اڳ ۾ چيو هو ته، ”بابا هيءَ توهان پنج سئو دفعا يا رحيم پڙهندا ته توهان جي هٿ ڪي منجهه ڪو نه ٿيندي، برڪت پوندي“، پوءِ اِڳتي هلي يا رحمان يا رحيم ٿيو پوءِ اڳتي هلي وري ان ۾ يا



ڪريم جو اضافو ٿيو چيائين، ”بابا اِهو امام حسين عليه السلام جو ورد اٿو اِهو پڙهو“، ڏسو ڪيڏا معنيٰ خيز لفظ آهن، رحيم جي معنيٰ آهي، رحم ڪرڻ وارو، رحمدل، پر توهان ڪڏهن سوچيو آهي، جيڪو يا رحيم يا رحيم توهان ٿا ڪريو، ڪڏهن توهان پاڻ پنهنجي پاڙي وارن تي رحم ڪيو توهان پنهنجي بدن تي رحم ڪيو هيءَ بدن ڪيڏو خوبصورت ٺهيل آهي، جيڪدهن اهو باهه ۾ سڙي، ته چا توهان انهيءَ تي رحم ڪيو توهان پنهنجي آڙي پاڙي مٿن ماڻٽن تي رحم ڪيو توهان جيڪڏهن رحم ڪندا ته رحيم توهان تي رحم ڪندو، جيڪڏهن توهان ڪنهن سان زندگيءَ ۾ رحم ڀرئي نموني مليا، رحم ڀرئي انداز سان پيش آيا ته يقينن الله جو نالو رحيم آهي، اُن جو به رحم توهان تي ٿيندو، توهان جيڪڏهن ڪنهن ڪي هِن برڪت واري محفل ڏانهن آماده ڪيو، ڪريم، ڪيڏو الفاظ پيارو آهي، هيءَ الله سائينءَ جو نالو آهي، پر جيڪو رحيم آهي، ڪريم آهي، غفور آهي سڄي ڪائنات جو چا جنهن هيءَ سڄي ڪائنات ٺاهي آهي، اُن ڪي هُن سان محبت ڪونهي، جيڪڏهن توهان الله جي مخلوق سان اُن جي اُنهن نالن سان پيش ايندا ته خالق به توهان سان ائين پيش ايندو، رحيم وارن تي ئي رحم ٿيندو آهي، ڪريم وارن تي ئي ڪريم ڪرم ڪندو آهي، جڏهن توهان الله سائينءَ جي مخلوق ڪي، الله سائينءَ جي ڏتڙيل ماڻهن تي، جيڪڏهن ڪرم وارا هٿ رکندا، ڪرم وارا ائين نه جو توهان هُن ڪي مالا مال ڪري ڇڏيو مالا مال ته وڏن بنگلن ۾، وڏن عهدن تي به پريشان آهن، مالا مال ته وڏين سوارين منجهه به پشيمان آهن، پر دوستو سڪون ۽ آرام، راحتِ قلب انهن ڪي نصيب ٿيندي آهي جنهن تي الله جي رحمت ٿئي، ها هِن جهان ۾ جيڪي انهيءَ شيءِ جا طالب آهن، انهيءَ طريقي جا، انهيءَ فلسفي جا طالب آهن، اُنهن ڪي انهيءَ فلسفي جا ماهر، مالڪ ٿورڙي چونڊٽي هٽائيندا آهن، انهيءَ جي لاءِ ته ٿورو ڏڪ رسي، دل ڪي ٿورو ڏڪ ٿئي، جسماني طرح، روحاني طرح، هِنن ماڻهن جي انهيءَ انداز طرح، ته جڏهن هُنن جي دل ڪي ٿورو ڏڪ رسندو، ٿوري چوٽ رسندي، توهان ڏٺو هوندو ته جيڪڏهن توهان جي ڪنهن عضوي ۾ درد ٿيو ته توهان اهو درد سڄي بدن ۾ محسوس ڪندا

۾ جڏهن توهان کي درد محسوس ٿيو ته توهان جي ٻين خواهشن کان توجه هٽي ويندي، توهان جي توجه انهيءَ عضوي تي هوندي، جنهن ۾ توهان کي ايذاءُ هوندو. ائين دوستو توهان جي به توجه انهيءَ حقيقي مالڪ ڏانهن تڏهن ويندي، جڏهن توهان کي جهان وارن، دنيا وارن، ڪي سور ۾ تڪليفون ڏنيون، توهان چئو ٿا ته سائين اسان جو ڪم ٿيندي ٿيندي ڦٽي ويو هوءَ ماهوار يا سال واري جيڪا پرچي هٽندا آهن. اها پرچي منهنجي نڪرندي نڪرندي بچي وئي، ڪڏهن منهنجي نوڪري جو آڊر ملندي ملندي رهجي ويو، ڪڏهن منهنجي شادي ٿيندي رڪجي وئي، اهو ڇا لاءِ آهي؟ انهيءَ ۾ ڪي پهلو آهن. ڪڏهن وري ڪو چوي ٿو الحمد لله، الله سائين منهنجا ڪم جلدي ڪري ٿو. آئون جيڪو سوچيا ٿو اهو ٿي وڃي ٿو. ڪو نٿو سوچيا اهو ٿي وڃي ٿو.اِهي رحمتون ۾ برڪتون آهن. پر اسان کي ناشڪرو ناهي ٿيڻو. بابا سائين احمد علي قريشي رح مونکي چوندا هئا ته رات جو سمهڻ وقت توهان 41 مرتبا يا شڪور يا شڪور پڙهندا ڪريو الله سائينءَ جو شڪر ادا ڪريو جڏهن الله سائينءَ جو شڪر توهان ادا ڪندا، جنهن جو نالو به آهي يا شڪور، ته اهو توهان کي ايتريون ته شڪر واريون شيون عطا ڪندو، جو اِهي شڪر واريون شيون توهان ماڻهن ۾ تقسيم ڪندا، ماڻهن ۾ ونڊ ورڇ ڪندا. اُها ونڊ ورڇ توهان کي اولياء اڪرامن جي مزارن تي ملي ٿي، اڄ هيءَ ڏسو پلا ڇا آهي، هڪ ماڻهو به ماڻهو راهِ راست ته ڪونهن پر هزارين ماڻهو ڪئين اچن ڪئين وڃن پر هيءَ الله جا بزرگ، هيءَ ڪامل ولي انهن کي في سبيل الله انهيءَ راهِ راست تي آڻين ٿا، پنهنجيون ڊيوٽيون ادا ڪن ٿا، هيءَ سڀ نوجوان، هيءَ سڀ ڇا آهي؟ هيءَ کهڙيون هِنن تي برڪتون آهن؟ هِنن تي رحمتون آهن، هِنن تي نعمتون آهن، جيڪي هِنن تي وسن پيون، هاڻي هيءَ الله جو شڪر ادا ڪري اُهي نعمتون، برڪتون، رحمتون هِن معاشري ۾ ونڊين ۾ ورڇين ٿا، پنهنجي ڪاتي تي.

دوستو! پنهنجي دل ۾ وسعت آڻيو دل کي وسيع ڪريو ته هو مالڪ توهان جي لاءِ هِن ڌرتيءَ تي توهان جي رزق کي وسيع ڪندو، توهان



جيڪڏهن پنهنجو ڪاڏو محدود ٿاهيو فرج ۾ رکيو ته اسان جي خاندان جا ٿي چار پاتي ڪائين، ته الله سائين به توهان جو ڪاڏو ايترو محدود ڪندو.

آئون هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڏاڏي سان گڏ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ وٽ ويس، اِها تقريبن 1978ع يا 1979ع جي ڳالهه آهي، آئون ايترو هٽس جو ڏاڏا جي هنج ۾ وينو هٽس، ته اهو ماڻهو ٻين سيني ماڻهن کي ڇڏي، ڏاڏا کي پنهنجي گهر اندر وٺي ويو. ڏاڏا سائينءَ جي اڳيان انب، بسڪيٽ الاهي ڇا ڇا آڻي رکيا، انهيءَ ماڻهوءَ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۾ ڏاڏا سائينءَ کي چيائين ته توهان اهلِ بيت به آهيو نيڪ به آهيو ڏاڏا جو هڪڙو انداز هوندو هو هو پتڪو پائيندو هو، اُن ماڻهو چيو سائين مون وٽ هزارين ايڪڙ انبن جا باغ آهن، مون وٽ ٻنيون آهن، مون وٽ مال جو ڇيهه ڪونهي، مون وٽ مينهون آهن، مون وٽ جيڪا به نعمت آهي، اُها توهان جي سامهون پئي آهي، پر مونکي انهيءَ ڪنهن شيءِ منجهان ڪائڻ جي موڪل ڪونهي، ڏاڏا اُن ماڻهوءَ کي چيو توکي الله سائينءَ انهيءَ نعمتن کان پري هٽائي ڇڏيو آهي، توکي انهيءَ برڪتن واري انهن برڪتن کان هٽائي ڇڏيو آهي، توکي انهيءَ رحمت ڏيڻ واري، انهن رحمتن کان هٽايو توکي ڏسي پيو ته هيءَ نعمت، هيءَ برڪت، هيءَ سڀ شيون آهن، پر اُهي تنهنجي ڪائڻ جي لاءِ ڪونهن، ڇو ته تو اِهي شيون پنهنجي خاندان جي لاءِ وقف ڪيون، تو اِهي شيون الله جي مخلوق جي لاءِ وقف نه ڪيون، ته توکي ۾ تنهنجي خاندان کي الله سائين اِهي شيون ڪائڻ جي منع ڪري ڇڏي، هاڻي صرف تنهنجي دل خوش آهي، ته منهنجو هيترو ڪجهه آهي، اُهي شيون انهن لاءِ نعمتون ٿين ٿيون جيڪي انهن نعمتن ۾ ٻين کي ڀاڱي ڀائيوار ڪن، ٻين ماڻهن کي حصي پتي دار ڪن.

دوستو! هيءَ شيءِ به حصي ۾ پتي واري اٿو. هِن ۾ به ڪنهن کي ڀاڱي ڀائيوار ڪريو، هِن سڪون ۾ ڪنهن کي حصو پتي ڏيو، هِنن محبتن ۾ ڪنهن کي حصو پتي ڏيو، هِنن برڪتن ۾ ماڻهن کي حصو پتي ڏيو ته توهان تي ته برڪتون پونديون، پر توهان جو هڪڙو دوست جيڪو پتڪيل

آهي هِن رستي کان، ان کي بہ حصو پتي ملندو، جوان هميشہ وندبيندا آهن، جوان جو کم آهي تقسيم ڪرڻ ۾ معاشري جي لاءِ آسانيون ۾ نرميون پيدا ڪرڻ، پليل راه تان واپس وڃي اچڻ، اهڙو ڪو بہ قدم نہ کڻڻ جنهن سان معاشري جي ڪنهن فرد کي تڪليف ٿئي، ڪنهن کي ايذاءُ پهچي، توهان اهڙا ٿي وڃو جو توهان ڪٿان بہ متيو تہ توهان جي خوشبو ڦهلجي، جهانن ۾ پکڙجي، اها ائين پکڙجي پکڙجي پوري معاشري کي خوشبودار ڪندي، ڪو هڪڙو بہ دوست ڪنهن بدبودار صحبت ۾ هوندو تہ ان سان جيڪڏهن ڏهہ بيا بہ دوست هوندا تہ انهيءَ هڪڙي دوست جي بدبو انهيءَ ڏهن ۾ محسوس ٿيندي، توهان هيئنر هڪڙو ڪير جو ٿالهہ پريو انهيءَ ۾ ڪا بدبودار شيءِ وجهو تہ اهو ڪير سڄو بدبودار ٿي ويندو، انهيءَ بدبودار صحبت کان پري پڇو اِها بدبودار صحبت توهان کي بدبودار ڪندي، پر جيڪڏهن نيڪوڪارن جي صحبت ۾، اولياء اڪرامن جي صحبت ۾ جيڪڏهن ڪو بدڪار بہ ايندو تہ اهو بہ خوشبو وارو ٿي ويندو، مهڪ وارو ٿيندو، هُن جون مهڪون ۾ خوشبو ڦهلبيون، پر دوستو دنيا آهي، معاشرو آهي، مون توهان کي چيو پئي تہ، توهان جون ۾ اسان جون اکيون ٻاهر آهن، اسان ڏسو ٿا تہ فلاڻي ماڻهوءَ کي سنو ويس پاتل آهي، جبو پاتل آهي، پٽڪو پاتل آهي، پر ڏسو ڪون ٿا تہ انهيءَ پٽڪي ۾ جبي منجهہ ڪير آهي، اسان تہ وڃون ٿا امان سائنڻ جي حاضريءَ تي، اسان وڃون ٿا لعل سائينءَ جي حاضريءَ تي، هلون ٿا دعا ٿيندي، برڪت ملندي، پر اسان اِهو ڪون ٿا محسوس ڪيون تہ انهي مزار جي اندر ڪهڙي هستي آهي، جنهن جي لاءِ هيءَ ميلا متا پيا آهن، جنهن جي لاءِ اسين هتي آيا آهيون، جنهن جي لاءِ هيترو ڪجهہ آهي، تہ انهيءَ جي اندر ڇا آهي؟ انهيءَ اندر ڪهڙي هستي آهي، جنهن هِن سڄي مانداڻ کي مچايو آهي، هيتريون درگاهون آهن اتي اسان کي سڪون ڪون ٿو ملي، پر جيڪي منتخب الله جا ڪامل بندا آهن، اُنهن تي وڃون ٿا تہ اسان جون ڪٽيل دلون، اسان جون زهر پريل دليون، جيڪي مسمار ٿي ويون آهن، اُنهن کي بہ روئڻ پيو اچي، اهو ڇا آهي؟ هُن مزارن جي اندر ڇا آهي؟ اُهو اسان کي جانچڻو پوندو، اسان کي انهيءَ جي ڇڪاس ڪرڻي پوندي، اسان کي اُنهن



تائين پهچڻو پوندو تہ اِنهن مزارن جي اندر منظر ڪهڙو آهي، تہ اِنهن اندر ڪهڙي هستيءَ لڪل آهي، اها هستي هيڏي منزل تائين ڪيئن پهتي آهي، اِهي تنقيدون تہ توهان تي اسان تي ٿينديون، الله جي بزرگن تي فتوائون بہ اينديون، تهمتون بہ اينديون، اِهو اسان جو ڏاج آهي، جن هستين ٿي چادرون پيون چڙهن، اُنهن کي توهان کي سڃاڻڻو پوندو، اُنهن جي صحبت ۾ توهان ويندا، اُنهن جا توهان رازدار ٿيندا، اُنهن جي رازن جي توهان کي خبر پوندي، هو توهان کي ڇڪاس ڪندا، هو توهان جي ڪنڌن ۾ جيڪي لوهہ جا سريا پيل آهن، اُنهن کي ڇڪيندا، توهان کي جهان ۾ نانگو ڪندا، توهان کي هِن جهان ۾ ڦيرائيندا، توهان تي فتوائون اينديون، توهان تي ڪئين تهمتون اينديون، انهيءَ ۾ پيڙهي پيڙهي پوءِ توهان کي چادرون اوڍائيندا، توهان کي پنهنجيون پڳون ائين ڪون پارائيندا، توهان کي پنهنجيون پڳون تڏهن پارائيندا، جڏهن هُنن جا پڳ توهان جي پڳن تي ايندا، پڳ اسان جي سنڌي ۾ پير کي چيو ٿو وڃي، انهن پڳن جي هيٺ توهان جا جڏهن پير ايندا، تہ انهيءَ پيرن هيٺ اٿو پڳون، هاڻي توهان جنهن پيرن کان ئي متي بيٺا آهيو تہ اِهي پڳون توهان جي متي تي ڪيئن پون، توهان پنهنجي ماپ طور هِن ظاهري دنيا ۾ ايڏي تہ اونچي ڪري ڇڏي آهي، توهان پنهنجا پير انهن پڳن جي هيٺ ڏيندا تہ اهي پڳون پونديون، اندازو ڪريو.

دوستو! هِن پنڌ ۾ عاجزي، سڪون، خاموشي، پر هِن پنڌ ۾ ائين چُپ رهڻو آهي جيئن هڪڙي ٻلي پنهنجي شڪار لاءِ ڪيئن ٿي بيهي، توهان ڏسو تہ اها مانئي ٿيو بيني هوندي آهي، بلڪل انهيءَ جي بدن ۾ سڪون هوندو، هُن جو بدن ائين سُن ٿيو پيو هوندو جو خبر ڪو نہ پوندي، پر هُن جي اک جيڪا هوندي، اُها پنهنجي شڪار ۾ هوندي، دوستو ائين توهان ۾ اسان قلندرين کي ماٺو رهڻو آهي، اسان کي ماٺار اختيار ڪرڻي آهي، اسان کي پنهنجو بدن محبتِ محمديﷺ ۾ سُن ڪرڻو آهي، اسان جي اک انهيءَ چائنٽ ۾ منزل تي هجي، اسان جي پهچ انهي پرينءَ ڏانهن هجي، اسان کي ماٺ ڪري انهيءَ ٻلي وانگر مراقبو ڪرڻو آهي، ڪو ڇا پيو ٿئي، ڪا پاسي ۾ سرسر آهي، يا پنيان ڪو ڪتو پيو پونڪي، يا هِن معاشري جو ٻيو

خونخوار جانور پيو اچي، پر اسان جي اک انهيءَ شڪار ڏانهن هجي، اهو شڪار محبت ۽ عشق آهي، اسان کي انهيءَ کي نياڻو آهي.

منهنجيون توهان جي لاءِ دعائون آهن، الله سائين توهان کي خوش رکي، توهان کي آباد رکي، الله سائين توهان جو جهوليون امان سائڻ جي محابي پري، جيئن هُن سائل جون بيبي فاطمہ عليہ السلام جي محابي پريون، هيءَ بہ هُن جي خاندان جو ٻچڙو آهي، هُن جو اولاد آهي، الله سائين توهان ۽ اسان کي انهن پاڪرن ۾ آڻي، جِن پاڪرن ۾ رُڳو رحمتون آهن، نعمتون آهن، جِن ۾ برڪتون آهن، الله سائين اسان کي حاسدين کان بچائي، انهن جي حسد کان اسان کي بچائي، انهن جي شر ۽ شيطان کان اسان کي بچائي، جيڪي هِن جهان جا ناسور آهن، اُنهن کان اسان کي بچائي، هِن جهان جي مڙني حرڪتن کان جيڪي ماديت پرستيءَ تي آهن، جيڪي برائين تي آهن، جيڪي هِن جهان جي فتنن ۾ ڦاٿل آهن، الله سائين توهان کي اسان کي پنهنجي محبوب ﷺ جي دامن ۾ آڻي، الله سائين توهان کي ويرا وير وڏائي، توهان جون سڀ آزمائشون الله سائين لاهي، جيڪي بہ توهان جا ڪم بيٺل آهن، الله سائين انهن کي بہ اڳتي وڏائي، ڪو بہ دوست مايوس نہ ٿئي، ڪو بہ دوست پريشان نہ ٿئي، هِن ۾ دير تہ ضرور ٿيندي آهي پر انڌير ڪون ٿيندي آهي، توهان جا محبوب ايترا ڪم ظرف ناهن، جهان وانگر احسان فراموش ڪونهن، دوستو توهان کي سينگاريندا، توهان کي سنواريندا، جيئن سائين محمد علي رحہ، بابا سائين احمد علي رحہ، لعل سائين، امان سائڻ جي مزار مهڪي ٿي، توهان کي بہ محبوب ﷺ ائين مهڪائيندا، هِن جهان جا وسوسا اسان جي لاءِ ڪا معنيٰ ڪون ٿا رکن، جيستائين اسان تي اُهي رحمتون، اُهي نعمتون، اُهي برڪتون سوار آهن. آمين

**ماهوار (27) محفل ڪثرت درود پاڪ**

**امان نورالجهان المعروف ڏاڏي بيبي مني رحمت الله عليہ.**

**تاريخ: 03-01-2019 بمطابق 26 ربيع الثاني 1440هہ.**



# سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جا

## شايع ٿيل ڪتاب

1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون)
2. پلي چريو چون ماڻهو
3. نرتؤن منجهان نينهن
4. هو جي هليا هنگلور (نثر)
5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري)
6. آثارِ قيامت
7. آذانِ عشق (تقريرون)
8. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري)
9. پرينءَ جي پار جون ڳالهيون.
10. سڄڻ جن کي سڏيو
11. اعلانِ عشق (تقريرون).
12. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري).
13. نچوڙيو نينهن جن کي
14. ہدایت نامہ سلوکِ قلندری
15. وفاءِ محمد ﷺ
16. رڱون ٿيون رباب (الله پاڪ جو ذڪر ۽ ان جو نعمتون)
17. منيون پيڙي پچ (اصلاحي ڪالم)
18. سفرِ عشق (ذکر اہل بیت اور زیارات مقدسہ)
19. مقامِ محبت (عشقِ رسول ﷺ کے پروگرام، ربیع الاول 2021 کی محافل میلاد مصطفیٰ ﷺ)
20. Salient Message of Sufism
21. ٿهڪن ۾ تاڪوڙو (اصلاحي ڪالم)
22. رازِ عشق
23. The Vision of Life
24. روميءَ جي اوطاق
25. اسباقِ عشق
26. ورتم پرينائيءَ جي (ڪالم)
27. سب چلتا ہے
28. ميدان عشق (تقريرون)

## شايع ٿيندڙ ڪتاب

1. وارداتِ عشق (تقريرون)
2. باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون)
3. لفظن جو چار (شاعري)
4. انعامِ عشق (سوالن جا جواب)
5. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری)
6. چوڏهينءَ وارو چنڊ (ڏاڏا سائين يوسف شاهہ رح جي سوانح حيات)
7. جهونن جي جهوپڙي (اصلاحي ڪالم)
8. جوان جذبن ۽ پوڙهي وقت جي ڪڙي (اصلاحي ڪالم)
9. خير خواهيءَ جي خيرات (ڪالم)
10. دٻي ۾ ٽڪريون (ڪالم)
11. لڪيرن جا ليک (ڪالم)
12. ڪلي ڪچهري (ڪالم)
13. لوازماتِ عشق
14. فلسفہ حسینیت
15. جهنگل ۾ جهرمٽ
16. ڪچي ڪاچوٽي (ڪالم)
17. وقت وارن جا ورق (ڪچهريون)
18. لطيفي للڪار (ڪالم)